
ABC CERTIFIED
مهراڻ
نمبر 2 2017/3ع
سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات ”لطيف“ جي

سَدائِين سَفَرِ ۾ رَمَنِ مَتي راهَ ۾
پُرَنِ پورَبَ پَندَ ڏي، مَنجهِ مَوالِي ماهَ ۾
جن اَلَکَ سين آگاهَ ۾، هَلو! تَکِيا پَسُون تِنِ جاءِ

نِکرُ ناهِ کُلهي کَري، هو مَ هُوندَنِ جيئَن،
لاهُوتي، لَطِيفُ چئي، هُونِ نہ آديسي ايئَن،
سي کاپڙي کيئَن، جي ڏارِينِ تَعَلُّقُ تِرَ جيترو؟

(سُر رامکلي)

***

سامي هميشہ سفر ۾ ئي رهن ۽ پنهنجي مارگ تان هلندا ئي هلن. اُهي بيخود بيراڳي ديسان ديس گهمندا، آتمڪ ديس (روحاني ولايت) ڏانهن هلندا ئي رهن. جنجي سائينءَ سان سڃاڻپ آهي، تن جا هلو تہ آستان ڏسون!

تون ”ناه“ (نيستي) ڪلهي ڪري (سان ڪٽي) نڪر ۽ هستيءَ يا سمر وارن وانگر نہ ٿيءُ. لاهوتي ۽ آديسي فقير اهڙي نموني نہ هوندا آهن (هستي يا خودي سان نہ ڪٽندا آهن). اُهي ڪاپڙي ڪئن چئبا، جن جو رتيءَ جيترو بہ جهان سان لاڳاپو آهي؟

(”شاه جو رسالو“ ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)


سائين سدائين
ڪرين
مٽي سنڌ
سڪار
دوست
دلدار
عالم سڀ
آباد ڪرين
شاهه لطيف



# غزل

توکي جيءُ جيءُ جيءُ چوان
تون ئي چئه توسان ڪيئن الان
توسان جنم جنم جو
سات آ جيجي
سو مان ڪيئن ڇنان
توکي جيءُ جيءُ......

تنهنجيون وستيون تنهنجيون بستيون
شل ايئن ئي وسنديون رهن
تنهنجي ڪينجهر تنهنجي منڇر
ڪارونجهر ڪشمور جيئن
توتان گهور وڃان تو لاءِ جيئان مران
توکي جيءُ جيءُ......

سنڌ سنڌ تي يا ڪنڌ تي
پلَ ڪات هزارين هلن
ته به توکي ها توکي
پوءِ بي جيءُ جيءُ جيءُ چون
پلا ڪيئن مڙان ايڏا ڪيس ڏسان
توکي جيءُ جيءُ......

تن جا ته اي "تبسم"
چو نه ڪنڌ ڪپي ڇڏجن
جي ڪائي ڌرتيءَ جو
ڌرتيءَ ڄاپڻ سان وڙهن
تن سان چو نه وڙهان
ڪاتن سان کُهان
توکي جيءُ جيءُ......

(عبدالغفار تبسم)

ٽماهي
# مهراڻ
ABC CERTIFIED

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 67 — اپريل- سيپٽمبر 2017ع — نمبر 2-3

سرپرست
## مخدوم جميل الزمان
صوبائي وزير روينيو کاتو، حڪومت سنڌ
چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

نگران
## الهڏنو وگهيو
سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)
## ثمينہ ميمڻ



## سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو، سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# سوچ -لوچ

## دادي ليلان وتي هرچنداڻي جو وڇوڙو



سنڌ جي بهادر عظيم عورت ناليواري تعليمي ماهر، سماجي خدمتگذار ۽ سنگيت جي ڄاڻ رکندڙ دادي ليلان وتي هرچنداڻي حيدرآباد جي هيرآباد واري رهائشگاهه ۾ 102 ورهين جي ڄمار ۾ 13- سيپٽمبر 2017ع تي گذاري ويئي.

سنڌ ڄائي دادي انهن شخصيتن مان هڪ آهي، جن جي ضرورت ملڪ، قوم، ٻولي، ادب ۽ تاريخ سميت پوري سماج کي هوندي آهي.

سنڌ ڄائي دادي ليلان جو جنم 20- ڊسمبر 1916ع حيدرآباد ۾ ٿيو. داديءَ جو والد هوتچند 1922ع ۾ پهرئين حيدرآباد جي ننڍڙي علائقي ڇوٽڪي گهٽيءَ ۾ رهائش پذير هو، پوءِ هيرآباد ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو، ورهاڱي وقت سندس پائر ته انديا هليا ويا، پر پاڻ سنڌ ڌرتي نه ڇڏيائين. داديءَ جو گهراڻو تعليم جي زيور سان آراسته هئڻ سان گڏ موسيقيءَ سان پڻ چاهه رکندڙ هو.

دادي ليلان ٽئن سالن جي ڄمار ۾ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ستن سالن جي ڄمار ۾ هارمونيم جي پڻ سکيا حاصل ڪئي.

دادي ليلان ڳلي ٻائي پرائمري اسڪول حيدرآباد مان ڇهه درجا پاس ڪيا ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي. 1940ع ۾ بي.اي جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موريءَ مان پاس ڪيو.

سنگيت جي ڄاڻ رکڻ ڪري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ 35 رپين جي ماهوار پگهار تي استاد مقرر ٿي. دادي ڪجهه عرصو ميران اسڪول حيدرآباد جي پرنسپال پڻ مقرر ٿي، دادي مختلف ضلعن جي اسڪولن جي ڊپٽي انسپيڪٽر جا فرض پڻ سرانجام ڏنا.

داديءَ نياڻين جي تعليم لاءِ پڻ تمام گهڻو جاکوڙيو ۽ مختلف شهرن ۾ اسڪول کولرايا. دادي ليلان تعليم بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا، ڏنو وڃي ته دادي گهڻ پاسائين شخصيت جي مالڪ هئي.

داديءَ جو ڪردار مثالي آهي. داديءَ ننڍي ڪنڌ ۾ ورهاڱو ٿيندي پنهنجي اکين سان ڏٺو، پاڻ گهٽين ڏکيائين کي منهن ڏنائين.

دادي ليلان 1975ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پهرين هندو عورت پارليامينٽرين پڻ بڻي. داديءَ کي تعليمي خدمتن سرانجام ڏيڻ تي صدارتي ايوارڊ پڻ مليو. دادي عورتن جي حقن لاءِ هميشه پاڻ پتوڙيو، انهيءَ سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ قائم ”ليڊيز ڪلب“ ۾ سندس خدمتون يادگار آهن.

دادي پڄن، لوليون ۽ لوڪ گيت به ڳائيندي هئي. جيجي زرينه بلوچ ۽ سنڌ جي پلوڙ نالياري فنڪاره روبينه قريشي جي هوءَ استاد هئي. شاهه، سچل، سامي جي ڪلام ۽ ٻين وڏن شاعرن جي شاعريءَ کي پنهنجي آواز ۾ ڳايائين، هوءَ ڪلاسيڪي راڳ جي پڻ ماهر هئي.

دادي ليلان جي وڇوڙي تي سڄي سنڌ سوڳوار آهي، داديءَ جون رسمون سندس حيدرآباد ۾ هيرآباد واري رهائشگاهه تي ادا ڪرڻ کان پوءِ سندس مڙهه کي بدين اسٽاپ ويجهو قائم مسڻ وٽ اگني سنسڪار ڪيو ويو.

داديءَ جي علمي ادبي ۽ سماجي، خدمتن کي محبت ۽ عزت مان سان لکيو ۽ ڳايو ويندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته دادي ليلان جي انهن علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن کي ضرور فروغ ملڻ گهرجي ته جيئن سندن خدمتن کان نئين نسل کي آگاهي، اُتساهه ۽ رهنمائي حاصل ٿئي. اسان جو هي ادارو دادي ليلان وتي هرچنداڻيءَ جي وڇوڙي تي سندن پونيئرن سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي.

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر (انچارج) ”مهراڻ“

◙

# چوليون


## اوهان جو ساٿ، اسان جو ساٿ
- تنوير عباسي 9
- ثريا سوز ڏيپلائي 10

## تحقيق
- لسانيات جي روشنيءَ ۾ 'بيت' ۽ ان جي وزن جو اڀياس
- ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو 13
- قرآن مجيد جي تفسير جي تاريخ ۽ علامه مولانا محمد ادريس ڏاهريءَ جو تفسير "احسن البيان في تفسير القرآن"
- رسول بخش ٻگهيو 26
- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورتن جو حصو
- ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 48
- سنڌ ۾ ترخان قبيلي جي حڪومت
- ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو 60
- جواهر القرآن
[مترجم: علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ]
- ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي 86
- سنڌ جي ماڳن ۽ شهرن بابت سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن جو سرسري جائزو
- ڊاڪٽر محمد ادريس السندي 91
- نماز جي مسئلن بابت سنڌي عالمن جون تصنيفون
- حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري 115
- سما دؤر جو هڪ نامور امير سپهه سالار ۽ سياستدان ڄام بايزيد سمو
- محمد پنهل ڏهر 125
- حيدرآباد (علم و ادب جو مرڪز)
- مرزا ڪاظم رضا بيگ 133

## شاعري
- امداد حسيني 141
- نياز پنهور 142
- بيخود بلوچ 143
- جبار تاثير سومرو 144
- امين ڀٽو 145
- غلام محمد ڀٽي 146
- آصف اصغر پنڌ 147
- علي منصور/ابراهيم ملاح 148
- فقير ڪرم علي اسراڻ 149
- ڪوثر هالائي/سجاد گل پنڌ 150
- مرزا دبير/عثمان ڪوسو 151
- مگريو مستقيم بازيدپوري 152

## ڪهاڻيون
- تخليق جو موت (چونڊ ڪهاڻي)
- خيرالنساء جعفري 155
- موهن جو دڙو
- ايوب عمراڻي 165
- نمبر ون
- ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو 175

- پاڇا
- بهادر ٽالپر 180
- ضَرَبَ
- ثمينه ميمڻ 183

## متفرق

- ڊاڪٽر ايڇ.ٽي سورلي- سنڌ جو مُحسن
- نفيس احمد شيخ 189
- پندرهين صدي هجريءَ ۾ شاهه عبداللطيف
ڀٽائيءَ جي رسالي ۽ سوانح جو وڏو محقق ۽ شارح
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
- عبدالقادر ڪوسو 195
- ڊاڪٽر پريم پرڪاش
- ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي 200
- سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو محسن حميد سنڌي
- نظير ملڪاڻي 207
- سنڌيءَ جو بيمثال شاعر- مشتاق ٻاگاڻي
- رڪيل موراني 214
- الهورايو سليم ڳاڙهوي هڪ فقير صفت
انسان ۽ سهڻو سخنور
- اسدالله "عاجز" سومرو ڳاڙهوي 218
- محسن ڪڪڙائي
- سليم چنا 222
- سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪندڙ ڪتاب
"قلمَ جا وارث" (تبصرو)
- رڪيل موراني 225
- اڇوتي ذات جا ڏيئا جلايون
امير بخاريءَ جي شاعريءَ تي تبصرو
- عبدالحئي پٽو 228
- سنڌي زبان جو پهريون سفرنامو عرف
زيارت نامو
- سيد عادل عباس رضوي 230

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

## تنوير عباسي



(جنم: 7 ڊسمبر 1934ع - وفات: 26 نومبر 1999ع)

### غزل

او تنوير اڃا ٻه گهٽائي جيئڻ لاءِ سهارا آهن،
گل اڃا ٻي سرها آهن دوست اڃان ٻي پيارا آهن.

آءُ رڻن جو رولو آهيان منهنجا رستا نيارا آهن،
جن تي ڪوئي پيرو ناهي سي ئي منهنجا چارا آهن.

هيءُ جي گل ۾ مڪڙيون آهن هيءُ جي چنڊ ستارا آهن،
ڪنهن منڙي جو مظهر آهن ڪنهن پياري جا اشارا آهن.

جن سان اونده ۾ ٻي جهلڪا ڏئي تي جهرمر جوت سدائين،
هيٺ زمين تي ٿورا ماڻهو اُي ۾ ڪي ئي تارا آهن.

آءُ ازل ڪان وينو آهيان وات ۾ ايئين نبڻ وڃائي،
ڇڻ منهنجا محبوب هتان هاڻي ئي گذرڻ وارا آهن.

مون ڪي تنهنجي اکڙين مان ڪا جوت امرتا جي تي جهلڪي،
ٿاتل جا هيراڪ انهي جي لاءِ ٿيا هي متارا آهن.

هڪڙو ڪمرو اهڙو جنهن جي هرهڪ ڪنڊ ۾ ڇارا آهن،
جت ماڻهو ناهن اُت ڪوريئڙن جا وارا نيارا آهن.

## ثريا سوز ڏيپلائي



(جنم: 25 نومبر 1945ع - وفات: 14 سيپٽمبر 2004ع)

### غزل

سيني اندر سُور سوين،
پنهنجا پنهنجا پُور سوين.

جن کي سمجهيو هئوسين پنهنجو،
تن کان مليا ناسُور سوين.

توهان نهاريو خوش ٿي وياسين،
ڏک لهي ويا سُور سوين.

گهائينديون ڇا کنهن جون گهوريون،
اسان سٺا آهن گهَور سوين.

اوهان جي هوندي کهڙي اونداهه،
پکڙي پيا آهن نُور سوين.

◙

سنڌوماٿر جي تهذيب دنيا جي قديم ترين ۽ متمدن تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌ جي ڌرتيءَ هيٺان اڄ به هزارين ۽ لکين سال پراڻين تهذيبن جا آثار لڪل آهن، جيڪي آثارِ قديمه جي ماهرن، محققن ۽ پارکن جي نظرن جا منتظر آهن. سنڌ هوندي به برصغير جو هڪ وڏو تهذيبي خطو رهي آهي، جنهن جي گواهيءَ لاءِ اهي آثار ۽ اهڃاڻ ئي ڪافي آهن جيڪي هن وقت تائين ٿيل کوٽائين جي نتيجي ۾ دنيا جي اکين اڳيان آيا آهن.

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تاريخ کان گهڻو اڳ واري دور ۽ پٿر واري دور سان تعلق رکندڙ اوزار پڻ هٿ آيا آهن. هينري ڪزنس لکيو آهي ته "تاريخ کان اڳ جي تمام پراڻي دور سان لاڳاپيل پٿر جي پوئين دور سان واسطو رکندڙ پٿر جا اوزار جهڙوڪ: ڏنگريون (Cores) ۽ پاسڙا (Flakes) جن مان پهرين کي مڏاءِ پوئين کي تکي ڌار وارا اوزار سڏيو ويندو آهي. پٿر جا اهڙا اوزار سنڌوماٿريءَ، خاص ڪري سکر ۽ روهڙيءَ جي آسپاس، نمولائتي چُونَ جي پٿر مان ملندڙ چقمقي پاهڻ مان نهيل مليا آهن. هي احوال ڪلڪتي جي تاريخ کان اڳ وارن آثارن بابت نهيل ميوزيم جي ڪئٽالاگ مان ورتو ويو آهي. سنڌ ۾ سکر ۽ روهڙيءَ جي آسپاس چقمقي پٿر مان نهيل ڏنگرين (Cores) ۽ پاسڙن (Flakes) جا ڪي نمونا مليا آهن، جيڪي نمولائتي پٿر مان جڙيل آهن. انهن مان گهڻيون ڏنگريون ٽن کان ڇهن انچن تائين ڊگهيون آهن. ڪجهه نديون پر وڏيڪ ڊنگائتيون ۽ موزون ڏنگريون، سکر وٽان سنڌو درياءَ جي پيٽ مان لڌيون ويون آهن.

**احسان دانش**

ڪتاب: سنڌوسڀيتا جو عظيم ورثو- موهن جو دڙو ص 14 تان کنيل

# تحقيق



ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو

# لسانيات جي روشنيءَ ۾ 'بيت' ۽ ان جي وزن جو اڀياس

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ بيت چڱي جڳهه والاريندڙ ۽ قديم صنف آهي، جيڪا ٻن صنفن جي ميل سان مختلف مرحلا طئي ڪري موجوده صورت اختيار ڪري چڪي آهي. هن پيپر ۾ لسانيات جي روشنيءَ ۾ 'بيت' لفظ جي معنيٰ ۽ گهاڙيٽي جي وزن بابت اڀياس ڪرڻ مقصود آهي.

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا موجب: "سنڌي شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾، بيت قديم-ترين صنف آهي، جيڪا هزارين سال اڳ موجود هئي. قديم دور ۾ ڌرم ڪرم جي سکيا لاءِ، گهٽي انداز ۾ پانشالائون هونديون هيون، جن ۾ 'پروهت' ڌرمي سکيا جا ٻول، سکيا وٺندڙن کي گهٽو ڪري زباني ياد ڪرائيندا هُئا. اُهي ٻول يا جملا ۽ اشلوڪ ڪهڙي نالي سان سڏيا ويندا هئا ۽ انهن جو گهاڙيٽو ڪهڙو هو؟ سا خبر ناهي. البت موجوده لفظ 'بيت'، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين جي بقول اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو سنڌ ۾ عربن جي حڪومت واري زماني (1050ع -7122ع) ۾ عام مروج ٻن سٽن واري شعر لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. اُن کان اڳ، ٻن سٽن واري شعر کي اشلوڪ، سوتر، سورٺو يا دوهو چيو ويندو هوندو، حالانڪ 'اشلوڪ' ۾ ٻن سٽن واري پابندي لازمي نہ هوندي آهي ۽ وڌيڪ سٽون پڻ هونديون آهن، جڏهن تہ سوتر ۾ هڪ سٽ ٿيندي آهي. بيت بابت ٻي راءِ اها آهي تہ اُهو، دوهي ۽ سورٺي جي ميل مان ٺهيو آهي. اوائلي بيت ٻن سٽن جو هو ۽ بعد ۾ ان ۾ سٽن جي واڌ ايندي وئي.

بهرحال، بيت پنهنجي ساديءَ سٽاءَ جي مسلسل استعمال جي ڪري، نہ فقط پنهنجي وجود کي قائم رکيو، پر سنڌي شاعريءَ جي اوسر ۽ عروج لاءِ بہ نهايت مؤثر ذريعو بڻيو .واديءَ سنڌ جي ٻولي، سموري واديءَ ۾ ڏار ڏار لهجن ۾ ورهايل هئي، جنهن ۾ موجوده سنڌ، پنجاب، بلوچستان، ڪڇي-گنداواهہ، لس ٻيلي، مڪران، سرائڪي پٽيءَ ديراجات جون ٻوليون: مارواڙ، ميواڙ، جيسلمير، بيڪانير، هرياڻا، ڪشمير، داردستان، گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جون ٻوليون شامل ڪري سگهجن ٿيون .ماضيءَ کان، اڄ تائين بيت طويل سفر ڪري اسان تائين پهتو آهي. انهيءَ سفر ۾ مختلف ٻولين ۽ اُنهن جي سماج مان بيت جو گذر ٿيو ۽ اهو جدا جدا تهذيبي ۽ ڌرمي متن جي تعليمي روين کان متاثر ٿيو، ڪيترين ئي فڪري ڌارائن مان سيراب ٿيندي، مڪمل طرح جملي رعنائين، سهڻاين ۽ خوبين سان سينگاريل، هن وقت اسان جي آڏو موجود آهي." (فهميده، 2009: 510)

- **بيت جي معنيٰ**

سماجي لسانيات موجب ٻوليءَ جي ڪنهن بہ لفظ جي معنيٰ جا ٻہ رخ ٿين ٿا: 1. لغوي/ اکري معنيٰ، 2. سماجي/ اصطلاحي معنيٰ. ان حوالي سان ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ڄاڻائي ٿو تہ: "معنائون ٻہ آهن: هڪ سوچ جو نتيجو آهي ۽ ٻي سوچ کي وڌائي ٿي ۽ جوابي عمل لاءِ مواد پيدا ڪري ٿي. اها معنيٰ، جيڪا سوچ جو نتيجو آهي، سا لغوي معنيٰ ٿي سڏجي، ۽ اها جيڪا سوچ کي مواد ٿي ڏئي، سا اصطلاحي معنيٰ ٿي سڏجي." (ٻوهيو، 1978: 284) ان حوالي سان بيت جي معنيٰ جا بہ ٻہ رخ: لغوي/ اکري ۽ سماجي/ اصطلاحي ٿين ٿا.

جامع لغات سنڌي ۾ لفظ 'بيت' جون هڪ ئي جڳهه تي ٻئي معنائون ڄاڻايل آهن:

بَيتُ ج بَيتَ: ذ [ع بَيتُ ج ابيات] شعر. ٻن تڪن وارو شعر- دوهرو. ٻن کان وڌيڪ ٽُڪن وارو خاص قسم جو سنڌي شعر 'شاهه جا بيت' "جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين" (شاه). عام سنڌي . ڏِگهو نظم جو نثر تي آلاپجي 'نثر ۽ بيت'.

[ع. بَيتُ ج بُيُوت] گهر- جاءِ "جوڙي قلب بيت ربي، انسان ۾ سمايو". (بلوچ، 1960: 434)

لغوي اعتبار کان 'بيت' جي معنيٰ 'گهر' آهي؛ جڏهن تہ سماجي/ اصطلاحي معنيٰ موجب شاعريءَ جي هڪ ڪلاسيڪل صنف، جيڪا 'سورٺي ۽ دوهي' جي ميل سان وجود ۾ آيل هجي.

اڪثر لفظ جڏهن لغوي معنيٰ کان هٽي ڪري سماجي معنيٰ جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي تہ ان جي پويان بہ هڪ تاريخ جڙيل هوندي آهي. يعني ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ڪو لفظ جڏهن ٻي ٻوليءَ ۾ جاءِ وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ پوءِ يا تہ شڪل مٽائيندو آهي يا وري معنيٰ ئي تبديل ڪري وٺندو آهي.لفظ جي اهڙي سفر پٺيان بہ هڪ سلسلو هوندو آهي، جنهن تي باضابطہ ڪم ٿيڻ جي گهرج هوندي آهي.

لفظ 'بيت' عبراني ٻوليءَ کان عربي ٻوليءَ ۾ آيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: 'گهر'. (سليم، 1981: 16) هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ:

? جڏهن 'بيت' جي معنيٰ 'گهر' آهي تہ پوءِ هڪ شعري صنف کي 'بيت' ڇو ٿو چئجي؟

- **بيت جي صنف بابت:**

بيت ٻن ڪلاسيڪل شعري صنفن سورٺي ۽ دوهي جي ميل مان جڙيل آهي. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڀارتي جهمٽ مل جي توسل سان لکي ٿو تہ: "پروفيسر جهمٽ مل اهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي بيت بنيادي طور هندي شعر جي صنف دوها ۽ سورٺا، دوها- سورٺا ميل وغيره مان اسريو آهي." (سوڍر، 1991: 438)

دوها- سورٺا ميل واري اصطلاح جي اڪيڙ هيٺين ريت ڪري سگهجي ٿي:

- **سورٺو**

ڊاڪٽر خان محمد لاڙڪ جي ڇاڻاٽڻ موجب: سورٺو، سورٺ مان ورتل آهي. 'سورٺ' جي معنيٰ 'تلوار جي تيز ڌار'. تلوار جو هڪ پاسو جيڪو وڌيڪ چمڪدار ۽ ڪٽڻ جي نسبت تکو هوندو آهي، تنهن کي 'سورٺ' ڪوٺيو ويو. عام طور سونهن سوڀيا جي نسبت اهڙو نالو رکيو ويندو آهي. ان کان علاوه هڪ راڳڻيءَ جو نالو پڻ آهي.

عام لغتن ۾ هن لفظ جي معنيٰ مٽاڇري ڏنل آهي. چند لغتن مان بنيادي معنيٰ جاچڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي:

- **جامع سنڌي لغات موجب:**

سورَٺ: ث. اسم خاص [سن. سوراشٽر = (1) نالو هڪ راڳڻيءَ جو (2) نالو هڪ عورت جو] هڪ راڳڻيءَ جو نالو- مينگهہ راڳ جي هڪ شاخ. راءِ ڏياچ جي زال- هڪ قديم راڻيءَ جو نالو. اولهہ ڀارت جي هڪ علائقي جو نالو. سُورت. ث. صفت. سهڻي- حسين- خوبصورت. (بلوچ: 1985: 1696)

- **سائل ڪوش موجب:**

سورَٺِ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو- راءِ ڏياچ جي زال جو نالو. سَوراشٽر ۾ هڪ ضلعي جو نالو.
(سائل: 2009: 331)

- **سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت موجب:**

سورٺ = راڳڻيءَ جو نالو. راءِ ڏياچ جي راڻيءَ جو نالو (قلب)، (سورت) = گجرات جي مشهور شهر جو نالو (شا)، (سورت) = سورت شهر ۾ (ڪل)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو 'سورٺ راءِ ڏياچ' جي قصي ۾ هڪ ڪردار (بل)، گجرات ۾ ڏکڻ ڪاٺياواڙ جو اڳيون نالو، راڳڻيءَ جو نالو (عڪس)،

❖ **جامع سنڌي لغات:**

دوهو ج دوها: ذ [سن. دو = ٻه] جوڙو- جُٽ- ٻن مصرعن جو شعر- ٻه ٽُڪو بيت. ڏوهيڙو. دوهيڙو. (بلوچ، 1984: 1248)

'دوهو' لفظ 'دو' يعني ٻن مان ورتل آهي. اهڙين ٻن سٽن وارو شعر، جنهن جي آخر ۾ قافيه هجن، تنهن کي دوهو ڪوٺجي ٿو.

مورڪ مور نہ ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن **ڪنِ**،
ڪٿر جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين **پسن**.

جاٽايل ٻن سٽن واري شعر ۾ 'ڪن- پسن' جا قافيا آخر ۾ ڪم آندا ويا آهن، جنهن سبب هن شعري صنف کي 'دوهو' ٿو سڏجي.

بيت انهن ٻنهي صنفن جي ميلاپ سان جڙيل آهن. جيئن ماءُ ۽ پيءُ جي ميلاپ سان نوان جسم جنم وٺندا آهن: پوءِ ڪنهن ٻار ۾ پيءُ جون خاصيتون وڌيڪ هونديون آهن تہ ڪنهن ۾ وري ماءُ جي پاسي واريون خصوصيتون سرس هونديون آهن. ائين ئي بيتن مان ڪنهن ۾ سورٺي جون خاصيتون وڌيڪ هونديون آهن تہ ڪنهن ۾ وري دوهي جون خصوصيتون!

خيال خاطر شاهه ڪريم ۽ لطيف سائينءَ جا ٻہ- ٻہ بيت رکجن ٿا، جيڪي قافين جي لحاظ کان ٻہ الڳ ڍنگن جا ٿين ٿا:

- **شاهہ ڪريم جا بيت:**

پائيون جان نہ **ڪجن**، روئي ڌوئي اکڙيون،
جر ڪجر جن اکين ۾، سي ڪيئن پرين **پسن**.

هن بيت ۾ پهرين سٽ سورٺي جي ۽ ٻي سٽ دوهي جي ڏني وئي آهي.

جي جاڳندي من ۾، سُتي پڻ **سيئي**،
من پريان **نيئي**، پڳهيو پاڻ ڳري

هن بيت ۾ پهرين سٽ دوهي جي ۽ ٻي سٽ سورٺي جي ڏني وئي آهي.

- **شاهہ لطيف جا بيت:**

چنڊ چوانءِ **سچ**، جي منيان مُور نہ پائنين،
ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين **ڳچ**،
جو منهن ۾ ٻرئي **مچ**، پدم پريان جي پير ۾.

مٿين بيت ۾ ٻہ سٽون سورٺي جون آهن، وچ ۾ هڪ سٽ دوهي جي آهي. يعني هڪ بيت ۾ 2 خاصيتون سورٺي جون ۽ هڪ خاصيت دوهي جي!

سيئي سهاڳڻيون، سين ڳچيءَ **هارَ**
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن **سينگار**،
ڍول تنين جي **ڍارَ**، هيئاهيون هلن جي.

هن بيت ۾ ٻہ لاڳيتيون سٽون دوهي جون آهن، آخري سٽ سورٺي جي آهي.

مٿي جاٽايل چئن نمونن جي بيتن ۾ قافين جي ٻيهڪ مختلف آهي، جنهن تي علم عَروض جي ڄاڻن جا ڪي اعتراض بہ سامهون آيا آهن، خاص ڪري مرزا قليچ بيگ جو! (ڀاوناڻي، 1955: 121)

اصل ۾ هيءُ بيت جي صنف، ٻن صنفن: سورٺي ۽ دوهي جي ميلاپ سان جڙي آهي. شاهه لطيف واري دؤر تائين بيت جي سنواريل شڪل ملي ٿي. شاهه ڪريم جي بيتن ۾ اهڙا ٻه بيت ملن ٿا جيڪي دوهي جي سٽ سان ختم ٿين ٿا؛ ليڪن لطيف سائينءَ جي بيتن ۾ ڪو ٻه اهڙو بيت نـ ٿو ملي، جنهن جو خاتمو دوهي جي سٽ سان ٿيندو هجي، بلڪ هر بيت جو خاتمو سورٺي جي سٽ سان ملي ٿو.

بهرحال، هر بيت ۾ ٻنهي صنفن جون خاصيتون لازمي ٿين ٿيون. ان خاطر جڏهن شاهه لطيف جي بيتن واري گهاڙيٽي جو اڀياس ڪجي ٿو تـ هيٺيان اهم نڪتا سامهون اچن ٿا:

- بيت جي هر سٽ ٻن اڌن (پدن) ۾ رهي ٿي.
- ماترائن پٽاندر قافيي وارو اڌ، ٻئي اڌ کان ننڍو ٿئي ٿو.
- پهرين سٽ اختياري آهي، يعني سورٺي يا دوهي جي ٿي سگهي ٿي.
- ٻين/ وچيون سٽون لازمي طور دوهي جون ٿين ٿيون.
- آخري سٽ لازمي طور سورٺي جي هجي ٿي.

★ **'بيت' لفظ جو 'گهر' کان 'شعر' تائين لاڳاپو**

'لفظ 'بيت' جي لغوي/ اکري معنيٰ 'گهر' آهي. سماجي ٻوليءَ نسبت لفظ 'گهر' مان مراد احاطو يا حدبندي بہ آهي. عام طور تي ڪنهن بہ اکر جي حدبنديءَ کي بہ اکر جو گهر يا خانو ڪوٺيو ويندو آهي. خطاطيءَ جي فن ۾ اکر جي ڊيگهه- ويڪر ۽ قلم جي نوڪ جي ماڻ کي اکر جو گهر يا خانو پڻ چئجي ٿو. مقصد تـ ڪنهن بہ اسم جي جوڙجڪ جي حدبنديءَ کي ان جو گهر ڪوٺيو ويندو آهي. امڪان آهي تـ سورٺي ۽ دوهي جي ميل سان جڙندڙ هڪ نئين صنف کي حدبندي، جوڙجڪ، گهاڙيٽي ۽ ماڻ ماپي جي بنياد تي 'بيت' ڪوٺيو ويو هجي.

- **ڇند وديا جو ماڻ- ماپو**

ڇند وديا موجب بيت جا ڪافي بحر/ گهاڙيتا ٿين ٿا، بيت جي مختلف وزنن بابت جهمٽمل خوبچند ٻاوناڻي صاحب هيٺيان وزن ڄاڻايا آهن:

- **سورٺا دوها ڇند**: سورٺي ۾ 11 + 13 = 24 ماترائون ۽ دوهي ۾ 13 + 11 = 24 ماترائون ڄاڻايل آهن.
- **دڪپال ڇند**: هن ڇند ۾ 12 + 12 = 24 ماترائون هونديون آهن.
- **چوپائي ڇند ۽ مت**: هن ڇند جي هرهڪ سٽ ۾ 15 ماترائون ٿينديون آهن.
- **ڇندرايڻ ڇند**: هن ڇند ۾ 11 + 10 = 21 ماترائون هونديون آهن.
- **ات بروا ڇند**: هن ڇند ۾ 12 + 9 = 21 ماترائون ڄاڻايل آهن.
- **مالتي ڇند**: هن ڇند ۾ ڪل35 کان 40 ماترائون ٿي سگهن ٿيون. (ٻاوناڻي، 1955: 128- 134)

هتي بيت جي وزنن جي وضاحت واري گهيڙ ۾ پوڻ بجاءِ ان جي وزن کي لسانياتي حوالي سان ڏسڻ مقصود آهي، ان ڪارڻ صرف 'آواز جي وزن' تي اڪتفا ڪجي ٿو.

عام طور سورٺا- دوها ميل ڇند ڪم آندو ويندو آهي. هن موجب: قافيي واري اڌ ۾ 11 ماترائون ۽ غير قافيي واري اڌ ۾ 13 ماترائون ٿين ٿيون. هي وزن بيتن ۾ عام طور ڪم آندو ويندو آهي. هتي 'بيت جي وزن جا نمونا' ڏيڻ بجاءِ بيت جي وزن جي ماپ تور جي ڍنگ تي صرف لسانياتي نظر رکجي ٿي.

- **لسانيات موجب ماترا مان مراد آواز جو وزن آهي**

شاعريءَ جي وزن ۾ 'سُرَ (Vowel) ۽ وينجن (Consonant)' جي وڏي اهميت هوندي آهي؛ پوءِ توڙي اها هتان جي مزاج مطابق 'ڇند وديا' هجي يا خليل بن احمد جو بيهاريل 'علم عَروض' چوڻ هجي. انگريزي Prosody جي وزنن ۾ بہ سُرَ توڙي وينجن کي ساڳي اهميت حاصل آهي. جيئن ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي راءِ کي اهميت آهي تـ: "لسانيات جو مطالعو اديبن، شاعرن، استادن ۽ راڳيندڙ لاءِ

تمام ضروري ۽ اهم آهي.“ (الانا، 2005: 27) اهڙيءَ طرح لسانيات جي نقطهءِ نظر کان لسانيات سان دلچسپي رکندڙن لاءِ شاعريءَ توڙي راڳ جي آوازن جي وزنن جو اڀياس يا مختصر ڄاڻ نهايت ضروري آهي. يعني لسانيات جي ڄاڻوئن لاءِ اهو به ضروري آهي ته هُو شاعريءَ جي وزنن جي اڀياس کي علم لسان ۾ شامل ڪندي، ان کي علمي حيثيت عطا ڪري.

❖ **ڇندَ وديا (ڇند شاستر)**

لفظ ڇند معنيٰ شعر ۽ وديا معنيٰ علم، اصطلاحي معنيٰ موجب: ڪنهن سورٺي يا دوهي جي آوازن جي وزنن جي ماپ تور جو علم. هن علم جو اطلاق گهڻو ڪري سورٺي ۽ دوهي يا هن خطي جي مزاج مطابق صنفن تي ٿيندو آهي. مختصر ته اسان جو بيت، سورٺي ۽ دوهي جي ميلاپ سان وجود ۾ آيل آهي، جنهن جي هر هڪ سٽ 24 ماترائن جي، يعني بيت به پد/ اڌ هجڻ سبب قافيي واري پد/ اڌ جي تور 11 ماترائون ۽ بنا قافيي واري پد جي تور 14 ماترائون ٿيندي آهي.

پارونائي جهمٽمل خوبچندائيءَ جي ڪتاب ’ڇند سڳنڌ‘جي توسل سان ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر (1991: 439) دوهي ۽ سورٺي جو وزن ڄاڻايو آهي، جيڪو خيال خاطر ڏئي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي:

- **دوهي واري سٽ جي وزن جو مثال**

ڇند وديا موجب سورٺي يا دوهي جي ماترائن لاءِ جيڪي نشان ڪم آندا وڃن ٿا تن ۾ هڪ ماترا (ننڍي سر) لاءِ نشاني (^) ابتي انگريزي اکر ’وي‘ جي رکجي ٿي ۽ ڊگهي ماترا (ڊگهي سرَ) لاءِ نشاني ( – ) ليڪ ٽڪر رکجي ٿو:

24 = 11 + 13

^ _ ^ ^ _ _ _ _ ¦ _ ^ _ ^ ^ _ _ _

سائي صورت عين ڪي، سائي صورت غين،

باقي اڳتي جيڪي مثال ڏنا اٿس، تن جي وزنن ۾ فرق آهي، يعني جيڪڏهن ويهي ماترائون ڳڻجن ته ڪٺل محسوس ٿين ٿيون، جڏهن ته راءِ اها ٿي رکي وئي آهي ته ”ان جو وزن ڪنداسون ته اهو ’ڇند وديا‘ جي ماترائن تي بلڪل پورو رهندو.“ (1991: 439) مثال: ’ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سور سين‘ (وي + چا + را + وا + ڍو + ڙ = 11 ماترائون: س + دا + شا + ڪ + ر + سو + ر + سين = 12 ماترائون) ان ٻئي اڌ ۾ 13 ڪيئن بيهنديون يا بيهارڻ گهرجي، اهڙي اپٽار ڪونهي. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته صرف Cut ۽ Paste وارو ڪم ٿيل آهي. بهرحال، ان ڪم کي سمجهڻ لاءِ اڳتي هلجي ٿو. هن حوالي سان پارونائي جهمٽ مل جو ڪم نهايت پختو ۽ بنيادي ٿيل آهي.

- **ماترا جي معنيٰ ۽ مراد**

ماترا مان مراد آواز جو مقدار يا وزن آهي. ياد رهي ته ڇند وديا جي علم موجب اصطلاح ’پد‘ مان مراد ڪنهن بيت جي سٽ جو اهو اڌ جيڪو پڙهڻ/ چوڻ/ ڳائڻ ۾ تسلسل رکي.

ڇند وديا موجب آوازن جي تور ڪرڻ ويل ’سُر‘ (Vowel) کي ڳڻيو ويندو آهي ۽ ان جي وزن کي ’ماترا‘ ڪوٺيو وڃي ٿو. ياد رهي ته ديوناگري رسم الخط پٽاندر ’ماترائون‘ سُرن (Vowels) کي ئي ڪوٺيو ويندو آهي.

- **ديوناگريءَ ۾ لفظ جي منڍ ۾ ڪم ايندڙ سُر (ماترائون)**

جان پليٽس جيڄاڻايل ٽيبل پٽاندر منڍ ۾ ايندڙ ماترائن جو وچور

| اَ | آ | اِ | اِي | اُ | اُو | اي | اِي | او | اَو | اَن | اَه |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| A | Aw | e | ई | a | å | Ey | EY | Awy | AwY | AN | A: |

جان پليٽس جي ڄاڻايل ٽيبل پٽاندر وچوارڙي ڪم ايندڙ ماترائن جي وچوڙ

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اُو | اُ | اِي | اِ | اه | ان | اَو | او | اَي | اي | آ | اَ |
| -U | -u | I | i | : | N | O | o | -Y | -y | w | - |

(Platts, 2003: vi)

ديوناگريءَ ۾ مٿيان ڄاڻايل سُر، ماترائون سڏيا آهن؛ جنهن مان اهو ئي خيال اخذ ٿئي ٿو ته ماترا مان مراد 'سُر' (Vowel) جو وزن آهي. ڄاڻايل سُر ماترائن ۾ 'نون گهُٽي' ۽ 'مختفي ه' جو به شمار رهي ٿو.

عربي- سنڌي رسم الخط پٽاندر درسي ڪتابن ۾ صرف هينيان 10 سُر (Vowels) پڙهايا وڃن ٿا، جڏهن ته انهن جا گهُٽا سُر به ٿيندا آهن ۽ ابتدائي ٻارن کي پڙهائڻ گهرجن.

سُر (Vowels) جا ٻه قسم آهن، صاف سُر (Vowels) ٻيا: گهُٽا/ نڪوان سر (Nasal vowels):

| صاف سُر | اَ | آ | اِ | اِي | اُ | اُو | اي | اَي | او | اَو |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| **گهُٽا/ نڪوان سُر** | اَنْ | آنْ | اِنْ | اِينْ | اُنْ | اُونْ | اونْ | اَونْ | اينْ | اَينْ |

يعني، سنڌي ٻوليءَ موجب ٽيبل ۾ ڄاڻايل سُرن (vowels) جو ڪل تعداد 20 ٿئي ٿو: اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، او، اَو، اي، اَي،اَنْ، آنْ، اِنْ، اِينْ، اُنْ، اُونْ، اونْ، اَونْ، اينْ، اَينْ. ان کان علاوه 'مختفي ه' جو به شمار ٿيڻ گهرجي.

- **متحرڪ** (زير، زبر ۽ پيش واري) **اڪر جو وزن**

ڪنهن وينجن يا ان جي اکر کي آيل ننڍي سرَ جي هڪ ماترا ڄاتي ويندي آهي. ننڍي سرَ مان مراد زير، زبر ۽ پيش ورتي وڃي ٿي؛ جيئن:

- اَ، اِ، اُ
  (ا+اَ = اَ، ا+اِ = اِ، ا+اُ = اُ)؛
- بَ، بِ، بُ
  (ب +اَ = بَ، ب +اِ = بِ، ب +اُ = بُ)؛
- تَ، تِ، تُ
  (ت +اَ = تَ، ت +اِ = تِ، ت +اُ = تُ)؛
- سَ، سِ، سُ
  (س +اَ = سَ، س +اِ = سِ، س +اُ = سُ)؛وغيره.

ياد رهي ته لسانيات موجب 'اَ يا بَ' وينجن (Consonant) ۽ سُر (Vowel) پٽاندر پد (Syllable) آهي؛ ليڪن چند وديا موجب هن ۾ وينجن جي ڳڻپ نہ ٿيندي بلڪ سُر ڳڻيو وڃي ٿو. يعني جنهن به وينجن آواز جي اکر تي زير، زبر يا پيش هوندو، ان جي هڪ ماترا (وزن) ورتي ويندي.

چند لفظ مثال ڪارڻ رکجن ٿا:

1) سَڌُ = هن لفظ ۾ ٻه اکر ۽ ٻنهي کي زبرون آهن، ان صورت ۾ 2 ماترائون ڳڻبيون.
2) پِتِ = هن لفظ ۾ ٻه اکر ۽ ٻنهي کي زيرون آهن، ان صورت ۾ 2 ماترائون سمجهبيون.
3) پَسَڻُ = هن لفظ ۾ ٽي اکر ۽ ٽنهي تي زبرون آهن، ان صورت ۾ 3 ماترائون پڙهبيون.

- **ڊگهي توڙي ڌهري سُر** (**حرف علت**) **جو وزن**

ڪنهن وينجن/اکر کي آيل ڊگهي سرَ (ڊگهي توڙي ڌهري سُرَ) جون ٻہ ماترائون ورتيون وينديون آهن. ڊگهي سُر مان مراد 'آ، اي، اِي، اَي، او، اُو، اَو' ورتي ويندي آهي؛ جيئن:

- آ = آ، با، تا، سا
  (ا+آ = آ، ب+آ = با، ت+آ = تا، س+ آ = سا)

- اي = اي، بي، تي، سي
  (ا + اي = اي، ب + اي = بي، ت + اي = تي، س + اي = سي)
- اِي = اِي، بِي، تِي، سِي
  (ا + اِي = اِي، ب + اِي = بِي، ت + اِي = تِي، س + اِي = سِي)
- اَي = اَي، بَي، تَي، سَي
  (ا + اَي = اَي، ب + اَي = بَي، ت + اَي = تَي، س + اَي = سَي)
- او = او، بو، تو، سو
  (ا + او = او، ب + او = بو، ت + او = تو، س + او = سو)
- اُو = اُو، بُو، تُو،سُو
  (ا + اُو = اُو، ب + اُو = بُو، ت + اُو = تُو، س + اُو = سُو)
- اَو = اَو، بَو، تَو، سَو
  (ا + اَو = اَو، ب + اَو = بَو، ت + اَو = تَو، س + اَو = سَو)وغيره.

خيال خاطر اها ڳالهه ورجائجي ٿي تہ لسانيات موجب 'آ يا با' وينجن (Consonant)۽ سُر (Vowel)پٽاندر، پد (Syllable) آهي؛ ليڪن چند وديا موجب هن ۾ وينجن جي ڳڻپ نہ ٿيندي بلڪ ڊگهي ۽ ڌهري سُر کي ڳڻيو وڃي ٿو. يعني جنهن بہ وينجن آواز جي اکر سان حرف علت (Vowel Letter) هوندو، ان جون بہ ماترائون (وزن) ورتيون وينديون.

چند لفظ مثال ڪارڻ رکجن ٿا:

1) ٽاڪو = هن ۾ ٻہ پد (ٽا + ڪو) آهن، 'ٽا' ۾ ڊگهو سُرُ 'آ' آهي ۽ 'ڪو' ۾ ڊگهو سُر 'او' آهي؛ ان صورت ۾ هرهڪ پد جون ٻہ ماترائون ونبيون ۽ ڪل 4 ماترائون ٿينديون.
2) سُوري = هن ۾ ٻہ پد (سُو + ري) آهن، 'سُو' ۾ ڊگهو سُرُ 'اُو' آهي ۽ 'ري' ۾ ڊگهو سُر 'اِي' آهي؛ ان صورت ۾ هرهڪ پد جون ٻہ ماترائون ونبيون ۽ ڪل 4 ماترائون ٿينديون.
3) يَو/ يؤ = هن ۾ هڪ پد (يَو) آهي، 'يَو' ۾ ڌهرو سُر 'اَو' آهي؛ ان صورت ۾ 2 ماترائون ڳڻپ ۾ اينديون.

نون ڳُهڻي (Nasal Vowel) کي آواز جي نسبت سان سرَ ۾ شامل ڪري ڳڻبو، يعني هن جي وينجن طور الڳ سان ڳڻپ نہ ٿيندي؛ ڇوتہ نون ڳُهڻو نہ تہ متحرڪ وينجن آهي ۽ نہ وري ساڪن حالت وارو آواز! هي صرف صورتخطيءَ پٽاندر اکر جي صورت ۾ لکجي ٿو، ليڪن ان جي حيثيت نڪوين سُر (Nasal Vowel) واري آهي. يعني ننڍن ڳُهڻن سرن جي هڪ ماترا ونبي، ۽ ڊگهن ڳُهڻن سرن جون ٻہ ماترائون ونبيون؛ جيئن:

- **ننڍا ڳُهڻا سرَ:**
  - اَنْ، اِنْ، اُنْ
    (ا + اَنْ = اَنْ، ا + اِنْ = اِنْ، ا + اُنْ = اُنْ)؛
  - بَنْ، بِنْ، بُنْ
    (ب + اَنْ = بَنْ، ب + اِنْ = بِنْ، ب + اُنْ = بُنْ)؛
  - تَنْ، تِنْ، تُنْ
    (ت + اَنْ = تَنْ، ت + اِنْ = تِنْ، ت + اُنْ = تُنْ)؛
  - سَنْ، سِنْ، سُنْ

- **ساڪن وينجن/ اکر جو وزن**

مٿي اهو ڏٺو ويو تہ وينجن (Consonant) تي لاڳو ٿيندڙ صرف ڇوٽا يا ڊگها ۽ ٻهرا سُر (Short, Long Vowels and diphthong) ڳڻپ ۾ آندا پئي ويا. لسانيات پٽاندر وينجن ۽ سُر جي الڳ الڳ ڳڻپ ٿيندي آهي، ليڪن مٿي صرف 'ڇوٽن ۽ ڊگهن صاف توڙي گهُٽن سُرن' کي ماترائن ۾ پاتيو ويو.

اهڙي حالت ۾ جڏهن ساڪن وينجن (Vowel less Consonant) کي ڏسجي ٿو تہ لسانيات موجب ان ۾ صرف 'وينجن' ئي اچي ٿو ۽ ان سان ڪوبہ سُر شامل نہ ٿو رهي. جنهن حالت ۾، چند وديا پٽاندر 'وينجن' ڳڻپ ۾ نہ ٿو اچي، ان صورت ۾ ڳڻڻ نہ کپي: ليڪن ائين ٿئي نہ ٿو.

چندوديا پٽاندر جيئن تہ 'ساڪن وينجن'کنهن ليکي ۾ اچڻ کان رهجيو ٿو وڃي، ان لاءِ هن وديا پٽاندر ساڪن کي 'هڪ ماترا' ۾ ڳڻيو ويندو آهي.

چند لفظ مثال ڪارڻ رکجن ٿا:

1) گهڻٻي = هن ۾ بہ پد (گهڻ + ٻي) آهن، 'گهڻ' ۾ هڪ سُرُ 'اَ' ۽ 'نون ساڪن' آهي ۽ 'ٻي' ۾ هڪ ڊگهو سُر 'اِي' آهي: ان صورت ۾ هرهڪ پد جون بہ ماترائون ونبيون ۽ ڪل 4 ماترائون ٿينديون.

2) سَنٿُ = هن ۾ بہ پد (سَنْ + ٿ) آهن، 'سَنْ' ۾ هڪ سُرُ 'اَ' ۽ 'نون ساڪن' آهي ۽ 'ٿُ' ۾ بہ هڪ ڇوٽو سُر 'اُ' آهي: ان صورت ۾ پهرئين پد جون بہ ماترائون ۽ آخري پد جي هڪ ماترا، ڪل 4 ماترائون ٿينديون.

'ساڪن حرف' جي آواز جي ڳڻپ تي هڪ اعتراض سامهون اچي ٿو: ان لاءِ پاوناڻي جهمٽمل لکيو آهي تہ: " پڙهہ لفظ جون فقط بہ ماترائون ڳڻيون وينون آهن. ڪيترائي ٻيا حرف اهڙا آهن، جن جو وزن هڪ ماترائي آهي، جئن تہ 'رهہ، ڪڙ، ڪيہ،... وغيره. اهڙن ٻٽن حرفن (diphthongs) جي پوئين حرف تي جزم ڏني وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ منجهن هڪ پويون حرف ساڪن آهي." (پاوناڻي، 1955: 136) صاحب موصوف ڳالهہ ۾ گنجائش رکندي اڳتي لکي ٿو تہ "ائين برابر آهي تہ هن نموني ۾ سڌاري ڪرڻ لاءِ محنت گهرجي." (ص: 136)

پاوناڻي صاحب جي ڄاڻايل ٻٽن حرفن تي اختلاف رکندي بہ ڪافي ڪم ڪرڻ جي گنجائش آهي. چند وديا جي حوالي سان جڏهن مشدد اکر (پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ) جون بہ ماترائون ونجن ٿيون تہ اصولي طور تي 'ساڪن وينجن' آواز جي بہ هڪ ماترا ڳڻبي.

- **مشدد (شد آيل) اکر جو وزن**

مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ ڪنهن 'ساڪن وينجن' کي هڪ ماترا ۾ ڳڻيو ويندو آهي/ ڳڻڻ گهرجي. اهڙي سبب شد کي بہ ٻن ماترائن سان پاتيو ويندو آهي: ڇاڪاڻ تہ، شد ۾ بہ پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ آواز (Cluster of sound) هوندو آهي. مثال طور لفظ 'ربُّ' ۾ ٽي ماترائون ٿين ٿيون، ان جو ڇيد هيٺئين انداز ۾ رکجي ٿو:

رَبُّ = رَ + بْ + بُ (اَ + ساڪن + اُ)

اصولي طور تي 'رَ' هڪ پد (Syllable) آهي، جنهن ۾ بہ آواز: 'ر' وينجن ۽ 'اَ' سُر آهي: ليڪن ڇند وديا موجب صرف هڪ ماترا ڳڻي ٿي وڃي. ان مان مراد اها ئي آهي تہ عام طور ڳڻپ جو دارومدار 'سُر' (Vowel) تي آهي. هتي جڏهن ساڪن کي ٿو ڏسجي تہ اها ڳڻپ صرف 'سُر' کي روڪڻ واري ورتي وڃي ٿي. اهڙي حالت ۾ مشدد اکر جون بہ ماترائون ورتيون وينديون آهن:جيئن: سٿار، ڊڪٿهار وغيره.

چندوديا موجب سورٺي يا دوهي جي ماترائن جي وزن جو مختصر طريقو هيٺ ڄاڻائجي ٿو، جنهن ۾ هڪ ماترا (ننڍي سُر) لاءِ نشاني (^) ابتي انگريزي اکر 'وي' جي رکجي ٿي ۽ ڊگهي ماترا (ڊگهي سُر) لاءِ نشاني ( – ) ليڪ ٽڪر رکجي ٿي:

مٿي ڪيل ڇيد مان اهو اخذ ٿيو ته ڊاڪٽر بلوچ جي راءِ موجب لطيف سائين جي مذڪوره سٽ جون ڪل ماترائون 23 ٿين ٿيون: جڏهن ته سورٺي، دوهي يا بيت جي صنف ۾ ڇند وديا موجب هر سٽ جون 11 + 13 = 24 يا 13 + 11 = 24 ماترائون ٿيڻ گهرجن. ان ليکي پڻاندر لفظ 'ستار' جي تشديد ڳڻپ ۾ ايندي جنهن سان پهرئين اڌ جون ماترائون 11 بيهڻ سان ڪل 24 ماترائون ٿينديون.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي راءِ ته "سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ شد وارو اچار ڪونهي' ۽ 'ستار لفظ ۾ اصل اچار 'ت' شد سان پڙهبو ته وزن ٽٽندو"، واري ڳالهه ڪو وزن نه ٿي رکي: جو ته ديوناگري صورتخطيءَ ۾ به آوازن جي شد جو تصور آهي، جنهن سبب اهڙي ڪنهن لفظ ۾ پهريون اکر اڌ ۽ ٻيو سڄو لکيو ويندو آهي، ان لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته هڪ اڌ ٻوليءَ سواءِ هن خطي جي ٻولين ۾ شد جو تصور موجود آهي: ٻيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ 'شد' جي وزن کي خيال ۾ رکي ئي وزن تي شاعري ڪئي هوندي، جو ته سندس شاعريءَ جا وزن جيڪڏهن جاچجن ٿا ته مذڪوره لفظ جو وزن 'شد' سان ئي بهتر بيهي ٿو: هيٺ بلوچ صاحب جي ڄاڻايل ساڳي سٽ ۽ ڇند وديا موجب بيهر ڇيد ڪجي ٿي، جنهن ۾ ڇوٽن سرن لاءِ هڪ ماترا، ۽ ڊگهن سرن لاءِ ٻه ماترائون ورتيون وينديون آهن:

24 =13 + 11

شرڪ ساڻ ستار، گهٽا گهاريم ڏينهڙا.

مذڪوره لفظ 'ستار' جي ڳڻپ 'شد' سان ئي ڪيل آهي، جيڪڏهن 'شد' سان ڳڻپ نه ڪئي ويندي ته وزن جي کوٽ ٿي ويندي. اهي وزن ڇند وديا موجب عام آهن ۽ سنڌي بيت جي مزاج وٽان آهن، تنهنڪري ان وزن ۾ ئي بيت جي سٽن کي توريو ويندو آهي. ان صورت ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ ڪا معنيٰ نه ٿي رکي: البته، اها ڳالهه درست آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ 'شد' جي حيثيت صوتي (Phonemic) ناهي.

- **'ه' جي آواز ۽ اکر جي وزن بابت**

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ه' اکر جا پنج روپ (Shapes) ٿين ٿا، جن جو وچور هن ريت بيهي ٿو:

✓ ملفوظي هہ: هيءَ ملفوظي 'ه' سڏبي آهي، جنهن جو آواز واضح جڙندو آهي، ان 'ه' جي هڪ ماترا ڳڻبي: جيئن: آهيان

✓ وسرڳي ھ: هيءَ وسرڳي 'ه' سڏبي آهي، جيڪا وسرڳ ۾ ڪم ايندي آهي. هن جو شمار الڳ سان آواز ۾ نه ٿيندو، ان ڪارڻ ان جي ڳڻپ الڳ سان نه ٿيندي: جيئن: گهر، جهڪ

✓ مختفي ہ: هن جا ٽي قسم ٿين ٿا:

- ○ مختفي ه: موجوده، خانقاه وغيره
- ○ مختفي ـہ: صفيہ، مکيہ،نہ، تہ، بہ وغيره
- ○ مختفي ـه: هميشه، فاطمه وغيره

مٿي ڄاڻايل 'ه' جي روپن ۾ صرف ملفوظي 'ه' جي لازمي ڳڻپ ٿيندي: باقي وسرڳي 'ه' جي ڳڻپ بنهه نه ٿيندي. البت، گهرجن آهر مختفي 'ہ' جي ڳڻپ ٿي سگهي ٿي ۽ نظرانداز به ڪري سگهجي ٿي. ڳڻپ ان صورت ۾ جڏهن ڊگهي سُر (Long Vowel) طور وٺجي، جيئن: 'موجوده' ۾ ڳڻڻ ۽ نظرانداز ڪرڻ، ٻنهي جي گنجائش موجود هوندي آهي.

**حاصل مطلب**

✍ هر لفظ جون ٻه معنائون ٿين ٿيون: هڪ: لغوي/ اکري، ٻي: سماجي/ اصطلاحي. 'بيت' جي لغوي معنيٰ 'گهر' آهي: ليڪن اصطلاحي معنيٰ: اهڙو شعر جيڪو سورٺي ۽ دوهي جي ميلاپ مان جڙيو هجي.

✍ 'سورٺ' لفظ جي معنيٰ 'تلوار جي تيز ڌار وارو پاسو'، ان نسبت سورٺي جي معنيٰ تلوار جو ڌڪ، جيڪو ڪنهن جسم کي ٻه اڌ ڪندڙ هجي. اصطلاحي معنيٰ موجب اهڙو ٻن سٽن وارو شعر جنهن جي وچ ۾ قافيه ايندا هجن.

- 'دوهي' مان مراد اهڙو ٻہ سٽن وارو شعر جنهن جي آخر ۾ قافيا هجن.
- 'بيت' انهن ٻنهي صنفن جي ميلاپ سان ترتيبيل آهي، جنهن ۾ سورٺي ۽ دوهي جون گڏيل خاصيتون رهن ٿيون.
- 'بيت' جي جوڙجڪ مان هيٺيون خاصيتون نوٽ ڪيون ويون آهن:
  - بيت جي هر سٽ ٻن اڌن (پدن) ۾ رهي ٿي.
  - ماترائن موجب، قافيي وارو اڌ، ٻئي اڌ کان ننڍو ٿئي ٿو.
  - پهرين سٽ اختياري آهي، يعني سورٺي يا دوهي جي ٿي سگهي ٿي.
  - ٻين/ وچيون سٽون لازمي طور دوهي جون ٿين ٿيون.
  - آخري سٽ لازمي طور سورٺي جي هجي ٿي.
- 'بيت' جي لغوي معنیٰ گهر آهي؛ سماجي ٻوليءَ نسبت 'گهر' مان مراد احاطو يا حدبندي بہ آهي. امڪان آهي تہ سورٺي ۽ دوهي جي ميل سان جڙندڙ هڪ نئين صنف ڪي حدبندي، جوڙجڪ، گهاڙيٽي ۽ ماڻ ماپي آهر 'بيت' ڪوٺيو ويو هجي.
- چند وديا شعر جي علم موجب بيت جا ڪافي گهاڙيٽا ٿين ٿا، جن ۾ سورٺا دوها چند عام آهي. سورٺي واري سٽ ۾ 11 + 13 = 24 ماترائون ۽ دوهي واري سٽ ۾ 13 + 11 = 24 ماترائون ٿين ٿيون
- 'ماترا' جي معنیٰ آواز جو وزن آهي. لفظن ۾ وزن 'سُر' (Vowel) جو ڳڻيو ويندو آهي. 'ڇوٽي سُر' (Short Vowel)۽ ڇوٽي گهُڻي سُر (Nasal Vowel) جي هڪ ماترا ٻڌي ويندي آهي؛ جڏهن تہ 'ڊگهي سُر' (Long Vowel) ۽ ڊگهي گهُڻي سُر (Nasal long Vowel)جون ٻہ ماترائون ڳڻيون ويندون آهن.
- ساڪن وينجن (Vowelles Consonant) جي هڪ ماترا ڳڻي ويندي.
- مشدد اکر/ ٻٽي آواز (پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ)/ Cluster of sound جون ٻہ ماترائون ٻڌبيون.
- صورتخطيءَ جي لحاظ کان 'ه' جا پنج روپ ٿين ٿا، 'ملفوظي ه' جي ڳڻپ ٿيندي ۽ 'وسرڳي ـہ' جي ڳڻپ نہ ٿيندي؛ بلڪ 'مختفي ه' جي ڳڻپ ۾ گنجائش رهي ٿي.

## حوالا ذريعا


- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر [1987] 2005. سنڌي ٻوليءَ جو ايياس- ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (2009) جلد: پهريون. چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين. حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960) جامع سنڌي لغات. حيدرآباد/ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (2007) رسالي جي جامع مستند متن لاءِ صورتخطي. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون، مرتب: خان محمد جروار. حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
- ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر (1978) سماجي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- ٻاوناڻي، جهمٽ مل، خوبچند (1955) شاه جي شعر جي بناوٽ. ٽماهي مهراڻ. ايڊيٽر: محمد ابراهيم جويو. سيارو: 1. ص: 120- 137. ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر (1991)، سنڌي ثقافت ۽ شاه لطيف. ڀٽ شاه: شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز.
- سيد احمد دہلوی [1918] 2002 فرہنگ آصفیہ ۔ جلد: سوم ۔ لاہور: سنگ میل پبلی کیشنز۔
- سید محمد سلیم پروفیسر (2 :29) اردو رسم الخط ۔ کراچی: مقتدرہ قومی زبان۔
- نیر، نورالحسن، مولوی [2976] 2006 ۔ نوراللغات ۔ جلد2۔2۔ اسلام آباد: نیشنل بک فاؤنڈیشن ۔

رسول بخش ٻگهيو

# قرآن مجيد جي تفسير جي تاريخ ۽ علامه مولانا محمد ادريس ڏاهريءَ جو تفسير "احسن البيان في تفسير القرآن"



مون جهڙي بي علم انسان جي ڇا مجال آهي جو عمر حاضر جي شيخ التفسير علامه مولوي محمد ادريس ڏاهري جن جي علمي جستجو ۽ لکيل تفسير تي قلم کڻان ليڪن اهو سارو ڪرم رب ڪريم جلاله ۽ محبوبِ خدا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ٿو سمجهان جو جيتوڻيڪ آءٌ صرف مختصر دنيوي تعليم يونيورسٽيءَ تائين حاصل ڪيم، پر والدين صالح ۽ نيڪوڪار هئڻ ڪري ڪيترن صالحن، بزرگن، اوليائن ۽ عالمائن جي صحبت ۽ محبت ننڍي هوندي کان نصيب آهي ۽ ديني علم جي مطالعي جو شوق رکان ٿو ۽ ان شوق کي پنهنجي هر سهڻي ڪم جي سواري سمجهان ٿو ۽ اها شوق واري سواري مون ناچيز کي ڪنهن نه ڪنهن منزل تي ضرور پهچائي ٿي ۽ انشاء الله پهچائيندي رهندي.

انڪري ٿي جتي مون کي دنيوي شخصيتن کان تعليمي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ ڪجهه ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪري ڪجهه اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليا آهن ته ساڳئي وقت موجوده دور جي مفسر قرآن ۽ ڏاهي دانشور علامه مفتي محمد ادريس ڏاهري جن منهنجي ان "شوق مطالع" کي ڏسي ۽ ادب سان وابستگيءَ جي ڪري پنهنجي دستِ مبارڪ سان سندن ئي لکيل تفسير "احسن البيان في تفيسرالقرآن" (مڪمل سنڌيءَ ۾ تفسير 9 جلدن ۾ لکيل آهي) عطا ڪرڻ فرمايو آهي جيڪو آءٌ "عظيم ترين اعزاز ۽ اوارڊ" سمجهان ٿو ۽ دنيا ۽ آخرة جي سنوارڻ جو ذريعو سمجهان ٿو.

هن بي بها تحفي جو مطالعو ڪيم ۽ سمجهڻ جي به ڪوشش ڪئي اٿم ۽ غريبائي حال مطابق تفيسر تي لکڻ جي ڪوشش به ڪئي اٿم. الله پاڪ جل شانهٗ ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم شل منهنجي هن نيڪ ارادي کي پايہ تڪميل تي پهچائي. (آمين)

**ڪجهه قرآن پاڪ جي تفيسر متعلق**

تفسير جي لفظي معنيٰ آهي: چٽو ڪرڻ، کولڻ، وضاحت سان بيان ڪرڻ ۽ اصطلاح ۾ علم تفسير ان علم کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ قرآن مجيد جي معنيٰ واضح بيان ڪئي وڃي ۽ ان جي حڪمن ۽ حڪمتن کي کولي بيان ڪيو وڃي.
(البرهان)

قرآن ڪريم ۾ حضرت مُحمد صلي الله عليه وآله وسلم سان خطاب ڪندي الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي ته:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَاَنزَلنَآ اِلَيكَ الذِّكرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيهِم وَلَعَلَّهُم يَتَفَكَّرُونَ (سور النمل 44)

"۽ اها الذِّكرَ (يعني قرآن پاڪ) توهان تي لاٿو ته جيئن توهان ماڻهن جي سامهون اها ڳالهه وضاحت سان بيان فرمايو جي انهن جي طرف لاٿيون ويون آهن."

هن آيت پاڪ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي قرآن پاڪ جي آيتن جي سمجهائي، شرح ۽ تفسير ۽ تفسير وضاحت سان بيان ڪرڻ جو حڪم مليل آهي، انڪري پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن اصحابن سڳورن کي قرآن پاڪ جي الفاظن سيکارڻ سان گڏوگڏ انهن جو تفسير بيان ڪرڻ فرمائيندا هئا. اصحاب ڪرام جيتوڻيڪ عربي هئا ۽ عربيءَ جي پوري ڄاڻ رکندڙ هئا ليڪن حضرت مُحمد صلي الله عليه وآله وسلم جن کان

صلي الله عليه وآله وسلم جن جا صحيح قول ۽ فعل گڏ ڪيا آهن ۽ انهن ۾ پنهنجيون ڳالهيون نہ ملايون آهن.

(ii) **تفسير:** هن علم ۾ حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن پاڻ پنهنجن اصحابن سڳورن کي قرآن مجيد جي صحيح معنيٰ، ترجمو ۽ سمجهاڻي سيکاري، وڏن وڏن عالمن هن علم تي ڪافي محنت ڪئي آهي ۽ قرآن مجيد جا ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجما ۽ تفسير لکي چڱيءَ طرح سمجهايو آهي.

(iii) **اجماع:** (يعني وڏن عالمن جا گڏيل رايا) جن مسئلن متعلق حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي راءِ هٿ نہ اچي سگهي آهي تہ انهن مسئلن تي وڏن عالمن ۽ مجتهدن قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فيصلو ڏنو هجي تہ ان کي اجماع سڏبو آهي، جنهن جا ٻہ قسم آهن، هڪ اجماع متقدمين ۽ ٻيو اجماع متاخرين.

(iv) **قياس:** سخت ضرورت وقت ڪنهن هڪ عالم جي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ راءِ ڏنل کي قياس سڏيو آهي.

4. **تفسير جو چوٿون دور:** هيءُ دور خلافت عباسيہ جي اوائل کان زوال تائين آهي. هن دور ۾ ڪيترائي تفسير لکيا ويا، جن ۾:

(1) تفسير "جامع البيان عن تاويل القرآن": هي تفسير ابوجعفر محمد بن جرير طبري (224هہ-310هہ)

(2) تفسير "الڪشاف حقائق التنزيل" لکيو ويو، جيڪو ابوالقاسم جار الله محمود بن عمر الزمخشري (467هہ- 538هہ).

(3) تفسير "مفاتيح الغيب" جيڪو فخرالدين ابوبڪر محمد بن عمر رازي لکيو ويو (544هہ- 606هہ). هن مفسر الزمخشري جي تفسير ۾ لساني مهارت کي ميڄيو ويو آهي پر سندس معتزلہ فرقي جي خيالن جي خلاف آهي. هن تفسير لاءِ وڏي علم جي ضرورت آهي. صرف بسم الله جي تشريح هن 50 صفحن ۾ لکي آهي. علامہ رازي هن تفسير جو 8/7 حصو لکيو تہ پاڻ 606هہ ۾ وفات ڪري ويو، ان جو باقي حصو قاضي شهاب الدين بن خليل الخولي الدمشقي يا شيخ نجم الدين احمد بن محمد القمولي مڪمل ڪيو. هن تفسير کي "تفسير ڪبير" بہ سڏيو ويندو آهي. (ڪشف الظنون 447/2)

(4) منصوره جي هباري حاڪم عبدالله بن عمر جي زماني ۾ الور جي راجا مهروگ 270هہ ۾ منصور جي امير کي لکيو تہ هو ڪنهن عالم کان اسلامي اعتقادات کان واقف ٿيڻ چاهي ٿو. پوءِ عبدالله بن عمر جي چوڻ سان هڪ عالم اسلامي عقيدن تي هڪ قصيدو لکي، راجا ڏي موڪليو ۽ راجا قصيدو پڙهي شاعر جي قادر ڪلامي ۽ لياقت جي بي انتها تعريف ڪئي ۽ عبدالله بن عمر کي لکيو تہ شاعر کي ڏانهس روانو ڪري ۽ ان سنڌي شاعر 3 سال راجا وٽ رهي قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

(5) **تفسير جو پنجون دور:** هيءُ دور بغداد جي زوال بعد 7 صدي هجري کان 13 صدي هجري تائين آهي. هن دور کي تعليمي دور بہ چيو وڃي ٿو. هن دور ۾ عبدالله بن عمر بيضاوي 7 صدي هجريءَ ۾ تفسير "انوارالتنزيل وَ اسرار التاويل" لکيو جو تفسير بيضاوي جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. حافظ ابن ڪثير 8 صدي هجريءَ ۾ "تفسيرابن ڪثير" لکيو.

حضرت جلال الدين محلي 9 صدي هجريءَ ۾ تفسير لکڻ شروع ڪيو ليڪن تفسير لکي پوري ڪرڻ کان اڳ 846هہ ۾ وفات ڪري ويو. پوءِ سندس شاگرد حضرت جلال الدين سيوطيءَ هن تفسير کي لکي پورو ڪيو. جيئن تہ استاد ۽ شاگرد جو نالو جلال الدين هو انڪري هن تفسير جو نالو "تفسير جلالين" مشهور ٿي ويو. حضرت جلال الدين سيوطي قرآن پاڪ جي علمن تي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن کي "اتقان" چئجي ٿو، ان وچ ۾ ٻين مفسرن جهڙوڪ حضرت امام قرطبي جو ڪتاب 7 صدي هجريءَ ۾ "الجامع الاحڪام القرآن" امام شوڪانيءَ جو تفسير "فتح القدير" لکيو ويو. ان کان سواءِ

مقبول علم سکر سنڌ

(27) **نورالايمان**: مقدمه تفسير القرآن، از حڪيم فتح محمد سيوهاڻي.

(28) **قرآن مجيد** جو سنڌي ترجمو معارف القرآن، وقف مسجد سوسائٽي حيدرآباد طرفان عبدالجبار ميمڻ وڪيل شايع ڪرايو، جنهن جو مترجم خليل موراڻي آهي.

(29) خيرپور جي شيعن طرفان پاره الم جو ترجمو ۽ تفيسر شايع ڪرايل آهي.

(30) **مولانا حماد الله هاليجوي**: سنڌي ترجمو مسوده جي حالت ۾ موجود آهي.

(31) **النهي آداب**: مترجم شاهنواز پيرزاده

(32) **معلم القرآن** (پاره عم) مترجم: مولانا خيرمحمد نظاماڻي ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي.

(33) **احمد قادياني** جماعت طرفان ڇاپيل (قرآن مجيد جو) سنڌي ترجمو.

(34) **قرآن مجيد مترجم** (سنڌي ۾) ميرگل حسن ٽالپور.

(35) **مفتاح رشدالله**: مترجمو (سنڌي ۾) قاضي فتح محمد نظاماڻي.

(36) **تفسير سوره تبارڪ**: از سيد علي حيدر شاه ڪاظمي.

(37) **ڪيميا جو نسخو**: از سليم هالائي.

(38) **قرآني خزانو**: از مولانا محمد عثمان ڏيپلائي.

(39) **پاره سيقول**: مترجمو مخدوم الهه بخش عباسي.

(40) **دلائل الايمان تفسيرالقرآن**: از مولوي عبدالرحيم.

(41) **تفسير سوره يوسف**: از مولانا عبدالله لغاري (مسوده)

(42) **تفسير حم**: از مولانا عبيدالله لغاري (مسوده)

(43) **تفسير القرآن**: از مولانا عبدالله چانڊيو (مسوده)

(44) **تفسير ابوالحسن** (مڪمل 30 پاره) از- مولانا ميان ابوالحسن.

(45) **تفسير تفهيم القرآن**: مولانا ابوالاعلىٰ مودودي (سوره بقره جو ترجمي ۽ تفسير جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو مولانا جان محمد ڀٽي ڪيو.

(46) **تفسير معارف القرآن**: از- مولانا ابوالهاشم عبدالخالق ڪنڊيارو ي.

(47) **تفسير پاره عم**: از سيد فاضل شاهه حيدرآبادي

(48) **تفسير فاضليه**: از سيد فاضل شاهه حيدرآبادي (ڪجهه آيتن جو تفسير)

(49) **بسم الله الرحمٰن الرحيم** جو تفسير سيد فاضل شاهه حيدرآبادي

(50) **تفسير جلالين** جو ترجمو سنڌي، از قاضي عزيز الله مٽياروي.

(51) **قرآن مجيد جو ترجمو**: (عربي متن کان سواءِ) از مولانا تاج محمود امروٽي.

(52) **نورالقرآن**: سنڌي بيتن ۾ هيءُ منظوم ترجمو بدين جي بزرگ مولانا حاجي احمد ملاح جو لکيل آهي.

(53) **تفسير هاشمي**: پهريون سنڌي ترجمو: ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ لکيل جنهن جا ٻه سيپاره 29 ۽ 30 دستياب آهن.

(54) **سوره "والضحيٰ"** جو منظوم ترجمو از مولانا محمد عثمان نورنگزادي ڪيو. 1967ع ۾ رسالي "الرحيم" ۾ شايع ٿيو.

(55) **سوره "ولضحيٰ"** جو منظوم ترجمو- از نياز همايوني.

(56) **عبرت اخبار** ۾ هر هفتي جمعي جي ڏهاڙي- مولانا خير محمد نظاماڻيءَ جو 1967ع ۾ ڇپجندڙ قرآني سورتن جو ترجمو ۽ نئين زندگي رسالي ۾ سوره الڪوثر جو منظوم ترجمو نظاماڻيءَ طرفان ڇپجندا رهيا.

(57) **قرآن مجيد** جو منظوم سنڌي ترجمو (مسوده) (از: مولوي محمد ابراهيم جکراڻي (جيڪب آباد).

(58) **مناجات القرآن**: شڪارپور جي مشهور شاعر ۽ اديب آغا غلام نبي پٺاڻ 1938ع ۾ 48 صفحن تي مشتمل ڪتابچو ڇپايو، جنهن ۾ سوره فاتحه، سوره بقره، سورة آل عمران، سوره مائده سوره

مسلم، مسند امام احمد درمختار، ڪيترائي عربي، فارسي، اردو تفسير، اصحابن سڳورن ۽ تابعين جا قول ۽ عربي لغتون وغيره شامل آهن. علامہ صاحب جن پنهنجن والدين ڏانهن تفسير انتساب ڪيو آهي ۽ ڇپائيءَ جو خرچ الحاج الهڏني ولد حاجي شهزادي خان ڏاهري صاحب برداشت ڪيو آهي.

هن تفسير ۾ پهريان مسلمانن کي تنبيهه ڪيل آهي، ان بعد علم تفسير جي معنيٰ ۽ فضائل بيان ڪيل آهي. پهريون مفسر قرآن، عربي ادب، قرآن ڪريم ضابطهٔ حيات، قرآن پاڪ جو جمع ٿيڻ، قرآن پاڪ جي حفاظت جو بيان، قرآن مجيد جي ترتيب، معجزه قرآن، قرآن پاڪ جي تلاوت جو طريقو، صاحبِ قرآن جي اهميت ۽ ضرورت، معنيٰ مقصد فائدا، تفسير تعويذ، مسئلا، سوره فاتحہ جو تعارف ۽ 23 اُن جا نالا مبارڪ ۽ معنائون ڏنيون ويون آهن. ان بعد سوره فاتحہ جو شانِ نزول، فضيلتون ۽ مسئلا ڏنا ويا آهن. بسم الله الرحمٰن الرحيم جو تفسير، حڪمتون، لفظي تحقيق ۽ معنيٰ ۽ فائدا ڏيڻ بعد سوره فاتحہ جو تفسير ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ الرازي جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ 104 ڪتاب ۽ صحيفا نازل ڪيا جن مان هڪ سو (100) ڪتابن ۽ صحيفن جو علم چئن ڪتابن: توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن مجيد ۾ آندو ۽ ٽن ڪتابن توريت، زبور ۽ انجيل جو علم صرف قرآن مجيد ۾ آندو ۽ ساري قرآن مجيد جو علم سوره فاتحہ ۾ آندو ۽ پوري سوره ۾ 7 حروف: ث- ج-ز-ش- ظ ۽ ق ۽ خ يعني ث مان مراد= هلاڪت موت ج مان مراد= جهنم ۽ دوزخ ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ سوره فاتحہ عرش جي هيٺان خزاني مان نازل ٿيل آهي. علامہ ڏاهري صاحب علامہ شوقاني جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ: ”هڪ پڙ ۾ الحمد شريف ۽ ٻئي پڙ ۾ باقي سمورو قرآن پاڪ، پوءِ بہ 7 ڀيرا سوره فاتحہ ڳري رهندي.“

بهرحال علامہ ڏاهري صاحب سوره فاتحہ ۾ ئي علم جا خزانا اهي بيان ڪري ڇڏيا آهن جيڪي تفسير کي شوق سان مطالعي ڪندڙ کي ئي معلوم ٿيندا.

اسلامي اسڪالر مرحوم غلام محمد ايس پنهور پنهنجي ڪتاب ”فضائل قرآن“ جي صفحي 238 تي تفسير جا چند نمونا لکيا آهن.

(1) **تفسير بالقرآن:** علم تفسير جو پهريون ماخذ قرآن ڪريم ئي آهي. يعني قرآن ڪريم جو تفسير قرآن خود ئي ڪري يعني قرآني آيتن مان ئي تفسير کي بيان ڪجي ۽ سينگارجي. هيءُ تفسير سڀني کان وڌيڪ مقدم آهي. ڪنهن آيت جي ڳالهہ مجمل ۽ تشريح طلب هجي تہ خود قرآن ڪريم جي ئي ڪا ٻي آيت ان جي مفهوم کي واضح ڪري ڇڏي. علامہ ڏاهري صاحب جن بہ تفسير جو پهريون ماخذ قرآن مجيد کي ئي بنايو آهي جيڪا ڳالهہ سندن تفسير کي مقدم بنائي ٿي. مثال طور علامہ ڏاهريءَ صاحب جن قرآن پاڪ مان هدايت حاصل ڪندڙن جون قرآني وصفون بيان ڪندي ٻين وصف ”ويقيمون الصلوٰة ۽ نماز صحيح ادا ڪن ٿا؟“ جي شرح ۽ تفسير قرآن پاڪ جي سورة فتح جي آيت 29 هين وضاحت لاءِ ڏني آهي. تَرَاهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَبْتَغُونَ فَضْلاً مِّنَ اللّٰه وَرِضْوَانًا سِيمَاهُمْ فِي وُجُوهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُودِ

يعني تون انهن کي ڏسندي رڪوع ڪندي ۽ سجدي ۾ ڪرندي الله تعاليٰ جو فضل ڳوليندي انهن جي منهن (چهري) ۾ سجدن جي ڪري نشان آهن.

ڏنو وڃي تہ ”يُقِيمُونَ الصلوٰة“ يعني نماز صحيح ادا ڪندڙ- اهي ڪهڙا آهن ۽ انهن جي نماز ادا ڪرڻ جو نمونو ۽ نتيجو آهي؟ ان لاءِ علامہ صاحب جن سوره فتح جي مٿين آيت سڳوري لکي آهي، جنهن ۾ صاف ضاف ڄاڻايو ويو آهي تہ انهي (نهايت: خشوع، نياز ۽ نوڙت) نماز جي پورن ظاهري ارڪانن ۽ باطني حقن سان رڪوع ڪندي ۽ سجده ڪندي سندن مُنهن (چهري) ۾ سجدن (جي گهڻائي ڪري) جي ڪري نشان آهن. (جيڪي قيامت جي ڏينهن ٻرندا- روشن ٿيندا ۽ چمڪندا جن جي ڪري هو سڃاتا ويندا.

(2) **تفسير القرآن بالحديث:** اسلامي اسڪالر غلام محمد پنهور مرحوم تفسير جو ٻيو ماخذ تفسيرالقرآن بالحديث - يعني قرآن مجيد جي شرح يا

تفيسر حديث پاڪ جي مدد سان بيان ڪرڻ ٻڌايو آهي جو ته حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن صاحبِ قرآن آهن، ان ڪري حديث مان ورتل مدد وارو تفسير به صحيح ۽ اعليٰ هوندو.

علامہ ڏاهري صاحب جن به قرآن پاڪ جي تفسير ۾ نبي پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي احاديث کان پڻ مدد ورتي آهي. علامہ صاحب جن "غيرالمغضوب عليهم ولاالضالين" جي واضح سمجهاڻيء لاءِ حديث مبارڪ ڏيڻ فرمائي آهي ڇو ته مٿين آيت سڳوريءَ ۾ اهو واضح نہ آهي ته غضب ڪيل ۽ گمراه ڪير آهن؟ علامہ ڏاهري صاحب جن واضح سمجهاڻي لاءِ هيءُ حديث مبارڪ ڏيڻ فرمائي آهي ته:

اِن المغضوبَ عليهم يهودوَ اِنّ الضالين النصاريٰ (رواه احمد الترمذي و حسنہ ابن حبان في صحيح.

(تفسير مظهري صفحو 9، جلد پهريون)

علامہ ڏاهري صاحب جن جي تفسير کي تفسير بالحديث واري خوبي به وڌيڪ خوبصورتہ صحيح ۽ اعليٰ بنائي ٿي. ڇاڪاڻ ته حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پوري زندگي قرآن پاڪ جو عملي تفسير آهي ۽ حضور پاڪ جن جي تشريح ۽ قول مبارڪ به بحڪم خداوندي جي آهن.

**(3) قرآن پاڪ جو تفسير به اقوال صحابہ ڪرام:**

اسلامي اسڪالر غلام محمد پنهور جن جو ٽيون ماخذ تفسير اقوال صحابہ ڪرام آهي. علامہ ڏاهري صاحب جن پنهنجي پهرين تفسير جي جلد ۾ (صفحي 154 ۽ 155 تي) حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنه جن جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: "هڪ ڀيري منهنجو ڀاءُ انيس مڪي کان ايندي ٻڌايو ته مڪي شريف ۾ هڪ شخص آهي جو پاڻ کي الله تعاليٰ جو رسول ٿو سڏائي، جڏهن ابوذر پنهنجي ڀاءُ کان پڇيو ته اتان جا ماڻهو ان شخص جي باري ۾ ڇا ٿا چون؟ ته ابوذر جي ڀاءُ انيس ورائيو ته، ڪي شخص ان کي شاعر ٿا چون ته ڪي هن کي جادوگر ٿا سڏين. حضرت ابوذر غفاري فرمائي ٿو ته جيئن ته منهنجو ڀاءُ انيس انهن ڳالهين جي ڄاڻ رکندو هو، ان ڪري انيس وڌيڪ ٻڌايو ته، جيتريقدر مون (انيس) غور ڪيو آهي ته ماڻهن جون اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن، ان شخص جو ڪلام نه شعر آهي ۽ نہ ڪهانت آهي بلڪ مون کي ان جو ڪلام سچو ٿو نظر اچي.

حضرت ابوذر غفاري مڪي شريف ۾ 30 ڏينهن رهي پيا ۽ پنهنجي رهائش مسجد الحرام ۾ رکيائون ۽ ان پوري مهيني ۾ ڪو به کاڌو پيتو استعمال نہ ڪيائون، صرف زم زم جو پاڻي پيئندا ٿي، جڏهن مڪي شريف کان موٽي آيا ته ماڻهن کي حضرت ابوذر غفاري فرمايو ته "مون روم ۽ فارس جي فصيحن ۽ بليغن جو ڪلام ۽ ڪاهن جا ڪلمات ۽ حمير جا مقالات گهڻا ٻڌا آهن پر حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪلام جهڙو ڪلام ڪٿي به ڪين ٻڌو آهي. اوهان سڀ منهنجي ڳالهه مڃي، ان شخص جي ڪلام کي الله پاڪ جو سچو ڪلام مڃو ۽ ان جي اتباع ڪريو."

حضرت ابوذر جو اهو بيان ڪيل واقعو يا ڳالهه قرآن پاڪ ۾ پڻ اچي ٿو:

وَمَا هُوَ بِقولِ شاعِرٍ قليلاً ماتومنونَ

اهڙي طرح علامہ ڏاهري صاحب جن پنهنجي تفسير ۾ اصحابہ ڪرام جا اقوال به بيان ڪري پنهنجي تفسير کي سينگاريو آهي.

پوءِ فتح مڪہ واري سال حضرت ابوذر غفاري جن جي پوري قوم جا هڪ هزار ماڻهو مڪي شريف ۾ اچي مسلمان ٿيا.

**(4) قرآن پاڪ تفسير ۽ اقوال تابعين تبع تابعين.** غلام محمد پنهور تفسير جو چوٿون ماخذ تفسير تابعين تبع تابعين لکيو آهي. بشرطيڪ اهو روايت سان هجي ته اهو ئي بهتر آهي.

علامہ ڏاهري صاحب "اياڪ نستعين" جي تفسير ۾ الله پاڪ کان مدد گهرڻ کان سواءِ هڪ حديث جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته " جيڪڏهن ڪو ٻانهو ڪنهن کان مدد وٺڻ جو ارادو ڪري ته پوءِ ڀلي چئي ته: 'اي الله جا ٻانها منهنجي مدد ڪيو (يا ڪر) اي الله جا ٻانها منهنجي مدد ڪيو. اي الله جا ٻانها منهنجي مدد ڪريو (حديث مفهوم) (ص 92، جلد پهريون)."

حضرت امام بخاريءَ پنهنجي "الادب المفرد" ۾ عبدالرحمٰن بن سعد کان پوءِ ان کي هڪ شخص چيو ته "اُذکر اَحَبَّ الناس اِليک" يعني ماڻهن ۾ جيڪو ماڻهو توکي وڌيڪ پيارو آهي، ان کي ياد ڪر، پوءِ ان شخص بسم الله بن عمر چيو ته يا "محمد صلي الله عليه وآله وسلم" ته تڪليف دور ٿي ويس."

مٿيان جملا لکڻ بعد آءٌ پنهنجي ملرئي لئبرريءَ مان گهر ويس ته منهنجي ننڍڙي نياڻي (سحرش) لڳڪل پوڻن ٻن سالن جي روئي رهي هئي. گهر وارن ٻڌايو ته مغرب جي نماز بعد ننڍڙيءَ روئڻ شروع ڪيو آهي ۽ هاڻي رات جو هڪ ٿي ويو آهي ليڪن چوڪري روئڻ بند نه ٿي ڪري. آءٌ (راقم) ننڍڙي سحرش مٿان بيهي پڪار ڪيم: "يا مُحمّد صلي الله عليه وآله وسلم مدد ڪرڻ فرماءِ!" ته يڪدم ننڍڙي روئڻ بند ڪري مون (راقم) ڏي نهاري کلڻ لڳي. مون ڏانهن آئي صفحي ۾ هلڻ شروع ڪيائين ۽ مون T.V تي مدني چئنل آن ڪيم ته حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي روضهٔ اطهر کي ڏسي، ان کي چميون ڏيڻ لڳي. (اهو آهي 17 رمضان المبارڪ 1432هه جو واقعو) اها ساڳي روايت ٽن تابعين سڳورن مجاهد، ابوسعيد ۽ عبدالرحمٰن بن سعد کان پڻ ڪئي وئي آهي.

(5) **لغت عرب:** اسلامي اسڪالر غلام محمد پنهور پنجون ماخذ تفسير لاءِ لغت عرب ٻڌايو آهي. جيئن ته قرآن مجيد عربي زبان ۾ نازل ٿيل آهي، ان ڪري تفسير قرآن لاءِ عربيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي. قرآن پاڪ جون ڪي اهڙيون به آيتون آهن جو انهن جي پسمنظر ۾ جيئن ته ڪو ٿي شان نزول يا ٻيو ڪو فقهي يا ڪلامي مسئلو نه هوندو آهي، ان ڪري ان جي تفسير ۾ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم يا صحابہ ڪرام ۽ تابعين سڳورن جا اقوال منقول نه هوندا آهن چنانچہ ان جي تفسير جو ذريعو صرف لغت عربي رهي ٿي ۽ لغت جي بنياد تي ئي ان جي تشريح ڪئي ويجي ٿي. ان کان علاوه ڪنهن آيت جي تفسير ۾ ڪوئي اختلاف هجي ته مختلف آراءِ ۾ محاڪمہ جي لاءِ به علم لغت کان ئي ڪم ورتو ويجي ٿو.

علامہ ڏاهري صاحب جن عربي ٻوليءَ جي تمام وسيع معلومات رکن ٿا ۽ کين عربيءَ تي ايترو عبور حاصل آهي جو ڄڻ ته عربي سندن مادري زبان آهي. پاڻ عربيءَ جا وڏا ماهر آهن ۽ نهايت فصاحت، بلاغت ۽ رواني سان عربي ٻوليءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ تقريرون ڪندا آهن ۽ تحريرون لکڻ فرمائيندا آهن. علامہ ڏاهري صاحب جن پنهنجي تفسير ۾ لغت-عرب مان به فائده (استفاده) حاصل ڪيو اٿن.

جهڙوڪ: لغت القاموس المحيط هيءَ لغت، عربي زبان جي بهترين لغت آهي جا مجدد الدين يعقوب فيروز آبادي جهڙي عربي عالم جي تصنيف ٿيل آهي ۽ ان کان سواءِ ٻين لغتن کي پڻ استعمال ڪيو اٿن.

(6) **تدبر استنباط:** استاد غلام محمد پنهور جي لکت مطابق ڇهون ماخذ تفسير قرآن تدبراستنباط آهي.

قرآن مجيد جا نڪات ۽ اسرار هڪ اهڙو بحر آهن جن جي ڪا به حد نه آهي ۽ ڪو به ڪنارو نه آهي. چنانچہ جنهن شخص کي الله تعاليٰ اسلامي علوم ۾ سيرت فرمائي هجي جو هو ان ۾ جيترو غور وفڪر ڪري ٿو اوترا ئي نوان نوان نڪتا ۽ اسرار سامهون اچن ٿا. چنانچہ مفسرين ڪرام پنهنجي تدبر جي نتائج ۾ به پنهنجن تفسيرن ۾ بيان ڪن ٿا. ليڪن هي نڪات ۽ اسرار ان وقت قابلِ قبول هوندا آهن. جڏهن اهي مذڪوره بالا ماخذ سان متصادم نه هجن. لهاذا اگر ڪو شخص قرآن پاڪ جي تفسير ۾ ڪو اهڙو نڪتو يا اجتهاد بيان ڪري جو قرآن و سنت، اجماع، لغت صحابہ ڪرام تابعين اقوالن مان خلاف هجن يا ٻئي ڪنهن شرعي اصول سان ٽڪرائي ٿو ته ان جو ڪوئي اعتبار نه آهي. جو ته قرآن و سنت ۽ شريعت جي بنيادي اصولن جي خلاف ڪنهن جي شخصي راءِ ڪابہ حيثيت نه ٿي رکي. (الاتقان 184/2)

علامہ غلام محمد پنهور فضائل القرآن جي صفحي 238 ۽ 239 تي لکيو آهي ته تاويل، اول مان ٺهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي رجوع ڪرڻ يا

معاشي خوشحالي ٿيندي.

حضرت علامہ ڏاهري صاحب جن اقتصادي ۽ معاشي نظام جي متعلق هيٺيون ڳالهيون نهايت اهم ڄاڻايون آهن، جيڪي دين اسلام طرفان مقرر ٿيل اصول ۽ قاعدا آهن:

(1) حضرت علامہ ڏاهري صاحب جن اهي چيزون جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان حرام ڪيل آهن جيئن ڪتو، سوئر وغيره يا الله تعاليٰ جي نالي کان سواءِ ذبح ٿيل جانور، مثل جانور (خشڪيءَ ولرا) وغيره ۽ ناجائز طريقي سان ڪمايل دولت جيئن چوري، رشوت، بليڪ مارڪيٽنگ، ڪنهن جي مجبوري، ڪمزوري ۽ ناداري وغيره جو فائدو وٺي حاصل ڪيل دولت يا جنهن ۾ نڱي ۽ شڪ شبهي جو انديشو هجي تہ اها بہ دولت حرام آهي، جهڙي طرح:

هڪ ڀيري حضرت امام ابوحنيفہ رحمة الله عليه جن پنهنجي غلام کي ڪپڙو وڪري لاءِ ڏنو ليڪن ڪجهہ ڪپڙي جي ٿاڪين ۾ ڪو عيب هو، ان متعلق امام ابو حنيفہ جن غلام کي سمجهايو تہ جنهن کي مال ڏين ان کي ڪپڙي جي عيب يا خرابيءَ کان ضرور واقف ڪجانءِ. جڏهن غلام سمورو ڪپڙو ڏهن هزارن (10،000) درهمن ۾ وڪرو ڪري اچي امام ابوحنيفہ جن کي ڏهہ هزار درهم ڏنا تہ امام صاحب ڪانئس ڪپڙي جي عيب واري ڳالهہ پڇي تہ غلام وراڻيو تہ سائين اها ڳالهہ مون کان وسري وئي، ان ڳالهہ تي حضرت امام ابوحنيفہ اها سموري رقم، 10 هزار درهم ٿي (شڪ هڻڻ ڪري) غريبن، مسڪينن ۽ فقيرن ۾ تقسيم ڪري ڇڏي، اها آهي تقويٰ.

شراب ۽ جوا: الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ شراب ۽ جوا کي ڪبيره گناهہ قرار ڏنو آهي، جنهن جي ڪري ڪيتريون ئي خرابيون پيدا ٿين ٿيون. اسلامي معاشي نظام ۾ فضول ۽ نقصان پهچائيندڙ خرچ منع آهي. شراب پيڻ جي ڪري فضول خرچ سان گڏ ڪجهہ وقت لاءِ عقل جو ختم ٿيڻ ۽ صحت لاءِ خراب آهي، ان ڪري انسان جيڪو دولت ڪمائيندڙ آهي، تنهن کي نقصان رسي ٿو ۽ جُوا جي ڪري هڪ طرف ملڪيت جو (هارائڻ ڪري) زيان ۽ ضايع ٿيڻ آهي ۽ ٻئي طرف جهيڙن جهڳڙن جو سبب بنجي ٿي، ان ڪري ان مان بہ انسان کي معاشي ۽ اخلاقي نقصان رسي ٿو وغيره.

(3) وَحَرَّمَ الرِّبٰو: الله تعاليٰ وياج کي پڻ حرام قرار ڏنو آهي ۽ هر حالت ۾ وياج حرام آهي، ان ڪري ڪنهن بہ طريقي سان وياج نہ وٺجي. حضرت علامہ ڏاهري صاحب جن طبراني اوسط ۾ براءِ بن عازبہ رضي الله تعاليٰ عنه جن کان روايت نقل ڪئي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ:

اَلرِّبَا اِثْنَانِ وَسَبْعُوْنَ بَابًا. يعني وياج ڪمائڻ جا 72 دروازا آهن.

اَدْنَا هَا مِثْلُ اَن يَاتِيَ الرَّجُلُ اُمَّه. يعني گهٽ ۾ گهٽ انهن ۾ ائين آهي جڻ مرد پنهنجي ماءُ ڏانهن (زنا جي خيال کان) اچي ٿو.

ان لاءِ انڪري سختي ڪئي وئي آهي تہ قرضدار اڪثر ڪري مجبوريءَ جي ڪري قرض کڻندو آهي ۽ پوءِ هو اها رقم ۽ ان جو وياج ادا نہ ڪري سگهندو آهي. انڪري هُو جيئن پوءِ تيئن معاشي طور ڪمزور ترين ٿي ويندو آهي.

هونئن بہ ڪنهن جي ڪمزوري ۽ ناداري ۽ بيوسيءَ جو فائدو وٺي (وياج جي ذريعي) دولت ڪمائڻ حرام آهي. حضرت علامہ ڏاهري صاحب جن اهڙي طرح ڪوڙي شاهدي ڏيندڙ (ڪجهہ رقم وٺي)، ڪوڙي وڪالت ڪندڙ وغيره کي ساڳئي ڏوهہ جو مجرم لکيو آهي. وڌيڪ علامہ صاحب جن لکيو آهي تہ واپار لاءِ رقم وٺندڙ کان وياج وٺڻ حرام آهي. اهو بہ چڱيءَ طرح سمجهائيندي ٻڌائين ٿا تہ اهو انڪري جو واپار ۾ نفعو يا نقصان پوندو مگر وياج وٺندڙ وياج هر حالت ۾ وٺي ٿو. انڪري هيءَ ڳالهہ بہ معاشي طور نقصان وجهي ٿي، انڪري وياج هرگز نہ ورتو وڃي.

(4) دولت چند هٿن ۾ نہ اچڻ:

كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً بَيْنَ الْاَغْنِيَاءِ مِنْكُمْ

”ائين نہ ٿئي جو مال (دولت) صرف توهان جي دولتمندن ۾ ئي محدود ٿي ڪري رهجي وڃي.“

لوقاف ۽ رموز جي سمجهاڻي، نعوذ ۽ بسم الله جي سمجهاڻي ۽ فائدا، سورة فاتحه جا نالا ۽ تشريح نهايت واضح نموني بيان ٿيل آهن، آيتن جو شان نزول، سورة بقره جو تعارف، فضيلتون ۽ فائدا، نماز ۽ ان جا فائدا ۽ برڪتون، آخرة جو عقيدو انسان جي پيدائش مطلب ۽ معنيٰ وغيره نبي سڳورن جو معصوم هجڻ، ڪامياب زندگي گذارڻ جا طريقا، ملائڪ، سحر، ان جا احڪام ۽ شرعي ڪم، حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي والدين پلارن جن جي ايمان جو بحث، اولاد صالح لاءِ دعا، مقام ابراهيم عليه اسلام جن جو شان، معاشرتي ۽ تمدني اعتدال، باطني علوم، صبر، شڪر، شهيدن جي زندگي، حج وعمرو، ڪفر جا نمونا، اقتصادي نظام، حلال حرام ۾ تميز، روزو، زڪواة، بزرگن جو مزارن مان به فيض جو جاري رهڻ، ٻين نبين جو ذڪر، مرتد، شراب جي ممانعت ۽ سزائون، عورتن جا حقوق ۽ فرائض، شفاعت، پوک ڪرڻ هڪ بهترين عمل، پنڻ کان ممانعت، وياج ۽ ان جون سزائون، سڀني مسئلن کي نهايت دليلن سان سمجهايل آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ته سوال ڪيل آهن جن جا حضرت علامه صاحب جن جواب ڏيڻ فرمايا آهن جيڪي قرآني آيتن، حديثن ۽ ٻين تفسيرن وغيره مان دليلن سان ڏنل آهن، مطلب ته هر ڳالهه کي نهايت آسان ۽ علم فهم ٻوليءَ ۾ سمجهاڻي ڏني وئي آهي، حضرت علامه صاحب جن قرآن پاڪ جي سوره بقره مان متقين لاءِ هدايت بيان ڪندي متقين جون وصفون ٻڌائيندي غيب جي علم جي نهايت آسان سمجهاڻي ڏني اٿن. پاڻ لکن ٿا ته جيڪا شيءِ پنجن حواسن سان حاصل نه ٿي ٿئي، اها غيب آهي، جيئن وحي ملائڪ، قيامت، جنت ۽ دوزخ ۽ خود الله تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي جي پنجن حواسن سان نه ٿيون سڃاڃجن (معلوم ٿين)، ان کي علم غيب سڏجي ٿو ۽ ان جي سڃاڻڻ جو صرف هڪ ئي ذريعو آهي ۽ اهو آهي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات پاڪ ۽ سندن زبان مبارڪ (يعني فرمان) جيڪو حق جي ترجمان کان ظاهر ٿئي. اسان جو ان تي يقين محڪم آهي ۽ پڪو عقيدو آهي ۽ ان غائبانه ايمان کي تقويٰ جو پهريون شرط قرار ڏنو ويو آهي.

رزق جي متعلق حضرت علامه صاحب جن پنهنجي تفسير ۾ لکن ٿا ته رزق ان بخشش کي چئبو آهي جيڪا مومن لاءِ هڪ پيري جاري ٿي، پوءِ اها دنيوي هجي يا آخروي. لغت ۾ رزق جي معنيٰ آهي، ڀاڱو يا بخشش. علامه صاحب مال، اولاد، علم ۽ معرفت سيني (شين) کي رزق ۾ شامل ڪيو آهي ۽ الله تعاليٰ جي طرفان ئي اهي سڀ شيون عطا ٿيل آهن. وڌيڪ لکن ٿا ته الله تعاليٰ ان ٻانهي کان خوش آهي جيڪو ان (پنهنجي رزق مان) مان ٻين مستحقن کي ڏيندو رهي ۽ بخيلي نه ڪري. دولتمند دولت ورهائي، عالم علم ورهائي ۽ روحاني درياه ۾ ٽٻيون هڻندڙ عارف روحاني فيوضات ۽ برڪات جا موتي ۽ هيرا فقيرن (طالبن) کي ڏئي مالا مال ڪري.

حضرت علامه صاحب جن ڪعبته الله شريف ۽ قبلي متعلق لکيو اٿن ته حضرت آدم[عليه السلام] کان حضرت نوح[عليه السلام] تائين ڪعبة الله شريف ئي مسلمانن جو قبلو هو ۽ وري حضرت ابراهيم[عليه السلام] ۽ حضرت اسماعيل[عليه السلام] ساڳيو ئي قبلو ٺاهيو ليڪن بني اسرائيل وارن لاءِ بيت المقدس قبلو بنيو. وڌيڪ لکن ٿا ته: دنيا جا ڪي ماڻهو اولهه ته ڪي اوڀر ته ڪي وري اتر ته ڪي ڏکڻ طرف يعني جنهن کي جنهن طرف ڪعبة الله شريف آهي، اهو ان طرف منهن ڪري نماز پڙهي ٿو. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن به پهريان بيت المقدس ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا هئا ليڪن جنهن وقت حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن بني سلمه جي مسجد شريف ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا ته ڪين حڪم رباني ٿيو ته پاڻ ڪريم (صلي الله عليه وآله وسلم) جن ڪعبة الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهن (اهو رجب جو مهينو هو) ۽ حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن ان ئي نماز ۾ ڪعبة الله شريف ڏانهن پنهنجو چهرو مبارڪ ڪرڻ فرمايو، انڪري ان مسجد کي مسجد قبلتين سڏيو ويو. علامه صاحب جن مسلمانن ۽ مومنن کي تنبيهه ڪندي فرمايو آهي ته:

خبردار!

(i) نفس جو قبلو دنيا ۽ دنيا جو سينگار آهي.
(ii) شيطان جو قبلو گناه ۽ بدڪاري آهي.
(iii) قلب جو قبلو ايمانداري ۽ تقويٰ آهي
(iv) روح جو قبلو الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. پوءِ مومن کي گهرجي ته پنهنجي دل، دماغ، روح، خيال ۽ اعمال جو قبلو روحاني ۽ قلبي قبلي ڏي ڪري عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪن ته جيئن مٿن معرفت جا انوار وهندا رهن ۽ حقيقت سامهون ڏسندا رهن.

عبادت متعلق علامه صاحب جن لکن ٿا ته:
هڪ ڀيري حضرت جبرئيل عليه السلام، حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن کان سوال ڪيو ته: "اخباني عن الاحسان" يعني يا رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم مون کي ٻڌايو ته احسان ڇا آهي؟ ته پاڪ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو ته "ان تعبدالله ڪانڪ تراه فان لم تکن تراهُ فانه يراک؟"

يعني الله تعاليٰ جي اهڙي عبادت ڪر ڄڻ ته ان کي ڏسين پيو، پوءِ جيڪڏهن تون ان کي نه ٿو ڏسين ته اهو ته توکي ڏسي ٿو . اهڙي طرع عبادت (نماز) عمادالدين ۽ مومن لاءِ معراج آهي. علامه صاحب جن هر ڳالهه کي نهايت آسان ۽ واضح نموني سان پنهنجي تفسير ۾ سمجهائي آهي ۽ کولي بيان ڪئي آهي ۽ ترتيب سان. جهڙي طرح سوره بقره جون پهريون پنج آيتون مومنن ۽ بزرگن لاءِ ۽ پوءِ ٻي آيتون ڪافرن لاءِ يعني ڪافرن جي حالت ۽ نتيجي متعلق ڏنل آهن. ان ڪانپوءِ ٻه آيتون منافقن لاءِ ۽ فساد برپا ڪندڙن لاءِ آيل آهن.

هي آهي علامه صاحب جن جي تفسير "احسن البيان في تفسير القرآن" جلد پهرين جو مختصر مطالعو. باقي جيڪڏهن ڪو صاحب علم و بصيرت علامه صاحب جي هن عظيم تفسير جو مطالعو ڪري تفسير ۽ صاحبِ تفسير تي لکي ته ڪئين دفتر لکجي وڃن.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: چونڊ تحقيقي مضمون
ليکڪ: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي
موضوع: مضمون
ڇاپو: 2017ع
قيمت: -/400 رپيا
ڇپائيندڙ: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. سنڌ



ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عورتن جو حصو

ڪهاڻي لکڻ، پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ پرکڻ ۽ پروڙڻ هڪ وڏو ڏانءُ ۽ ڏات آهي. ڪهاڻي ڪيئن سِرجي ٿي؟ ڪهڙيءَ ريت هڪ سٺي ڪهاڻي (مڪمل ٽريٽمنٽ ۽ اثر انگيزيءَ جي لحاظ کان) لافاني بنجي، ڪلاسڪ ادب (Classic Literature) جي حيثيت ماڻي ٿي، اهو فقط نه فقط انهيءَ ڪهاڻيڪار جي فطري ۽ فني صلاحيتن مطالعي، مشاهدي ۽ ماحول تي مشتمل آهي.

ڪو به رچناڪار/ ڪلاڪار جڏهن به سچائيءَ سان سماج جي ڪنهن به چُبندڙ واقعي/ ڳالهه جو حصو بنجي وڃي ٿو، تڏهن سندس لاشعوري ڪيفيتون انهيءَ رچنا جي سِرجڻ، گهڙجڻ ۽ فنائتو ٿي سامهون اچڻ جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. ٻين لفظن ۾ ايئن چونداسين ته ادب سماج جو آئينو ۽ اديب ان آئيني جو اثرائتو عڪس چٽيندڙ ڪلاڪار آهي. اديب، عالم، شاعر قومن جا اهي ڏاها (Intellectuals) آهن، جيڪي پنهنجي قلم جي قوت سان سماجي حياتيءَ جي هر رخ کي گهرائيءَ سان پرکي، پروڙي، حساس دل ۽ نظر سان عام جي اڳيان آڻين ٿا. جيڪڏهن وٽن فڪري، ۽ فني قوت سچي ۽ سگهاري آهي ته پوءِ سندن قلم سان ازخود هڪ عظيم لافاني ادب وجود ۾ اچي ٿو. انهيءَ کي نورالهديٰ شاهه پنهنجي لفظن ۾ هن ريت واضح ڪري ٿي ته، ”ليکڪ جي دل ان جي لفظ لکندڙ آڱرين ۾ ڌڙڪندي آهي ۽ انهن لفظن کي ڏسندڙ اکين ۾ ٻ، پنهنجي ئي لفظن تي ليکڪ جا پير پگهرجي ويندا آهن. ڪيفيتن جو سمنڊ ڪيئن چُلي ۽ جوليون هڻي ٿو ۽ اهي ڪيفيتون ڪيئن لفظ ماڻين ٿيون؟ پيڙا ڪيئن قلم ۽ مَس جو روپ ڌاري ٿي ۽ خيال ڪيئن نازل ٿئي ٿو؟ ڪيئن قلم ڀنتي رهجي وڃي ٿو ۽ ڪيفيتون ۽ لفظ ان کان پاڻ جڏائي لاشعور کان شعور ڏانهن اٿل کائين ٿا جو ليکڪ سپ ڪجهه لکي لاهڻ کان پوءِ به اڻ ڄاڻ ۽ حيران رهجي وڃي ٿو(1).“

معنيٰ ته مهان ڪلاڪار پنهنجيءَ ڪلا ۾ شعوري ۽ لاشعوري ڪيفيتن سان مڪمل طور ضم ٿي وڃي ٿو. ڪنهن به ڪلا/فن جي پرک ۽ پروڙ لاءِ نقادن ۽ ماهرن ڪي اصول پڻ مقرر ڪيا آهن. مٿئين موضوع سان انصاف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اهو ڏسون ته ڪهاڻيءَ جي صنف، ادب ۾ ڪهڙيءَ ريت رائج ٿي ۽ ان جو ارتقا ۽ ڦهلاءُ ڪيئن عمل ۾ آيو ۽ سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪڏهن کان ٿي؟ ۽ ان ۾ اسان جي ڪهاڻيڪارائن جي شموليت جو معيار ڇا آهي؟

ڪهاڻي، ادب ۾ جُڳن کان موجود ۽ هلندڙ آهي. قديم مافوق الفطرت آکاڻين، منظوم عشقي/ رومانوي قصن، جنگي/ رزمي داستانن ۽ نصيحت جي نُڪتن ۽ حڪايتن مان تبديل ٿي انيڪ تجربن مان لنگهي، فني خوبين سان نوازجي جديد مختصر ڪهاڻي وجود ۾ آئي آهي. محققن موجب ته،

”دنيا جو هر نثري ادب ڪهاڻيءَ کان شروع ٿيو ۽ هر ٻوليءَ جي ڪهاڻيءَ جي شروعات ڏند ڪٿائن کان ٿي آهي(2).“ ”ڪهاڻيءَ جو فن عيسوي سن کان اٽڪل چار هزار سال پراڻو آهي(3).“

جديد ڪهاڻي مٽي ڇاڻايل قديم آکاڻي نه آهي، جا جيئن جو تيئن ٻڌل ۽ ٻڌايل ڳالهه وانگر پني تي لاٿي وڃي. موجوده مختصر ڪهاڻيءَ (Short Story) جو فن وري به جداگانه حيثيت رکي ٿو. اهو فن داخلي، خارجي ۽ روحاني هئڻ سان گڏ عوامي فن آهي، جنهن ۾ عام جا ڏک سک، خواهشون، خواب سوچون، ويچار، عزم ارادا ۽ اندر جا اڌما، ليکڪ جي قلم مان اٿل کائي سامهون اچن ٿا. نثر جي هن همه گير صنف ۾ لطافت، نزاڪت، جذبن ۽ احساسن جي گهرائي، تهذيب ۽

ثقافت جي ترجماني، فڪري پختگي، ٻوليءَ جي سونهن، سماجي حقيقت نگاري، سچيتيءَ جو وهڪرو، زمان، مڪان ۽ ماحول جي مطابقت ۽ ٻيون انيڪ فني خوبيون ۽ تخليقي خاصيتون گهربل آهن. ڪهاڻيڪارن مختصر ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ شروع کان موجوده دور تائين گهڻائي فني تجربا ڪيا آهن. ساهت جي هِن سگهاريءَ صنف ۾ حياتيءَ جا حقيقي رنگ ڀرڻ سان گڏ ڪردار نگاريءَ جي توازن ۽ آغاز ۽ انجام کي منفرد حيثيت ڏني وئي آهي. رمزيت، وحدت، تاثر، جامعيت ۽ مواد جي فنڪارانہ ترتيب سان گڏ اختصار ۽ اثر انگيزيءَ کي اولين اهميت حاصل آهي. خوابي ۽ خيالي دنيا جي بجاءِ عملي ڪارڪردگيءَ ۽ جيون جي تلخ سچاين کي سمايو ويو آهي. مطلب تہ مختصر ڪهاڻي مٿين فني خوبين سان گڏ سماجي حقيقت نگاريءَ جي ترجماني ڪندڙ مجيل نثري صنف آهي، جنهن جو لکندڙ جامي چانڊيو جي نظر ۾ "آرٽسٽ سرجن" آهي.

"ڪهاڻيڪار ماهر سرجن بہ آهي جو سماجي حقيقتن جي چيرڦاڙ ڪري ٿو تہ گڏوگڏ هڪ آرٽسٽ پڻ آهي جو زندگيءَ ۾ حُسناڪيون تخليق ڪرڻ لاءِ حُسناڪيون پيدا ڪري ٿو(4)."

مختصر ڪهاڻيءَ جي وصف ۾ اختصار ٻهريون اُصول آهي، جنهن کي ماهرن هن ريت پڻ بيان ڪيو آهي:

"Short Story: A story, usually about imaginary characters and events. that is short enough to be read from begining to end without stopping(5)."

امر جليل ڪهاڻيءَ کي انساني حياتيءَ جي ڪنهن هڪ جذبي ۽ واقعي جو ترجمان سڏي ٿو:

"ڪهاڻي، اظهار آهي زندگيءَ جي غم، خوشي، ڏک، سک، ڪاوڙ، رحم، انتقام، نفرت ۽ محبت جي ڪروڙين گهڙين مان هڪ گهڙيءَ جو. جيڪا ڪهاڻي زندگيءَ جي انيڪ گهڙين مان فقط هڪ گهڙي، انيڪ آزمائشن مان فقط هڪ آزمائش ۽ انيڪ حادثن مان فقط هڪ حادثي جي عڪاسي ڪري سا فني طور Short Story يا مختصر ڪهاڻي سڏي سگهجي ٿي(6)."

مٿي ڄاڻايل ڪهاڻيءَ جي وصفن کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ مختصر ڪهاڻي سماج جي روزمره جي زندگي ۽ انساني ڪردارن جو اثرائتو عڪس آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيڪارن ٻوليءَ جي سونهن سان گڏ فن، موضوع ۽ مواد ۾ معياري تجربا ڪري بياني، واقعاتي، مطالعاتي، تاثراتي، ڪرداري، ڊائري نما ۽ خط وڪتابت وارين ڪهاڻين کان علاوه ٻين فني نمونن سان ڪهاڻيون لکيون آهن. اوڻهين صديءَ ۾ تخليق ٿيل نثر جي هن لازوال صنف کي پوريءَ دنيا جي تقريباً سڀني سٽريل ٻولين جي ادب ۾ اوچو مقام حاصل آهي. دنياوي ادب ۾ لکن جي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيون ۽ ڇپيون آهن. اثر انگيزيءَ ۽ اختصار سبب ڪهاڻين جي اشاعت هر اخبار ۽ رسالي جي زينت بڻجڻ لڳي آهي. انهيءَ ڪري ئي اڄ مختصر ڪهاڻي ادب ۾ گهڻي ۾ گهڻي پڙهي، لکي ۽ چاهي وڃي ٿي.

جديد مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جي ابتدا ويهين صديءَ ۾ ٿي آهي. انگريزن جي دور ۾ نثر جي ادبي صنفن ناول، ناٽڪ، افساني وغيره جا دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب مان ترجما ٿيا تہ مٿين صنفن ۾ طبعزاد ڪم لکڻ جو رجحان بہ عمل ۾ آيو. شروع واري دور ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي قصن، داستانن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي لکت ۾ آندو ويو، جن ۾ عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين مان "چندر ڪانتا" "الف ليليٰ"، "ممتاز دمساز"، "حاتم طائي"، "گل بڪاولي" ۽ ٻيا قصا ترجمو ٿيا تہ ڏيهي آکاڻي ۾ "سورٺ راءِ ڏياچ"، "پنيي زميندار جي ڳالهہ" ۽ "سدا تورو ڪدا تورو" نموني جون نصيحتي ۽ رومانوي آکاڻيون شايع ٿيون.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ 1914ع ۾ "شريف بيگم" جي عنوان سان جديد ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي. ترت ئي ٻين ليکڪن پڻ هن صنف ۾ هٿ وڌايو، جن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز، لطف الله بدوي، عثمان علي انصاري، آسانند مامتورا، حشو ڪيولراماڻي، سگن آهوجا، پرمانند ميوارام، نارائڻ داس ميوارا پنياڻي ۽ ٻين ڪهاڻيون لکيون. ڪهاڻيءَ

ڪي هٿي ڏيڻ ۾ ان وقت سنڌي ساهت سوسائٽي، سنڌر ساهتيہ سک ترڪ سوسائٽي، ڊي جي ڪاليج جو "سنڌ سرڪل"، امر لعل جو "ڦلواڙي"، "آشا"، "ساقي"، "پرهہ ڦٽي"، "ڦليلي"، "جيون ڪلا"، "ڪهاڻي"، بولچند راجپال جو "سنڌو" (1932ع) ۽ ٻيون اخبارون ۽ مخزن هئا.

سنڌي عورتن ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ ڪڏهن شموليت اختيار ڪئي؟ ۽ ان جي ترقيءَ ۽ ترويج ۾ ليکڪائون ڪيتري قدر ڀاڱي ڀائيوار آهن؟ يا سنڌي سماج جي اڏاوت ۾ پڙهيل لکيل عورتن جي قلمي ڪاوشن جو ڪيترو هٿ آهي؟ انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ هڪ طائرانہ نظر عورتن جي سماجي حيثيت ۽ علمي مرتبي تي وجهجهي.

تاريخي حوالي سان ڏسنداسين تہ سنڌ جي تهذيب جي مختلف دورن ۾ سنڌي عورتن جي عزت، اهميت سماجي ۽ علمي حيثيت مختلف رهي آهي. مجموعي طور هن مردن جي برتريءَ واري سماج ۾ ريتن رسمن، عقيدن، مذهبن، ثقافتي ۽ معاشري قدرن جي لوٽ ۾ ڪيس ڪُچلڻ، هيسائڻ، دٻائڻ ۽ بي علم رکڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ جاگيرداري نظام، قبيلائي ماحول، معاشي پس ماندگي، ذات پات جو فرق، تعليم جي کمي ۽ ٻيا گهڻا سبب رهيا آهن. انهيءَ بنياد تي ئي سندس شعور جي ارتقا ٿي آهي.

اهڙين حالتن ۾ باشعور عورتن سمجهي ورتو تہ سندن آجپو فقط علم جي حاصلات ۽ ان جي ڪارائتي ڪتب ۾ آهي. انهيءَ ڪري پڙهيل لکيل عورت پنهنجي سمجھہ، سياڻپ ۽ علميت سان اظهار ڪي بياني ۽ قلمي قوت عطا ڪري پنهنجي خيالن ۽ سوچن کي اڳيان آندو. ايئن بہ نہ آهي تہ هتي جي عورت هر دور ۾ سماجي طور بي حيثيت ۽ بي علم رهي آهي. اسين ڏسنداسين تہ سنڌو سڀيتا ۾:

"موهن جي دڙي واري دور ۾ عورت کي سنڌ ۾ مقدس هستي سمجهيو ويندو هو(7)."

"ويدڪ دور ۾ بہ عورتن تي علم حاصل ڪرڻ جا دروازا بند نہ هئا. اهي فلسفي ۽ حڪمت جو علم پڻ حاصل ڪنديون هيون. اُپشند ۾ ٻن فلسفي خواتين گارگي ۽ ميتريءَ جا عالمانہ مڪالما درج آهن(8)." تہ "عربن جي دور ۾ عورتن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص توجهہ ڏني ويندي هئي(9)."

اهڙيءَ ريت ادب جي حوالي سان پرک ڪجي ٿي تہ نظم ۽ نثر جي ٻنهي شاخن ۾ عورتن جو حصو ملي ٿو. مائي مرڪان شيخڻ جا صوفيانہ ڳيچ ۽ ٻين ڪيترين گمنام شاعرائن جا ڇيل، سهرا ۽ ڳيچ سومرن جي دور کان ملن ٿا ۽ نثر ۾ سندن شموليت جي بابت ۾ ڏسنداسين تہ:

"ڪيترن ڳيچن ۾ سنڌي عورت جي پڙهيل هئڻ بابت اشارا ملن ٿا، جن ۾ پاڻ خط لکڻ يا خط پڙهڻ جو ذڪر ملي ٿو (10)." شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ سُر سسئي، سُر سهڻي، سُر مارئي جا ڪجهہ بيت سنڌي عورتن جي پڙهيل لکيل هئڻ جي ثابتي ڏين ٿا. جيئن مثال طور:

الا! لوني آئيين، جي نيايا نين،
آئون اُنين جي آهيان، تولي مُون نہ مَڃين،
مَسُ منهنجي هَٿ ۾، ڪاغذُ ڪي آئين
لُوڪَ نہ لِکڻُ ڏِين، ڪريو پُونِ قلمَ تي. (11)
(سُر مارئي: 4،6)

ڪلهوڙن جي دور جي مائي مليائي نعمت شاعره ۽ شاهہ جي ڪلام جي خوشخط ڪاتبہ هئي.

"مائي مُلي نعمت جو هٿ اکر لکيل نسخو نهايت خوشخط صحيح ۽ سونهري جدولن سان آهي. مائي صاحبہ ڪمال ڪيو آهي ۽ سندس هيءُ ڪارنامو ابد الآباد قائم رهندو. اهڙيون پاڪباز ۽ نيڪ عورتون سنڌ ۾ گهڻيون ئي گذريون هونديون، جن نور ناما ۽ ٻيا تبرڪ طور ڪتاب لکيا هوندا. پر افسوس جو انهن جا نالا اسان تائين نہ پهتا آهن(12)."

ميرن جي دور ۾ مولائي شيدائي موجب تہ "تعليم جو دائرو فقط شهرن ۽ وڏن ڳوٺن تائين محدود هو. شهرن ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن سان گڏ آخوندن جي مڪتبن ۾ پڙهنديون هيون، امير زاديون يا شهري خواتين پردي جون پابند هيون. سنڌ ۾ ميرن جي حرمن يا ديرن جي چارديواريءَ ۾ سندن عورتن کي مختلف علومن جي تعليم ڏني ويندي هئي. وڏن

پنهنجا پنهنجا ڪتب خانا هئا ته پگهاردار ڪاتب مقرر هئا(13).“

اڳيان هلي انگريزن جي دور ۾ جديد تعليمي سرشتو متعارف ٿيو، جنهن جي مسلمانن ڪان وڌيڪ هندو طبقي پذيرائي ڪئي. انهن زناني تعليم جي اهميت کي ڄاڻندي، ٽينگرين لاءِ اسڪولن کي قائم ڪرڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جي رجحان کي وڌائڻ طرف توجهه ڏنو. 15 آگسٽ 1888ع ۾ ديوان نولراءِ، ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي ۽ ٻين جي ڪوشش سان ”پنگتي ستار منڊلي“ قائم ٿي، جنهن جي مقصدن ۾ عورتن جي سماجي ۽ علمي حيثيت مضبوط ڪرڻ جا اُپاءَ شامل هئا. هنن عورتن لاءِ هنري گهر، ناري شالا ۽ اسڪول قائم ٿيا، جيئن چنديراماڻي گهٽيءَ وارو اسڪول، ڪندن مل گرلس اسڪول، شوقيرام چانبومل اسڪول وغيره. هندو عورتن ۾ علم جو چاهه وڌائڻ لاءِ ڪين اسڪولن ۽ ٽرسٽن ۾ نوڪريون ڏنيون ويون.

مسلمانن جي طرفان هيڪاري هن دور ۾ عورتن تي تعليم جا دروازا بند ڪري، ”بهشتي زيور“ نموني جا ڪتاب هڪ مقصد تحت رائج ڪيا ويا، جن هيٺ عورتن لاءِ فقط قرآن پاڪ پڙهڻ ڪافي قرار ڏنو ويو. ڊاڪٽر مبارڪ علي موجب ته:

”مولانا اشرف علي ٿانوي 1868ع ڪان 1943ع تائين بهشتي زيور جا ڏهه جلد شايع ڪيا، جنهن جي ذريعي جاگيرداڻه نظام کي تحفظ ڏنو ويو ۽ هن ڪتاب ۾ عورتن کي غلاميءَ جا سبق پاڙهيل آهن ۽ هڪ سٺي غلام ٿيڻ جون خصوصيتون ڄاڻايل آهن، جنهن ۾ منهبي معاملن ڪان رڌ پچاءُ ۽ مڙس کي خوش رکڻ جي طريقن جو تفصيل ڏنل آهي ۽ هيءَ ڪتاب جديد مغربي تعليم جي مقبوليت ۽ ان کي تسليم ڪندي به عورتن جي مخالفت ۾ لکيو ويو(14).“

مسلمان عورتن جي تعليم هن دور ۾ تمام گهٽ رهي. ”ڇوڪرين کي اسڪولي تعليم اڪثر نه ڏياري ويندي هئي ۽ ڪين اسڪول موڪلڻ عيب سمجهيو ويندو هو. قرآن ناظره پڙهڻ ڪان پوءِ نياڻين کي ٻاب نامو، نور نامو ۽ احد نامو پڙهايو ويندو هو. ٿوري سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ جي تعليم ڏني ويندي هئي. ايتري تعليم ڪان پوءِ ڇوڪريون ڏهن ٻارهن سالن جي ڄمار کي پهچي ويندين هيون ۽ والدين ڪين گهر ۾ ويهاري ڇڏيندا هئا(15).“

پوءِ اڳيان هلي عورتن جي تعليم طرف وقت جي ضرورت مطابق اُپاءَ ورتا ويا جن ۾ ”آل انڊيا محمدن ايجوڪيشن ڪانفرنس“ 1907ع ۽ ٻين ادارن تعاون ڪيو.

مٿين تمهيد جو مطلب آهي ته جيئن اسين ڄاڻي سگهون ته عورتن جي علم جي حاصلات ۽ ادب ڏانهن رغبت درجي وار ڪهڙيءَ ريت ٿي آهي؟

نتيجو اهو نڪري ٿو ته ورهاڱي ڪان اڳ جي ادب ۾ هندو ليکڪائن جو حصو سرس آهي. انهيءَ وقت گڏيل هندوستان ۾ سنڌن تعليمي معيار به مسلمان عورتن ڪان وڌيڪ هو. ورهاڱي بعد مسلمان عورتون پڻ درجه بدرجه تعليم يافته ٿي سنڌي ادب جي خدمت لاءِ اڳيان آيون.

شروع جي انهيءَ وقت ۾ سنڌي ليکڪائن هندي، سنسڪرت، گجراتي، بنگالي، انگريزي ۽ گرمکيءَ ۾ لکيو. سنڌن تحريرون جلدي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيون. اهڙيءَ ريت هو سنڌيءَ ۾ لکڻ طرف مائل ٿيون. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ موجب ته:

”نروپما ديوي، آشا ديو، شانتا، سيتا ديو سياڻي، سروج ڪماري، ديوي ديال، سيتا چٽر جي شريمتي گهوشال ۽ سورنا ديوي گهوشال (گيتانجلي جي خالق رابندر ناٿ ٽئگور جون ڀيڻون) ۽ ٻين جي ڪهاڻين ۽ ناولن کي ميلا رام واسواڻي، پارومل، جڳت آڏواڻي، نوتن ڪرپالاڻي ۽ گوبند مالهيءَ جن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. مٿين ليکڪائن جون تحريرون معياري هئڻ سبب مقبول ٿيون ۽ انهن کي مختلف ٻولين تي عبور هئڻ جي ڪري ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻولين جي ادب جي ڄاڻ هئي. اهڙيءَ ريت پوءِ گهڻيون ليکڪائون سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ لاءِ ميدان ۾ آيون جن ۾:

”پهرين سنڌي عورت جنهن سنڌي ساهت ۾ قدم کنيو هو ۽ بلڪل ثابت قدم هئي، اها هئي گلي سدا

رنگاڻي (جنهن اڳي ڪماري ڪرپالاڻيءَ جي حيثيت ۾ ٽئگور جي "گورا" ناول جو ترجمو ڪيو هو) 1941ع ۾ سندس ناول "اتحاد" نڪرڻ سان پنگتي اڳواڻن ۾ چوٻول مچي ويو(16)."

گلي رنگاڻيءَ کان پوءِ جن ٻين ليکڪائن سنڌي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ، ناول، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيون، انهن ۾ مس گدواڻي، شامداساڻي هاسومل، نروپما ديوي، سهجو هوتچند واڌواڻي، جيسي ڪنواڻي، ماڻي واساڻي، ڪماري ڪملا، شانتا، ڀڳونتي ديالاڻي، چندرا آڏواڻي، سيتا ديوي، ڪرشنا ڪيولراماڻي، اندرا هميراجاڻي، ايشوري جوتواڻي، ديوي ناگراڻي، دادي پرڪاش مٽي، سريتا شرما، دادي ليلا، پروفيسر پوپٽي هيرانداڻي، ۽ ٻيون شامل آهن.

سندن لکيل ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن جيئن آشا، ڦليلي، روح رهاڻ وغيره ۾ شايع ٿيون.

هن دور جون اهم ڪهاڻيون، "پارتي" ڀڳونتي ديالاڻي، "ديش دروهي"، ڪرشنا ڪيولراماڻي، "آڏورو پريم" شريمتي نانڪي گدواڻي، "رتنا جا رنگ" جيسي ڪنواڻي، "عجب دنيا جو رنگ آه" مس سلمتاڻي، "ساڙهي" ڀڳواڻي لعلواڻي ۽ ٻيون آهن. ماڻي واساڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "ماڻي واساڻيءَ جون ڪهاڻيون" 1943ع ۾ شايع ٿيو.

1947ع کان پوءِ جو ڪهاڻيءَ جو دور سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ تمام اهميت جو حامل آهي. خاص طور 1950ع کان 1985ع تائين "سنڌي ڪهاڻيءَ جو سونهري دور" سڏي سگهجي ٿو.

1950ع کان مرڪزي حڪومت طرفان "نئين زندگي" مخزن جو اجراء، 1951ع کان سنڌي ادبي بورڊ جو قيام، 1955ع ۾ ٽه ماهي 'مهراڻ' جو اجراء 1956ع ۾، "سنڌ سنگت" جي بنياد سان ڪهاڻيءَ کي هٿي ملي. 1952ع کان پوءِ "سنڌي ادبي سنگت" جي ادبي ڪلاسن ۾ ڪهاڻين پڙهڻ جي رواج سان سنڌي ڪهاڻي وڌيڪ نکري ۽ سنوري سامهون آئي.

سنگت جي، ادبي ڪلاسن ۾ ڪهاڻين تي تبصرو ۽ تنقيد ڪئي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت هڪ مقابلي جي فضا قائم اديبن ۾ لکڻ جو رجحان وڌيو ۽ ڪهاڻي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڇپجڻ ۾ نه فقط تيزي آئي، بلڪ معياري ڪهاڻيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ جاءِ والاري. سون جي تعداد ۾ افسانوي مجموعا شايع ٿيڻ لڳا. ڊاڪٽر بشير احمد شاد جي تحقيق مطابق، 1947ع کان 1987ع تائين جي ڇپيل افسانوي مجموعن جو وچور تقريباً ٽي سو آهي ۽ هزارن جي ڳاڻيٽي ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون اخبارن جي ادبي صفحن ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون.

مختصر ڪهاڻيءَ جي هن ٽئي دور، يعني ورهاڱي کان پوءِ ۾ لازوال ڪهاڻيون شايع ٿيون، جن کي وقت جي دز اڄ ڏينهن تائين لتي نه سگهي آهي. انهيءَ دور ۾ جن مرد ڪهاڻيڪارن هن صنف کي هٿي ڏني، انهن ۾ شيخ اياز، جمال ابڙو، حفيظ شيخ، غلام رباني آگرو، ابن حيات پنهور، بشير مورياڻي، شيخ ابراهيم خليل، اياز قادري، ع.ق شيخ، شيخ عبدالرزاق، ابن الياس سومرو، رشيد آخوند، علي احمد بروهي، سراج الحق ميمڻ، نجم عباسي، عبدالجبار جوڻيجو، نسيم کرل، امر جليل، آغا سليم، حميد سنڌي، غلام نبي مغل، طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، رسول بخش پليجو، زيب پٽي، قمر شهباز، علي بابا، جمال رند، محمد حسين ڪروڙيٽي، ناصر موراڻي، بيدل مسرور، نظير شيخ، خواجه سليم، غالب لطيف، غياث جوڻيجو، الطاف شيخ، قاضي خادم، هدايت پريم، ظفر حسن، منير احمد (مانڪ)، دائود بلوچ، نور عباسي، طارق عالم ابڙو، مطلب ته انيڪ ڪهاڻيڪارن سان گڏ اسان جون سنڌي ليکڪائون به هن ڪهاڻيءَ جي سفر ۾ شامل ٿيون ۽ سندن ڪهاڻيون ٽه ماهي مهراڻ، نئين زندگي، مارئي، روح رهاڻ، اديون، پارس سرتيون، ڪرنج، سوجهرو ۽ ٻين ادبي مخزنن ۾ شايع ٿيڻ لڳيون. خاص طور "هلال پاڪستان ڪراچي" اخبار جي ادبي صفحي "سگهڙين سٿ" معرفت ڪافي ڪهاڻيڪارائون متعارف ٿيون. منهنجي نظر ۾ سنڌي ادب ۾ عورتن جديد شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ گهٽي ۾ گهٽو لکيو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ پوءِ جي مشهور ڪهاڻيڪارائن ۾ بيگم زينت عبدالله چنا، پوپٽي هيرانداڻي،

سهڻي نموني سان پنهنجي ڪهاڻين ۾ آندو آهي. نذير ناز مختصر، ساديون سوديون ليڪن سچيون ۽ اثرائتيون سماجي حقيقتون بيان ڪيون آهن. زرينہ بلوچ سنڌيڪار جي حيثيت کان علاوه طبعزاد پڻ اهم ڪهاڻيون لکيون آهن. ڊاڪٽر رشيده حجاب پنهنجي دور مطابق ڀرپور ڪجهه رومانوي ۽ جذباتي ڪهاڻيون لکيون، پر پوءِ ترت ئي سندس لاڙو حقيقت نگاريءَ ڏي مُڙي ويو. سندس ڪهاڻين ۾ "رهزن"، "نڱ"، "راهون چنڊ ستارا" اهم آهن.

اهو چئي سگهجي ٿو تہ نثر جي اهم صنف مختصر ڪهاڻيءَ ۾ هند توڙي سنڌ جي عورتن چڱيون معياري ڪهاڻيون لکيون آهن.

## حوالا

(1) شاهہ نورالهديٰ، "ڪيڏارو" (ڪهاڻي- ڪليات) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع، ص 401.
(2) ملڪاڻي منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1993ع، ص 37.
(3) عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1982ع- ص1
(4) مفتي، تهمينہ، ڊاڪٽر، "ڪٿا" (مهاڳ)، سي پي ايس پي پبليڪيشن 2007ع ص 12.
(5) آڪسفورڊ ايڊوانس لرنر ڊڪشنري (O.U.P) ص 1187.
(6) سهڻي امر جليل نمبر، سهڻي پبلشرز الهندو ڪچو حيدرآباد 1973ع، ص 208.
(7) ميمڻ فهميده حسين، ڊاڪٽر، "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1993ع، ص 70.
(8) تقوي، سيد سخي حسن، "همارا قديم سماج" ترقي اردو بيورو نئين دهلي 1972ع ص 118.
(9) شيدائي، رحيمداد خان، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس. 1959ع ص 298.
(10) ميمڻ فهميده حسين، ڊاڪٽر، "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1993ع ص 118.
(11) هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر، "شاهہ جو رسالو" ڪمشنر ڇاپخانو 1931ع ص، 68.
(12) دائودپوٽو عمر بن محمد ڊاڪٽر، "شاهہ جي رسالي جا ٽي آڳاٽا نسخا"، ماهنامہ نئين زندگي سيپٽمبر 1957ع.
(13) شيدائي، رحيمداد خان، "تاريخ تمدن سنڌ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1995ع، ص 756.
(14) مبارڪ علي ڊاڪٽر "الميہ تاريخ" فڪشن هائوس لاهور 2005ع، ص 75.
(15) حسين بادشاهہ (سهيڙيندڙ) "حيدرآباد جي تاريخ" روشني پبليڪيشن 2003ع، ص 536.
(16) ملڪاڻي منگهارام "سنڌي جي تاريخ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1993ع ص، 104.
(17) سيد مظهر جميل، "جديد سنڌي ادب"، اڪادمي بازيافت 2007ع ص 1017.
(18) شاهد حنائي (مترجم)، "شاہکار سندھی کہانیاں"، اڪادمي بازيافت اردو بازار لاهور، 2004ع ص، 16.
(19) عرشاڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1982ع ص 251.
سيد احتشام حسين "ادبي دنيا"، اردو افساني پر ايک گفتگو ص، 67.

ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو



# سنڌ ۾ ترخان قبيلي جي حڪومت

مرزا شاهه حسن بي اولاد هو هن جي وفات کان اڳ ۾ سندس ويجهن سائين سنڌ کي ربيع الاول (962هه/1555ع) ۾ حصن ۾ ورهائي مالڪ ٿي وينا هئا. هن جي وفات کان پوءِ سمنڊ کان وٺي لڪيءَ تائين سنڌ جو پرڳڻو مرزا عيسيٰ جي هٿ آيو جيڪو پاٽ ۽ درٻيلي تائين هو. سندس گاديءَ جو هنڌ ٺٽو بڻيو. جمادي الاول- 962هه-1555ع سيوهڻ کان اوٻاوڙو تائين يعني اتريئين حيڙي تائين وارو حصو مير سلطان محمود بن مير فضل ڪوڪلتاش کي مليو جنهن بکر کي پنهنجي گادي بڻايو.[1]

**مرزا عيسيٰ ترخان:**

مرزا عيسيٰ ترخان ننڍپڻ کان شاهه بيگ جو پاليل هو. سندس شجرو هن ريت آهي، مرزا عيسيٰ بن عبدالعلي بن عبدالخالق، هي شنڪل بيگ ترخان جي نسل مان هو. شنڪل بيگ جو والد جنهن جو نالو ايڪو تمر هو هڪ بهادر هو ۽ امير تيمور جو حمايتي هو. هڪ جنگ ۾ امير تيمور پاران وڙهندي شهيد ٿي ويو. امير تيمور هن جي پٽ شنڪل بيگ جي پرورش ڪئي ۽ هڪ خاص اعزازي لقب "ترخان" سان نوازيائين اهو ترخانن جو قبيلو ارغون قبيلو ئي هو، پر مٿئين لقب کان پوءِ هيو قبيلو "ترخان" سڏائڻ لڳو.

مرزا عيسيٰ ترخان ارغون حڪمران شاهه حسن جي وڏن اميرن جي لسٽ ۾ داخل هو. تاريخ طاهري مطابق ته مرزا عيسيٰ شاهه حسن جي درٻار ۾ ننڍي درجي وارو ملازم رهندو ٿي آيو. هيءُ ڏاڍو محنتي نيڪ ۽ زماني شناس هو ۽ ڏاڍي محنت کان پوءِ هُو ان مقام تي پهتو هو. پر جيئن ته هو مورثي طرح حاڪم نه هو انڪري ناڪام ٿيو سندس انتظامي حالت اها هئي جو جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن ماڻهوءَ کان ڪا سزا جوڳي خطا سرزده ٿيندي هئي. (ارغون خاندان) ته ان تي ڪو قدم نه کڻندو هو. ناميارا ارغون جهڙوڪ ڪيبڪ فرخ، قاسم ۽ تيمور شراب ۾ بدمست ٿي سندس حويليءَ تي گهوڙا چاڙهي نچندا ڪڏندا هئا ۽ شاهه بيگ جو خزانو گهرندا هئا ۽ کيس هر طرح سان هيسائيندا هئا. هُو صبر کان ڪم وٺندي کين دلداريون ڏيندو هو ته مون کي خزاني جي ڪا ضرورت ناهي جيڪڏهن مان اهو خزانو اوهان ۾ ورهائي ڇڏيان ته هرڪو عيش عشرت ۾ اڏائي ڇڏيندو پوءِ ملڪ ڪيئن هلندو[2]. اسان ڌاريئي ملڪ ۾ آهيون اسان لاءِ خزانو ضروري آهي جو ڏکئي وقت ڪم اچي.[3]

ارغونن هن کي ايڏو ته ڪنبائي ڇڏيو هو جو جيڪڏهن ڪنهن اعلان لاءِ شهر ۾ پڙهو گهمرائيندو هو ته حاڪم (پاڻ) سان گڏ سندن نالا به ورتا ويندا هئا جيئن وري ڪو آزار ڪڙو نه ڪن.

مرزا عيسيٰ ترخان کي چار پٽ هئا، مرزا محمد باقي، مرزا محمد صالح، مرزا جان بابا ۽ مرزا ابراهيم، پنجون پٽ به هوس[4] جيڪو ننڍي هوندي ئي گذاري ويو هو. هن جا پٽ ڏاڍا بهادر هئا. هُو پنهنجن پٽن ۽ ٻين وفادار سائين هرهڪ ملابهبود، شيرنگ خان، ملا صالح فتح خان ۽ ٻين ماڻهن جي سرداري هيٺ پاڻ کي منظم ڪيو پنهنجي حويليءَ جي چوگرد هڪ ننڍڙو قلعو اڏايو ۽ پٽن کي پنهنجي پرسان رهايائين. مرزا عيسيٰ جا پير هينئر پختا ٿيڻ لڳا. ارغون سندس پٽن ۽ سائين جي رعب تاب کان مرغوب ٿيندا ويا ۽ هيءُ آرام سان حڪومت هلائڻ لڳو.[5]

---

[1] ادراڪي بيگلاري "بيگلارنامو، مترجم خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ص 11

[2] تاريخ تحفة الڪرم، ص 166.

[3] تاريخ معصومي، ص 199.

[4] تاريخ طاهري، ص 105

[5] مرزا عيسيٰ کي پنج ڌيئرون ۽ اٺ پٽ هئا: مرزا محمد صالح، مرزا محمد باقي، مرزا ناصر، مرزا ابراهيم، مرزا سليمان، ۽ مرزا زاهد باقي پويان وفات ڪري ويا.

**مرزا باقي جي بکر ڏانهن چڙهائي:**

سيوستان ۾ مرزا باقي سان گڏ هن جا ڪجهه ساٿي ارغون به گڏ هئا جن جي صحبت ۾ هو هميشه ويڙهه ۽ ڪروڌ ۾ وڪوڙيل هوندو هو. ارغون ڏاڍا ويڙهاڪ هئا ۽ ترخانن جا دشمن هت به پهچي ڪجهه ئي وقت اندر مرزا عيسيٰ سان سرڪشي ۽ بغاوت شروع ڪري ڏني ۽ جنگ لاءِ تيار ٿي بيٺا. مرزا عيسيٰ وڏي دليري سان هنن جي جنگ کي روڪيو (معصومي ان جنگ جو سال 1565ع 973ھ ٻڌايو آهي) ارغون صلح خوشيءَ جا دهل وڄائيندا جڏهن درياهه لنگهي رهيا هئا تڏهن مرزا عيسيٰ جي ماڻهن هنن مٿان آتشبازي شروع ڪئي ۽ هڪ وڏو تعداد مرزا باقيءَ جي ماڻهن جو مارجي ويو. ارغون اتان بکر ڏانهن ڀڄي ويا ۽ سلطان محمود وٽ پهتا ڪيس سڄي ماجرا ٻڌايائون، سلطان محمود هنن تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ هنن کي قيد ڪيو، پر پنهنجي والده جي چوڻ تي (جيڪا سياست جا داءُ پيچ ڄاڻيندي هئي) ڪين قيد مان آزاد ڪيو ۽ هرهڪ کي گهوڙو ۽ ترار سان نوازيو ۽ ڪين واپس (سيوستان) موڪليو ۽ پنهنجا به ڪجهه ماڻهو هنن سان گڏ موڪليا. هنن اچي سيوستان جي قلعي جو محاصرو ڪيو جيڪو ڪافي وقت هليو. هوڏانهن پاڻي جي اٿل سبب سيوستان ۾ ٻوڏ آئي، مرزا عيسيٰ ان وقت هنن تي حملو ڪري ڪين شهر نيڪالي ڏني. رفيان Rafian وٽ ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا جنهن ۾ سلطان محمود جا گهڻا سپاهي مارجي ويا. دربيلي ۾ ٻئي لشڪر قلعا تعمير ڪرائي ويهي رهيا ۽ جنگ جاري رهي. نيٺ ماهه بيگم شيخ عبدالوهاب پوراني کي ٺاهه لاءِ درخواست ڏني ۽ صلح ڪرائي، سلطان محمود بکر روانو ٿيو ۽ مرزا عيسيٰ ٺٽي پهتو. مرزا عيسيٰ پنهنجي طبعي موت مرڻ کان اڳ ۾ مرزا عيسيٰ پنهنجي ننڍي پٽ جان بابا کي پنهنجو ولي عهد بڻائڻ پئي چاهيو، پر سندس بيگم انڪار ڪيو ۽ مرزا باقي جي سفارش ڪيائين جيڪو سيني ڀائرن ۾ هيئنر وڏو هو. مرزا عيسيٰ انڪار ڪيو ۽ چيائين ته هُو ڏاڍو ظالم ماڻهو آهي جيڪو خلق تي ظلم ڪندو ۽ تون پاڻ به هن جي هٿان مارجي وينديءَ. مرزا عيسيٰ ارڙهن ورهيه حڪومت ڪري سنه 73- 1572ع 980ھ ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات کي ماهه بيگم ملڪي مصلحت خاطر ڳجهو رکيو ۽ مرزا باقي کي تخت تي ويهاري انهيءَ ڏينهن مرزا عيسيٰ کي مڪلي جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. مرزا باقي تخت تي ويهڻ سان ظالم جي بازار ٻاري ڏني ۽ جيڪي ڪجهه مرزا عيسيٰ چيو هو اڳتي هلي اهو سچ ثابت ٿيو. حڪومت جي اختيار جي واڳ هن ارغوني اميرن مير ڪوچڪ مرزا قاسم وغيره جي حوالي ڪري ڇڏي جيڪي ڏاڍا ظالم ۽ بيرواهه هئا ماڻهن جو قتل ۽ مال ڦرڻ سندن حڪم ۾ شامل هو. حڪومت جو نه پر وحشت ۽ دهشت جو دور شروع ٿي ويو هو. سنڌ جا اصلي رهواسي ته هنن جي شر کان بچيل نه هئا، پر سندن خاندان جا ارغون به هنن جي ظلم کان بچيل نه هئا جيڪي ڪنهن به طريقي بکر وڃي پهتا. سلطان محمود لشڪر ساڻ ڪري مرزا باقيءَ کي سندن ظلمن خلاف جنگ جوٽڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ نصرپور جي قلعي جو گهيراءُ ڪيو اتي هن کي مشهور ديني شخصيت شيخ فريد جي پاڪ پٽڻ پهچڻ جو اطلاع مليو جنهن تي هي گهيراءُ ختم ڪري بزرگ جي ملاقات لاءِ واپس وريو.[9]

**يورپ جا پورچوگيز:**

اچي چمڙيءَ مان پورچوگيز پهرين قوم هئي جنهن هندستان جي سمنڊن تي قبضو ڪيو ۽ ڦرلٽ کي پنهنجو پيشو بڻايو. 1453ع ۾ جڏهن سلطنت عثمانيه جي ترڪن قسطنطنيه تي قبضو ڪيو جنهنڪري سمنڊ رستي وينس ۽ جينيوا جي يورپي واپارين جو واپار متاثر ٿيو جيڪي مصر ۽ شام رستي ٿيندو هو. اهي تجارتي رستا بند ٿيڻ کان پوءِ يورپي قومن سمنڊن رستي هندستان پهچڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي. مولانا شيدائي مشهور عالم قطب الدين نهرائي جي ڪتاب ”البرق اليماني في الفتح العثماني“ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته پورچوگيزن جي هڪ اميرالجرا واسڪوڊيگاما آفريڪا جي چوگرد ڦري هندستان جي الهندي ڪناري ڪالڪيٽ پهتو جنهن کي هڪ عرب اميرالبحر احمد بن ماجد جيڪو سمنڊن مان واقف هو، نشي جي حالت ۾ واسڪو ڊيگاما کي هندستان جو رستو ڏيکاريو. ٿي سگهي ٿو هن کي دوکي سان پيشاريو ويو هجي . م ب)

پهريون ايراني نار ۽ هندي وڏي سمنڊ جو واپار

---

[9] تاريخ معصومي، ص

سلطان محمود کي اڪبر بادشاهه جي لشڪر جي بکر ڏانهن آمد جي خبر پئي ۽ هُو هوڏانهن بغير ڪنهن سوڀ جي روانو ٿي ويو.

اها خبر جڏهن جان بابا کي پهتي ته سلطان محمود بکر پهچي ويو آهي ته هن وري ڦرلٽ شروع ڪئي ۽ اچي نصرپور تائين پهتو ۽ هر طرف ملڪ کي تلف ۽ تاراج ڪري ڇڏيائين. مرزا باقي هن ان عمل کي روڪڻ لاءِ ٽن هزارن جو لشڪر روانو ڪيو جنهن جي سرپرستي نصرپور جي حاڪم حبش خان ۽ مير يادگار مسڪين کي سونپي. اهو لشڪر جڏهن اگهم وٽ پهتو تڏهن رئيس ڪرن هنگوري اها خبر خان زمان کي پهچائي جنهن جان بابا جي صلاح سان هڪ جاسوس دستو مقرر ڪيو جيڪو ڪين مرزا باقي جي لشڪر جي هر چرپر کان آگاهي ڏيندو رهي. اٿين سنڌ جو اهو حصو لشڪر ڪشي، ڦرلٽ، جاسوسي، چاپلوسي جي دلدل ۾ ڦاسندو ويو. سنڌ جا ڪئي قبيلا ان ڏکيئ ۽ بربادي ۾ ڦاسندا ويا.

**مرزا باقيءَ تي جان بابا جو حملو ۽ سندس گهر واريءَ جو قتل:**

مرزا باقي جان بابا مان ڏاڍو بيزار ٿيو هو جيڪو هميشه پيءُ جي وراثت حاصل ڪرڻ لاءِ ڦرون ۽ حملا ڪندو هو. هن سان گڏ هن جا ڪجهه مائٽ ارغون ۽ ترخان به گڏ هئا. سنڌ جي ڪيترن قبيلن جي سردارن سان هن جي دوستي هئي. مرزا باقي سڄي ملڪ ۽ مال تي قبضو ڪري ويٺو هو ۽ وراثت مان پاءُ کي حصو ڏيڻ لاءِ تيار نه هو ۽ هُو اٿين ئي لشڪر وٺي هڪٻئي کي مارڻ لاءِ مختلف وقتن تي هڪٻئي تي هلان ڪندا رهيا. اهڙي طرح مرزا باقي سن ڳوٺ جي پرسان لاکن جي ڳوٺ ۾ چوطرف هزارين تنبو هٿائي چانوٽي لڳائي ويٺو هو هن سان گڏ هن جا امير ۽ وزير به ساڻ هئا. جان بابا کي جاسوسن ذريعي اها خبر پهتي هن خان زمان کي چيو ته مرزا محمد باقي جي لشڪر تي "شب خون" ڪر. خان زمان ڪجهه وعدن ۽ اقرارن کان پوءِ ڪجهه وفادار ساٿين ۽ ڪجهه سنڌي دوستن جن ۾ دودو انڙ، غازي انڙ ۽ طالب انڙ وغيره شامل هئا ڪنهن به طريقي سان مرزا باقي جي رهڻ واري هڪ وڏي ماڙي "لاهورو"[21] تائين اچي پهتو. ماڙي ۾ مرزا باقي پنهنجي بيگم آريجه جيڪا ناهيد بيگم جي ڌيءُ سميت موجود هو. نوڪرياڻين جڏهن تلوار وارو شخص ڏٺو ته دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. مرزا باقي جيئن خان زمان کي ڏٺو ته ڪوٺي جو دروازو بند ڪيائين پر خان زمان جي ڌڪن تي دروازو کلي ويو آريجه بيگم جنهن جي هٿ ۾ شمعدان هو تنهن اهو هن جي منهن تي زور سان هنيو. تاريخ طاهري موجب ته خان زمان جي پيشانيءَ تي ان شمعدان جو ڌڪ هميشه داغ جي صورت ۾ رهيو. ان دوران مرزا باقي درياهه ۾ ٽپو ڏيئي ترندو هليو ويو. هن جي گهر واريءَ کي خان زمان قتل ڪري ڇڏيو مرزا باقي سان سندس هڪ خدمتگار خليل به گڏ هو ڪافي وقت ترڻ کان پوءِ هو وڃي ڪنهن سلامتي واري هنڌ پهتا.

خان زمان اتان ڀڳو، پر هرهنڌ هن جي سامهون مرزا باقيءَ جو لشڪر هن جي سامهون هو. هو مختلف حيلن حربن سان زخمي حالت ۾ اچي ريل پرڳڻي پهتو ۽ جان بابا سان مليو.

هوڏانهن مرزا باقي صبح ٿيندي ئي درياهه ٽپي پنهنجي لشڪر سان اچي مليو. هن نئين سر تياري ڪئي ۽ جان بابا جي پٺيان ڪاهيندو ويو تان جو هن کي پنهنجن سرحدن مان ڀڄائي ڇڏيو ۽ پوءِ اچي ٺٽي ۾ آرام سان ويٺو. ان شب خون ۾ جن هن جي جان بچائي هئي تن کي انعام اڪرام ۽ مراعتون ڏنيون. خليل جنهن جي مدد سان هن درياءُ پار ڪيو هو تنهن کي خاص مقرر بڻايائين ڪيس خودمختيار بڻائي پنهنجي مهر ڏئي ڇڏي. مراديو ملاح جنهن هن جي جان بچائي هئي تنهن کي هزارين ننڍيون وڏيون ٻيڙيون ڏئي مير ملاح جو خطاب ڏنو.

**ماهه بيگم جو انجام:**

ماهه بيگم جيڪا شاهه بيگ جي پالتي هئي ۽ مقيم جي ڌيءُ هئي ۽ هڪ جنگ دوران بابر بادشاهه جي لشڪر جي هٿ چڙهي هئي جنهن جي شادي قاسم ڪوڪي سان ڪرائي وئي هئي ۽ ڪيس هڪ ڌيءُ ناهيد بيگم ڄائي هئي-شاهه بيگ جيڪو ماهه بيگم جو چاچو هو ڪنهن طريقي سان هن کي واپس ورايو هو پر هن جي ڌيءُ ناهيد بيگم اتي رهجي وئي هئي. ماهه بيگم شاهه حسن سان شادي ڪئي هئي هن جي وفات کانپوءِ مرزا عيسيٰ ترخان سان شادي ڪئي هئي ۽ هن

---
21 بيگلارنامو، ص 57

هوندي هئي ڪيئي ماڻهو هن جا معتقد هئا ۽ هن جي قدم بوسي کي سعادت سمجهندا هئا. ٻاهران ايندڙ سوداگر هن کي نذرانا پيش ڪندا هئا ۽ هن جو لنگر هلندو رهندو هو. هن سرن سان هڪ منير ٺهرايو هو ان جي مٿان هڪ شمعدان هو جنهن جي روشني رات جو پري کان ايندڙ ماڻهن گهرن ۽ سوداگرن تائين پهچندي هئي. سوداگر سلامتيءَ سان اچي پهچندا هئا ۽ هن کي سلامي پيش ڪندا هئا. هن جون ڪرامتون تمام گهڻيون هيون. ماڻهن جو هن ۾ ايڏو اعتبار ۽ يقين هوندو هو جو پنهنجون قيمتي شيون هن وٽ امانت ڪري رکندا هئا. مرزا باقي هن بزرگ جي مشهوري ۽ پئسي کان اچي پريشان ٿيو، هن وٽ ماڻهن جا ميڙا انهن جي بزرگ لاءِ عزت ۽ سعادت ڏسي ڪيس خار لڳڻ لڳا. هن پنهنجا ڪجهه ماڻهو هن کي مارڻ لاءِ موڪليا جن وجهه وٺي هن کي قتل ڪيو ۽ سندس لاش درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو ۽ هن جو سڄو سامان مال، متاع ڪٽي اچي مرزا باقي جي اڳيان رکيائون. صبح جو جڏهن هن حادثي جي خبر مريدن ۽ معتقدن کي پهتي ته سڄي شهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو ۽ ماڻهن جا قافلا مڪلي ڏانهن روانا ٿيا. مرزا باقي کي جڏهن اها خبر پهتي ته بلڪل انجاڻائي ڏيکاريندي حيرت جو اظهار ڪيائين ۽ حڪم ڏنائين ته قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ اولياء جي قتل جو قصاص ورتو وڃي ۽ بهانو ڪري روئڻ شروع ڪيائين ڪجهه ڏينهن ۾ ڳالهه ختم ٿي ويئي نه قاتل مليا نه ڏوهيءَ جي خبر پئي.

انهيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي بزرگ شيخ عبدالوهاب پورانيءَ کي مارڻ جو فيصلو ڪيو جنهن کي ملڪي ۽ سياسي سرگرمين ۾ به حڪمران طرفان اهميت حاصل هوندي هئي. ازانسواءِ ٻاهرين ملڪن مان جيڪي معزز شخصيتون سمنڊ رستي لاهري بندر وٽان ٺٽي پهچندا هئا تن جي آجيان هي ڪندو هو ۽ سندن مهماني ۽ رهائش وغيره جي نگهباني ڪندو هو. هن جو نالو ۽ نيڪي يقيناً ٻاهرين ملڪن تائين مشهور هوندي. شيخ عبدالوهاب لاءِ تاريخ طاهري مطابق ته هن جي اهميت مرزا شاهه حسن کان وٺي هئي ۽ ان وقت کان وٺي هن کي جيڪي جاگيرون عطا ڪيون ويو هيون تن جي سموري آمدني خدا جي راهه ۾ خرچ ڪندو هو ايتريقدر جو گهوڙا ۽ قيمتي لباس به حاجتمندن کي ڏي ڏنائين ۽ پاڻ ڪڏهن گهوڙي تي سواري به نه ڪيائين. ملڪ ۾ هرهنڌ هن جي عزت ۽ واڪاڻ هئي. مرزا باقي هاڻي هن کي وڌيڪ برداشت نه پيو ڪري سگهي اندر جو شيطان ۽ وسوسن هن کي گهيري ڇڏيو هن شيخ عبدالوهاب کي مارائڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي خاص ماڻهو قاضي خميسي کي هن بزرگ کي مارڻ جو حڪم ڏنو جنهن عيد ڏينهن، عيد نماز پڙهڻ کان پوءِ واپسي تي ڪيس وچ بازار ۾ قتل ڪري ڇڏيو[24] ۽ اڳتي هلي هن جي پوين کي ايترو تنگ ڪيو ويو جو هُو ٺٽو ڇڏي پنهنجي جاگير ڏانهن هليا ويا ۽ وري ٺٽي جو منهن نه ڏٺائون.

**خليفي عبدالوهاب عباسي جو قتل:**

هن جا وڏا محمد طور (ماهر طور) کان لڏي اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا هئا. هن بزرگ جون ڪرامتون به مشهور ٿيون. پکي هن سان گڏ گهمندا ڦرندا هئا ۽ ڪنهن ٻئي شخص کي ڏسي اُڏري ويندا هئا. مرزا باقي هن جي ڪرامتن کان واقف هو. تاريخ طاهري مطابق ته هن بزرگ مرزا باقي جي خاندان مان شادي ڪئي هئي ان کان پوءِ هن کي اچي خوف ۽ ڪروڌ ورايو هو ۽ هن ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ خليل خدمتگار کي حڪم ڪيو ۽ ڪيس تلقين ڪيائين ته هن جي موت جي تصديق کان سواءِ نه هٽجانءِ. خليفي عبدالوهاب کي اها سڄي خبر پئجي ويئي. هن پنهنجي خاندان ۽ پٽن کي چيو ته مرزا باقي جي حڪم سان خليل خدمتگار مونکي قتل ڪندو جيڪا قضا لکيل آهي مان ان تي راضي آهيان توهان وچ ۾ نه پئجو. سندس معتقدن عرض ڪيو ته اسين خليل کي ٻڌي مرزا باقي ڏانهن اُماڻيون، پر بزرگ کين ائين ڪرڻ کان جهليو. خليل جي آمد جو ٻڌي خليفو ڳوٺ کان ٻاهر ٽڏو وڇائي ويٺو. پرپاسي سندس پٽ به بيٺا هئا. خليل پهچي هن کي دعا لاءِ چيو هن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا ته خليل جي ماڻهن خليفي جي سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. خليفي جي هڪ پٽ خليل تي حملو ڪيو ان حملي ۾ هن جو نڪ ڪٽجي ويو ۽ هن جي ڪجهه ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو. خليفي جو

[24] تاريخ طاهري، ص 131

موڪليون، بکر پهچي گيسو خان قلعي جون چابيون ورتيون، ائين سلطان خان جي حڪومت ختم ٿي ۽ بکر حڪومت اڪبر بادشاھ جي شهنشاهيت هيٺ آئي ۽ گيسو خان کان صوبيدارن جي مقرري شروع ٿي.

بکر تي اڪبر اعظم جو قبضو انهن ڳالهين مرزا باقي کي پريشان ڪري ڇڏيو پنهنجي عاقبت بچائڻ لاءِ هن پنهنجي ڌيءُ سنڌي بيگم جو سڱ اڪبر بادشاھ کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. آخوند جمال الدين جيڪو هن جو نائب هو تنهن کان صلاح ورتائين تہ اڪبر بکر تائين اچي پهتو آهي اگر هن جو لشڪر اسان ڏانهن آيو تہ اسين پنهنجو بچاءُ بہ نہ ڪري سگهنداسين ڇاڪاڻ تہ هنن جو لشڪر جو تعداد تمام گهڻو آهي ۽ هر قسم جو جنگي سامان هنن وٽ موجود آهي، مون فيصلو ڪيو آهي تہ پنهنجي ملڪ جي بچاءُ لاءِ اڪبر کي خوش ڪيان ۽ پنهنجي ڌي سنڌي بيگم هن جي زوجيت ۾ ڏيان. جمال الدين جو چوڻ آهي تہ مون هن کي ان عمل کان روڪيو، پر هو هن تي سخت ڪاوڙيو ۽ ڪيس محل مان ڌڪا ڏيئي ڪڍي ڇڏيو ۽ ٻين اميرن کي گهرائي صلاح مصلحت ڪري پنهنجي نياڻي ۽ سندس ڏاج ۽ تحفا ڏئي سيد جلال شاھ ولد سيد علي (سيد جلال شاھ مرزا صالح جو نائي هو[35] ۽ خواجہ امير بيگ ديوان سان شاهي دربار ڏانهن ڏياري موڪليائين. ارغون جيڪي مرزا باقي جي ظلمن کان ڀڄي اچي شاهي دربار ۾ پهتا هئا تن مرزا باقي کي ڪافي بدنام ڪيو هو هن جي ظلم جي داستان کان بادشاھ اڪبر بہ واقف هو تنهن هن جي ڌيءُ کي هڪ محل ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو. تاريخ طاهري مطابق تہ بادشاھ هن وٽ هڪ دفعو وٽس رهيو وري سندس منهن نہ ڏٺائين. ملازمن کي چيائين تہ هيءُ مرزا باقي جنهن جا ٽي جا سيد ۽ ترخان سڱابندي ڪري ماڻٽ ٿي ويا هئا. خونيءَ جي ڌيءُ آهي ڪيس شاهي محل مان ڪڍي ٻئي هنڌ رهايو وڃي. سنڌي بيگم ڪيترا ڏينهن بي يارو مددگار ويٺي رهي. آخر ارغونن کي ڪجهہ غيرت آئي هنن بادشاھ کي عرض ڪيو تہ جيتوڻيڪ مرزا باقي پنهنجي پيءُن جو خوني ۽ اسان جو جاني دشمن آهي، پر ان ۾ هن نياڻي جو ڪو ڏوھ ناهي توهان مهرباني ڪري هن کي مرزا باقي ڏانهن روانو ڪيو. اڪبر بادشاھ هن کي هڪ هاٿي عنايت ڪيو ۽ ڪجهہ زمين هن جي نالي ڪئي جيئن ان جي آمدني مان هن جو گذر سفر ٿي سگهي ۽ ڪيس مرزا باقي ڏانهن روانو ڪيو. مرزا باقي کي ڌيءُ جي روانگي جي خبر پئجي ويئي هن صبر ڪيو ۽ آخوند جمال الدين کي گهرائي ڪيس سڄي ماجرا ٻڌائي جنهن ڪيس آٿت ڏني تہ خير سان تنهنجي نياڻي تو وٽ پهچي ويئي.

بکر جي حڪمران مرزا باقيءَ جي علائقن سان ڇيڙخاني شروع ڪري ڏني هن جو لشڪر سيوهڻ تائين پهچي آباد زمينن کي برباد ڪري ڇڏيندو هو. مرزا باقيءَ طرفان فتح خان جيڪو هڪ غلام هو اهو حڪمران مقرر هو جنهن هڪ هندوءَ کي جنهن جو نالو جوڻو هو مير منشي رکيو هو ۽ هر ڪم هن جي حوالي ڪري پاڻ ۽ سندس پٽ ابوالتح محفلون رچائيندا هئا. مردن کي زنانا ڪپڙا پارائي پنهنجي اڳيان ويهاريندا هئا. بي شمار طعام تيار ڪرائيندا هئا. فتح خان کان ملڪي معاملات ۾ اگر ڪو پڇندو هو تہ چوندو هو جوڻو کي خبر هوندي. خزانو برين حرڪتن تي ڪپائيندا هئا. مرزا باقي کي جڏهن اهڙين حرڪتن جي خبر پئي تہ هن پنهنجن ٽن پٽن کي جن کي پنهنجي نگرانيءَ ۾ سٺي تربيت ڏياري هئي مختلف پرڳڻن تي صوبہ دار ڪري موڪليو. مرزا پائنده خان جيڪو سڀني پٽن ۾ وڏو هو، پر دماغي طور تي هو صحيح نہ هو تنهن کي شاهي لشڪر سان منهن ڏيڻ لاءِ سيوهڻ ۾ رکيائين. سيوهڻ جي حڪومت جو سڄو ڪاروبار مرزا پائنده خان جو پٽ مرزا جاني بيگ هلائيندو هو. شمس ڪشميري هن جو وزير هو. شير علي ڪوڪو هن جو وزير مقرر ٿيو. ٻئي پٽ مرزا شاھ رخ ترخان کي نصرپور جو حاڪم مقرر ڪيو. ٽئين پٽ مرزا محمد مظفر پٽ کي چاچڪن ۽ بدين واري سرڪار تي حاڪم مقرر ڪيو ۽ علي خان کي هن جو وزير مقرر ڪيو. نيرون ڪوٽ جتان جا رهواسي هن کي ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪندا هئا، اتي مرزا محمد زمان ترخان کي حاڪم ۽ قاسم علي سلطان کي وزير مقرر ڪيو. ٽئي وارو صوبو لاهري بندر کان ڪڪرالي تائين جتي جا سنڌي قبيلا، سما، دل ۽ لانگاھ رهندا هئا جن مان مرزا باقي هميشہ

[35] بيگلارنامو، ص 150

خطرو محسوس ڪندو هو. اُهو پنهنجن خاص ماڻهن جي حوالي ڪري منصوبہ بندي جو هڪ چار وچاٽي ڇڏيو هر هفتي هر سرڪار جي ڪارگذاري جي خبر وٺڻ پر جيڪڏهن اها وقت تي نہ ملي تہ اتان جي وزير کي قتل ڪرائڻ لاءِ ملڪ جي هر ڪنبڪڙڇ ۾ جاسوس پکيڙي ڇڏيا هئائين جن جو ڪم هو تہ مرزا باقي جي پٽن ۽ انهن جي وزيرن بابت هر سٺي يا خراب خبرون پهچائڻ هو. پاڻ قلعي ۾ آرام سان ويٺو هوندو هو. هن پنهنجا حڪم اهڙي نموني مضبوط ڪيا جو اميرن وزيرن جون حياتيون زهر ڪري ڇڏيائين ٿوري گهٽي غلطي تي سندن ڪن ۽ نڪ ڪپائي ڇڏيندو هو ۽ ڪيترن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. ان ۾ هندن توڙي مسلمانن سان ڪا رعايت نہ هوندي هئي. تاريخ طاهري موجب مرزا باقي جي پٽ مرزا پائنده خان جو دماغي طور تي صحيح نہ هئڻ بہ مرزا باقي ڪارڻ هو. هڪ دفعي هن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪجهہ ڏنو جيڪو هن ڏسي ورتو هن پٽ تي وڏي ڦٽڪار وجهي ان سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. مرزا پائنده ان ڏينهن کان پاڻ کي گونگو ۽ ٻوڙو ڪري ڇڏيو ۽ هميشہ چپ رهندو هو"[31] آهستہ آهستہ هن جي دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هن جا ظلم رعيت تي ايترا وڌي ويا ۽ هن ماڻهن جو ايترو تہ جاني ۽ مالي نقصان ڪيو جو سڄي ملڪ ۾ روڄ راڙو مچي ويو مسلمان مسجدن ۾ ۽ هندو مندر ۾ هن مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هن جي لاءِ موت جي دعا گهرندا هئا. اوچتو نصرپور ۾ حاڪم طور مقرر ٿيل هن جو پٽ جيڪو ڪيس ڏاڍو پيارو هو ان جي موت جو اطلاع مليو. بجاءِ ڏک ۽ پنهنجي دل نرم ڪرڻ جي هي ٻين لاءِ هڪ خونخوار ماڻهو ٿي پيو هو، پر ان سان گڏ ملڪ هلائڻ لاءِ هو وڏو ايڊمنسٽر هو. ملڪ جون سرحدون مضبوط ڪيائين ان لاءِ هن جي زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو جنگين ۾ گذريو. ملڪ بچائڻ لاءِ ۽ حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ هيءُ پنهنجن پٽن ۽ عزيزن کي قتل ڪرڻ کان بہ نہ مڙيو. پنهنجي حڪومت جي سختي جو ڍنڍورو اهڙو پکيڙي ڇڏيائين جو هرڪو پيو هن کان ٻڄندو هو. ملڪ ۾ اناج ۽ ڪاڌي پيتي جو وڏو ذخيرو موجود هو. هيئنر هن جا پٽ ۽ ٻيا اعتماد جهڙا ماڻهو ملڪ جي مختلف پرڳڻن تي حڪمران هئا جتي هن جو سخت قانون موجود هو. پاڻ گاديءَ تي آرام سان ويٺو هو، جيڪڏهن گهرائيءَ سان ان ڳالهہ جو جائزو ورتو وڃي تہ مرزا باقي اهڙو ماڻهو خودڪشي ڇو ڪندو. ٿي سگهي ٿو تہ هن جا اعتماد وارا ماڻهو جيڪي هن سان ڏينهن گڏ رهندا هئا انهن هن خلاف ڪا سازش تيار ڪئي هجي ۽ خودڪشي جو ڊرامو رچايو هجي. ٿي سگهي ٿو سياڻي جي والد کي ان سازش جي خبر نہ هجي. لب تاريخ، تحفة الڪرم تاريخ طاهري کي مڃيو آهي، پر مرزا باقي جي زندگي ۽ ڪردار کي ڏسجي تہ جيڪو ماڻهو ڪيڏن واري پرائي ڪٽڪ بہ پاڻ وٽ لڪائي رکندو هو سو ڪيئن پنهنجي زندگي ۽ حڪومت جو پاڻ لاءِ خاتمو آڻيندو. مرزا باقي جي قتل يا خودڪشي جي خبر جڏهن اميرن وزيرن تائين پهتي تہ هنن جن کي قتل جو ملزم قرار ڏنو تن کي في الحال بند خاني يعني لاڪپ ڪيو ۽ نئين حڪمران لاءِ صلاح مشورو شروع ڪيائون. مرزا پائنده جيئن تہ سڀني پٽن ۾ وڏو هو، پر دماغي طور تي صحيح نہ هو تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هن جي پٽ مرزا جاني بيگ جيڪو هڪ بهترين ايڊمنسٽر هو تنهن کي حڪمران مقرر ڪجي. مرزا مظفر جيڪو مرزا باقي جو ٻيون نمبر پٽ هو ان کي انهيءَ ڪري حڪومت نہ ڏني ويئي ڇاڪاڻ جو هن جي ماءُ "سما" خاندان مان هئي جن کان ارغونن حڪومت کسي هئي ڪين ڊپ هو تہ سمن جي اچڻ وڃڻ ڪري ترخان حڪومت تي اثر پوندو ۽ اڳتي هلي هو پنهنجا پير پختا ڪندا.

هيئنر هنن پنهنجي توجهہ انهن ماڻهن ڏانهن ڏني جن کي مرزا باقي جو قاتل سمجهيو پئي ويو. جيتوڻيڪ انهن هر قدم جي شاهدي مرزا باقي جي خودڪشي جي جڳهہ ۽ نوڪرن مٿان ڪرڻ جو ٻڌايو پر ڪنهن بہ يقين نہ ڪيو ۽ حڪومت جي دهشت ثابت ڪرڻ ۽ ماڻهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ ڪين سخت سزائون ڏئي ماريو. درياهي آبدار کي آلي ڪاٺي جا ٽڪرائي ڪرائي ان ۾ پوري باهہ ڏني جيڪو ڏاڍي تڪليف سهي پنهنجي جان ڏني. مارقدم قورجي کي چيرائي سندس جسم جا ٻہ حصا ڪيا ويا ۽ انهن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري شهر ۽ جهنگ ۾ اڇلايا ويا. هندوءَ

[31] تاريخ طاهري ص 159

ڪي سنگسار ڪيو ويو. ملڪ احمد لاءِ حڪم ٿيو ته هن کي وچ بازار ۾ سمهاري پيرن کان چوٽيءَ تائين سندس کل لاٿي وڃي پوءِ هن جي جسم جون ڀوٽيون ڪري ڪتن اڳيان اڇلايون وڃن. چون ٿا ته جڏهن ملڪ احمد جي کل لاٿي پئي ويئي ته ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍيائين ۽ سور جو عذاب سهندي مري ويو.

ميان حسن (نسياني) جي والد جيڪو مرزا باقي جي قتل واري رات اتي موجود هو تنهن جي جان بخشي لاءِ خليل مهردار مرزا جاني بيگ کي عرض ڪيو ۽ کيس سمجهايائين ته هي سيد زادو بي گناهه آهي ان رات هي ملڪ احمد جي چوڪيءَ ۾ داخل هو هن وٽان نه ڪوبه رت لڳل سامان وغيره هٿ نه آيو آهي ۽ نه ڪا ٻي ثابتي ملي آهي تنهنڪري هن جي جان بخشي وڃي.

**مرزا باقي ترخان جي خودڪشي يا قتل:**

ذهني دٻاءَ ماڻهن جي آهن ۽ دانهن جو نيٺ اچي انت ٿيو. ترخان دور لاءِ تاريخ طاهري کي وڏي اهميت آهي ۽ مورخن هن کي صحيح مڃيو آهي بهرحال ڪجهه وڏاءُ ۽ گهٽتائي به ٿي سگهي ٿي. تاريخ طاهري جو مصنف سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي مرزا باقي ترخان جي خودڪشي متعلق لکي ٿو ته سندس والد ميان حسن هن کي ٻڌايو ته مرزا باقي پنهنجن خاص خدمتگارن مار قوم قورجي چتي هندو ۽ درياهي آبدار سان خوابگاهه ۾ ستو پيو هو. ٻاهر سندس پٽيلو ملڪ احمد جي چوڪي هئي. اڌ رات جو هي اٿيو ۽ رنڊڙ ڏيئو وسايو، ترار مياڻ مان ڪڍي ان جو مٺيون" دروازي جي طاق ۾ قاسائي ترار جي چهنب کي زور سان پنهنجي پيٽ ۾ وڌائين جيڪا وڃي هن جي پٺيءَ مان نڪتي سندس آندا ٻاهر نڪري آيا جن کي پنهنجن هٿن سان جهلي هٿوراڙيون هڻندو وڃي نوڪرن جي مٿان ڪريو نوڪر گهٻرائجي اٿيا ۽ کيس کٽي پلنگ تي ليٽايو. مرزا باقي مرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي پٽيلي ملڪ احمد کي گهرايو، پر هن کي اچي ٻپ ورايو ته مٿان هن جي مٿان مرزا باقي جي قتل جو الزام نه لڳي پر آخر مرزا جي گهٽي اسرار بعد هي خوابگاهه پهتو.

مرزا باقي هن کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ کيس زور سان پاڪر پاتو هن جا ڪپڙا رت ۾ ڳاڙها ٿي ويا. ملڪ احمد ٻڌي ويو ۽ مرزا کي چيائين "مون کي هن واقعي جي ڪا خبر ڪانهي ته هيءَ مصيبت ڪنهن اوهان تي آندي، پر توهان زوري مون کي ماڻهن جي روبرو قتل جو ملزم ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو، اوهان جي انتقال ڪانپوءِ خبر ناهي ته منهنجو الائي ڪهڙو حشر ٿيندو.

مرزا باقي اتي چوڻ شروع ڪيو مان توهان سڀني کي تاڪيد ٿو ڪيان ۽ شاهد ٿو بڻايان ته منهنجي موت جو ڏوهه ڪنهن تي به نه هڃجو مون پاڻ کي پاڻ قتل ڪيو آهي ان ۾ ڪنهن ٻئي جو هٿ ناهي. ڳالهائيندي سندس پساهه پورا ٿيا ۽ دم ڏٽي حوالي ڪيائين. سندس وفات 8 شوال 993هه مطابق 1585ع ۾ ٿي کيس مڪلي جي قبرستان ۾ مرزا عيسيٰ ترخان جي ويجهو دفن ڪيو ويو.[33]

اها خبر جڏهن عام ماڻهن ۽ ماتن کي پهتي ته هرڪو پنهنجي جاءِ تي حيران ۽ پريشان ٿي ويو. ماڻهن، سردارن، سپهه سالارن جو وڏو تعداد ديوان خاني ۾ اچي جمع ٿيو سڀني ۾ مرزا باقي جي قتل جو چوبول متل هو. نيسائي پنهنجي والد کان ٻڌل ڳالهه لکي ٿو ته ڪيترن ماڻهن کان ائين ٻڌو ته ملڪ احمد سان گڏ ٻين ماڻهن کي به جيڪي مرزا باقي سان گڏ هٿا خوار خراب ڪري ڪين قتل ڪيو ويندو چاڪاڻ ته ڪنهن به ماڻهو مرزا باقي جي خودڪشي کي تسليم نه ڪيو ۽ ان سازش جو الزام ملڪ احمد تي هنيو ويو. نيسائي جو والد ته گهٽو ڪجهه خودڪشي متعلق ٻڌايو آهي، پر هن تي يقين ڪرڻ وارو ڪو به نه هو.

**مرزا پائنده بيگ ۽ مرزا جاني بيگ:**

مرزا باقي جي قتل يا خودڪشيءَ ۾ ملوث مجرمن کي سزا ڏيڻ کان پوءِ مرزا پائندو جي حڪومت جو اعلان ڪرايو ويو. ماڻهو ايڏي دهشت ۽ بربريت کان ٻڌي پلسيرا ٿي ويهي رهيا. مرزا مظفر خان جنهن جي حوالي بدين ۽ چاچڪن جو پرڳڻو هو پيءُ جي مرڻ کان پوءِ حڪومت جي وارثيءَ لاءِ پنهنجي وزير علي خان سان گڏ ٺٽي جي ويجهو اچي رهيو هو. واپس بدين هليو ويو ۽ مرزا جاني جي

---

[32] ص 162-63

[33] لب تاريخ سنڌ، ص 160

جيتري حيثيت هوندي ان کان پوءِ مرزا جاني بيگ حڪومت هلائڻ لڳو ۽ آرام سان زندگي گذارڻ لڳو."[38]

**خان خانان جو سنڌ ۾ اچڻ:**

ابوالفضل (آئين اڪبري) مطابق عبدالرحمان خان خانان بيرم خان جو پٽ هو جنهن کي دربار اڪبري مان قنڌار فتح ڪرڻ جو حڪم مليو هو بلوچستان جو رستو ورتائين، پر جيئن ته ملتان ۽ سنڌ (ٺٽو) وارن سان هن جي عداوت هئي تنهنڪري هن شهنشاهه کان سنڌ تي حملي جي اجازت گهري"[39] ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ مطابق ته سن ۽ تاريخن جو وڏو تضاد آهي جنهن ۾ خان خانان جي مقرري ۽ بکر ڏانهن پهچڻ جو آهي. هن جي مقرري ستين ربيع الاول 999هه 13 جنوري 1591ع آهي. معصومي لکي ٿو[40] ته سکر ۾ ماڪڙ جي حملي فصل تباهه ڪيو سڄي پرڳڻي ۾ ڏکر پئجي ويو. اڪبر بادشاهه لاهور جي تختگاهه پهتو جيڪو هن جي حڪومت هيٺ هو. مرزاجاني بيگ اطلاع باوجود به بادشاهه جي قدمبوسي لاءِ نه پهتو ۽ پنهنجي اطاعت جا فرض بجا نه آندائين ۽ خود مختياريءَ جو دم هڻڻ لڳو. بادشاهه هن جي خلاف جلال ۾ اچي ويو ۽ خان خانان کي ٺٽي جي فتح ۽ بلوچن جي بندوبست لاءِ مقرر ڪيو ڪيس دربيلو، ڪاڪڙي ۽ چانڊڪا (هاڻوڪو لاڙڪاڻو) جاگير طور عطا ڪيو. معصومي جيڪو پڻ دربار ۾ هو تنهن کي بادشاهه طرفان سنڌس والده سان ملڻ جي اجازت ملي. لکي ٿو ته 14 صفر 999هه Dec:1590 تي بکر پهتس "بغايت خوب است" مهينو ۽ سن ڀڏايو ويو آهي، ۽ پنيان خان خانان به اچي پهتو. معصومي مطابق موسم ڏاڍي گرم هئي ۽ ندي ۾ سيلاب هو اڳيان هُو مهينو ڊسمبر ٿو ٻڌائي هت وري گرمي جو ذڪر ڪيو اٿس. يقيناً معصومي کان يا لکڻ ۾ غلطي ٿي اهي جيڪا ڪيترن تاريخدانن نوٽ ڪئي آهي.) ڪجهه ڏينهن بکر ۾ رهي هُو جاني بيگ جي پرڳڻن ڏانهن روانا ٿيا ۽ سيوهڻ پهتا. خان خانان سان وڏو لشڪر ساڻ هو. مرزا جاني بيگ کي جڏهن بکر ۾ خان خانان جي اچڻ جو اطلاع مليو تڏهن هن پنهنجن صلاحڪارن کان صلاحون وٺڻ شروع ڪيون. تاريخ طاهري موجب ته شروع ۾ ئي هن کي صلاح ڏني ويئي هئي ته بادشاهه جي فرمانبرداري کان منهن نه موڙ. هينئر ڪيس چيائون ته سنتي بيگم (سندس پڦي) ۽ مرزا باقي جي ڌيءُ جيڪا اڪبر بادشاهه جي حرمن (بيگمات) مان آهي تنهن کي عهدنامن جي فرمانن سان گڏ خان خانان ڏانهن بکر موڪل ۽ ڪيس آگاهه ڪر ته اسين بادشاهه جا تابعدار آهيون.

مرزا جاني بيگ اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيو ۽ وراڻيو ته جيڪڏهن اسان جا وڏا پنهنجي ننگ ناموس جو ڪو خيال نه ڪري جيڪا بدنامي پاڻ تي کڻي ويا تن وانگر مان ڪڏهن به اهڙو عمل نه ڪندس. پنهنجي بچاءَ لاءِ جيڪا به جنگي قوت آهي استعمال ڪندس اڳتي جيڪي قسمت ۾ هوندو پنهنجي عورت ڏئي پناهه ڪونه وٺندس. مرزا جاني بيگ اعلان ڪيو جنهن به شخص کي پنهنجي سر ۽ اولاد جي سِر جو ڊپ هجي ان کي جدا هڻڻ ڪپي ۽ جيڪي ڪجهه وٽس هجي کڻي وڃي. سندس صلاڪارن وري ميڙ منٿ ڪيس ته هي ننڍڙو ملڪ جنهن جو لشڪر به گهٽ آهي ۽ ملڪ جو خزانو جيڪو مرزا شاهه حسن ارغون کان وٺي مرزا باقي تائين سلامت هو"[41] اهو به ورهايو ويو آهي شاهي لشڪر سان ڪيئن مقابلو ڪندا مرزا جاني بيگ وٽ هر سوال جو جواب هو سندس موقف هو ته اڪبر بادشاهه جي لشڪر سان ڪو به مقابلو نه ٿو ڪري سگهي، پر مون کي اهو نه ٿو جڳائي ته مان پنهنجو ملڪ ۽ مال مفت ۾ ڪنهن غنيم جي حوالي ڪيان جو ماڻهو منهنجي بزدلي بيان ڪري چون ته هن گهراڻي ۾ هڪ اهڙو ماڻهو هو جو محض پنهنجي جان جي خوف کان پنهنجو مورثي ملڪ ٻين حوالي ڪري ڇڏيو. آخر فيصلو اهو ڪيو ويو ته جنگ هر حالت ۾ ڪرڻي پوندي مرزا جاني بيگ جي لشڪر ۾ قابل سپاهي ۽ سورهيه جوان شامل هئا هن دستار بيگ جي پيءُ رستم بيگ ڪجهه لشڪر ڏيئي سيوهڻ روانو ڪيو ۽ ڪيس حڪم ڏنو ويو ته قلعي جي ٻاهران ٺهيل

---

[38] مرزا شاهه رخ مرزا باقي جو پٽ انتقال ڪري ويو هو. ٿي سگهي ٿو هي هن جو پاءُ هجي يا مرزا شاهه رخ جو پٽ هجي. تاريخ طاهري هن کي مرزا جاني بيگ جو سوٽ ڪري لکيو آهي.

[39] آئين اڪبري، ص 917-887

[40] تاريخ معصومي، ص 37-236

[41] تاريخ معصومي 237، ڊاڪٽر پٺاڻ، 194

رستي جنگ لڳي وئي، مغلن جو لشڪر لاتعداد هو ۽ مرزا جاني بيگ جو بهادر لشڪر هو ٻنهي طرفان ڏاڍي بهادري ڏيکاري ويئي ۽ لشڪر جو وڏو تعداد مارجي ويو.

تاريخ طاهري مطابق ته آخر مرزا جاني بيگ ۽ خان خانان ۾ ٻوبلو جنگ جو اعلان ٿيو ۽ جنگ واري رات هڪ اهڙي رات هئي جيڪا جنگ جو ميدان سنواريندڙ هزارين سوڍن ۽ سورهين جي آخري رات هئي جنهن جو صبح ڪنهن قيامت واري ڏينهن کان گهٽ ڪين هو، جنگي جوان موت جو ڀيانڪ تصور ۾ آڻيندي هڪٻئي کان ڏوهه گناهه ٿي بخشايا ۽ پنهنجي حاڪم جي ننگ ناموس بچائڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. خان خانان جي سپاهين هڪٻئي جي سڃاڻپ لاءِ پنهنجن ٽوپن ۾ تير ٽنبيا هئا ۽ سنڌين (تاريخ تحفة الڪرام، مرزا جاني بيگ جي لشڪر کي سنڌين جو لشڪر سڏيو آهي). پنهنجن پٽڪن ۾ ورنئڻ جون سايون ٽاريون لڳايون هيون. تحفة الڪرام موجب ته هيءَ جنگ اهڙي هئي جنهن جي ڪيفيت جي اندازي لڳائڻ کان عقل جي تعارازي عاجز آهي[42]. تاريخ طاهري مطابق ته: ٻئي لشڪر چوليون هڻندڙ سمنڊ جيان زمين آسمان هڪ ڪري هڪٻئي مٿان ڪاهي پيا. جنگ جي انتوڪاري ۾ چوڌاري بارود جون باهيون وِڄ جيان چمڪاٽ ڪرڻ لڳيون ۽ تيرن جا وسڪارا منڊائتي مينهن جيان وسندا رهيا[43]. ۽ مرزا جاني بيگ جو پاسو چڙهندو ڏسڻ ۾ آيو. تحفة الڪرام ۽ تاريخ طاهري جي لکندڙن جو خيال آهي ته شهنشاهه اڪبر جو اقبال الله کي پسند هو اوچتو هڪ هاٿي مرزا جاني بيگ جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو ۽ هوا جو رخ جنهن ۾ مٽيءَ جو طوفان هو مرزا جاني بيگ جي لشڪر ڏانهن رخ ڪيو. هوڏانهن مغلن جو لشڪر پڻ ڪاهي پيو. لشڪر ۾ ڀاڪوڙو پئجي ويو، عين غلبي جي حالت ۾ جڏهن مرزا جاني بيگ جو لشڪر خان خانان تي غالب پئي ٿيو ته هن جي ايڏي تباهي آئي جو لشڪر ۾ صرف پندرهن ڄڻا بچيا[44]. مرزا وري به مضبوطي سان بيٺو رهيو. سنڌس لشڪر مان ڪي مارجي ويا ته ڪي موت کان بچڻ لاءِ ڀڄڻ لڳا، مرزا جاني بيگ ميدانِ جنگ مان نڪرڻ کان انڪار ڪيو، پر شاهه قاسم ارغون هن کي زوري اُتان وٺي ويو ۽ ٻيڙيءَ ذريعي ڪيس انڙپور پهچايو. مرزا جاني بيگ تڏا سڀي ان ۾ واري ڀري ماڻهوءَ جي قد جيتري پناهگاهه ٻيهاريائين[45]. هوڏانهن خان خانان جو لشڪر وحشين ۽ درندن وانگر جنگ جو ميدان ٽپي مرزا جاني جي لشڪر سان مغلن جا لاش لتاڙيندو زخمي ۽ مرڻينگ سپاهين کي بيدردي سان قتل ڪري، مرزا جاني بيگ جو تعاقب ڪندو اچي پهتو ۽ هن جي رسد جي آمد ورفت بند ڪيائين، جاني بيگ پيءُ کي لکيو ته شهر مان ماڻهن کي لڏائي ويران ڪري ڪلان ڪوٽ جي قلعي ۾ وڃي رهو. ٺٽي جي هر ڳوٺ کي تباهه ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جيئن دشمن جي لشڪر کي ڪجهه به ملي نه سگهي، هن اعلان ڪرايو رعيت مان هرڪو پنهنجا ڪچا پڪا فصل ناس ڪري، جنهن وٽ جيڪي ڪجهه هجي سو پاڻ سان کڻي ڪنهن نه ڪنهن پلسي نڪري وڃي ۽ ڪٿي وڃي پناهه وٺي[46].

تاريخ طاهري مطابق ته ٺٽي ۾ امن امان جو اهو حشر ٿيو جو رهزن ۽ ڦورن ماڻهن جو مال ملڪيت لُٽڻ شروع ڪيو[47]. هڪ مهيني جي اندر ٺٽو برباد ٿي ويو، هيڏي ساري عاليشان شهر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو، ماڻهن جو زمين ۾ پوريل مال ڦورو ڪوٺي کڻي ويا، ڪيئي ماڻهو مارجي ويا ۽ ماڻهو مفلس ۽ ڪنگال بڻجي ويا. خان خانان کي جڏهن اها خبر پئي ته مرزا جاني بيگ پاڻ پنهنجي ملڪ جو خانو خراب ڪيو آهي ته هن چوطرف پنهنجا صوبيدار موڪليا، جن نيرون ڪوٽ جو قلعو محمد امان ترخان ۽ قاسم علي وڪيل کان فتح ڪيو. شاهه بيگ خان، شاهه ڳڙهه وارو قلعو ابوالقاسم کان کسيو. چاچڪان جي قلعي تي به قبضو ڪيائون. هيڏانهن مرزا جاني بيگ جي پيءُ مرزا پائينده خان ۽ سنڌس پٽ ابوالفتح عمر وفات ڪئي، پر هن ڪابه آڻ نه مڃي، ۽ لشڪر سان گڏ خان

---

42 ص 183

43 ص 192-93

44 تحفة الڪرام، ص 183

45 تحفة الڪرام، ص 184

46 تحفة الڪرام، ص 184

47 تحفة الڪرام، ص 198

خانان جي سامهون همت سان بيٺو رهيو.[46] ٻئي تريون اڻ نبرندڙ ويڙهه ۾ وقت ضايع ڪنديون رهيون.

خان خانان کي اها خبر پئي ته هن جيڪي به پرڳڻا گهيري هيٺ آندا ۽ لشڪر جي اڳواڻ کي زباني طور اتان جو حاڪم مقرر ڪيو هو انهن ڏانهن حڪم موڪليائين ته:

"اسان مرزا جاني بيگ کي گهيري ۾ آڻي
ملڪ جو هي پاسو برباد ڪرايو آهي تيئن
توهان به صوبن ۾ ماڻهن کي ماري باندي
بڻايو سندن ان پاڻي بند ڪيو وڃي ۽ هر
ڳالهه جي خبر موڪليندا رهو."

حڪم ملندي ئي شاهي ڪارندن پنهنجو ڪم شروع ڪيو، نيرون ڪوٽ ۾ مقرر حاڪم محمد امان ترخان جي انتقال کان پوءِ سندس وزير قاسم علي سلطان سندس جاءِ تي نيرون ڪوٽ ۾ رهيل هو. انهيءَ شهر ۾ نصرالله نالي هڪ عرب ترخان حڪومت سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو ۽ ٻيا به اوسي پاسي ڪجهه عرب سرڪاري نوڪرين ۾ هئا. شاهي لشڪر اتي پهچي، نصرالله کي شاهي دربار مان منصب ڏيڻ جي لالچ ڏنائون، جنهن دوکي سان قاسم علي سلطان کي نماز دوران قتل ڪري ڇڏيو. قاسم علي سلطان جون عورتون مرداڻا ڪپڙا پائي گهران نڪتيون ۽ ٺٽي وڃي پهتيون. نيرون ڪوٽ قلعي تي شاهي فوج قبضو ڪيو.

شاهه ڳڙهه تي خان زمان جو پٽ ابوالقاسم حاڪم هو، اڪبري سپاهي شاهه بيگ هن کي گهيرو ڪيو ويٺو هو. هڪ دفعي شاهه بيگ جا ماڻهو شڪار تي ويل هئا، ابوالقاسم موقعو ڏسي هن تي حملو ڪيو پر جلد ئي واپس قلعي ۾ وڃي ويٺو سندس ماڻهو اتي ئي رهجي ويا.

بدين ۽ چاچڪن جي منصبدارن به خان خانان جي اطاعت قبول ڪئي، مرزا جاني بيگ کي سڀ خبرون پهچنديون رهيون. پنهنجي والد مرزا پائنده ۽ پٽ ابوالفتح جي انتقال جي خبر ڪيس جهوري ڇڏيو هو، چوطرف خان خانان جو گهيرو هو، گهر فصل تباهه ٿي چڪا هئا، امن امان جو فقدان هو ملڪ ۾ بک ڪاهي پئي هئي. ڪٿان به ڪنهن گهر ۾ ڪاڌي پچائڻ لاءِ باهه نه ٻرندي هئي، ملڪ خزاني کان خالي ماڻهو گذر سفر بنا هئا، هر طرف بارود جو دونهون ۽ بندوقن جا آواز پئي آيا، پر مرزا جاني بيگ اڃان تائين همت سان بيٺو هو ساڻس جيڪو ٿورو گهڻو لشڪر هو اهي شاهي لشڪر کي پٽڙ پٽڙ اڇلائي پڇائيندا هئا، ٻئي لشڪر ايڏي ڊگهي جنگ مان بيزار اچي ٿيا هئا.

**خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ ۾ صلح:**

جنگ ۽ صلح جا اصول ازل کان دنيا ۾ هلندا رهيا آهن، فتح ۽ شڪست بادشاهن جا مقدر هوندا آهن، ارغون ۽ ترخان ڏاڍ ۽ ظلم سان سنڌ ملڪ تي قبضو ڪيو هو ۽ پوءِ هُو هت ائين حاوي ٿي ويا، ڄڻ ازل کان هتان جا مالڪ هجن سندن رهڻ لاءِ ڪو سنڌ کان سواءِ ڪوبه ملڪ نه هو، پر قدرت جو به هڪ پنهنجو اصول آهي ۽ وقت آهي ڪوبه هميشه لاءِ نه ٿو رهي. خان خانان جڏهن مرزا جانيءَ جو اپڙو ضد ۽ هوڏ ڏٺي ۽ سندس بربادي به ڏٺي ته صلح لاءِ پنهنجو ايلچي موڪليائين ۽ ڪيس چوايو ته اسين هڪ ئي بادشاهه جا درٻاري ۽ دعاگو آهيون، جيڪڏهن زماني جي گردش کان اسين ڪجهه وقت لاءِ هڪٻئي جا دشمن بڻجي وياسون، تڏهن به سڀ ڪنهن ڏٺو ته ان جنگ ۾ ٻئي ڌريون همت ۽ بهادريءَ سان وڙهيون، اهي اوهان ئي هئا جو ايترو وقت شاهي فوج سان مقابلو ڪيو هاڻي سيني جي ڀلائي ان ۾ آهي ته توهان پنهنجي ملڪ کي مزيد برباد نه ڪيو، هندستان جي چئني ئي پاسن ۾ موجود سنڌ ولايتن جا حڪمران به اهو چاهين ٿا ته هروڀرو جنگ ۾ هيترا ماڻهو نه ماريا وڃن.

ان وقت مرزا جاني بيگ جو لشڪر پنهنجي مري ويل ساٿين لاءِ ماتم ۾ ڪارا ڪپڙا پائي هلندو سندن بيوسي تي دشمن به ڳوڙها ڳاڙيندا هئا. مرزا جاني بيگ جي اميرن ۽ وزيرن خان خانان ڏانهن صلح لاءِ چٺيون موڪليون هيون، صلح لاءِ جڏهن ايلچي پهتو ته مرزا جاني بيگ پنهنجي خاص مقرب محمد علي سلطان ڪابلي کي خان خانان جي ايلچيءَ سان گڏ موڪليو جيئن صلح جو معاملو طئي ٿي سگهي. آخر فيصلو ڪيو ويو ته ٻنهي پاسن جا سپاهي دلين مان ڪدورت ڪڍي دشمني بدران دوستي جو رستو اختيار ڪن، ٻنهي ترين هڪٻئي ڏانهن دوستي جا تحفا ڏياري موڪليا. مرزا جاني بيگ جڏهن شڪست قبول

---

[46] تحفة الڪرام، ص 184

[47] ص 199

ڪئي ملڪ مان جنگ جو خوف ٽري ويو ماڻهن سڪون جو ساهه کنيو.

خان خانان جا ماڻهو هر صوبي ڏانهن روانا ٿي ويا. مرزا جاني بيگ هر صوبي جي حاڪم کي لکيو ته اُتان جون ڪُنجيون انهن جي حوالي ڪيون وڃن، مرزا جاني بيگ ٺٽي روانو ٿيو، خان خانان به سندس پٺيان هلندو آيو، رستي تي جڏهن ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا ته پنهنجن گهوڙن تان لهي پاڻ ۾ مليا هڪ فاتح هو ۽ ٻيو شڪست زده. فيصلو ڪيو ويو ته مرزا جاني بيگ تغرل آباد ويندو ۽ خان خانان ٺٽي. فيصلي تي عمل ٿيو خان خانان ٺٽي پهچي ماڻهن کي آٿت ڏني. دربدر ماڻهن کي گهرائي ڪين پنهنجي گهرن ۾ موڪليو ويو. ملڪ ۾ هاڻي مغلن جو راڄ هو خان خانان دولت لوڌي کي هتان جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ جاني بيگ کي اڪبر دربار ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪيس وٺي هندستان روانو ٿيو.

مرزا جاني بيگ سان پنهنجا ڪجهه امير به روانا ٿيا جن ۾ خان زمان ۽ امير خسرو چرڪس به شامل هئا. شهنشاهه اڪبر هنن کي طرحين طرحين نوازش سان نوازيو[50] خان خانان جي عرض ڪرڻ تي بادشاهه هن سان نهايت لطف ۽ مهربانيءَ سان پيش آيو ۽ ٺٽي جو پرڳڻو هن جي حوالي ڪيو ۽ مرزا جاني رعايت ۽ اعتماد حاصل ڪري پنج هزاري منصب سان سرفراز ٿيو[51]. تاريخ طاهري مطابق ته مرزا جاني بيگ تي اڪبر بادشاهه وڏيون نوازشون ڪيون خان خانان جي سفارش تي هن جون مڙئي خطائون معاف ڪرائي ڇڏيون. بادشاهه حڪم ڪيو ته لاهري بندر (ديبل بندر) ۽ سيوهڻ صوبي (جيڪي مضبوط ۽ پناهه وارا هنڌ هئا) کان سواءِ باقي مرزا جاني بيگ جي قبضي واري سنڌ سندس حوالي ڪئي وڃي، ۽ هي پاڻ هتي ئي رهي ۽ پنهنجا ماڻهو سنڌ ڏانهن ڏياري موڪلي جيڪي ملڪ جو ڪاروبار هلائي ضروري خرچ شاهي دربار ڏانهن موڪليندا رهن[52]. بيگلارنامه مطابق ته بادشاهه ارادو ظاهر ڪيو ته ڏکڻ سنڌ جي نوابي مرزا شاهه رخ بدخشي کي ڏجي، پر خان خانان بادشاهه کي صلاح ڏني ته حضور جن ڏکڻ سنڌ جي نوابي پنهنجي طرفان مرزا جاني بيگ کي ڏيڻ فرمائين. بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪئي، پر مرزا جاني بيگ حياتيءَ جا باقي ڏينهن بادشاهه جي حاضريءَ ۾ رهڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري. انوقت ننڍين حڪومتن جا حڪمران قيد واري زندگي دشمن وٽ گذاريندا هئا. تنهنڪري مرزا جاني بيگ جي خواهش ۽ خان خانان جي سفارش موجب سنڌ جي نوابي مرزا جاني بيگ جي پٽ مرزا غازي بيگ جي حوالي ڪئي، پر جيئن ته هو عمر جو ننڍو هو تنهنڪري مرزا جاني بيگ جي اميرن کي شهنشاهه طرفان حڪم مليو ته جيستائين مرزا غازي بيگ وڏو ٿئي، تيستائين ان جي طرفان حڪومت جو انتظام رکن[53].

خان زمان (قاسم) مرزا خسرو چرڪس ۽ امير شاهه قاسم سنه 1001هه سنڌ ڏانهن روانا ٿيا، مرزا جاني بيگ کي هندستان ۾ رهايو ويو. جلدئي بادشاهه حڪم ڪيو ته مرزا جاني بيگ جو حرم (خاندان) دولت خان جي سرپرستي ۾ هيڏانهن ڏياري موڪليو وڃي جيئن نوروز جي موقعي تي ٻين اميرن جي عيال وانگر هو به هتي حاضر هجي. مرزا جاني بيگ اهو حڪم ٻڌي پريشان ٿي ويو هو. هنن حڪمرانن جي فيملي ۽ خاندان سنڌ جي ڪلچر ۾ پروان چڙهيا هئا، جڏهن ائين اڪيلو ڪنهن غير مرد سان گڏ هيڏي وڏي سفر ۽ دربار ۾ حاضر ٿين پنهنجي بيعزتي پئي سمجهي. هن پنهنجي پراڻي ساٿي آخوند جمال الدين کي چيو ته آءٌ سڄي زندگي سنڌ ۾ رهي پنهنجي ناڻءُ ناموس لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، مون کي اها خبر ڪانه هئي ته قسمت مون سان هي ڪيس ڪندي جو اسان جي اهل و عيال کي هيئنئن خوار خراب ٿيڻو پوندو، جيستائين زندگي آهي ۽ جيڪو وس آهي ته پنهنجي ننگ ناموس جي حفاظت ڪندس اڳتي الله مالڪ آهي. آخوند جمال الدين خان خانان سان مليو ۽ کيس مرزا جاني بيگ جي جنبات ۽ تڪليف کان آگاهه ڪيو ۽ کيس ٻڌايو ته مرزا جاني بيگ جهڙي غيرتمند ۽ بهادر هستيءَ جي اندر جي اوهان کي پوري ڄاڻ هئڻ گهرجي، جيڪڏهن هن جي اهل و عيال کي هٿ گهرايو ويو ته هو غيرت ۾ اچي پاڻ کي ماري وجهندو، خان خانان منجهي پيو

50. بيگلارنامه، ص 100
51. تاريخ معصومي، ص 243
52. تاريخ طاهري، ص 216
53. بيگلارنامه، ص 101

## تاريخ جي صفحن تي منڌيئڙا

ڪي تاريخون حالتن مطابق لـڪيل هونديون آهن. ڪن تاريخن کي لڪرايو ويندو آهي. ڪي تاريخون اهڙيون هونديون آهن، جن کي گڏ ڪري چندچاڻ ڪري ليکڪ دانشور سهيڙيندا ۽ جوڙيندا آهن. سنڌ جي تاريخ ۽ روايتن کي وقت ۽ حالتن ڪافي حد تائين ميساري ڇڏيو آهي، اڃا تائين موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي سمجهيو نه ويو آهي، ان ٻوليءَ کي پڙهڻ کان پوءِ جيڪي حقيقتون ظاهر ٿينديون سي تاريخ جو سونهري باب هونديون، وري به شاباس آهي هتان جي ڀٽ فقيرن، مڱڻهارن ۽ انهن عورتن کي جيڪي شادين مرادين ۾ ڳائينديون وڄائينديون هيون. هي سڀ ذريعا آهن جن سنڌ جي پراڻن ۽ قديم کان قديم قصن ڪهاڻين ۽ روايتن کي زندهه رکيو آهي. سنڌ جي ماڻهو جي اها فطرت رهي آهي ته هن بي جا ڪنهن به حاڪم يا وڏي ماڻهو جي مدح سرائي نه ڪئي آهي، ها باقي وقت جي نيڪ انسانن، سخي حڪمرانن عشق ۽ محبت جي قصن، جنگين ۽ اُنهن جنگين ۾ حصو وٺندڙ جوڌن جي سورهيائي کي ڳايو وڄايو آهي. اهو هڪ ذريعو هو انهن ڀَٽ فقيرن ۽ مڱڻهارن جي پيٽ قوت جو. اُنهن ويچارن کي اها ته خبر ئي نه هئي ته هو نسل در نسل انهن قصن ڪهاڻين کي منتقل ڪري سنڌي قوم ۽ ادب مٿان ڪيڏو نه وڏو احسان پيا ڪن. گهرن ۾ شادين مرادين ۾ ڳائڻ واريون عورتون گيچن ۾ جيڪو ڪجهه چونديون رهيون سا به هڪ تاريخ آهي. ٻڌو اٿئون ته هو جمالي جي خالق به هڪ عورت آهي. اُن عورت اُن جمال نالي ماڻهوءَ جي ساراهه ڪئي جيڪو ڏاڍو بهادر، طاقتور ۽ وڏي ڏيل ڏول جو مالڪ هو. هو بهادر انسان ڪٿان وڏو ميل ماري آيو هو ۽ اُن جي آڌرڀاءُ جي لاءِ هي جمالو ڳايو ويو.

**سلطانه وقاصي**

ڪتاب: "ڳالهيون پيٽ ورن پر" تان کنيل



ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي

## (جواهر القرآن)

## [مترجم: علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ]

فقير هدايت علي نجفي تارڪ جي والد جو نالو فقيرالهداد عرف تراب علي ٽونيو ۽ سندس ماءُ جو نالو دريا خاتون هو. پاڻ پنهنجي والده ماجده جي رحلت واري تاريخ هنن لفظن مان ڪڍي آهي. (ماده تاريخ رحلت مسمات دريا خاتون مادر شاعر دريا خاتون بدين) سندس ولادت 25 محرم الحرام 1312ھ/ 29 جولاءِ 1894ع تي ٿي. شروعاتي تعليم پنهنجي والده کان پرايائين. فارسيءَ جي تعليم مدرسہ دارالعلوم ڪنبو (تعلقو وارهہ) ۾ مولانا عبدالعزيز شاهہ خارانيءَ کان ورتائين، بعد ۾ مشهور عالم مولانا حبيب الله وٽان حديث جي تعليم ورتائين. ظاهري علمن جي تحصيل ڪانپورءِ مخدوم صفي الله شاهہ سجاده نشين درگاهہ شاهہ نصير الدين (نوشهروفيروز) کان روحاني فيض حاصل ڪري مرشد جي صحبت ۾ رهي، سلوڪ جي راهہ جون سيئي منزلون طئي ڪيائين. فقير صاحب سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ شعر چيو آهي. شعر تي وڏو درڪ رکندو هو. شاعريءَ ۾ ديوان تارڪ (سنڌي) ۽ ديوان تارڪ (اردوءِ) سميت ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيائين. ان کان علاوه نثر ۾ بہ ترجمو ۽ طبعزاد ڪتاب لکيائين. سندس ڪتابن جو ڪاٿو ٻن سَون جي لڳ ڀڳ شمار ڪيو وڃي ٿو. ايترن سارن ڪتابن مان صرف ٻائيتاليهہ ڪتاب سندس شاگرد سيد اظهر گيلانيءَ جي قائم ڪيل علامہ تارڪ لئبرريءَ ۾ موجود ۽ محفوظ آهن. انهن مسودن جي فهرست، ديوان تارڪ سنڌي (1989ع) ۽ علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام (2012ع) ۾ ڏسي سگهجي ٿي. باقي سندس ٻيا مسودا گم آهن. ڪيترن ئي ڪتابن جون ٻہ ٻہ ڪاپيون

علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ



اوڀاران شهر جي رستي جي ڀرسان،
آ "تارڪ" جو مڪان، لعلو جي راتوڪ

پڻ لکيون اٿس. مٿين مسودن کان علاوه ڪجهہ ڪتابن جا نالا مون پنهنجي مضمون ۾ درج ڪيا آهن. اهو مضمون ٽماهي "مهراڻ" جي 2015/1ع جي پرچي ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

علامہ موسيقيءَ جو بہ ماهر هو. موسيقيءَ ۾ سندس استاد آغا فيض گوڍ امرتسري هو. سندس وفات جي تاريخ علامہ هن طرح لکي آهي:

دريغا حڪم سي امر قضا ڪي،
مرا استاد موسيقي ڪان خوشخو،

مسيحا کا تها دم الحان اس کا،
ڪ جيتا مرده دل تها جس سي يکسو.
برائي سال رحلت اس کي تارڪ،
ڪَها هاتف ني آغا فيض دلجو. (1934ع)

علامہ تارڪ جي وفات جي تاريخ ڊاڪٽر نوازعلي شوق پنهنجي ڪتاب/ٿيسز ۾ 18 محرم الحرام 1358ھ برابر 9- مارچ 1939ع لکي آهي. جڏهن تہ سندس وفات جي تاريخ 17- محرم الحرام 1358ھ چئي وڃي ٿي. والله اعلم بالصواب.



**جواهرالقرآن جو تعارف:**

جواهرالقرآن اصل ۾ مولانا رفيع الدين جو ترجمو ڪيل آهي. هيءُ قرآن شريف جي چند آيتن جو ترجمو آهي. مولانا رفيع الدين جو ترجمو ڪيل علامہ تارڪ کي قلمي نسخو هٿ آيو يا ڇاپي نسخو، ان جي وضاحت ڪا نہ ڪئي اٿائين. اهو بہ نہ لکيائين تہ هيءُ کهڙي ٻوليءَ (عربي يا فارسي) ۾ هو. مون کي هيءُ مسودو همت علي تنئي جي معرفت ميان علي نواز تنئي کان 15- اپريل 2009ع برابر 18- ربيع الثاني 1430ھ تي ڪجهہ ڏينهن لاءِ مليو ۽ هن جي فوٽو ڪاپي وٺي اصل مسودو ميان علي نواز کي 27 مئي 2009ع مطابق جمادي الثاني 1430ھ تي واپس ڪيم.

جواهر القرآن جي سائيز ڊيگهہ 5-8 انچ ۽ ويڪر 5-6 انچ آهي. هيءُ جواهرالقرآن، قرآن شريف جي چند آيتن جو ترجمو بلڪ ترجمي تان ترجمو آهي. علامہ تارڪ هن جو سنڌي ترجمو تاريخ 3- رمضان المبارڪ 1349ھ/23 جنوري 1931ع جمعہ وقت ظهر موسم سياري ۾ لکي پورو ڪيو. هيءُ سمورو مواد 193 صفحن تي مشتمل آهي. هيءُ پنهنجي نوعيت جو هڪ نرالو ترجمو آهي. 21 صفحن کان وٺندي 193 صفحن تائين قرآن شريف جي مختلف 84 سورتن سورة الفاتحہ، سورة البقره، سورة آل عمران، سورة النساء، سورة المائده، سورة الانعام، سورة الاعراف، سورة الانفال، سورة التوبہ، سورة اليونس، سورة الهود، سورة اليوسف، سورة الرعد، سورة الابراهيم، سورة الحجر، سورة النحل، سورة بني اسرائيل، سورة الڪهف، سورة المريم، سورة طٰهٰ، سورة الانبياء، سورة الحج، سورة المومنون، سورة النور، سورة الفرقان، سورة الشعراء، سورة النمل، سورة القصص، سورة العنڪبوت، سورة الروم، سورة القمان، سورة السجده، سورة الاحزاب، سورة السبا، سورة الفاطر، سورة يٰس، سورة الصافات، سورة ص، سورة الزمر، سورة المومن، سورة حٰم سجده، سورة الشوريٰ، سورة الزخرف، سورة الدخان، سورة الجاثيہ، سورة الاحقاف، سورة محمد، سورة الفتح، سورة ق، سورة الذاريٰت، سورة الطور، سورة القمر، سورة الواقعة، سورة الحديد، سورة المجادلة، سورة الحشر، سورة الممتحنة، سورة الجمعة، سورة المنٰفقون، سورة التغابن، سورة الطلاق، سورة التحريم، سورة الملڪ، سورة ن والقلم، سورة الحاقه، سورة النوح، سورة الجن، سورة الزمل، سورة الدهر، سورة البروج، سورة الاعليٰ، سورة القدر، سورة النصر ۽ سورة الاخلاص جو سنڌي ترجمو آهي. انهن سورتن مان مختلف آيتون ورتيون ويون آهن. هن کان اڳين

توڙي عورت، عبادت ڪري ته خدا کي حاضر ناظرڄاڻي ان کي سجدو ڪري. اهڙيءَ ريت دعا به خدا کان گهري. خدا تعاليٰ ئي دعائون ٻڌندڙ، عرض اگهائيندڙ ۽ قبول ڪندڙ آهي. الله تعاليٰ اڳيان نماز ۾ عاجزي ۽ انڪساري ڪري. هٺ ۽ وڏائي يا غرور جي ويجهو نه وڃي، اهو خدا پاڪ کي ڪڏهن به پسند نه آهي. جيڪو غرور ۽ تڪبر ڪندو ته اهو اونڌي مُنهن وڃي ڪرندو ۽ ڪا به هدايت نه لهندو ۽ خدا پاڪ ان کي ڪو به سَنئون رستو نه ونائيندو، ان کي اتي موڪليندو، جتان نڪري ئي نه سگهندو. تنهنڪري ٻانهي کي اهو گهرجي ته هو بارگاهِ ايزديءَ ۾ نياز نوڙت، عجز ۽ انڪساريءَ جو گس وٺي ۽ الله پاڪ جي عبادت کان غافل نه رهي. اهو به فرمايو ويو آهي ته جيڪو به خدا پاڪ جي عبادت کان غافل رهيو، اهو هرگز سڌو رستو نه لهندو. جيئن عام آهي ته "جو دم غافل، سو دم ڪافر". تنهنڪري ٻانهي تي اهو لازم آهي ته غفلت ۾ نه پوي، جيئن "جن غفلت وارن کي خدا جي بندگيءَ جي توفيق ناهي، اُن کي درجي انسانيت کان ردي ڄاڻڻ گهرجي." (ص 03)

خدا پاڪ کي ياد ڪرڻ سان ئي دلين کي سڪون ۽ روحن کي راحت ملي ٿي. هر ڪنهن مسلمان کي اها خبر آهي ته افضل عبادت قرآن پاڪ جي تلاوت آهي. ڇو ته قرآن مجيد ئي عبادت جو محور ۽ مرڪز آهي. هر مومن مسلمان تي فرض آهي ته قرآن شريف جي دل جي حضور سان تلاوت ڪري ۽ قرآن پاڪ ناهي ناهي خوش الحان سان پڙهي. قرآن پاڪ پڙهڻ ۾ تڪڙ نه ڪري. اگر تڪڙ ڪندو ته پنهنجي مقصد تان هٽي ويندو. ڪهڙي به عبادت ڪجي ۽ ڪنهن به طرح ڪجي، ان کي دعا کان سواءِ گهٽ ڄاتو ويو آهي. هر مسلمان ۽ متقي قرآن پڙهڻ کان پوءِ دعا ضرور گهرندو آهي. اهڙيءَ طرح نماز کان پوءِ به دعا گهري ويندي آهي. تنهنڪري دعا کي افضل عبادت ۾ شامل ڪيو ويو آهي. دعا جي لاءِ به علامه تارڪ نهايت سٺو لکيو آهي ۽ مختصر پر جامع لکيو آهي. هڪ قول آهي ته "اَلدُّعَاءُ هُوَالعِبَادَة" يعني دعا عبادت آهي. الله تعاليٰ جو سمورو ڪلام (قرآن پاڪ) دعائن جو مُنڍ ۽ نچوڙ آهي. جنهن به قرآن پاڪ کي پنهنجو ڪيو. تنهن هر مطلب حاصل ڪيو. جنهن قرآن شريف کي ڇڏيو، تنهن نسورو ناحق لتو. هرهڪ شيءِ قرآن پاڪ ۾ بيان ڪئي وئي آهي. اهڙي ڪا به چيز نه آهي، جيڪا قرآن پاڪ ۾ نه هجي. مومن ۽ مسلمان لاءِ قرآن شريف ڇوٽڪارو ۽ شفا آهي. جواهرالقرآن جي جوڙڻ جي باري ۾ علامه تارڪ لکي ٿو:

"ڪاٿي دعا وارثِ برڪات ۽ حسنات جي ۽ هٽائيندڙ بليات ۽ مضرات جي پلي ڪلام رباني، کان نه ٿي ٿي سگهي. خصوصاً آيات تحميد ۽ استغفار ۽ تسبيح ۽ توڪل ۽ سلام ۽ تهليل ۽ دعا جي سڀ مطلب جي لاءِ اڪسير آهن ۽ بي سامان جي لاءِ تدبير. جيڪڏهن انهن کي جواهرالقرآن چئجي ته بجا آهي يا اسرار الفرقان نالو رکجي ته روا آهي. اوصاف انهن جا احاديث ۾ بيشمار ۽ سون ڪتابن ۾ لکڻ دشوار." (ص 9)

جواهرالقرآن جي پڙهڻ جو طريقو علامه تارڪ کولي بيان ڪيو آهي ته ڪٿان شروع ڪجي ۽ ڪٿي ختم ڪجي. جيڪو به هن تي عمل ڪندو ته اهو پنهنجي مراد کي لهندو. جواهرالقرآن ۾ به واقعا هڪ محمد پٽ اسلم جو ۽ ٻيو سلطان ابوالقاسم محمود سبڪتگين جو بيان هيٺ آيل ٿو. انهن جو حل به هنن وظيفن جي ورد ڪرڻ سان پورو ٿيو آهي. "ڄاڻڻ گهرجي ته هي وظيفا بجاءِ خود هڪ وظيفو آهي." (ص 14) هيءُ وظيفو مڪمل پابنديءَ سان پڙهڻ گهرجي. اگر ڪنهن وچ ۾ ڪا وِٿي وڌي ۽ وظيفو ڇڏي ڏنو ته وري ان کي نئين سِر جمعي ڏينهن کان پڙهڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ست ئي ڏينهن وظيفي ۾ مشغول رهي. بعد ۾ دعا گهري ته انشاء الله تعاليٰ سندس من جون نيڪ مرادون پوريون ٿينديون. جنهن به هن وظيفي کان مدد ورتي، تنهن پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. اهو به هِت ڄاڻايو ويو آهي ته هن وظيفي تي اڪتفا نه ڪجي ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڇڏي نه ڏجي. ڇو ته قرآن پاڪ ڪل آهي ۽ هيءُ وظيفو جز آهي. سموري قرآن پاڪ جي تلاوت جو ثواب هن وظيفي کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ۽ افضل آهي.

## ترجمي ۾ ڪم آندل ٻولي:

تارڪ نجفي کي عربي ۽ فارسي ٻولين تي وڏي دسترس ۽ مهارت هئي. ان سان گڏوگڏ سنڌي ۽ اردو وغيره ٻولين تي بہ ڪيس عبور ۽ درڪ حاصل هو. مٿس مذهبي تعليم جو نهايت اثر غالب هو. ان ڪري سندس تحريرن تي پڻ عربي ۽ فارسي زبانن جو رنگ حاوي نظر اچي ٿو، پر تنهن هوندي بہ ترجمي ۾ صاف، نج سنڌي الفاظ، اصطلاح ۽ محاوره استعمال هيٺ آندا اٿائين.

علامہ نجفي انگريزن جي وچ واري دور ۾ ٿي گذريو آهي. ان دور جي ٻوليءَ ۾ جواهرالقرآن جي آيتن جو ترجمو ڪيو اٿس. پاڻ سنڌ جي اتر واري حصي سان تعلق رکي ٿو، تنهنڪري اُترادي لهجو ترجمي ۾ ملي ٿو. مجموعي طور هيءُ ترجمو، سنڌي ۽ اسلامي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هيءُ ترجمو اڄ تائين شايع نہ ٿيو آهي. هن جي فوٽوڪاپي هن بندي وٽ محفوظ آهي. علامہ جي استعمال ڪيل ٻوليءَ مان صاف واضح ٿو ٿئي تہ علامہ نهايت محنت کان ڪم ورتو آهي ۽ ترجمو ڪرڻ وقت اصل عربي عبارت جي مفهوم کي ڪنهن بہ طرح فرق محسوس ڪرڻ نہ ڏنو آهي. علامہ جي انهيءَ ترجمي جي ڪجھ آيتن جو ترجمو مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

”۽ اسان پاڪائي بيان ڪندا آهيون، ساڻ ساراهہ تنهنجي جي ۽ پاڪائي بيان ڪندا آهيون واسطي تنهنجي، چياءِ تحقيق مان ڄاڻان ٿو جو نٿا ڄاڻو توهان- اي ماڻهنا جو ايمان آندو اٿو خرچ ڪيو پاڪيزه مان جو ڪجھ ڪمايو توهان ۽ ان چيز مان جو ڪييو آهي اسان اوهان جي لاءِ، زمين مان ۽ نہ قصد ڪيو پليد جو ان مون جو خرچ ڪيو ان کي ۽ ناهي توهان وٺڻ وارا ان جي مگر هي جو اکيون ٻوٽيو توهان انجي منجھ ۽ ڄاڻو هي جو تحقيق جو الله بي پرواهہ آهي ساراهيو ريو ۽ جيڪڏهن ڪفر ڪيو توهان پوءِ تحقيق واسطي الله جي آهي جو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ جو ڪجھ منجھ زمين جي آهي ۽ آهي الله بي پرواهہ ۽ ساراهہ ڪيو ويو.“ (ص 22)

علامہ تارڪ پنهنجي عبارت ۾ سنڌي تلفظ لاءِ عربي صورتخطي وانگر ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا آهن. جهڙوڪ: چياءِ، ڪياءِ، ايستاءِ، سب، ڪنان، سدائي، جڏهہ، آنداءٌ، وسارياءٌ وغيره.

اهڙيءَ ريت فقير تارڪ جو هيءُ ترجمو سنڌي لفظن سان ۽ محاورن سان ٽمٽار نظر اچي ٿو.

## تجزيو:

علامہ تارڪ جو هيءُ ترجمو هن وقت تائين قلمي صورت ۾ هو، ليڪن مون کي هن جي ڇپائڻ جو خيال تڏهن آيو، جڏهن مون هن جو غور سان مطالعو ڪيو. جو تہ هيءُ مون ناچيز ۽ ناقص کي سال 2009ع ۾ مليو، ليڪن جڏهن کان منهنجي هٿن تائين پهتو، تڏهن کان اهو شوق دامنگير رهندو آيو تہ هيءُ انمول ۽ لاجواب مسودو اشاعت هيٺ اچڻ گهرجي.

سڀ ڪجھ الله تعاليٰ جي هٿ وس آهي، جو تہ الله جل شانہٗ ڪارساز آهي، انسان جو ڪم ڪوشش ڪرڻ آهي ۽ پورو ڪرڻ خداپاڪ جي نمي آهي. هيءُ جواهرالقرآن علامہ تارڪ خط ڪوفيءَ ۾ لکيو آهي. هن مان ظاهر آهي تہ پاڻ رسم الخط جي مختلف نمونن يا لکڻين کان واقف هو. علامہ تارڪ جو ڪيل هيءُ ترجمو، اسلامي ۽ ديني ادب ۾ شاهڪار حيثيت رکي ٿو. اهڙي ئي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي نوعيت جو بهترين ترجمو تصور ڪيو ويندو. هن جي سنڌي عبارت نهايت دلڪش، جاذب ۽ پراثر آهي. ڪيترن ئي ترجمن جي پيٽ ۾ علامہ صاحب جو ترجمو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ اعليٰ مقام رکي ٿو.

ڊاڪٽر محمد ادريس السندي

# سنڌ جي ماڳن ۽ شهرن بابت سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن جو سرسري جائزو



ڳوٺن، شهرن، وستين ۽ واهڻن، جي تاريخ لکڻ ڪا نئين ڳالھ ڪانه آهي، هر دور ۾ هر ملڪ جي با ذوق رهواسين، پنهنجي پنهنجي شهر/علائقي جي تاريخ ترتيب پئي ڏني آهي. ظاهر آهي تہ ڪم هڪڙا ڪندا آهن، ان مان لاڀ ٻيا بہ پرائيندا آهن. ڪن ڪي تہ ان وقت ئي اهڙن ڪتابن لکڻ تي ميڄتا ملي، ڪن جي لکتين کي ان وقت لا يعني نہ سمجهيو ويو، پر بعد ۾ انهن کي ماڻ مليو.

دنيا ۾ ئي دستور اڪثر اهو،
ڪبو ياد مردن کي ويندي ڪانپوءِ.

مڪ مڪرمہ ۽ مدينہ منوره جي تاريخ تي تہ سوين، بلڪ هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن، ڇوتہ اهي مسلمانن لاءِ مقدس شهر آهن، بيت المقدس بابت لکيل ڪتابن جو تعداد بہ ڪو گهٽ ڪين آهي، جيڪو مڪه ۽ مدينه کانپوءِ مسلمانن لاءِ مقدس حيثيت رکي ٿو، اهڙن ڪتابن جو ذڪر اسين ڪونہ ڪنداسين، ڇو تہ اهي عام ملن ٿا يا ملي سگهن ٿا، يا انهن جي معلومات حاصل ٿي سگهي ٿي.

هت اسان تمهيد طور چند مشهور اسلامي شهرن جو ذڪر ڪنداسون، جن جي تاريخ ۽ اتان جي مشهور شخصيتن جي تذڪري ۾ ڪتاب لکيا ويا آهن:

**دمشق:**

دمشق جي تاريخ ۽ دمشق جي شخصيات بابت، حافظ ابن عساڪر دمشقي (ت: 571ھ) "تاريخ دمشق" نالي عظيم ڪتاب لکيو، جيڪو 80 جلدن ۾ راقم الحروف وٽ بہ موجود آهي، سندس فرزند ابو محمد القاسم (ت: 600ھ) ان جو ذيل لکيو. ابن منظور مصري (ت: 711ھ) ان جو اختصار ڪيو، جيڪو 29 جلدن ۾ ڇپيو آهي.

**بغداد:**

جنهن جي تاريخ "تاريخ بغداد" جي نالي سان حافظ خطيب بغدادي (ت: 463ھ) ترتيب ڏني، 14جلدن ۾ ڇپيل عام ملي ٿي، علامہ سمعانيءَ (ت:562ھ) ان جي ذيل لکيو هو، ان ذيل جو ذيل وري علامہ دبيثيءَ (ت: 637) جوڙيو، علامہ ابن النجار (ت:643ھ) بہ "تاريخ بغداد" جو ذيل لکيو هو، جيڪو اڄ ڪلھ "تاريخ بغداد" سان گڏ ڇپيل ملي ٿو.

**حمص:**

شام ملڪ جي انهيءَ شهر بابت "تاريخ الحمصيين" نالي هڪ ڪتابہ ابو بڪر احمد بن محمد بن عيسيٰ البغدادي (ت: 257ھ) لکيو هو.

**قرطبہ:**

مؤرخ ابو مروان حيّان بن خلف القرطبي (ت: 469ھ) "تاريخ فقهاء قرطبہ" نالي هڪ ڪتابہ قرطبہ جي فقيهن بابت تاليف ڪيو هو.

**غرناطہ:**

مشهور مؤرخ ۽ اديب لسان الدين ابن الخطيب (ت: 776ھ) غرناطہ بابت جڳ مشهور ڪتاب "الاحاطة باخبار غرناطة" تصنيف ڪيو، جنهن جو اردو ترجمو بہ شايع ٿيو آهي.

**بلنسية:**

امام ابوعبدالله ،محمد بن الخلف الصدفي البلنسي (ت: 509ھ) (جيڪو ابن علقمہ جي لقب سان مشهور ٿيو) "تاريخ بلنسية" ترتيب ڏنو.

**قيروان:**

ابوالعرب محمد بن احمد بن تميم الافريقي القيرواني (تـ 333ھ) "تاريخ قيروان" لکيو، جيڪو "طبقات علماء افريقية وتونس" نالي سان شايع ٿيو آهي. شيخ دباغ عبدالرحمٰن بن محمد (ت: 696ھ

قيروان جي شخصيتن بابت ڪتاب تحرير ڪيو، جنهن جو نالو رکيائين: "معالم الايمان في معرفة اهل القيروان".

**بجاية:**

علامہ ابن الحاج، محمد بن محمد العبدري الفارسي (ت: 737هه) "تاريخ بجاية" لکيو.

**تلمسان:**

علامہ ابومريم الشريف التلمساني محمد بن محمد (ت: 1014هه) تلمسان جي علماء ۽ اولياء جي تذڪري ۾ "البستان في ذڪر العلماء والاولياء بتلمسان" تصنيف ڪيو.

**فاس:**

شيخ ابوالعباس ابن القاضي المڪناسي احمد بن محمد (ت: 1025هه) فاس جي علماء ۽ مشهور شخصيتن بابت ڪتاب ترتيب ڏنو، نالو رکيائين"جذوة الاقتباس في ذڪر من حل من الاعلام مدينة فاس" ۽ شيخ ابن ابي زرع علي بن محمد (ت: بعد 726هه) "روض القرطاس في اخبار المغرب وتاريخ مدينة فاس" نالي ڪتاب جوڙيو. تازو سال ڏيڍ اڳ، جناب ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صاحب جن، مراڪش مان مون لاءِ هڪ ڪتاب 5 جلدن تي مشتمل خريد ڪري آندو، جنهن جو نالو آهي: "سلوة الانفاس و محادثة الاڪياس بمن اقبر من العلماء والصلحاء بفاس". (مؤلف: محمد جعفر الڪتاني. (ت:1345)

**موصل:**

حافظ ابو زڪريا يزيد بن محمد الازدي الموصلي (ت: 334هه) موصل شهر جي محدثن بابت ڪتاب تاليف فرمايو، نالو رکيائينس:"طبقات المحدثين من اهل الموصل" ۽ حافظ ابن الجعابي محمد بن عمر (ت: 355هه) "تاريخ الموصل" تحرير فرمايو.

**حران:**

عز الملڪ محمد بن ابي القاسم المسبحي الحراني (ت:420هه) "تاريخ حران" نالي ڪتاب لکيو.

**رقة:**

مؤرخ ابو علي محمد بن سعيد بن عبدالرحمٰن القشيري "تاريخ الرقة" جوڙيو.

**همدان:**

علامہ عمران بن محمد الهمداني "ڪتاب طبقات اهل همدان" ترتيب ڏنو ۽ "الفردوس بماثور الخطاب" جي مؤلف شيرويہ بن شهر دار ديلمي (ت: 509هه) "طبقات الهمدانيين" لکيو.

**قزوين:**

حافظ ابويعلي خليل بن عبدالله القزويني (ت: 446هه) "تاريخ قزوين" لکيو ۽ امام فقيہ ابو القاسم عبدالڪريم بن محمد الرافعي الشافعي (ت:623هه) "التدوين في اخبار قزوين" ترتيب ڏنو.

**جرجان:**

"تاريخ جرجان" جي نالي سان ڪيترن ئي مؤرخن ڪتاب لکيا آهن، جن مان ٻہ مشهور آهن:

1. حافظ ابو القاسم حمزه بن يوسف الجرجاني (ت:427هه)
2. ابو الحسن علي بن محمد بن عبدالله الجرجاني (ت:468هه)

**نيشاپور:**

امام حاڪم نيشاپوري، ابوعبدالله محمد بن عبدالله (ت: 405هه)، "تاريخ نيسابور" نالي نهايت ضخيم ڪتاب لکيو، جيڪو هن وقت ناپيد آهي، ان جو اختصار خليفہ نيشاپوري احمد بن محمد بن حسن بن احمد فارسي ۾ ترتيب ڏنو هو، جيڪو راقم الحروف وٽ بہ موجود آهي، البتہ حافظ ابو الحسن عبدالغافر بن اسماعيل نيشاپوري، امام حاڪم نيشاپوري جي مٿين ڪتاب جو ذيل "السياق لتاريخ نيسابور" جوڙيو هو، جيڪو مطبوع آهي.

**مرو:**

مرو نالي بہ شهر خراسان جي علائقي ۾ مشهور آهن:

1. مرو الروذ
2. مرو الشاهجان

مرو شاهجان جي تاريخ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن، مثلاً:

1. التاريخ في رجال المحدثين بمرو، حافظ فراهيناني مروزي محمد بن علي (ت: 247هه)

2. اخبار مرو. حافظ ابو الحسن احمد بن سيار مروزي (ت:268هه)
3. تاريخ المراوزة ابو رجاء محمد بن حمدويه السنجلي (ت: 306هه)
4. تاريخ مرو. شيخ عبدالڪريم سمعاني(صاحب الانساب) (ت:562هه)

**سمرقند:**

حافظ ابو سعد عبدالرحمٰن بن محمد الادريسي (ت:405هه) "تاريخ سمرقند" لکيو، حافظ ابو العباس مستغفري جعفر بن محمد (ت:432هه) به انهيءَ نالي سان ڪتاب جوڙيو، پر وڌيڪ شهرت ماڻي، "القند في علماء سمرقند" جيڪو مشهور حنفي فقيہ ابو حفص عمر بن محمد النسفي (ت:637هه) حافظ ادريسي جي منڪور ڪتاب جي ذيل طور لکيو.

**شيراز:**

حافظ ابو عبدالله محمد بن عبدالعزيز الشيرازي القصار "طبقات اهل شيراز" ترتيب ڏنو، حافظ ابو القاسم هبة الله بن عبدالوارث الشيرازي (ت: 486هه) "تاريخ شيراز" لکيو، معين الدين ابو القاسم شيرازي (ت:بعد از 791هه) شيراز جي مزارت بابت "شد الازارفي حط الاوزار عن زوار المزار" نالي ڪتاب لکيو، جنهن جو فارسي ترجمو "هزار مزار شيراز" جي نالي سان شايع ٿيو آهي.

**هرات:**

ستين هجري جي اوائل ۾ علامه سيف بن محمد يعقوب الهروي "تاريخ نامہ هرات" تحرير فرمايو، شيخ عبدالرحمٰن فلمي هروي (ت:549هه) "تاريخ هرات" لکيو. "مزارات هرات" نالي فارسي ڪتاب به ان ڏس ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

**اصبهان:**

محدث ابو الشيخ عبدالله بن محمد الاصبهاني (ت:369هه) "طبقات المحدثين باصبهان" تاليف ڪيو، حافظ ابو نعيم اصبهاني (ت:430هه) "ذڪر اخبار اصبهان" ترتيب ڏنو ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ "نصف جهان في تعريف الاصفهان" محمد مهدي بن محمد رضا الاصفهاني جو لکيل شهرت رکي ٿو.

**اسوان:**

مصر جي هن شهر بابت مؤرخ ابوالحسن احمد بن علي بن زبير الغساني (ت:563هه) "تاريخ اسوان" لکيو.

**سبتہ:**

مغرب اقصيٰ جي هن شهر جي تاريخ، قاضي عياض، صاحبِ "شفاء" (ت:544هه) تيار ڪئي، جنهن جو نالو رکيائين "الفنون الستة في تاريخ سبتة"

**بلخ:**

شيخ الاسلام صفي الدين ابو بڪر عبدالله بن عمر بلخي (ت: بعد از 610هه) بلخ جي تاريخ ۾ "فضائل بلخ" نالي ڪتاب لکيو، جنهن جو اصل عربي تہ اڻلڀ آهي، پر ان جو فارسي ترجمو عبدالله بن محمد بن بلخي (ت:بعد از 676هه) ڪيو، جيڪوعبدالحي حبيبي جي تحقيق سان ڇپيو آهي.

**سنڌ جي ماڳن بابت لکيل ڪتاب:**

سنڌ وارا به ان ميدان ۾ پوئتي رهڻ وارا ڪين هئا، انهن به پنهنجي پياري سنڌ جي وستين، واهڻن، شهرن، ضلعن، علائقن، ريگستانن، جبلن، قلعن، دريائن، وهڪرن ۽ ڍنڍن بابت ڪتاب لکي، سنڌ جي هر هڪ ماڳ ۽ شهرن کي نمايان ڪيو. انهي سلسلي ۾ سنڌ جي ماڳن بابت لکيل هيٺيان ڪتاب اسان جي تاريخي ۽ جغرافيائي ڄاڻ جو اهڃاڻ آهن. ياد رهي تہ هن مقالي ۾ مون ان سلسلي جا 2015ع جي آخر تائين شايع ٿيندڙ سنڌي ڪتاب ڄاڻايا آهن، جيڪي راقم الحروف جي لائبريري ۾ محفوظ آهن، سواءِ چند ڪتابن جي، جن جي ڄاڻ ٻين اديبن کان حاصل ڪئي، جيڪي ٿورا آهن، مون هتي هر انهيءَ ڪتاب کي درج ڪيو آهي، جيڪو سنڌ جي ڪنهن به شهر يا ڳوٺ يا ضلعي يا علائقي يا وهڪري درياءَ يا ڍنڍ يا قلعي جي نالي سان ڇپيو آهي، چاهي منجهس انهيءَ جي تاريخ ۽ جاگرافي ڏني وئي هجي، يا انهيءَ جي ڪنهن خاص پهلو تي لکيو ويو هجي، مثال طور: لاڙ تي لکيل ڪتابن اندر مون "لاڙ جا جهنگلي ڪوتا ۽ انهن جي روڪڻ جا اُپاءُ" نالي ڪتاب به داخل ڪيو آهي، حالانڪ اهو لاڙ جي مستقل تاريخ ناهي. ان هڪ مثال مان

انداز و لڳائي سگهجي ٿو. البت اهي ڪتاب جيڪي ڪنهن شهر جي نالي سان، صرف هڪ شخصيت بابت لکيا ويا آهن، سي مون درج نہ ڪيا آهن. جهڙوڪ: "ناري جو نواب"، "هنگورجا جو هيرو" وغيره.

مون اڻچپيل ڪتابن کان احتراز ڪيو آهي، اهو هڪ ڌار موضوع آهي، مون پهريائين سنڌيءَ سان گڏ اردو ڪتاب بہ شامل ڪيا هئا (جنهن جو شاهد هن مقالي جو اصلي مسودو آهي) پر پوءِ سوچيم تہ ان سان مقالو ڏگهو ٿي ويندو ۽ اردو يا انگريزي ۾ لکيل ڪتابن بابت هڪ مستقل مقالو ترتيب ڏنو ويندو، انشاءَ الله. ورنہ تہ رڳو ڪراچي بابت ئي اردو ڪتاب جيڪي مون وٽ آهن، يا مون ڏٺا آهن، (جن کي مون پهريائين درج بہ ڪيو هو) تن جو تعداد هڪ سؤ جي اندر آهي.

اها دعويٰ تہ ڪونہ ٿو ڪريان تہ هن موضوع تي ڇپيل سڀني سنڌي ڪتابن جو مون احاطو ڪيو آهي (جو تہ سنڌي ڪتاب هڪ سمنڊ وانگر آهن، جنهن جو ڪو انت ناهي) پر پوءِ بہ وسئون ڪين گهٽايو آهي، حال پريان نال طور پيش ڪيو آهي، بلڪ ائين جيڪر چوان تہ مون هن موضوع جو دروازو کوليو آهي، جنهن تي ٻيا سنڌي ليکڪ بہ طبع آزمائي ڪري، نيون شيون آڻي سگهندا. احبابن کي اپيل آهي تہ جيڪڏهن وٽن ڪنهن اهڙي ڪتاب جي ڄاڻ آهي، جيڪو هن موضوع سان لاڳاپيل آهي، پر هن مقالي ۾ درج ناهي، تہ مون کي اطلاع ڏين، جئين آئنده اضافو ڪري سگهجي.

مون هن مقالي ۾ 457 ڪتابن ۽ ڪتابچن جو ذڪر ڪيو آهي. جن کي مون 6 ڪيٽيگرين ۾ ورهايو آهي:

1. سنڌ جي شهرن بابت جامع ڪتاب
2. سنڌ جي علائقن، ضلعن ۽ ضلعن جي شهرن ۽ ڳوٺن بابت لکيل ڪتاب
3. سنڌ جي جبلن بابت لکيل ڪتاب ۱
4. سنڌ جي دريائن ۽ درياهہ جي ڪناري آبادين، وهڪرن ۽ ڍنڍن بابت لکيل ڪتاب
5. سنڌ جي ڪوٽن ۽ قلعن بابت لکيل ڪتاب
6. متفرقات

## سنڌ جي شهرن بابت جامع ڪتاب

1. قديم سنڌ ان جا مشهور ۽ ماڳهو: مرزا قليچ بيگ، بلوتسڪي پريس،حيدرآباد 1925ع ۽ ان کان پوءِ 1966ع، 1990ع، 1999ع 2002ع، 2005ع ۽ 2014ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو.
2. سنڌ جا جهونا شهر- عبدالرحمن علي محمد سومرو هيڊ ماستر پرائمري اسڪول دولت پور، ضلع نوابشاهہ امين ڪتاب گهر. حيدرآباد 1968ع.
3. سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ- ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2005ع.
4. سنڌ جا پراڻا شهر- مولائي شيدائي، سچل نيشنل سيمينار ڪميٽي، سکر/خيرپور 1983ع.
5. سنڌ جا شهر- مرتب: عبد الجليل سومرو، نديم بڪ اسٽال، حيدرآباد، 87-1986ع.
6. سنڌ جا ڪجهہ اهم شهر- اميد علي سنيو، (تنبو محمد خان) ناشر: پاڻ مؤلف 2013ع.
7. سنڌ جون رياستون ۽ شهر- تحقيق ۽ تحرير: حافظ عبدالستار ڪوريجو، روپاهي ڪوريجا پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2011ع.
8. سنڌڙي تنهنجا شهر ۽ ڳوٺ وسن- مرتب: غلام رسول خاموش، مددگار: گنگارام جي راٺوڙ، سنڌ مهراڻو آرٽ سينٽر آفيس، نئون ڪوٽ، ضلع ٿرپارڪر (سال لکيل ناهي)
9. ماهوار ڪينجهر. منهنجو ڳوٺ نمبر-1، پرچو 74 سيپٽمبر 2001ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
10. ماهوار ڪينجهر، منهنجو ڳوٺ نمبر-2، پرچو 86 سيپٽمبر 2002ع، سنڌ ساهت گهر،حيدرآباد.

## سنڌ جي علائقن، ضلعن ۽ ضلعي جي شهرن ۽ ڳوٺن بابت لکيل ڪتاب

ضلعو ڪشمور: (هڪ ڪتاب)

1. ڪشمور ضلعي جي تاريخ- ارڏو اترادي، نئين سنڌ اڪيڊمي ڪراچي 2013ع.

ضلعو جيڪب آباد: (14 ڪتاب)

2. خان ڳڙهہ کان جيڪب آباد تائين- عبدالڪريم گدائي، ميونسپل جيڪب آباد 1965ع.

ضلعو قنبر- شهداد ڪوٽ ايٽ قنبر: (11 ڪتاب)

1. قنبر، شهداد ڪوٽ ضلعو (تاريخ جي ورقن ۾) تحقيق ترتيب ۽ تاليف: دين محمد ڪلهوڙو. ڇپائيندڙ: ڀائو درمحمد ٻرڙو، چيئرمين: قنبر- شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي 2011ع.
2. ضلعي قنبر، شهداد ڪوٽ جو مختصر سياسي جائزو- ڪامريڊ ولي محمد مگنهار، مؤلف ڇاپيو 2007ع.
3. شهداد ڪوٽ جو علمي جائزو- سيد گل محمد شاهه بخاري، مجاهد پبليڪيشنز شهداد ڪوٽ 1992ع.
4. شهداد ڪوٽ جا قلمڪار ۽ شاعر ج1 (شهداد ڪوٽ سب ڊويزن سان مستقل يا عارضي تعلق رکندڙ عالمن، اديبن، صحافين ۽ شاعرن جو احوال) سيد گل محمد شاهه بخاري، شهداد ڪوٽ علمي ادبي تنظيم 2000ع.
5. ڪارڪردگي رپورٽ تعلقه ڪائونسل شهدادڪوٽ ضلع شهداد ڪوٽ، سال 2001،2005ع. ڀاران: جناب حاجي سردار علي جروار تعلقه ناظم شهداد ڪوٽ 2005ع.
6. شاداب شهداد ڪوٽ- ليکڪ: محمد اسلم شيخ، اسلم شيخ اڪيڊمي شهداد ڪوٽ 1992ع.
7. شهدادڪوٽ ضلعو ڇو؟- سيد گل محمد شاهه بخاري، (قنبر جي رهواسي محترم امداد علي قادري جي لکيل هڪ مضمون ”قنبر يا شهداد ڪوٽ“ جو جواب، جيڪو هن قنبر ضلعو هجڻ جي تائيد ۾ لکيو هو) مؤلف پاڻ 2005ع ۾ شايع ڪيو.
8. ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻا (حصو پهريون) يونين ڪائونسل ڏاڏائو مهيسر ۽ ان جي پاڙيسري ڳوٺن ۽ ڳوٺاڻن جي تاريخ، مصنف: فقير منظور علي مهيسر حسيني، ناشر: مؤلف پاڻ.
9. قنبر هڪ اڀياس- ايڊيٽر ۽ سهيڙيندڙ: رياضت ٻرڙو، ناشر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر 2006ع.
10. قنبر تعلقو، مختصر جاڻ سڃاڻ- دين محمد ڪلهوڙو، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، قنبر 2006ع.
11. ڳنڍيل گل گلاب جا (سگهڙ تعلقه سجاول جوڻيجو ۽ تعلقه ميرو خان) مرتب: فقير منظور علي مهيسر، ڳوٺ ڏاڏائو خان مهيسر، تعلقه سجاول، ضلع قنبر، شهدادڪوٽ، ناشر: پاڻ مؤلف 2013ع.
12. سولي جاگرافي تعلقو شهدادڪوٽ، قربان علي نقشبندي، ڏهو ڇاپو (پاڪستان ايڊيشن) 63-1962ع، ڇپائيندڙ: نور محمد محمد عثمان، ڪاڇيلواڙ بڪ سٽور، بندر روڊ، لاڙڪاڻو.

ضلعو خيرپورميرس: (16 ڪتاب)

1. خيرپور رياست- مرزا قليچ بيگ، ڇاپو ٽيون، روشني پبلڪشن ڪنڊيارو 2007ع.
2. تاريخ هڱورجا، شخصيات جي آئيني ۾- مير محمد مقبول سومرو، ناشر: محمدي لائبريري، سومرا اسٽريٽ، هڱورجا، ضلع خيرپور ميرس، 1993ع.
3. سوڀي ديري جا ڏات ڌڻي، تحقيقي جائزو- مؤلف: خاوند ڏنو لاڙڪ، ناشر: سنڌي ادبي سنگت، شاخ سوڀو ديرو، ضلع خيرپور ميرس، 2009ع.
4. تاريخ رِيڙي- ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو ٽاڳوائي. ناشر: رِيڙي ادبي اڪيڊمي سنڌ 2011ع.
5. سرجهار (خيرپور ضلعي جي ويهن نامور شاعرن جي چونڊ شاعري)، مرتب: ڪوثر ٻرڙو، پوئيٽ پبلشنگ هائوس، خيرپورميرس 2013ع.
6. ضلعي خيرپور جا سگهڙ (حال حيات) مرتب: سگهڙ عبدالرحمن مهيسر، سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم، ضلع خيرپورميرس 2003ع.
7. خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو- ڊاڪٽر عطا محمد حامي، سنڌالاجي 1994ع.
8. تذڪره مخادير ڪهڙا- مخدوم الله بخش عاصي، ترجمو: مخدوم غلام محمد سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 2006ع.
9. تذڪره مخادير ڪهڙا شريف- مخدوم الله بخش، سنوارينڊڙ: پروفيسر مخدوم شبير احمد ابن مخدوم امير احمد گلشن پبليڪيشن ضلع حيدرآباد/لاڙڪاڻو 2005ع.
10. درازن جا درويش- عطا محمد خان،محڪمه اطلاعات مغربي پاڪستان ڪراچي 1957ع.

19. نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو، ماستر عبدالخالق، رٽائرڊ ماستر، چاچڪ، تعلقو ڪنڊيارو، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد 1963-1969ع.

20. نئين جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو (مؤلف لکيل ناهي) قائم دائم ڪتبخانو، ڪنڊيارو، (سال ڪيل ناهي).

21. ساهتي سماجي ايياس يا جاگرافي تعلقو ڪنڊيارو، سکيو خان چنا، نظر ثاني: استاد گل محمد وگهيو، روپ چند بڪ اسٽور، ڪنڊيارو. سال لکيل ناهي)

22. نئين اٽلس جاگرافي تعلقو مورو، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، دفعو پهريون: 1967ع.

23. رفيق رنگين جاگرافي تعلقو مورو، محمد اسماعيل بن واصف، رفيق ڪتاب گهر، شاهي بازار، حيدرآباد: 1968ع.

ضلعو بينظير آباد : (17 ڪتاب)

1. ضلع نوابشاهه تاريخي شهر ۽ شخصيتون- ڊاڪٽر حامد علي خانائي، ناشر: ڊسٽرڪٽ نوابشاهه ڪلچرل سوسائٽي، نوابشاهه سنڌ 1987ع (ياد رهي ته هيءُ ڪتاب ان وقت ڇپيو هو، جڏهن ضلع نوشهروفيروز به ضلع نوابشاهه ۾ شامل هو. انڪري ضلع نوشهروفيروز سان وابسته تاريخ به ان ۾ اچيو وڃي ٿي.)

2. تاريخ ضلع نوابشاهه- پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، ناشر: سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي ،مورو، ضلع نوشهروفيروز 2001ع.

3. پنهوارن پچار (نوابشاهه ضلعي جو تاريخي پس منظر ۽ تعارف. اوليائن، درگاهن، تاريخي ماڳن، مڪانن، ڳوٺن، شهرن، سياسي خاندانن، عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڙن ۽ ذات ڏٽين جو احوال) ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ناشر: يونين ڪائونسل پير ذاڪري سڪرنڊ 2008ع.

4. نوابشاهه کان شهيد بينظير آباد تائين- هڪ صدي جو سفر (2011ع-1912ع) ليکڪ: خادم حسين چانڊيو.ناشر: سوساله جشن ضلع شهيد بينظير آباد سنڌ 2013ع.

5. ضلع شهيد بينظير آباد محققن جي نظر ۾- مرتب: مير محمد پيرزادو. ناشر: سو ساله جشن ضلع شهيد بينظيرآباد آرگنائزنگ ڪاميٽي، سنڌي ادبي ڪانفرنس، سڪرنڊ سنڌ 2013ع.

6. ضلع نوابشاهه جي سياسي گروپن جو تجزيو (ڪتابچو) پاران: ويلفيئر ايسوسيئيشن نواب شاهه 1988ع.

7. سپنا ساڳي مند جا (نواب شاهه جي شاعرن جو تعارف، ڪلام) سهيڙيندڙ: وسيم سومرو، بخشل باغي. سپ پبلشرز، نواب شاهه 2002ع.

8. ساٿيهه جا سينگار (ضلعي شهيد بينظير آباد/نوابشاهه جا مٿيدار ماڻهو). خادم حسين چانڊيو. بلاول انسٽي ٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نوابشاهه 2015ع.

9. تاريخ سڪرنڊ، ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، غلام نبي رند، ڊولپمنٽ آرگنائيزيشن، سڪرنڊ 2015ع.

10. جاگرافي ضلعو نوابشاهه، محمد اسماعيل عرسائي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، پهريون پيرو 1961ع.

11. جاگرافي ضلعو نوابشاهه، جميل احمد ميمڻ، پاران: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد، ڇپائيندڙ: ڪتاب ايجنسي، حيدرآباد، دفعو پهريون 1972ع.

12. سولي جاگرافي ضلع نوابشاهه، ظفر عباسي، روپچند جنرل اسٽور ۽ بڪ سيلرز، چمن بازار ڪنڊيارو، ضلع نوابشاهه، (سال لکيل ناهي).

13. نئين اٽليس جاگرافي تعلقو نوابشاهه، ح.ر ميمڻ، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، 1967ع.

14. جاگرافي تعلقو نوابشاهه، بي اي عزيز پٽي، اديب فاضل، ڪمال بڪ ڊيپو، نواب شاهه، دفعو پهريون 1980ع.

15. اٽليس جاگرافي تعلقو سڪرنڊ (مؤلف لکيل ناهي) آر.ايڇ احمد حيدرآباد، (سال لکيل ناهي).

ضلعو دادو: (27 ڪتاب)

1. دادو سنڌ جي دل- نواز رڪڻائي، شمس پبليڪيشنز مورو 2004ع.

2. دادو ضلعو جاگرافي ۽ تاريخ جي آئيني ۾ (ڀاڱو 2) تاج محمد صحرائي، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ، قاضي پاڙو، حيدرآباد 1992ع.

3. دادو منهنجون يادون- ڏٽي بخش مگسي، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر لياقت علي مگسي، ڇپائيندڙ: مسز نجمر

6. نئين جاگرافي تعلقو ٽنڊو محمد خان، هدايت علي بلريجو، شعيب ڪتاب گهر، چوڪي گهٽي، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 81-1980ع.
7. جاگرافي تعلقو (گوني) ٽنڊو محمد خان، عبدالرسول شيخ ٽکڙائي، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد، (سال لکيل ناهي).

ضلعو ميرپورخاص : (12 ڪتاب)

1. تاريخ سنڌ امیران ميرپورخاص- حاجي مير محمد بخش ٽالپر، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1982ع.
2. ميرپورخاص جو تاريخي سفر، ٻہ سؤ سالہ جشن ميرپورخاص (2006-1806ع) (مقالن جو مجموعو) ترتيب ۽ تدوين: لياقت علي جوڻيجو، ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ ميرپورخاص 2008ع.
3. تاريخ ڳوٺ ڏينگاڻ پرڳڙي ۽ ان کي آباد ڪندڙ بزرگ شخصيتن جي سوانح حيات، مصنفين: ٻڌ پري گوسوامي،حبيب الله بلوچ، عبدالرحمٰن پرڳڙي، ڇپائيندڙ: حبيب الله بلوچ 1979ع.
4. ڏگهڙي، جي تاريخ، اڪرم قنبراڻي، ڪارونجهر پبليڪيشن، جهڏو 2015ع.
5. ٽنڊو جان محمد تاريخ جي آئيني ۾- زاهد ڪنڀار، سرهاڻ ادبي سنگت،ٽنڊو جان محمد 2010ع.
6. منهنجو شهر (ٽنڊوجان مخمد) محمد حسين ”زاهد“ ڪنڀار سهڪاري انبلٽ ويلفيئر ايسوسيئيشن، ٽنڊو جان محمد، ضلع ميرپورخاص 1996ع.
7. سڄڻ ۽ ساٿيهہ (تعلقي ڏگهڙي جي نامور شخصيتن جو تعارف) محمد حسن ”زاهد“ ڪنڀار، سال لکيل ناهي ۽ نہ اشاعتي ادارو.
8. جاگرافي تعلقو ميرپورخاص، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهر، حيدرآباد 1966ع.
9. جاگرافي تعلقو ميرپورخاص ۽ سامارو، ماستر گل محمد آزاد صوفي، آر.ايچ احمد، حيدرآباد، ڏفعو پهريون 55-1956ع، ڏفعو ٻيو 61-1960، وري 1967ع.
10. جاگرافي تعلقو ڏگهڙي ۽ جيمس آباد، گل محمد آزاد صوفي، آر.ايچ احمد، حيدرآباد، ڏفعو ٻيو 54-1955ع.
11. جاگرافي تعلقو ڏگهڙي ۽ جيمس آباد، محمد اسماعيل بن واصف، امين ڪتاب گهرحيدرآباد، ڏفعو پهريون 1966ع ۽ رفيق ڪتاب گهر حيدرآباد، 1968ع، رفيق نيئن جاگرافي تعلقو جيمس آباد ۽ ڏگهڙي جي نالي سان.
12. نئين جاگرافي تعلقو ڏگهڙي ۽ جيمس آباد، هدايت علي بلريچو، شعيب ڪتاب گهر، حيدرآباد، ڇاپو پهريون 81-1980ع.

ضلعو عمرڪوٽ : (8 ڪتاب)

1. عمرڪوٽ ايامن ڪان (عمرڪوٽ سيمينار 2010ع ۾ پڙهيل مقالا) مرتب: اڪبر لغاري، ضلعي حڪومت عمرڪوٽ سنڌ 2010ع.
2. ڪوي عمرڪوٽ جا (عمرڪوٽ جي شاعرن جا پروفائيل ۽ شاعري) مرتب: اڪبر لغاري، ضلعي حڪومت، عمرڪوٽ 2010ع.
3. امرڪوٽ سنڌ جو اتهاس- تيجسنگهہ سولگي، پهريون ڇاپو 1934ع ۾ ڇپيو، ٻيو ڇاپو 2004ع ۾ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد/لاڙڪاڻو طرفان ڇپيو.
4. امرڪوٽ سنڌ جو اتهاس (صدين جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ سماجيات بابت) اصل ليکڪ: تيجسنگهہ، ايڊيٽنگ: ضياء الحسن شاهہ، سامي ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي عمرڪوٽ 2003ع.
5. مهراڻي جا مور (ضلعي عمرڪوٽ جو علمي ۽ ادبي جائزو) معمور يوسفاڻي، ضلعي حڪومت عمرڪوٽ سنڌ 2010ع.
6. ڪوڪروپار، خدشا ۽ اميدون (ڊائلاگ فار چينج) مرتب: ساجد چنا، اداره استحڪام شرڪتي ترقي (S.P.O) حيدرآباد 2006ع.
7. سولي جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ، محمد موسي ڪمال خان اڙ، سامجن ڳوٺ بهادر اڙ، اسسٽنٽ ڊپٽي انسپيڪٽر فار گرلس اسڪولس، ٿرپارڪر، آر.ايچ احمد، حيدرآباد 57-1956ع.
8. جاگرافي تعلقو عمرڪوٽ ۽ ڇاڇرو، ماستر گل محمد آزاد صوفي، آر.ايچ احمد حيدرآباد (سال لکيل ناهي).

ضلعو ٿرپارڪر: (43 ڪتاب)

1. ٿر (ٿر سيمينار 1992ع جي موقعي تي پڙهيل مقالن جو مجموعو) سهيڙيندڙ: عبدالقادر منگي، ٿر پبليڪيشن مٺي، ضلعو ٿر، 1993ع، ٻيو ڇاپو

23. ٿر جي لساني جاگرافي ۽ لهجا (مضمون ۽ مقالا) سهيڙيندڙ: زاهد اوٺو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2014ع.

24. ٿر جي ٻولي- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو/هدايت پريم، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ 1994ع.

25. مارئي جي ديس ۾ تعليمي قافلو- ظفر لهڙ پيلروي، پيارو اسٽيشن، دادو، ناشر: مؤلف پاڻ 2010ع.

26. ونگي جا چام (ارباب خاندان ۽ نهڙين جو حسب نسب) انور علي نهڙيو، سانيلسر، ڇپائيندڙ پاڻ مؤلف 2005ع.

27. ڏوٽي انهن ڏيهه جا (ٿر جو سير) انور ڏنگرائي، سنڌي ادبي سنگت، شاخ بگي تعلقو ڏوڪري 1994ع.

28. ٿرين جون آهون ۽ دانهون (Demands of Thar) ياداشت نامو بخدمت ليفٽيننٽ جنرل رخمان خل گورنر آف سنڌ گهنشام- بي- مهتا ميڊيڪل اسٽوڊنٽ، ڇاڇرو. سال لکيل ناهي.

29. لطيف جا ٿر تان پيرا (ٿرپارڪر ۾ لطيف جو سير ۽ سفر) معمور يوسفاڻي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 2001ع.

30. ٿر جا ٻوٽا، گاهه ۽ وليون، ڀاڱون ڀهريون. ترتيب: ڊاڪٽر غلام رسول سميجو، ٿرديپ ڳوٺاڻي ترقياتي رٿا، مٺي، ٿرپارڪر سنڌ 2005ع.

31. ٿرجا ٻوٽا، گاهه ۽ وليون، ڀاڱو ٻيون، ترتيب: ڊاڪٽر غلام رسول سميجو، ٿرديپ ڳوٺاڻي ترقياتي رٿا، مٺي، ٿرپارڪر، سنڌ 2006ع.

32. ٿر جون چونڊ لوڪ ڪهاڻيون- عثمان اديب، هالار پبلشرز حيدرآباد 1991ع.

33. موسمي تبديليون ۽ ٿر واسي- حميد ڏيپلائي، ناشر: ٿرديپ 2003ع.

34. پارڪري ٻولي رئي ڊڪشنري- پونم پاسڪل ۽ رڃٽ هوئيل، لينگويج پروجيڪٽ ڪيٿلڪ ڊايوسيس آف حيدرآباد 2002ع.

35. پارڪر (سيلاني لاءِ ڄاڻ) منگها رام اوجها، ناشر: IRADO، قاسم آباد حيدرآباد

36. جاگرافي ضلع ٿرپارڪر، جان محمد علي بخش قريشي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ڏفعو ٽيون 58-1959ع.

37. جاگرافي ضلعو ٿرپارڪر، محمد اسماعيل عرساڻي، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ڏفعو پهريون 1961ع.

38. جاگرافي ضلع ٿرپارڪر (مؤلف لکيل ناهي) مسلم بڪ ڊيپو سکر، ڏفعو پهريون 1968ع.

39. نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ننگرپارڪر، ايم موهن لال سروپچند گرڙو صاحب پاڪستان، پرائمري ماستر اسڪولس ان ٿرپارڪر، آر.ايڇ احمد، حيدرآباد، ڏفعو ٻيو 1963ع، ڏفعو ٽيون 1966ع.

40. اٽلس جاگرافي تعلقو ڏيپلو ۽ مٺي، گل محمد آزاد صوفي، آر.ايڇ احمد حيدرآباد، (سال لکيل ناهي)

41. جاگرافي تعلقو مٺي ۽ ڏيپلو، اي نور محمد شيخ ٽکرائي، محمد يوسف اينڊ برادرس، شاهي بازار، حيدرآباد، ڏفعو ٽيون 69-1968ع، وري 70-1969ع.

42. ٿر پارڪر جا ميگهواڙ: ليکڪ: وشنداس نهالچند وڪيل اسلام ڪوٽ، ڇپائيندڙ: وشنداس نهالچند وڪيل، اسلام ڪوٽ، سال 2015ع

43. ٿر، خوشحال ڌرتي بدحال ماڻهو، سهيڙيندڙ: ذوالفقار هاليپوٽو، ڇپائيندڙ: ڊسٽرڪٽ ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر، 2014ع.

لاڙ: (13 ڪتاب)

1. لاڙ جا ڏينهن، لاڙ جون راتيون- مشتاق باگاڻي، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ 1983ع.

2. لاڙ صدين کان- (مقالا) مرتب: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، لاڙ سيمينار ادبي اڪيڊمي بدين 2001ع.

3. اسين ماڻهو لاڙ جا (لاڙ/بدين ۽ ان جي شخصيتن متعلق مقالا ۽ ضلعي حڪومت بدين جي ڪارگذاري) ايڊيٽر: عبدالرزاق درس، پاران: ضلع ڪائونسل ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ بدين 2007ع.

4. لاڙ جا ماڳ مڪان- محمد سومار شيخ، سنڌي ادبي بورڊ 2006ع.

5. لاڙ جو سير- الله بچايو يار محمد سمون، سنڌي ادبي بورڊ ،ڇاپو پهريون 1971ع، ڇاپو ٻيون 1976ع.

6. لاڙ جو مطالعو- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادبي بورڊ 1991ع.
7. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- خواجه غلام علي الانا، سنڌالاجي 1977ع.
8. لاڙ ثقافتي ميلو 1991 (سوينئر ۽ مقالات جو مجموعو) ناشر: محمد اشرف سيال، چيئرمين سووينئر ڪاميٽي، لاڙ ثقافتي ميلو 1991ع.
9. تاريخ شعراء لاڙ، ڀاڱو پهريون- محمد سومار الهبچايو شيخ، بدين، ناشر: مؤلف پاڻ، سال لکيل ناهي.
10. تاريخ شعراء لاڙ، حصو ٻيو- مرتب: محمد هاشم ٽالپر خادم، ادبي محفل بدين 1970ع.
11. لاڙاين جون لاتيون- حاجي عنايت الله زنگيجو، هيڊ ماسٽر ڪنري، ضلع ٿرپارڪر، ناشر پاڻ مؤلف 1970ع
12. لاڙ جا جهنگلي ڪونا ۽ انهن جي روڪٿ جا اپاء- مسٽر امان الله خان مڪي، اسسٽنٽ انٽامالاجسٽ، حيدرآباد، "نئين کيتي" پبليڪيشن صدر، حيدرآباد 1957ع
13. لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا- محمد سومار شيخ، تنظيم فڪر ونظر سنڌ سکر 1986ع.

ضلعو بدين : (32 ڪتاب)

1. بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ- محمد سومار شيخ، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين پهريون ڇاپو 1975، ٻيون ڇاپو 1984ع.
2. واهه ڙي ٻلو تنهنجي ملهه، حصو اول- حڪيم شاهنواز شائق، رحيمي پبليڪيشن 1080ع، بدين (مٿين ڪتاب تي تنقيدي جائزو)
3. بدين (ثقافتي ميلي 1976ع ۾ پڙهيل مقالا) مرتب: محمد سومار شيخ، مهراڻ آرٽس ڪونسل، لطيف آباد حيدرآباد 1979ع.
4. بدين ضلعي جو تعارف (مقالات جو مجموعو)، مرتب: محمد سومار، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين 1980ع
5. بدين ضلعي جو مطالعو (مقالات جو مجموعو) مرتب: محمد سومار شيخ، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين 1982ع.
6. بدين ضلعي جي اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن کي تحسين- محمد سومار شيخ، طرفان: ضلع ڪائونسل بدين، لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين 1983ع.
7. بدين ضلعي جا مشاهير- محمد سومار شيخ، تنظيم فڪر ونظر سنڌ شاخ بدين 1985ع.
8. وهڻائي- مرتب محمد سومار شيخ ۽ صديق مرهم ملاح، مقبول پبليڪيشن غريب آباد ،بدين 1979، (هي ڪتابچو مقبول پبليڪيشن پاران پهرئين اشاعت آهي، ان ۾ وهڻائي (هڪ ڳوٺ) بابت مضمون صرف 3 صفحن تي مشتمل آهي)
9. واهه بديڻا تنهنجا ڀاڳ- سهيڙيندڙ: محمد سومار شيخ ۽ محمد صديق مرهم ملاح، مقبول پبليڪيشن غريب آباد بدين 1980ع، ان اداري پاران هي ٻي اشاعت آهي، پر ان ۾ بدين بابت ڪو به تاريخي مضمون ناهي، البت واهه بديڻا تنهنجا ڀاڳ جي عنوان سان، خواجه فرمان علي جعفري جو هڪ ڊگهو نظم شامل ضرور آهي.
10. مختصر تاريخ گولاڙچي- مصنف: مولانا حافظ محمد رمضان مهيري بلوچ، انجمن اشاعت الاسلام بجاري شريف، تعلقه گولاڙچي، پوسٽ ڪورواهه ضلع بدين 2004ع.
11. تلهار تاريخ جي آئيني ۾- مرتب: ناصر بلوچ، طرفان: ڊاڪٽر ظفر حسين ميموريل سوسائٽي تلهار 2014ع.
12. تلهار جي تاريخ- عبد الشڪور اير ڪتري، ناشر: آصف علي ڪتري، تلهار 2015ع.
13. ڪڙيو گهنور جو تاريخي پس منظر، دلشاد چاوڙو هيرو چاوڙو پبليڪيشن ڪڙيو گهنور 2015ع.
14. چند چنائون ۽ پلئوھ (ٻنگريو ۽ چمبڙ) سليم العارف، محمد حسين ڪاشف ادبي اڪيڊمي، چمبڙ ضلع ٽنڊو الهيار 2013ع.
15. تاريخ ماتلي (ماتلي جي تاريخ، ماتلي ۾ رهندڙ ذاتين، خاندانن ۽ شخصيتن جو ذڪر) رمضان "دلدار" چيڙ، چيڙ پبليڪيشن اياز منزل ماتلي 2009ع.

16. لڳي جيءَ ۾ جهوري (ماتلي جي اديبن جي زندگي جو مختصر احوال ۽ سندن ادب مان انتخاب) عبدالجبار قاسم نظاماڻي، نظاماڻي پبليڪيشن ماتلي 2005ع.
17. بدين- شاعر اديب سگهڙ ۽ راڳي- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ، يونٽ بدين (سال لکيل ناهي). ساڳيو ڪتاب ضلعي ادبي اڪيڊمي بدين طرفان به شايع ٿيو، پر ان تي به سال لکيل ناهي.
18. روپا ماڙي- محمد سومار شيخ، جيلاني پبليڪيشن بدين 1971ع.
19. بدين ميگزين، شمارو 1،ضلعي حڪومت بدين 2005ع.
20. برٽش پيٽروليم ۽ بدين واسين جو حق ملڪيت- ذوالفقار هاليپوٽو، فورم فار ڪانفلڪٽ رزوليشن (F.C.R) پبليڪيشن حيدرآباد 2006ع.
21. لواريءَ جا لال- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪراچي ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني 1934ع ۽ ٽيون ايڊيشن: لواري شريف ادبي اڪيڊمي 1987ع.
22. لنواريءَ جا لال، ياڳو ٻيو- محمد پناهه محمد سليمان ڦرڙو، ناشر: مئنيجنگ ڪاميٽي جماعت لواري شريف 1983ع.
23. جنين ڏٺو پريءَ کي (هي ڪتاب پراڻي لنواري شريف جي بزرگن جي تاريخ ۾ لکيل آهي) تحقيق ۽ ترتيب: جوڻيجو سائين بخش قبولاڻي، سگند پبليڪيشن ڏوڪري، لاڙڪاڻو 1999ع.
24. بدين ضلعي ۾ ماحولياتي آلودگي جي ورڇوهيل جيوت (سبب، اثر ۽ حل) هڪ سماجي تحقيق: تحقيق ڪندڙ ادارو: ڊولپمينٽ اينڊ مئنيجنگ نيٽ ورڪ (دامن) بدين، معاونت: اداره استحڪام شرڪتي ترقي(ايس پي او) سال لکيل ناهي.
25. بدين جي سماجي ترقياتي تنظيمن جو تعارفي سيمينار (رپورٽ) ناشر: سنڌ ايگريڪلچرل اينڊ فاريسٽري ورڪرس ڪوآپريٽو آرگنائيزيشن، بابلي هاؤس، شهدادپور 1994ع.
26. نئين اٽلس جاگرافي تعلقو بدين، محمد صديق گلاب خان مسافر، آر.ايچ احمد، حيدرآباد 52-1953ع.
27. نئين اٽلس جاگرافي تعلقو بدين، صوفي گل محمد آزاد، آر.ايچ احمد حيدرآباد، 1967ع.
28. جاگرافي تعلقو بدين، مولوي عبدالله جوڻيجو، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد ڏهون ڇاپو 1968ع.
29. اٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو، محمد صديق گلاب خان مسافر، آر.ايچ احمد حيدرآباد 52-1953ع.
30. نئين اٽلس جاگرافي تعلقو ٽنڊو باگو، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد (مؤلف ۽ سال لکيل ناهي)
31. جاگرافي تعلقو ماتلي، حاجي جان محمد قريشي، آر.ايچ احمد حيدرآباد ڏهون ڇاپو 1967ع.
32. جاگرافي تعلقو ڏيرو محبت (ڪنهن وقت تعلقي ماتلي کي تعلقو ڏيرو محبت چوندا هئا) ماستر سڪندر علي، آر.ايچ احمد حيدرآباد ڏهون ڇاپو 1955ع.

ضلعو ٺٽو: (20 ڪتاب)

1. ٺٽو، ماضي، حال ۽ مستقبل- تحرير: اعجاز الحق قدوسي، نظر ثاني: نصير الدين هاشمي، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي 1976ع.
2. ٺٽو ضلعو هڪ نظر ۾- ترتيب ۽ پيشڪش: محمد صديق پٽولي، اطلاعات آفيسر ضلع ٺٽو، ناشر: خود مؤلف 1985ع.
3. ٺٽو صدين کان- رسول بخش تميمي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2003ع.
4. ننگر ٺٽو، جنهن جيئڻ ڏنو، (مقالات) مرتب: قادر بخش پٽو وڪيل، قادر بخش پٽو ٽرسٽ ٺٽو 2000ع.
5. ننگر ٺٽو هڪ مطالعو (مقالات) مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2010ع.
6. ڀنڀور ۽ ديبل (ڀنڀور نيشنل سيمينار 1983 ۾ پڙهيل مقالن جو مجموعو) سهيڙيندڙ: عبدالقادر منگي، ناشر: غالب منصور 1986ع ان ڪتاب جو

پيو ڇاپو ٽِر پبليڪيشن، ملي طرفان 1993ع ۾ شايع ٿيو، ٽيون ڇاپو ثقافت کاتو حڪومت سنڌ طرفان 2012ع ۾ پڌرو ٿيو.
7. ڀنڀور تاريخ جي آئيني ۾- عبدالرشيد گبول، ننگر ادبي گهر ٺٽو 2010ع.
8. ميرپورساڪرو جي تاريخ- عبدالرشيد گبول، ننگر ادبي گهر ٺٽو، 2009ع.
9. ساڪرو ان جا ماڳ ۽ ماڻهو- عبدالرشيد گبول، ننگر ادبي گهر، ٺٽو 2010ع.
10. مڪلي نامو- مصنف: مير علي شير قانع، تصحيح ۽ حاشيا: پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون ڇاپو 1967ع، ٻيو ڇاپو 1994ع.
11. مڪلي، سنڌ ۾ اسلامي ثقافت جو هڪ مرڪز- پروفيسر ڊاڪٽر اينيمري شمل، مترجم: ڊاڪٽر نواز علي شوق، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي 2000ع.
12. مڪلي ٽڪري جو سير- پروفيسر محبوب علي چنا، سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سنڌي ادبي بورڊ 1987ع.
13. جديد مڪلي نامہ، مڪلي جي شهر خموشان جا مشهور اولياء- محمد طفيل ٺٽوي، دربار سيد عبدالله شاه اصحابي، مڪلي ٺٽو 2005ع.
14. قديم ٺٽي جا محلا ۽ اولياء- مفتي ابو السراج محمد طفيل احمد ٺٽوي، مڪتبہ صاحبزاده سراج احمد، دربار سيد عبدالله شاه اصحابي،ٺٽو 1995ع.
15. ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار- ڊاڪٽر احمد حسن داني، مترجم:عطا محمد ڀنڀرو، سنڌي ادبي بورڊ 2004ع.
16. ٺٽي جا ڪاتب- محمد عبدالغفور، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، سنڌي ادبي بورڊ 2004ع.
17. تذڪرة الصالحين عرف ٺٽي جا مشهور اولياء- مصنف: ابو السراج محمد طفيل احمد ٺٽوي، ڊسٽرڪٽ خطيب ٺٽو، مڪتبہ صاحبزاده سراج احمد، دربار سيد عبدالله شاه اصحابي، مڪلي، ٺٽو 1995ع.
18. مڪلي ۽ ٺٽي جا تاريخي ماڳ- مفتي ابو السراج محمد طفيل احمد ٺٽوي، ڊسٽرڪٽ خطيب اوقاف ٺٽہ اصحابي ڪتاب گهر، دربار سيد عبدالله شاهہ اصحابي، مڪلي ٺٽو 1994ع.
19. جاگرافي ضلع ٺٽو، حاجي محمد طالب ميمڻ ۽ محمد قاسم ميمڻ، آر.ايچ احمد حيدرآباد، ڏڦعو پهريون 1968ع.
20. اٽلس جاگرافي تعلقو ٺٽو (نقشن ۽ تصويرن سان) محمد عرس صوفي جهمپير، آر.ايچ احمد حيدرآباد، ڏڦعو ٽيون 1964ع.

ضلعو سڄاول: (7 ڪتاب)

1. تاريخ سڄاول 1800ع- 1984ع- عزيز جعفراڻي، محمد بن قاسم لائبريري سڄاول 1986ع.
2. سڄاول جي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تاريخ 1800ع کان 2008ع تائين- عزيز جعفراڻي، محمد بن قاسم لائبريري، سڄاول سنڌ 2009ع.
3. تاريخ جاتي- رسول بخش تميمي، مغلپين ادبي سوسائٽي جاتي، 1987ع.
4. تاريخ جاتي جا نوان ورق- تحقيق ۽ ترتيب: عزيز جعفراڻي، محمد بن قاسم لائبريري، سڄاول ضلع ٺٽو 2003ع.
5. ملير، ڪڪرالي ۽ڪاري جي ٻولي- حافظ حبيب سنڌي، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 1994ع.
6. شاهبندر جا خواجا (اسماعيلي) تاريخ جي آئيني ۾، مصنف: خواجا بخش علي، ينگ اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن، حسين آباد جاتي 2003ع.
7. ميران پور جا مير(درگاه جهوڪ شريف جو تواريخي احوال) صوفي فقير امداد الله لغاري صوفي شاه عنايت شهيد اڪيڊمي جهوڪ

4. سنڌو جي سفر ڪهاڻي، لداخ کان شاه بندر تائين- رضا علي عابدي/گل حسن ڪلمتي، سنڌ پبلشنگ هائوس ڪراچي 1999ع.

5. سنڌوءَ جو موهه- جنرل سرجارج ميڪمن/عطا محمد ڀنڀرو، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد 2002ع.

6. جت سنڌو ۾ سمنڊ وهي ٿو (سنڌ جي ڍنڍن،پورن، آبي گذرگاهن، وڙاهن، ريگستانن ۽ انهن ۾ وسندڙ مخلوق جو مشاهداتي مطالعو) امر لغاري، موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي، لاڙڪاڻو 2003ع.

7. سنڌوءَ ڪناري وساريل شهر- مائيڪل جينسن/ميري ميولا، گنترلوبن/عطا محمد ڀنڀرو سنڌيڪا 2005ع.

8. سنڌ جون ڍنڍون- عزيز رانجهاڻي، ڪويتا حيدرآباد 2011ع.

9. دادلو درياه- فقير الله بچايو لغاري، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ، نواب شاه 2011ع.

10. سنڌو جا قديم وهڪرا (تحقيق) پروفيسر شير خان سيلرو، سنگهار پبليڪيشن شهداد ڪوٽ 2013ع.

11. نارا جي ڪناري (نارا جو ماحول ۽ فانا فلورا جي صورتحال) امر لغاري، المهراڻ فائونڊيشن، سانگهڙ 2008ع.

12. حمل ڍنڍ- ذوالفقار راڄپر، ارٿ لورس سوسائٽي، لاڙڪاڻو 2005ع.

13. پراڻ جا پير- زاهد ڪنڀار، سرهاڻ ادبي سنگت، ٽنڊو جان محمد 2012ع.

14. وڻا پٽ پراڻ جا (شاعرن جو تذڪرو) مير اصغر حسين اصغر، صائم اڪيڊمي ٽنڊو جان محمد 1979ع.

15. منڇر گورک گاج دنيا- بدر ابڙو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2011ع.

16. سنڌو جون سلطنتون — ايلائيس البينا/مظفر بخاري، نيرون بڪس ڪراچي 2013ع.

5_ڪوٽ ۽ قلعا (4 ڪتاب)

1. سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا- اشتياق انصاري، سنڌيڪا ڪراچي 1994ع.

2. سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا 2- اشتياق انصاري، سنڌيڪا ڪراچي 2011ع.

3. دنيا جي قديم عجائبات مان هڪ عجوبو: رني ڪوٽ يا راڻي ڪوٽ- حافظ عبدالستار ڪوريجو روپاهي ڪوريجا پبليڪيشن، لاڙڪاڻو 2007ع.

4. رني ڪوٽ (تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر ۾) بدر ابڙو، سنگم پبليڪيشن، ڪراچي 1989ع.

6- متفرقات (7 ڪتاب)

1. سنڌ ۾ هندن جا تاريخي ۽ مذهبي ورثا (مندر منڊليون، درٻار، ترمشالا، گئوشالا، مساڻ، آشرم ۽ ٻيون عبادت گاهون) سهيڙيندڙ ڪشور ڪمار، ڪنگ پريسٽ، پرنٽرز ڪراچي 2014ع.

2. سنڌ اندر قديم آثارن وارا ماڳ- تنوير جوڻيجو، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد 1986ع.

3. سنڌو سڀيتا جا سوراشٽر وارا ماڳ، گريگوري پوسيل/عطا محمد ڀنڀرو، سنڌي ادبي بورڊ 2015ع.

4. سنڌ جو قديم ورثو (دڙا، ٿڙا ۽ ماڳ مڪان) مرتب: آزاد قاضي، جي.ايم.سيد فائونڊيشن ڪراچي 2006ع.

5. اتر سنڌ ۾ سم ۽ ڪلر جي خاتمي جون رٿائون- چيف انجنيئر (واٽر) واپڊا سکر، ناشر: پاڪستان واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي 1984ع.

6. اترادي ٻولي- ڊاڪٽر هدايت پريم، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو 1995ع.

7. اترادي ڀاڪا ۽ جوڻيون- انجنيئر عبدالوهاب سهتو، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 2006ع.

مخدوم ضياءالدين ٺٽوي (ولادت: 1091ھ/وفات1171ھ) حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو اُستاد آهي.

مخدوم ضياءالدين ٺٽوي جو هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو قاضي محمد ابراهيم بن قاضي نورمحمد حاجي صالح محمد سنڌي جي تصحيح سان 1290ھ ۾ مطبع هري بالنگو شهر بندر بمبئي مان شايع ٿيو، وري ٻيهر 1992ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد مان شايع ٿيو آهي. ڪتاب جي ضخامت 154 صفحا ڊيمي سائز.

2. "نورالابصار شرح خزانة الابرار" مصنف مخدوم عبدالله نريي وارو: تاليف جو سال 1193ھ ڪتاب نورالابصار ۾ فرض نمازن ۽ روزن کان سواءِ ٻين نمازن ۽ روزن متعلق شرعي مسائل جمع ڪيل آهن. ڪتاب نورالابصار 1300ھ/1882ع بمبئي جي حيدري پريس مان قاضي ميان فتح محمد ولد قاضي ميان نور محمد ۽ نورالدين بن جيوا خان جي شراڪت سان مخدوم عبدالصّمد نورنگ پوٽي هٿان ڇپجي پڌرو ٿيو.

3. "سراج المؤمنين" مصنف مخدوم عبدالرسول نورنگ زاده: تصنيف جو سال جلد اول 1240ھ/1825ع ۾ ٻيو جلد 1281ھ/1864ع ۾ ٽيون ۽ چوٿون جلد 1285ھ/1868ع ۾ لکجي مڪمل ڪيا ويا. ڪتاب سراج المؤمنين ۾ فقهي مسئلا مخدوم عبدالرسول نورنگزاده جمع ڪيا ۽ مخدوم حامد ابن شيخ محمد حسن پُڄ واري انهن مسئلن جي تصحيح ڪري انهن کي نظم جي صورت ڏني. هيءُ ڪتاب اڄان تائين غيرمطبوع آهي. هن ڪتاب جا چار ئي جلد مولانا پير وهب الله شاهه صاحب ڳوٺ پير جهنڊو ۾ محفوظ آهن. پر پهرين جلد جو هڪ نقل اداره سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي لائبريري ۾ به موجود آهي، جيڪو فقط نماز جي مسئلن تي مشتمل آهي.

4. "ضرورت المسلمين" مصنف حاجي محمّد سمون: هيءُ ڪتاب گهٽ پڙهيلن، ٻارن ۽ سفر ۾ رهندڙ سنڌي مسلمانن جي ديني ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي. ضرورت المسلمين ۾ خاص هي موضوع آهن: پنج بنيادي ڪلما، ايمان مجمل، ايمان مفصل، نماز جي ترتيب ۽ طريقو، جنازي نماز جو طريقو، نماز کان بعد واريون ڪجهه دعائون، روزي رکڻ ۽ روزي کولڻ جي نيت، ميت کي قرآن شريف جي ختمي بخشڻ جو ثواب، غريبن کي خيرات ڪارائڻ جو ثواب ۽ عقيقي جا مسئلا ۽ دعا وغيره.

هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو مطبع فتح الڪريمي بمبئي مان 1291ھ/1874ع ۾ الحاج قاضي عبدالڪريم طرفان ڇپرايو ويو. ٻي اشاعت مطبع ڪريمي بمبئي مان 1339ھ/1921ع ۾ شائع ڪيو ويو آهي.

5. "سراج الاسلام" مترجم حاجي محمّد سمون: هيءُ ڪتاب اصل ۾ "خلاصة الفقه" نالي فارسي ۾ لکيو ويو، جنهن جو ترجمو حافظ شجاع الدين "مفيد المسلمين" نالي سان ڪيو. اُن ترجمي تان "سراج الاسلام" نالي سان حاجي محمد سمي 1286ھ/1869ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هيءُ ڪتاب ٻه دفعا بمبئي مان شايع ٿيو، اُن کان پوءِ مسٽر هيمن داس ڏيوسنگهه تاجر ڪُتب سکر 1346ھ/1927ع ۾ ابوالعلائي اسٽيم پريس آگري مان ليٿو ۾ ڇپايو.

هن ڪتاب ۾ هي موضوع آهن، وضوء، غسل، کوهه، اوباري، تيمم، حيض، نفاس، نجاستِ خفيف، نجاستِ غليظه، استنجا ڪرڻ، نماز جا وقت، نماز جا فرض، نماز جون سنتون، نماز جي وصف، نماز جا فاسد، نماز جا مڪروهه، تراويح، سجدي سهوَ ۽ سجدي تلاوت، مسافر جي نماز، جمعي جي نماز، عيد جي نماز، نمازِ خسوف، نمازِ ڪسوف، جنازي جي نماز، زڪواة، صدقي ۽ فطري، روزي، حج ۽ قرباني جو ذڪر بيان ڪيو ويو آهي.

6. "مفيدالمسلمين" مترجم حاجي محمّد سمون: هيءُ ڪتاب اصل ۾ "حيرت الفقه" نالي عربي ۾ لکيل هو، جنهن تان فارسي ۾ ترجمو ٿيو، پوءِ

سان ۽ منشي احمد الدين جي اهتمام سان دبدبہ حيدري پريس قريب مسجد تُرڪ ڪراچي مان شايع ٿيو آهي. اشاعت ۽ تصنيف وغيره جي تاريخ ۽ سال ڪوبہ لکيل نہ آهي.

25. "**مصلح المفتاح**": يعني سيد دائري وارن جي سنڌي مصنف سيّد قاري حاجي علي محمد شاھ دائري وارو تصنيف جي شروع ڪرڻ جو سال 22 جمادي الاخرىٰ 1269ھ مطابق 1854ع ۽ ڪتاب کي مصنف 25 ربيع الثاني 1277ھ ۾ لکي پورو ڪيو.

هن ڪتاب کي محترم قاري الحاج سيّد علي محمد شاھ رحمة الله عليه تمام وڏي تحقيق ۽ تجسس، تفقہ ۽ تنقيد جي لحاظ سان نماز جي اصولن توڙي فروعن بابت سنڌي ٻولي ۾ هڪ جامع ڪتاب لکيو آهي.

مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق مطابق هن موضوع تي سموري عالم اسلام ۾ عربي، فارسي، ترڪي ۽ اُردو وغيره ٻين جملي ٻولين ۾ لکيل ڪتابن ۾ غالباً وڏيڪ محققانہ، جامع ۽ وزندار آهي. ( مصلح المفتاح جو مُهاڳ ڇاپو ٻهريون 1970ع )

26. "**مختصر مصلح المفتاح**": سيّد علي محمد شاھ "مصلح المفتاح" جو اختصار ڪري فقط مسئلن جي نفس مضمون کي هن ڪتاب ۾ درج ڪري عام پڑهندڙن جي آساني لاءِ مرتب ڪيو جيئن تہ عام ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي سگهن. هيءُ ڪتاب "دائري واري ننڍي سنڌي" جي نالي سان سڃاڻ ۾ آيو. 1322ھ / 1904ع ۾ "مختصر مصلح المفتاح" مطبع فيضِ سبحاني ڪوٽڙي مان ڇپيو.

27. "**اصلاح المصلح والمفتاح**": سيّد علي محمد شاھ پنهنجي علمي تحقيق ۽ تدقيق سان "مصلح المفتاح" کي اهڙي تہ اعلىٰ معيار تي مرتب ڪيو جو هيءُ ڪتابہ عالمن ۽ محققن جي استفادي جي قابل بنجي ويو.

ڪتاب جي علمي اهميت محسوس ڪندي، سيّد علي محمد شاھ جي همعصر عالم مخدوم فضل الله پاٽائي اُن جو سنڌي مان فارسي (نثر) ۾ ترجمو ڪيو. مخدوم فضل الله هيءُ ترجمو 1284ھ/1867ع ۾ پورو ڪيو.

28. **حضرت مخدوم فضل الله پاٽائي هڪ ٻيو ڪتاب** (نمازجي موضوع تي) مرتب ڪيو جيڪو "ترتيب الصلواة" جي نالي سان سنڌيءَ ۾ مرتب ڪيو.

29. "**تحفة الاسلام**" "**پاڱو ٻيو**": مولوي محمد عثمان ولد حافظ محمد، مخدوم نورنگزادي ڪتاب تحفة الاسلام کي ڇهن حصن ۾ لکيو جن مان ٻيو حصو جيڪو پاڪائي (پاڻي، وضوء وغيره) بابت آهي، سو ڇهن نماز جي رُڪن جو مقدمو آهي، هي ٻيو حصو ڪراچيءَ مان 1305ھ/1888ع ڌاران پوءِ ڇپيو.

30. "**رسالو نماز فرائض سنڌي**": هيءُ رسالو هالن پراڻن جي عالم قاضي نور محمد بن آخوند محمد حسن قريشي سانوٽي سنڌي نثر ۾ لکيو جو پوءِ سندس پٽ محمد متين الدين قريشي لاڙڪاڻي جي تاجر ڪُتب "مطبع حسيني" بمبئي مان 1309ھ/ 1891ع ۾ ڇپايو.

31. "**فتح المصلي**" چوٽيارين جي بزرگن مان مخدوم عبدالحڪيم بن مخدوم عبدالرحمان جيڪو مخدوم محمد عثمان متعلوي (وفات: 1219ھ) جو شاگرد هو، تنهن هيءُ ڪتابہ غالباً مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي تتبع ۾ تيرهين صدي جي وچ ڌاري فارسي مثنوي (ٻي سؤ سترهن بيتن ۾) منظوم ڪيو.

32. "**ازالة الاوهام عن حكم الفاتحة خلف الامام**". مصنف ابو سعيد قِراني عليه الرحمة، تصنيف جو سال 1342ھ حضرت مولانا ابوسعيد قِراني هن رسالي ۾ فقه حنفي جي تائيد ۾ حديث ۽ اصولِ حديث جي روشن دليلن سان اهو ثابت ڪيو آهي تہ، امام جي پٺيان مقتدي کي قرأت ڪرڻي نہ آهي، امام جي قرأت مقتدي جي لاءِ ڪافي آهي. "من كان لهٗ امام فقرأتهٗ لهٗ قرأة" رواهٗ ابن ابي شيبة في مصنفه.

هيءُ رسالو اڃان تائين نہ ترجمو ٿيو آهي ۽ نہ ڇپيو آهي. هن رسالي جو ڪاتب محمد سليمان

متوطن بريجستان ( ريگستان آهي ) جنهن مصنف جي مسودي تان 26 رمضان المبارڪ 1342ھ ۾ هن رسالي کي نقل ڪيو آهي يعني مصنف جي تصنيف واري ساڳين تاريخن ۾ ڪاتب نقل ڪيو آهي.

راقم وٽ هن رسالي جي فوٽو ڪاپي آهي جيڪا مولوي مراد علي راهمون صاحب کان ورتي هُئي.

33. **"ارشادالفقہ"**: تصنيف حضرت علامہ مفتي عبدالرحمان ٿٽوي صاحب، تصنيف جو سال 22جمادي الآخر 1397ھ ضخامت ٻہ سؤ سٺٽيھ صفحا237 ڊيمي سائز ڪتابت نوراحمد سال طباعت ثاني 1403ھ / 1983.

هن ڪتاب ۾ مفتي عبدالرحمٰن صاحب اسلام جي پنجن ئي رڪنن جي مسائل سان گڏ بيا بہ ڪجھ ضروري مسئلا جهڙوڪ قرباني، عقيقہ ۽ ڪتاب الحظر والاباحۃ جو ذڪر ڪيو آهي ليڪن هن ڪتاب ۾ نماز ۽ اُن سان متعلق مسئلن ڪي پڻ تفصيل سان سؤ صفحن ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ هر مسئلي کي ذڪر ڪرڻ کانپوءِ فقہ حنفي جي مستند ڪتابن جي حوالي کي پُڻ ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب جي شروع ۾ ڪتابيات جي فهرست کي پڻ ڏنو ويو آهي، جنهن سان ڪتاب جي افاديت ۽ اهميت پڻ ظاهر ٿئي ٿي.

34. **"تحفة المؤمنين"**: مؤلف مبلغ اسلام حضرت علامہ مفتي عبدالرحيم سڪندري صاحب، تصنيف جو سال غالباً 1995ع آهي، هيءُ ڪتاب پهرين "الراشد اڪيبمي ڪراچي" طرفان "مسائل نماز" جي نالي سان شايع ٿيو هو بيو پيرو رجب المرجب 1417ھ/نومبر 1996ع ۾ مدرسہ صبغۃ الهدیٰ شاهپورچاڪر طرفان شايع ٿيو. اُن کان پوءِ هر سال شايع ٿيندو رهندو آهي.

هن ڪتاب جي ترتيب عام فقهي ڪتابن جي ترتيب وانگر آهي. ڪتاب جي شروعات وضوء جي بيان کان ٿئي ٿي ۽ پڇاڙي نمازحاجت تي ٿئي ٿي. ننڍي سائز ۾ هڪ سؤ ٻن صفحن تي مشتمل آهي. بعد ۾ ڪجھ اضافا ۽ ترميمون بہ ٿيون آهن.

35. **"عمادالدّين"** (نماز جا فضائل ۽ مسائل): مصنف صاحبزاده محمد ڪرم الله نقشبندي قادري. تصنيف جو سال 28 ذوالحج 1423ھ ڇاپو پهريون 2003ع.

ڪتاب جي شروعات نماز جي اهميت ۽ فضيلت ۽ پڇاڙي نماز جي رڪعتن جو تعداد . ضخامت هڪ سؤ ست 107 صفحا. هن ڪتاب جي ترتيب عام فقهي ڪتابن کان مختلف آهي، ڪتاب ۾ استعمال ٿيندڙ حديثن جي حوالن جو خاص اهتمام ڪيو ويو آهي، باقي فقهي مسائل ۾ فقهي ڪتابن جا حوالا نہ ڏنا ويا آهن. ناشر بوعلي پرنٽرس دربار فضل آباد شريف ماتلي ضلع بدين.

36. **"معراج المؤمنين"**: مصنف حافظ مفتي عبدالرزاق مهراڻ سڪندري، تصنيف جو سال 6 شوال المڪرم 1423ھ مطابق 11 ڊسمبر 2002ع ڇاپو پهريون جون 2003ع/1424ھ ڪتاب جي شروعات پاڪائي جو بيان ۽ پڇاڙي نڪاح جو خطبو ۽ نڪاح جي دُعا، ضخامت نوي صفحا.

هن ڪتاب جي ترتيب عام فقهي ڪتابن وانگر آهي، البتہ اذان ۽ تڪبير جي مسئلن کان پوءِ 14 صفحا نماز جي اهميت ۽ عظمت، نماز جي فضيلت حديث پاڪ جي روشني ۾، بي نمازين ۽ نماز ۾ سستي ڪندڙن جي لاءِ سخت تاڪيد ۽ نماز سمورين عبادتن جو نچوڙ آهي جي موضوعن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي خصوصيت اها آهي تہ قرآني آيتن، حديثن ۽ فقهي مسائل کي بيان ڪرڻ کان پوءِ قرآن، حديث ۽ فقهي ڪتابن جي حوالن جو پڻ خاص اهتمام ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي آخر ۾ مددي ڪتابن جي فهرست ۽ مصنفين جي نالن سان گڏ انهن جي تاريخ وفات جو پڻ خاص اهتمام ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب کي حاجي شبير حسين وينجهر صاحب ڪراچي مان ڪيترائي پيرا هزارن جي تعداد ۾ ڇپرائي في سبيل الله تقسيم ڪيو آهي ۽ مڪتبہ حزب الاحناف پوليس لائين سانگهڙ جي طرفان پڻ ڪافي پيرا شايع ٿيو آهي.

37. "نماز جا فضائل ۽ مسائل" مصنف مولوي محمد يامين جماري (رحماني). (خطيب مسجد درگاهه حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مڪلي ٺٽو) تصنيف جو سال 8 آگسٽ 2007ع ڇپريون ڇاپو 2009ع / 1430هه

ڪتاب جي شروعات فضيلتِ نماز کان ٿئي ٿي ۽ پڇاڙي ڇهن ڪلمن تي آهي. ضخامت ٽي سؤ اٺ 308 صفحا ڊيمي سائز. هن ڪتاب جي ترتيب عام فقهي ڪتابن وانگر آهي.

هن ڪتاب جي خصوصيت اها آهي ته جن ڪتابن کي مددي طور استعمال ڪيو ويو آهي، انهن ڪتابن جا حوالا خاص طور ڏنا ويا آهن ۽ احاديث مبارڪ کي ڪثرت سان حوالي طور آندو ويو آهي، هن وقت نماز جي مسائل ۽ فضائل تي لکيل ڪتابن ۾ هيءُ ڪتاب وڏيڪ ضخيم آهي ۽ مختلف فقهي مسئلن کي به حوالن ۽ دليلن سان پڻ پيش ڪيو ويو آهي. البت پروف جون غلطيون منجهس ڪثرت سان نظر اچن ٿيون، بهرحال مصنف جي محنت قابلِ ستائش آهي اللهم زد فزد في علمهٖ و عملهٖ.

38. "نماز جي اهميت ۽ حڪمتون" مصنف الحاج محمد ادريس ڏاهري، تصنيف جو سال 1419هه / 1999ع. ناشر اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان ضلع نواب شاهه

ڪتاب جي شروع ۾ نماز جي فضيلت، نماز الله تعالىٰ کان مدد وٺڻ جو ذريعو، نماز ٺاهي ٺاهي ۽ جماعت سان پڙهي ۽ هر نماز جي حفاظت ڪرڻ فرض آهي، قرآن ڪريم جي آيتن ۽ احاديثِ نبوي علىٰ صاحبها الصّلواة والتسليم جي روشني ۾ اهي عنوان ذڪر ڪيا ويا آهن. ان کان پوءِ نماز ۾ ادا ٿيندڙ احڪامن ۾ حڪمتون، پاڻي سان پاڪائي ڪرڻ ۾ حڪمت، وضوع ۾ مخصوص عضون کي ڌوئڻ ۾ حڪمتون، وضوع کان پوءِ استغفار ۽ دعائن پڙهڻ ۾ حڪمتون، حيض ۽ نفاس جي بند ٿيڻ وقت غسل ڪرڻ ۾ حڪمت، نماز جون حڪمتون، بانگ ڏيڻ ۾ حڪمت، مطلب ته نماز جي هر هڪ رُڪن، سنت ۽ مستحب جي حڪمت کي فقه ۽ صوفياء ڪرام جي ڪتابن جي حوالن سان بيان ڪيو ويو آهي. انهي حوالي سان انهي موضوع تي اهو منفرد ڪتاب آهي، مسائل کي بيان ته هر هڪ عالم ڪيو آهي، ليڪن نماز ۾ ادا ڪرڻ وارن فعلن جي حڪمتن کي ڪنهن به عالم بيان نه ڪيو آهي "الا ماشآءالله".

ڪتاب جي پڇاڙي ميت جي لاءِ تعزيت ڪرڻ ۾ حڪمت تي ٿئي ٿي. هيءُ ڪتاب 64 (چوهٺ) صفحن تي مشتمل آهي.

39. "حقيقي مسنون تراويح" مؤلف صوفي نوراحمد ميمڻ، تصنيف جو سال 21 رمضان المبارڪ 1420هه مطابق 29 ڊسمبر 1999ع ناشر مجدد الف ثاني لائبريري حنفيه مسجد شهباز روڊ بدين ضخامت 56 صفحا.

هيءُ ڪتاب دراصل غير مقلد انهن جي ڪنهن ڇاپيل اشتهار جي ردّ ۾ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ احاديثِ نبوي، خلفاءِ راشدين، اصحابِ ڪبار، تابعين، تبع تابعين ۽ ائمه اربعه مجتهدين جي اقوال ۽ افعال مان تراويح جي ويهن رڪعتن کي ثابت ڪيو ويو آهي، اصولِ حديث جي اعتبار سان حديث جي قسمن صحيح ۽ ضعيف وغيره جي بحث کي آندو ويو آهي ۽ خود اهلِ حديث جي ڪتابن مان پڻ دليل پيش ڪري ڪتاب کي وڌيڪ مستند ۽ معتبر بنايو ويو آهي، صحاح سته جي ڪتابن سان گڏ تقريباً 68 ڪتابن جو هن ڪتاب کي ماخذ بنايو ويو آهي، سنڌي يا غير سنڌي ۾ هن موضوع تي هي ڪتاب بينظير ۽ بيمثال آهي، منهنجي ناقص نظر ۾ اڃان تائين هن جهڙو ڪتاب نه گذريو آهي.

اشاعتِ اوّل مئي 2000ع نفيس پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد

40. "تحقيق الجمعة في القرىٰ" (فارسي) مصنف حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي رحمةالله عليه. تصنيف جو سال 4 محرم الحرام 1340هه

هي رسالو حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي رحمةالله عليه مولوي محمد يوسف افغاني جي ترديد ۾ لکيو آهي، مولوي محمد يوسف افغاني

لکيو ته امام اعظم ابوحنيفه رحمة‌الله عليه جي مذهب مطابق ننڍن ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ جمعي جي نماز جائز نه آهي، بلڪ جمعي جي نماز جي لاءِ مصر (وڏو شهر) هجڻ شرط آهي.

حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي هن رسالي ۾ ڳوٺن ۾ جمعي نماز پڙهڻ کي جائز قرار ڏنو آهي، پاڻ لکن ٿا ته حضرت امام شافعي رحمة‌الله عليه فرمايو آهي ته، اهڙي شهري ۾ جتي چاليهه عاقل بالغ تندرست مرد رهندڙ هجن عورتن کانسواءِ ته اُن شهر ۾ جمعو قائم ڪرڻ گهرجي، ان کان گهٽ آبادي واري شهر ۾ جمعو قائم ڪرڻ نه گهرجي، ۽ حضرت امام احمد بن حنبل رحمة‌الله عليه جو مذهب به اهو ئي آهي، ۽ حضرت امام مالڪ رضي الله عنه فرمائي ٿو ته اهڙو شهر جتي مسجد يا بازار هجي ۽ گهر پڪا هجن، اُتي جمعو لازم ٿئي ٿو، مرد ٿورا هجن يا گهڻا. حضرت امام اعظم رضي الله عنه فرمائي ٿو ته جمعي جي قائم ڪرڻ لاءِ مصر شرط آهي.

مصر جي معنيٰ ۾ حنفي عالمن سڳورن جو اختلاف آهي، هدايه جي مصنف چيو آهي ته مصر هر اُها جاءِ آهي جتي امير ۽ قاضي هجي جيڪو حدون قائم ڪري سگهي، اها ئي ظاهر روايت آهي ۽ شرح الوقايه جي مصنف حضرت صدرالشريعة فرمايو آهي ته مصر اهو آهي جو اُتي جي سڀ کان وڏي مسجد اُتي جي مڪلفن کي ڪافي نه ٿئي ۽ اهو ئي مفتيٰ به قول آهي، پوءِ اهڙي جاءِ جتي هدايه جي مصنف جي قول مطابق مصر جي معنيٰ دُرست اچي ٿي، اُتي جمعو يقين سان فرض آهي، ۽ اهڙي جاءِ جتي شرح وقايه جي مصنف جي قول مطابق مصر جي معنيٰ دُرست اچي ٿي جيڪو مفتيٰ به قول آهي، اُتي جمعو پڻ فرض آهي ۽ اُن جو ادا ڪرڻ دُرست آهي، پر گمان سان، نه ڪِ يقين سان پوءِ اُتي جمعو پڻ پڙهڻ گهرجي ۽ آخر ظهر جنهن کي عُرف ۾ چار رڪعتون احتياطي نماز چوندا آهن اُها پڙهي (ايضاً، ص 17)

هيءُ رسالو فارسي ۾ مطبع عباسي ڪراچي مان شايع ٿيو، پر طباعت جو سال وغيره لکيل نه آهي، اُن کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌي ۾ ترجمو راقم الحروف 1433هه /2012ع ۾ ڪري، اُن کي افهام القاري شرح صحيح البخاري جلد ٽيون (سنڌي) ۾ شايع ڪرايو آهي، اُن جو ٻيو ترجمو 1434هه ۾ مولوي محمد الياس ڳجو خليلي صاحب ڪيو ۽ چوويهن صفحن تي ڪتابي شڪل ۾ 1436هه ۾ پارس پرنٽنگ پريس گاڏي کاتر حيدرآباد مان شايع ڪرايو.

41. ”تحفة المسلمين“ مصنف مولوي علي شير لغاري سڪندري، ضخامت 152 صفحا ڪتاب جي شروعات ۾ وضوع جو بيان ۽ ڪتاب جي پڇاڙي ڇهن ڪلمن تي ٿئي ٿي.

هن ڪتاب جي ترتيب عام فقہ جي ڪتابن وانگر نه آهي، بلڪ مختلف آهي مثلاً نماز پڙهڻ جو طريقو پهرين آندو ويو آهي ۽ نماز جي شرطن جو بيان بعد ۾ آندو ويو آهي، اهڙي ريت نماز وتر جي بيان کان پوءِ پنجن نمازن جو بيان، پنجن نمازن جا وقت، جائز وقت، مستحب وقت ۽ مڪروهه وقت بعد ۾ آندا ويا آهن. اهڙي طرح نماز جمعي جي بيان کان پوءِ امامت جو بيان آندو ويو آهي، نماز تهجد، نماز چاشت، نماز اشراق، نماز اوابين، نماز حاجت ۽ نماز استخاره کان پوءِ مريض، معذور ۽ مسافر جي نماز جو بيان آندو ويو آهي، وطن جا قسم ۽ ريل گاڏي ۾ نماز پڙهڻ کان پوءِ وري تراويح نماز ۽ تسبيح نماز، قضا نماز، نماز توبه، نماز استسقاء، نماز خوف کي آندو ويو آهي. انهن کان پوءِ تلاوت جي سجدي جي بيان کي ذڪر ڪيو ويو آهي.

بهرحال هن ڪتاب جي ترتيب عجيب نظر اچي ٿي. ڪتاب ۾ ماخذ ۽ مراجع کي تمام احسن طريقي سان آندو ويو آهي، جنهن سان ڪتاب جي افاديت ۾ اضافو ٿئي ٿو.

هيءَ ڪتاب زير طباعت آهي انشاءالله تعاليٰ عنقريب ”الهامي ادبي اڪيڊمي ٽري ميرواهه ضلع خيرپورميرس“ اداري طرفان 2017ع ۾ شايع ٿيندو.

## مددي ڪتاب

1. مفتاح الصلواة فارسي ص 14 مطبوع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

2. ابوالحسن جي سنڌي ص 53 مطبوع خان برادرس تاجران ڪُتب ڪراچي

3. مقدمو مصلح المفتاح (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) ص 24 ڪان ص 28 مطبوع سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سال 1970ع

4. سراج المصلي مطبع بتول پرنٽنگ پريس حيدرآباد سال 2007ع، پي ايڇ.ڊي مقالو ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري

5. درهم الصرة في وضع اليدين تحت السرة مع ترصيع الدرة على درهم الصرة و معيار النقاد في تميز المغشوش عن الجياد من تاليف المخدوم محمد هاشم السندي التتوي و تليه درة في اظهار غش نقد الصرة للعلامة مخدوم محمد حيات السندي. مطبوع ادارة القرآن والعلوم الاسلاميه ڪراتشي باڪستان الطبعة الاولىٰ 1414هه

6. ڪشف الرين عن مسئلة رفع اليدين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (سنڌي) تخريج شده ص 83 ڪان ص 90 مطبوع مڪتبه حزب الاحناف پوليس لائين سانگهڙ طباعت جو سال 2001ع

7. تنقيح الڪلام في النهي عن قرأة خلف الامام مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمةالله عليه مطبوع جامع مدينة العلوم پيڻبو حيدرآباد طباعت جو سال 1415هه

8. مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي طباعتِ ثاني 1992ع مطبوع سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو حيدرآباد

9. "نورالابصار شرح خزانة الابرار" 19 ڪتاب ڪان 23 تائين سنڌي ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاء محقق ۽ مؤلف ڊاڪٽر قاضي يار محمد ص 102 ڪان ص 136 مطبوع سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو حيدرآباد/ڪراچي، طباعت جو سال 1413هه/1992ع

10. "التنقيد المعقول في رڌ تسويد المجهول" ص 2-3 مؤلف حافظ محمد اسماعيل، مطبوع دبدبه حيدري پريس ڪراچي.

11. "ازالة الاوهام عن حڪم الفاتحة خلف الامام" (قلمي) مصنف ابو سعيد قِراني ڪاتب محمد سليمان ريگستاني سن ڪتابت 26 رمضان المبارڪ 1342هه

12. "ارشاد الفقر" سنڌي مصنف مفتي عبدالرحمٰن ٺٽوي طباعتِ ثاني 1403هه/ 1983ع

13. "تحفة المؤمنين"، مصنف مبلغ اسلام مفتي عبدالرحيم سڪندري سن اشاعتِ ثاني 1417هه/ 1996ع

14. "عماد الدين"، مصنف صاحبزاده محمد ڪرم الله نقشبندي طباعتِ اوّل 2003ع

15. "معراج المؤمنين"، مصنف حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري اشاعتِ اوّل 2003ع جون

16. "نماز جا فضائل ۽ مسائل"، مصنف مولوي محمد يامين جماري سن اشاعتِ اوّل 2009ع /1430هه

17. "نماز جي اهميت ۽ حڪمتون"، مصنف الحاج محمد ادريس ڏاهري، ناشر اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان ضلع نوابشاهه

18. "حقيقي مسنون تراويح"، مصنف صوفي نور احمد ميمڻ، اشاعتِ اوّل مئي 2000ع ناشر مجدد الف ثاني لائبريري حنفيه مسجد شهباز روڊ بدين

19. "تحقيق الجمعة في القرىٰ"، فارسي مصنف حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي مترجم سنڌي مولوي محمد الياس گجو خليلي. سن اشاعت 1436هه ناشر مولوي محمد الياس گجو خليلي گلزار خليل تعلقو سامارو ضلع عمرڪوٽ

20. "تحفة المسلمين"، مصنف مولوي علي شير لغاري سڪندري ناشر الهامي ادبي اڪيڊمي ٽري ميرواهه ضلع خيرپورميرس .

انهن ٻنهي جو خنده پيشاني سان استقبال ڪيو ۽ انعام اڪرام سان نوازيو. ڄام بايزيد کي شور ۽ ڄام ابراهيم کي اوچ شهر جي جاگير ڏنائين(15).

عمر ڪمال خان ۽ حق نواز سامٽيہ پنهنجي تصنيف ۾ انهن ٻنهي سنڌي اميرن جو ملتان ۾ پهچڻ تي، ملتان جي حاڪم حسين لانگاهہ طرفان ايڏي شاندار استقبال ڪرڻ، انعامن اڪرامن سان نوازڻ ۽ ڪين جاگيرن ڏيڻ جو سبب اِهو ٻڌايو آهي تہ ڄام بايزيد ۽ ڄام ابراهيم، سلطان حسين لانگاهہ جا سڳا ماما هئا. يعني سلطان حسين لانگاهہ، ڄام بايزيد ۽ ڄام ابراهيم سمي جو ڀاڻيجو هو(16). عمر ڪمال خان ۽ ملڪ حق نواز سامٽيہ جي اِنهيءَ لکت مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڳ ۾ ئي سنڌ جي انهن اميرن ۽ ملتان جي لانگاهہ حاڪمن جي پاڻ ۾ رشتيداري موجود هئي. ليڪن اسان کي اِهو معلوم نٿو ٿئي تہ عمر ڪمال خان ۽ ملڪ حق نواز سامٽيہ اِهو مٽي مائٽيءَ وارو حوالو ڪٿان آندو آهي.

ڄام بايزيد تمام گهڻو علم دوست ماڻهو هو، هُو هميشہ عالمن ۽ فاضلن جي صحبت ۾ پنهنجو وقت گذاريندو هو. هن جي علائقي ۾ جيڪو بہ عالم فاضل شخص ايندو هو، هيءُ اُن جي عزت افزائي ڪندو هو ۽ ڪيس مال دولت سان نوازيندو هو، تنهنڪري انهيءَ جو نتيجو اِهو نڪرندو هو جو اهو عالم هميشہ لاءِ سندس دربار سان منسلڪ ٿي ويندو هو. شيخ جمال الدين قريشي، جيڪو شيخ عالم قريشي جي اولاد مان هو، سو پنهنجي دور جو هڪ زبردست عالم هو. هن خراسان ۾ رهي ڪيترن ئي علمن جي تڪميل ڪئي. حصول علم ۾ ايتريقدر وڌي ويو جو سندس حواسن ۾ اختلال ٿي ويو. ڄام بايزيد صرف پنهنجي علم دوستي جي ڪري هن کي پنهنجي سلطنت جو وزير بڻايو ۽ تمام ملڪي ۽ مالي معاملا هن جي حوالي ڪري ڇڏيا.

ڄام بايزيد نهايت ئي ديانتدار ۽ مذهبي احڪامن جو پابند هو. هِن جي ديانتداري جو هيءُ هڪ واقعو پنهنجو مثال پاڻ آهي، تہ هڪ دفعي هيءُ پنهنجي ملڪ شور ۾ هڪ نئين عمارت تيار ڪرائي رهيو هو تہ اِنهيءَ زمين مان هڪ خزانو ظاهر ٿيو. ڄام بايزيد اگر چاهي ها تہ اِنهيءَ خزاني کي پنهنجي قبضي ۾ رکي ڇڏي ها، ليڪن هن ائين نہ ڪيو ۽ اهو خزانو سلطان حسين ڏانهن ڏياري موڪليائين. سلطان حسين لانگاهہ هن جي اِنهي ديانتداري کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ ڀهرئين کان بہ وڌيڪ هن جو قدر ڪرڻ لڳو.

ملتان جو حاڪم حسين لانگاهہ حڪومت ڪندي، جڏهن وڌيڪ پوڙهو ٿي ويو تہ پوءِ تخت پنهنجي پٽ فيروز شاهہ جي حوالي ڪري، خطبو ۽ سِڪو بہ هِن جي نالي جاري ڪري ڇڏيائين ۽ پاڻ گوشہ نشين ٿي، سمورو وقت خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ گذارڻ لڳو. عماد الملڪ توبڪ، جيڪو هن جو وزير هو، سو هاڻي بہ ساڳئي منصب تي فائز ٿيو.

سلطان فيروز شاهہ لنگاهہ، تمام ناتجربيڪار ۽ ڪمزور نظر فرمانروا هو. هي زياده بخيل ۽ شڪي مزاج هو. هيءُ وزير عمادالملڪ جي پٽ بلال سان تمام گهڻو ساڙ رکندو هو، ڇاڪاڻ تہ هُو ذهين ۽ قابل شخص هو. اِنهيءَ ساڙ جي ڪري هِن پنهنجي هڪ غلام جي ذريعي بلال کي قتل ڪرائي ڇڏيو. وزير عماد الملڪ جڏهن پنهنجي پٽ جو هيءُ حشر ڏٺو تہ هُن بہ فيروزشاهہ کان بدلي وٺڻ جو پهہ ڪيو. عمادالملڪ هڪ ڏينهن موقعو ڏسي فيروزشاهہ کي زهر ڏياري مارائي ڇڏيو، تنهنڪري سلطان حسين لنگاهہ کي پنهنجي جوان پٽ جي موت جو تمام گهڻو صدمو ٿيو. اِنهيءَ ڪري هِن ٻيهر حڪومت سنڀالي ۽ ملڪ ۾ ٻيهر پنهنجي نالي جو خطبو ۽ سڪو جاري ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجي پوٽي يعني فيروزشاهہ جي پٽ محمود کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. جيتوڻيڪ عمادالملڪ اڃان تائين وزارت جي عهدي تي فائز هو، ليڪن سلطان حسين لنگاهہ ڪيس بلڪل پسند نہ ڪندو هو ۽ هن کان پنهنجي پٽ جي خون جي بدلي وٺڻ جو ارادو پڻ رکندو هو.

سلطان حسين لنگاهہ ظاهري طرح سان، عمادالملڪ سان تمام سٺي نموني سان ملندو رهندو هو ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي دلي ڪدورت هن تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنائين. هڪ ڏينهن بادشاهہ، ڄام بايزيد کي

اڪيلائيءَ ۾ گهرائي ڪيس چيو تہ، تون تمام حالات کان چڱيءَ طرح باخبر آهين ۽ توکي اِهو بہ معلوم آهي تہ نمڪ حرام عمادالملڪ منهنجي پٽ فيروز شاهہ کي مارايو آهي، تنهنڪري توکي ڪا اهڙي تدبير ڪرڻ گهرجي، جو عمادالملڪ ختم ٿي وڃي تہ جيئن منهنجي انتقام جي باهہ ٺڌي ٿي وڃي. ڄام بايزيد اِنهيءَ ڪم کي پوري ڪرڻ جو وعدو ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن تي پنهنجي لشڪر جي مدد سان عمادالملڪ کي گرفتار ڪري ورتو.

بقول سبحان راءِ ٻٽالوي تہ "سلطان حسين، ڄام بايزيد جي مدد سان عمادالملڪ کي ختم ڪرائي ڇڏيو." اِنهيءَ کان پوءِ سلطان حسين لنگاهہ، ڄام بايزيد کي عمادالملڪ جي جاءِ تي وزير مقرر ڪيو ۽ پنهنجي پوٽي محمود خان جو اتاليق بہ ڪيو. انهيءَ واقعي کان ڪجهہ ڏينهن بعد ۾ سلطان حسين لنگاهہ وفات ڪري ويو.

سلطان حسين لنگاهہ جي چوڻ تي، ڄام بايزيد جو وزير عمادالملڪ کي گرفتار ڪرڻ ۽ اُن کانپوءِ سلطان حسين جو ڄام بايزيد کي عمادالملڪ جي جاءِ تي وزير مقرر ڪرڻ ۽ اُن بعد سلطان حسين لنگاهہ جي وفات ۽ سندس پوٽي محمود خان جي تخت سنڀالڻ متعلق، ملڪ حق نواز سامٽيو تفصيل سان هن طرح لکي ٿو تہ "جڏهن سلطان حسين لنگاهہ، ڄام بايزيد کي عماد الملڪ کي ختم ڪرڻ جو چيو تہ اُن کانپوءِ ڄام بايزيد ملتان شهر کان ٻاهر اچي پنهنجي لشڪر ۾ اعلان ڪيو تہ صبح جو بادشاهہ لشڪر جو معائنو ڪندو، تنهنڪري سمورو لشڪر تيار ٿي صبح جو بادشاهہ جي دربار ۾ حاضر ٿئي. ڄام بايزيد جي اِنهيءَ حڪم تي سمورو لشڪر، ڄام بايزيد جي ماتحتيءَ ۾ هٿيارن سان ليس ٿي بادشاهہ جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيو تہ اِنهيءَ جو اطلاع بادشاهہ کي ڏنو ويو. بادشاهہ حسين لنگاهہ پنهنجي وزيراعظم عمادالملڪ کي اِنهيءَ لشڪر جي معائني جو حڪم ڏنو. اُن بعد جڏهن عمادالملڪ لشڪر جي معائني ڪرڻ لاءِ محل کان ٻاهر آيو تہ ڄام بايزيد جي ماڻهن کيس گرفتار ڪري زنجير پارايا.

سلطان حسين لانگاهہ، عمادالملڪ جي گرفتاري کان پوءِ هن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو تہ پوءِ پنهنجي محسن ملمي ڄام بايزيد کي وزارت عظميٰ جو عهدو حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ سلطنت جي ڪمن ڪارين کان ڪناره ڪشي اختيار ڪيائين. وزارت عظميٰ سان گڏ ڄام بايزيد کي پنهنجي پوٽي محمود خان جو اتاليق بہ مقرر ڪري ڇڏيو.

سلطان حسين لنگاهہ پٽ جي موت ۽ سلطنت جي ڪمن ڪارين جي ڪري پريشان رهڻ لڳو هو، جنهنڪري سندس صحت خراب ٿيندي ويئي ۽ آخرڪار پاڻ 34 يا 36 سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ وفات ڪري ويو.

سلطان حسين جي وفات کان پوءِ سندس دفن ڪفن جون رسمون ادا ٿي ويون تہ ٻئي ڏينهن تي وزيراعظم ڄام بايزيد دربار جي اميرن، اڪابرن ۽ شرفاءَ جي مدد سان، سلطان حسين لنگاهہ جي وصيت مطابق سلطان حسين جي پوٽي محمود خان ولد فيروز شاهہ لنگاهہ کي تخت تي ويهاريو.

سلطان محمود خان لنگاهہ تخت نشين ٿيڻ کانپوءِ سڀ کان پهريائين سابق وزيراعظم عمادالملڪ جي قتل جو حڪم جاري ڪيو ۽ اهڙي طرح پنهنجي والد فيروز شاهہ جي قتل جو بدلو ورتائين."

محمود خان لنگاهہ تخت نشين ٿيڻ کان پوءِ ڪم عمري ۽ ناتجربيڪاري جي ڪري، هِن پنهنجي چوگرد اهڙن ماڻهن کي گڏ ڪيو، جيڪي اوباش ۽ خراب قسم جا هئا. هن جو سمورو وقت انهن جي صحبت ۾ گذرڻ لڳو. جڏهن شرفاءَ بادشاهہ جي اها حالت ڏٺي تہ هڪ هڪ ٿي، شاهي مجلس کان هڪ پاسي ٿيڻ لڳا. جڏهن اُنهن اوباش قسم جي ماڻهن ميدان خالي ڏٺو تہ پوءِ اُهي ڄام بايزيد کي وزارت تان جدا ڪرڻ جون سازشون سوچڻ لڳا. انهن ماڻهن محمود شاهہ کي ڄام بايزيد جي خلاف ڀڙڪائڻ شروع ڪيو. سلطان محمود لنگاهہ ڪم عمري ۽ ناسمجهي جي ڪري وزيراعظم ڄام بايزيد ۽ ٻين بزرگن جي مشورن جي پرواهہ بلڪل نہ ڪرڻ لڳو. پوڙهو وزيراعظم ڄام بايزيد بلڪل بي اثر ٿي ويو. بدمعاش ۽ ڪمتر ماڻهو سلطان محمود جي

دربار تي آهستي آهستي حاوي ٿيڻ لڳا. انهن جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ جام بايزيد هو، تنهنڪري انهن چاهيو ته ڪنهن طرح سان جام بايزيد کي سلطان محمود سان ويڙهايو وڃي. تنهنڪري انهن جام بايزيد خلاف سلطان محمود جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا. جڏهن جام بايزيد کي اِها خبر پئي ته هُو پنهنجي اُنهي رهائش گاهه ڏانهن هليو ويو، جيڪا هُن درياهه چناب جي ڪناري تي، ملتان کان هڪ ڪوهه يا ٽن ميلن جي مفاصلي تي ٺهرائي هئي. اُن بعد هُو اُتي ئي رهي ڪري حڪومت جي ڪمن ڪارين کي سرانجام ڏيڻ لڳو ۽ شهر ۾ اچڻ وڃڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيائين.

انهن ڏينهن ۾ جام بايزيد، ڪجهه ڳوٺن جي نافرمان ماڻهن کان ڍل وصول ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو، انهن مان چند ماڻهن ڍل ڏيڻ کان بلڪل انڪار ڪيو، جنهن تي جام بايزيد انهن جا مٿا ڪوڙائي سڄي شهر ۾ گهمايو. چغل خورن انهيءَ موقعي جو فائدو ورتو ۽ محمود خان لنگاهه کي چيو ته جام بايزيد جي ناعاقبت انديشي زورن تي پهچي چڪي آهي، جو خاص ملازمن تي ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڏنا اٿس ۽ دربار خاص ۾ اچڻ به بند ڪري ڇڏيو اٿس ۽ پنهنجي جاءِ تي پنهنجي پٽ عالم خان کي موڪليو اٿس، تنهنڪري مناسب اِهو آهي ته عالم خان جي بيعزتي ڪئي وڃي.

عالم خان تمام ذهين ۽ نيڪ طبعيت جو نوجوان هو. سيرت سان گڏ خداپاڪ هن کي حسن به عطا ڪيو هو. هڪ ڏينهن بادشاهه کي سلام ڪرڻ لاءِ عالم خان حاضر ٿيو ته هڪ بدمعاش قسم جي درباري عالم خان کي چيو ته فلاڻي ماڻهو جو ڪهڙو ڏوهه هو جو تنهنجي پيءُ هن جو مٿو ڪوڙائي ڪيس سڄي شهر ۾ گهمايو. تنهنڪري انصاف جي تقاضا اِها آهي ته توسان به شهر ۾ اهڙي تعدي ڪئي وڃي.

عالم خان جڏهن اِهي لفظ ٻڌا ته هن درباريءَ کي چيو ته اي بدبخت شاهي دربار ۾ اهڙي قسم جون نازيبا ڳالهيون ڪرڻ مناسب آهن! عالم خان اجان ايترو مس چيو ته ڏهن ٻارهن ماڻهن ڪيس گهيرو ڪري زمين تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ هن جي مٿي تان پڳ لاهي ورتي. عالم خان مشڪل سان پنهنجي خنجر کي ٻاهر ڪڍيو ۽ انهن بدمعاشن کي مارڻ لاءِ هٿ کي وڌايو. ته اتفاق سان بادشاهه به ويجهو بيٺو هو. تنهنڪري خنجر جي نوڪ بادشاهه جي مٿي ۾ لڳي ويئي، جنهنڪري هُو رڙيون ڪري زمين تي ڪري پيو. محمود شاهه جي زخم مان تمام گهڻو رت وهڻ لڳو، جن ماڻهن عالم خان کي گهيري ۾ رکيو هو، سي فوراً بادشاهه طرف متوجه ٿيا ته عالم خان انهي موقعي جو فائدو وٺي ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن دروازي وٽ پهتو ته ڪيس معلوم ٿيو ته دروازو بند آهي. عالم خان وڏي جرئت سان دروازي کي ٽوڙيو ۽ پنهنجي هڪ ملازم کان پڳ وٺي مٿي تي رکي گهر ڏانهن ڀڳو.

گهر پهچڻ بعد عالم خان هيءُ سمورو واقعو پنهنجي پيءُ جام بايزيد کي ٻڌايو. جام بايزيد پٽ کي چيو ته افسوس جو تنهنجي اِنهيءَ حرڪت مون کي ڪٿان جو به نه ڇڏيو آهي، هاڻي بهتر اِهو آهي ته اسان هتان هليا وڃون ۽ قلعي شور جو رستو وٺون. جام بايزيد پنهنجو لشڪر تيار ڪيو ۽ شور جي قلعي ڏانهن روانو ٿي ويو.

محمود لنگاهه کي جڏهن جام بايزيد جي هتان روانگي جي خبر پيئي ته هن پنهنجي ڪجهه اميرن کي هِن جي پٺيان ڊوڙايو. محمود لنگاهه جا اهي ماڻهو جڏهن جام بايزيد جي لشڪر جي ويجهو پهتا ته ٻنهي ۾ زبردست جنگ لڳي، جنهن ۾ جام بايزيد کي ڪاميابي نصيب ٿي. اُن بعد جام بايزيد پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ قلعي شور ۾ پهچي ويو.

جام بايزيد قلعي شور ۾ پهچي، هندستان جي بادشاهه سلطان سڪندر لوڌي جي نالي جو خطبو پڙهيو ۽ هڪ خط لکي سلطان سڪندر لوڌي کي تمام حالات کان آگاهه ڪيائين. سڪندر لوڌي، جام بايزيد جي انهيءَ اقدام کان تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ هن ڏانهن هڪ خلعت فاخره ڏياري موڪليائين ۽ ان سان گڏ پنجاب جي حاڪم دولت خان لوڌي ڏانهن هڪ فرمان روانو ڪيائين، جنهن ۾ ڪيس لکيائين ته جام بايزيد مون کي پنهنجي اطاعت جو يقين ڏياريو آهي ۽ شور جي قلعي

۾ منهنجي نالي جو خطبو جاري ڪرايو آهي، تنهنڪري توکي هن جي حال کان باخبر رهڻ کپي ۽ وقت ضرورت هن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ محمود لنگاهه لشڪر وٺي شور قلعي تي حملو ڪيو. چاڪر بايزيد پنهنجو لشڪر تيار ڪري پنهنجي پٽ عالم خان سان گڏ قلعي کان ٻاهر آيو ۽ دولت خان لودي جي نالي هڪ خط لکي کيس اِنهيءَ سموري حالات کان آگاهه ڪيو. چاڪر بايزيد ۽ محمود خان لنگاهه جي لشڪر ۾ جنگ لڳي، ليڪن ڪو به نتيجو نه نڪتو. اِنهيءَ دوران دولت خان لودي جو لشڪر به چاڪر بايزيد جي مدد لاءِ پهچي ويو. دولت خان لودي، محمود خان لنگاهه سان صلح جي ڳالهه شروع ڪئي، جيڪا ڪامياب ٿي. ٻنهي طرفين ۾ اِنهيءَ شرط تي صلح ٿي ته چاڪر بايزيد ۽ محمود خان لنگاهه جي وچ ۾ درياءُ راوي حد مقرر آهي. اُن بعد سلطان محمود لنگاهه ملتان جو حاڪم ٿي رهيو ۽ شور جي قلعي تي چاڪر بايزيد حڪومت ڪرڻ لڳو، ليڪن اِهو صلح زياده دير تائين قائم نه رهي سگهيو.

اُنهن ڏينهن ۾ مير چاڪر خان رند، پنهنجي ٻن پٽن- مير شهداد خان ۽ مير الهداد خان سان گڏ سبي کان ملتان ۾ آيو. مير چاڪر خان رند، ملتان ۾ گهڻي دير نه رهي سگهيو، تنهنڪري هُو چاڪر بايزيد وٽ شور هليو آيو. چاڪر بايزيد، چاڪر خان رند سان تمام سٺي نموني پيش آيو ۽ هن جي گهڻي عزت ڪيائين. چاڪر بايزيد پنهنجي ملڪ جو هڪ حصو، جيڪو خاص خرچ لاءِ مخصوص هو، سو مير چاڪر خان رند ۽ سندس پٽن کي جاگير ڪري ڏنائين.

چاڪر بايزيد تمام گهڻو سخي ۽ نيڪ دل انسان هو. هُو علم وارن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو ۽ انهن لاءِ زندگي جي هر ممڪن آسائش مهيا ڪري ڏيندو هو ته جيئن هُو دنياوي فڪر کان آجا ٿي ڪري، پوري سڪون سان علم جي خدمت ڪري سگهن.

ڪجهه مؤرخن اِهو به لکيو آهي ته چاڪر بايزيد جنگ جي زماني ۾ ملتان جي عالمن ۽ فاضلن لاءِ ضرورت جو سمورو سامان شور جي قلعي مان پيڙين ذريعي ملتان روانو ڪندو هو. هِن جا ملتان جي رهواسين تي ايترا احسان هئا، جو سمورا ملتان جا رهواسي دل ۽ جان سان هن جا خيرخواهه هئا. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي ملتاني، ملتان مان رهائش ختم ڪري شور جي قلعي ڏانهن هليا آيا. اُنهن ماڻهن ۾ ڪجهه اهڙا به هئا، جن کي چاڪر بايزيد پاڻ گهرايو هو، مثلاً: مولانا عزيزالله، جيڪو مولانا فتح الله جو شاگرد رشيد هو، سو جڏهن شور قلعي ۾ پهتو ته چاڪر بايزيد وڏي اهتمام سان هن جو استقبال ڪيو ۽ پنهنجي حرم سراءِ ۾ هِن جي رهائش جو بندوبست ڪيو. چاڪر بايزيد کي مولانا عزيزالله سان تمام گهڻي عقيدت هئي، جنهن ڏينهن هيءُ پهتو ته چاڪر بايزيد پنهنجي ملازمن کي حڪم ڏنو ته مولانا جا هٿ ڌئاريو. ملازمن حڪم جي بجا آوري ڪئي. چاڪر بايزيد بعد ۾ اِنهيءَ پاڻيءَ کي باعث برڪت لاءِ پنهنجي رهائش گاهه جي چئني ڪنڊن ۾ ڇٽڪايو(17).

ايم.لونگ ورٿ ڊيمز، محمود لنگاهه سان چاڪر بايزيد جي اڻبڻت جو سبب "سهراب خان دودائي" ڄاڻايو آهي، جيڪو محمود لنگاهه وٽ ملتان ۾ پنهنجن ٽن پٽن، غازي خان، فتح خان ۽ اسماعيل خان ۽ ٻين گهڻن بلوچن سان گڏ آيو ته محمود لنگاهه هِن جي حد کان وڌيڪ پذيرائي ڪئي ۽ وري جڏهن مير چاڪر خان رند، جيڪو سهراب خان دودائي جو حريف هو: جڏهن محمود لنگاهه وٽ ملتان ۾ آيو ته محمود لنگاهه هن سان بيرخيءَ سان پيش آيو، تنهنڪري بعد ۾ چاڪر خان پنهنجن ٻن پٽن ۽ ساٿين سان گڏ محمود لنگاهه جي حريف چاڪر بايزيد وٽ شور جي قلعي ۾ هليو ويو ته چاڪر بايزيد هن جي تمام گهڻي عزت ڪئي ۽ جاگير ڏني(18).

چاڪر بايزيد جي دور ۾ "رجاوه ماڇي" تمام هڪ وڏي شخصيت جو مالڪ هو. هيءُ هڪ جنگجو، بهادر ۽ وفادار قسم جو ماڻهو هو. چاڪر جي آخري ڏينهن ۾ فوج جي لاءِ خوراڪ جي جمع آوري جو ڪم هن جي حوالي هو. اِنهيءَ دوران هن کان ڪجهه ڪوتاهيون به ٿيون، جنهنڪري ماڻهو هن کان ناراض ٿي ويا. اُن بعد هيءُ شور ڪوٽ ڏانهن هليو ويو جتي کيس شاهه

والي ولري ايراضي هن کي ڏني ويئي (19).

ملڪ حق نواز سلمتيو لکي ٿو ته ”جام بايزيد جي دور حڪومت ۾ سلطنت جون سرحدون ڪافي وسيع هيون. خزانو ڀريل هو. هن جي دور حڪومت ۾ شورڪوٽ ضلع جهنگ جو علائقو، جتي درياهه جهلم ۽ چناب پاڻ ۾ ملندا هئا. اوستائين هو. درياهه سنڌ جي ٻنهي ڪنارن يعني موجوده ضلعو ڏن ڪوٽ تائين، ڀکر، ليه جو اڌ حصو، مظفر ڳڙهه کان شهر سلطان تائين، ديره اسماعيل خان ۽ ديره غازي خان کان جام پور تائين ۽ اُچ جي حد اوباوڙي تائين هئي. هن ٿوري ٿوري مفاصلي تي قلعا تعمير ڪرايا، جنهن ۾ سيتپور، علي پور ۽ راڄن پور کان ڪشمور جو علائقو نهرن جي قبضي ۾ هو، جيڪي سندس اتحادي هئا. هن جي دور ۾ مختيار ڪار، زميندارن کان ڍل وغيره جي وصولي جو ڪم ڪندو هو. زميندارن کان پيداوار جو چوٿون حصو وصول ڪيو ويندو هو. سندس دور ۾ فوج، پيادن، سوارن، تيراندازن ۽ گرز بردار دستي تي مشتمل هئي. جنگي ٻيڙين جو ٻيڙو اِنهيءَ کان علاوه هوندو هو. اِها فوج دريائن ۾ جنگي ڪاروايون ڪندي هئي. سندس دور حڪومت ۾ فوج ۾ جيڪي قبيلا شامل هئا، انهن ۾ نهرا، ميرالي، ڪورائي، چانڊيه، جت، رند، ڏهر، بگٽي، ڪوکر، سما، سومرا، ماڇي ۽ ٻناڻ هئا.

جام بايزيد وزيراعظم جي دور حڪومت ۾ جيڪي قلعا مضبوط ۽ مشهور هئا، انهن ۾ ملتان، شور ڪوٽ، سم سته، ڪروڙ پڪا، ٺٽه (موجوده ضلع لوڌران) اُچ، نوشهره، مستو، سيورائي، پٽه واهڻ، اوباوڙو، ڪنڊائي، چنيوٽ، ڪوٽ ڪروڙ ضلع ليه، ڏن ڪوٽ (ضلع ميانوالي) سانگهڙ شهر سلطان ۽ تلمبه وغيره ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ننڍا قلعا هئا (20).“

اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن بابر بادشاهه هندستان کي فتح ڪري ورتو ته هن لنگاهن جي ظلمن جي ڪري عوام جي فرياد جي داد رسي لاءِ ميرزا شاهه حسن کي اِهو حڪم ڏنو ته هُو ملتان جي عوام کي لنگاهن کان نجات ڏياري. تنهنڪري مرزا شاهه حسن ملتان تي حملي جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. جام بايزيد اڳ ۾ ئي لنگاهه حڪمرانن جي حملن کان تنگ اچي چڪو هو، تنهنڪري هيءَ به شاهه حسن ارغون جو اتحادي ٿي ويو، جاڪاڻ ته هو اڳ ۾ ئي دهلي سرڪار جو اتحادي ٿي چڪو هو، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هِن شاهه حسن جو اتحادي ٿي پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهي ورتي. شاهه حسن جي ملتان فتح ڪرڻ کان پوءِ جام بايزيد ڪجهه وقت لاءِ دهليءَ هليو ويو. هڪ روايت مطابق بابر بادشاهه هن کي ڪشمير موڪلي ڇڏيو، ليڪن صحيح هيءَ آهي ته هُو همايون بادشاهه جي چوڻ تي معتمد خاص جي حيثيت سان ڪشمير ويو ۽ اُتي وڃي هڪ شهر آباد ڪيائين، جنهن کي سلمتيه وال سڏيندا هئا. ليڪن هاڻي ان کي سمڙوال چوندا آهن. جام بايزيد پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڏينهن اُتي ئي ڪشمير ۾ گذاريا ۽ اُتي ئي فوت ٿيو. اِهو واقعو تقريباً 937هه يعني 1517ع جو آهي(21).

سنڌ جي ڪجهه مؤرخن جهڙوڪ، عبدالغني عبدالله ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي، سمن متعلق پنهنجي تصنيفن ۾ سمن جي حڪومت متعلق احوال ۾، سمن جي سنڌ تي حڪومت کان علاوه سندن ڪڇ، جهونا ڳڙهه، لس ٻيلو ۽ ڪاٺياواڙ تي حڪومت جو احوال ته ڏنو آهي(22).

ليڪن افسوس آهي جو انهن جام بايزيد سمي جي قلعي شور تي حڪومت جو احوال بلڪل نه ڏنو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته جام بايزيد سمي ۽ سندس حڪومت متعلق وڌ کان وڌ احوال تاريخ فرشته مان ملي ٿو، جنهنڪري بعد جي تقريباً سڀني مؤرخن فرشته تان ئي احوال پئي ورتو آهي.

## حوالاءِ واڌارا:

(1) مير معصوم بکري، تاريخ معصومي (اردو ترجمو) مترجم، اختر رضوي، ڇاپو پهريون 1959ع، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، صفحو 102 = اعجاز الحق قدوسي، تاريخ سنڌ حصه اول. ڇاپو پهريون 1976ع، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، صفحو 468
= غلام محمد لاکو، سمن جي سلطنت، ڇاپو ٻيون 2005ع، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، صفحو 14 ۽ 28.

نوٽ: تاريخ سامٽيه جي مصنف، تاريخ فرشته جي حوالي سان لکيو آهي ته "ڄام ابراهيم ۽ ڄام بايزيد پاڻ ۾ ڀائر هئا." (ڏسو مذڪوره ڪتاب جو صفحو 69) ليڪن تاريخ فرشته ۾ ڪٿي به انهن ٻنهي اميرن کي پاڻ ۾ ڀائر نه لکيو ويو آهي.

(10) جنت السنڌ، صفحو 360

(11) ملتان لنگاهه دور ۾، صفحو 41

= تاريخ سامٽيه، صفحو 69

(عمر ڪمال خان ۽ ملڪ حق نواز سامٽيه انهيءَ سبب لاءِ "تاريخ فرشته" جو حوالو ڏنايو آهي، جيڪو تاريخ فرشته ۾ بلڪل نٿو ملي. ڄام نظام الدين جهڙي عالم ۽ عادل بادشاهه تي اهڙو الزام لڳائڻ سراسر ڪوڙ تي مبني آهي.)

(12) سمن جي سلطنت، صفحو 61

(13) خط پاڪ اوچ، صفحو 150

(14) تاريخ سامٽيه، صفحو 62 ۽ 69

(15) تاريخ فرشته جلد دوم، صفحو 918

=تاريخ اوچ، صفحو 85

= نقش ملتان جلد دوم، صفحو 119

=تاريخ ملتان، صفحو 242

= بلوچ قبائل، صفحو 65

=خط پاڪ اوچ، صفحو 150

= تاريخ لنگاهه، صفحو 78

=جنت السنڌ، صفحو 360

= ملتان لنگاهه دور ۾، صفحو 31

= سمن جي سلطنت، صفحو 61

= تاريخ سامٽيه، صفحو 68، 69

نوٽ: ثور مان مراد، موجوده پنجاب صوبي جي هڪ شهر شور ڪوٽ وارو علائقو آهي، جيڪو ضلعي جهنگ جو هڪ تعلقو آهي.

(16) ملتان لنگاهه دور ۾، صفحو 31

= تاريخ سامٽيه، صفحو 68

(17) نوٽ: حوالي 17 وارو سمورو احوال گڏيل طرح سان هيٺين ڪتابن تان ورتو ويو آهي:

= تاريخ فرشته جلد دوم، صفحو 918 کان 924

= خلاصة التواريخ، صفحو 297

= جنت السنڌ، صفحو 360، 361

= تاريخ لنگاهه، صفحو 78، 79، 82 ۽ 84 کان 93

= ملتان کي بادشاهه، نامور گورنر اور حملہ آور، صفحو 117

= ملتان لنگاهه دور ۾، صفحو 31، 35، 36، 42 ۽ 43 کان 46، 49 ۽ 51 کان 56

= بلوچ قبائل، صفحو 66

=نقش ملتان جلد دوم، صفحو 119، 120

= تاريخ ملتان، صفحو 242، 243

= تاريخ سامٽيه، صفحو 74 کان 80

نوٽ: تاريخ فرشته جي مصنف، "مير چاڪر خان رند" کي عماد ڪرديزي ۽ سندس پٽن کي ميرزا شهيد ۽ ميرزا شهداء جي نالن سان لکيو آهي. اهڙي طرح هن مير چاڪرخان رند جي وطن "سبي" کي سولي ڪري لکيو آهي. (ڏسو، تاريخ فرشته جلد دوم، صفحو 923، 924)

(18) بلوچ قبائل، صفحو 65، 66

= ملتان لنگاهه دور ۾، صفحو 56

(19) تاريخ سامٽيه، صفحو 82

(20) تاريخ سامٽيه، صفحو 81

(21) تاريخ سامٽيه، صفحو 83

(22) عبدالغني عبدالله، تاريخ سنڌ ڀاڱو ٽيون، ڇاپو ٻيون 1984ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، صفحو 108، 109

= سمن جي سلطنت، صفحو 103 کان 108.



**مرزا ڪاظم رضا بيگ**

# حيدرآباد

## علم و ادب جو مرڪز

حيدرآباد سنڌ، شروع کان وٺي علم و ادب ۽ تهذيب و ثقافت جو مرڪز رهيو آهي. هي شهر نيرون ڪوٽ جي نالي کان وٺي هيل تائين سنڌ جي راڄڌاني رهندي، اُجڙيو ۽ اُسريو آهي. هن شهر ٽي پيرا وڏا لاهه چاڙهه ڏٺا آهن. منهنجو والد ۽ سنڌ جو ناميارو شاعر مرزا سلطان حيدربيگ سلطان، مون کي ٻڌائيندو هو ته، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ حيدرآباد شهر سنڌ جو پئرس سڏبو هو. ان وقت هن شهر جو پاڙو پاڙو ۽ گهٽي گهٽي شام جي وقت وڏي رونق وارو ٿي ويندو هو. رات جي بلب اجان به اور هئي. هيرآباد ته بلي بلي هئي.باغن جي رونق ۽ پارڪن جي ساوڪ، سڳنڌ ۽ بيهڪ به ڏسڻ وٽان هئي. هر صبح صبح، بهاران لڳندو هو. ڦليليءَ جي اوپرندي ڪناري تي اچي موريءَ جي ڏکڻ ۾ ڪريم خواجه جو باغ هوندو هو، جنهن ۾ پرين جون مورتيون ۽ ڦوهارا، رستا ۽ گل ڦل وغيره جو نظارو من موهيندڙ هو. ڪاريءَ موريءَ وٽ ڪاليج جي ڀر ۾ سان ڊولٽداس جو باغ، ٽنڊي سڙڪ تي گدوءَ جي اوريان داس گارڊن، اسٽيشن جي سامهون راڻي باغ، ٽنڊي طيب پرسان مکيءَ جو باغ، عجيب ۽ دلپسند تفريح گاهن جو ڪم ڏيندا هئا. پارڪ به ڪيترائي هئا. شامداس پارڪ، رشي گهاٽ کان شروع ٿي ڦليليءَ جو الهندو ڪنارو ڏيئي وڃي ڪاري موريءَ تي دنگ ٿيندو هو.

هن شهر ۾ مسجدون، مندر، گرد وارا، گرونگر، ٽڪاڻا ۽ مسافر خانا صبح جو سج اڀرڻ ۽ شام جو سج لهڻ مهل پنهنجي پنهنجي مذهبي ۽ ڌرمي سهپ جي سونهن جو سامان مهيا ڪندا هئا. مائي خيري جي مسجد، مير ڪرم علي خان جي مسجد، مولوي عبداللطيف واري اطيفي مسجد، محمد شاهه جي مسجد، ٽنڊي آغا اسماعيل شاهه ۾ آغا سيد فتح علي شاهه جي مسجد، سري گهاٽ واري مسجد نه رڳو قرآن جي درس ۽ نماز لاءِ وقف هيون، پر انهن ۾ مدرسا به قائم هئا، جن ۾ سنڌي ستين درجي تائين تعليم ڏني ويندي هئي ۽ اتان ئي شاگرد ورنيڪيولر فائينل جو امتحان ڏئي، پاس ٿي، ماستري، تپيداري ۽ آبداريءَ جون نوڪريون حاصل ڪري، وڃي روزگار سان لڳندا هئا. هاءِ اسڪول ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول، گرداس مل هاءِ اسڪول، نولراءِ هيرانند اڪيڊمي، ڪندنمل گرلس هاءِ اسڪول، تولارام گرلس هاءِ اسڪول ۽ نوورديال هاءِ اسڪول، ميونسپل اسڪول وغيره تعليمي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هئا، جن ۾ هوشيار، ذهين ۽ پنهنجي فرض سان سچن استادن جو چيهه ئي ڪونه هو. تعليم جو معيار اعليٰ هو. مردانه ٽريننگ ڪاليج وري نه رڳو پرائمري استادن جو سکيا گهر هو، پر اتي علم وادب پنهنجي پيرين سيرين اڀريو. اتان مُلا مخزن ۽ تعليم اخبار نڪري، ملامڪتبن ۽ ٻين اسڪولن تائين پهچنديون هيون، جن ۾ پرائمري استاد کان ويندي ٻيا ناليوارا اديب پنهنجون ادبي ڪاوشون شايع ڪرائيندا هئا. ان ريت علم ۽ ادب ٻنهي جي جلا ٿيندڙ هئي. سخي پير وٽ مسافر وارو پرائمري اسڪول پڻ علم جي آماجگاهه هو. ساڳئي وقت شهر ۾ مختلف ادبي ادارا به هئا. سنڌ جي نامياري شاعر سيد احسن الهاشمي جي والد سيد منن شاهه ڪتب فروش جي دوڪان تان ديني ڪتاب ته ملندا هئا، پر اتان پراڻا ادبي قصا ۽ موزون مثنويون جيڪي ادب جو بنيادي حصو آهن، سي به شايع ٿيندا ۽ ملندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ آر.ايڇ احمد برادرس ۽ يوسف برادرس وارن جا اشاعتي ادارا اڀريا، جن سنڌي ڪتابن جا ڍير لائي ڇڏيا. انهن ڪتابن ۾ اِها وڏ هُئي جو انهن ۾ ڇاپي جون غلطيون تمام گهٽيون

هونديون هيون، ڇاڪاڻ جو پروف ريڊنگ تي ڪو خاص ڌيان ڪو نہ ڏنو ويندو هو. هنن ادارن، ڪتابن جي ڳَوَرن ۽ ظاهري سونهن ۽ سوڀيا تي ڌيان نہ ڏنو. ان ڏس ۾ رسول بخش خمار، جنهن الهداد چنڊ جي ڳوٺ مان پنهنجو اشاعتي سلسلو "اداره آواز ادب" شروع ڪيو، تنهن ڪتابن جي ظاهري سونهن ۽ سوڀيا تي وڌو ڌيان ڏنو. اهو سلسلو ڇُرندو رهيو تان جو اڄ سنڌي ڪتاب ظاهري سونهن ۽ سوڀيا جي لحاظ کان بہ انگريزي ۽ اردو جي ڪتابن جو مقابلو ڪيو بيٺو آهي.

ثقافتي طور تي مسلمان، عيدن ۽ 12 ربيع الاول وارا ڏينهن عقيدت ۽ ڌوم ڌام سان ملهائيندا هئا. سياسي جلسا، ميلا ۽ ملاکڙا تہ وري عوام جي ريجهہ رهاڻ جا وسيلا هئا. هندو جاتي پنهنجا وڏا ڏينهن، ڏياري، شِو راتڙي، هولي ۽ دسهڙو وڏي چاهہ سان ملهائيندا هئا. مسلمانن هندن ۾ ان وقت مذهبي ٽڪراءُ ڪونہ هو. هي تہ پوءِ جڏهن هندو سنگٺن پيدا ٿيو، تڏهن وڃي ڪا ڇُو ڇڇو ٿي، جنهن هلندي اچي حيدرآباد قلعي واري فساد جي صورت ورتي، ورنہ هرڪا ڌر پنهنجي پنهنجي ڪار خير ۾ لڳي پئي هوندي هئي. ان وقت جي سنڌي ادب پڻ انهيءَ وهنوار جي عڪاسي ڪئي آهي. مسلمان عربي ۽ فارسي تعليم ڏانهن لڙيل هئا ۽ هندو گجراتي ۽ بنگالي ادب مان گهڻو ڪجهہ وٺي سنڌي ادب جي آبياري ڪندا رهيا. پوئين دور ۾ ٻنهي ڌرين انگريزي ادب مان بہ استفادو ڪيو. هن تمهيد کان پوءِ خالص ادبي ڪاوشن جو ذڪر ڪجي ٿو:

چون ٿا تہ هر قوم ۾ شاعري، نثر کان پهرين ڪَر ڪڍندي آهي. سو سنڌي ادب جي پهرين معلم شاعر، اسحاق لوهار جو لاڳاپو بہ نيرون ڪوٽ (حيدرآباد سنڌ) سان هو. انگريزي دور جي شروع ۾ مرزا قليچ بيگ جو نالو روشن نظر اچي ٿو. هن مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکي، ملڪ، ملت ۽ سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪئي. ساڳئي دور ۾ مير عبدالحسين خان سانگي سيد فاضل شاهہ، قاضي امام علي ٻلاڻي ۽ ٽنڊي آغاعلي آباد ۾ ميرزا قربان علي بيگ قربان ۽ ميرزا دوست محمد بيگ دوست وٽ ادبي محفلون ٿينديون هيون. جن جو لاڳاپو حيدرآباد شهر سان هو. اهڙين مجلسن مان غزل ۽ جوابِ غزل جي ريت بہ رونما ٿي.

ان وقت جا وڏا شاعر ۽ اديب، جن سان علم و ادب جي رونق هئي، تن مان هئا. مير عبدالحسين خان سانگي، سيد غلام محمد شاهہ گدا، ميرزا دوست محمد بيگ، پير صاحبڏنو، مرزا عباس خورشيد ميرزا قربان علي بيگ قربان، آخوند لطف الله شيرازي، فقير محمد عاجز، غلام علي سبزپوش، هدايت الله مشتاق، آخوند محمد قاسم، مخلص علي مخلص، آخوند غلام حيدر، آخوند اميدعلي سها، آخوند احمد (مٽيارين وارو) سيد فاضل شاهہ ۽ ٻيا. هنن بزرگن نہ رڳو شعر وشاعريءَ جون مجلسون مچايون، پر سماجي ۽ ثقافتي طور تي بہ وڏو ڪم ڪيو، جنهن سنڌ جي مسلمانن کي اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ ۾ اتساهہ ۽ اوج ڏني.

ان کانپوءِ اچي ٿي "سنڌي ساهت سوسائٽي"، جيڪا 1914ع ۾ سنڌي ساهت پرچارڪ سوسائٽي جي نالي سان قائم ٿي هئي، هن جو بنياد رکڻ وارا هئا. تارا چند ڪندنمل شاهاڻي، ليلارام پريم چند واڌواڻي، سرن آنند هاسومل ٽڏاڻي، لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي، عالمچند مونومل ۽ جيوت رام ٺاڪر داس شاهاڻي. هن سوسائٽي جي مقصدن تي نظر ڪبي تہ محسوس ٿيندو تہ هي عالم ٻاهرئين ادب تي بہ ڏگهي نظر رکندا هئا، جو هنن انگريزي، هندي، اردو، گجراتي ۽ بنگالي ٻولين مان نالي وارا ناول، دلچسپ قصا، بزرگن جا جيون چرتر سان گڏ سنڌ جي سدا بهار بزرگن جي خدمتن ڏانهن بہ ڌيان ڏنو. اهڙن عالمن ۾ راجا رام موهن راءِ، گوکلي، سرسيد احمد خان، سوامي وويڪانند، بدرالدين طيب جي، خان بهادر حسن علي آفندي، ديوان نولراءِ، سلاڻو هيرانند، گلئڊسٽن، برڪ رانلي، واشنگٽن بڪرٽن، جيمس گار فيلڊ ۽ ابرهام لنڪن سان گڏ، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل سونهارو، روحل فقير، دلپت، بيڪس ۽ بيدل وغيره کي شامل ڪيو.

ساهت سوسائٽي 1921ع ۾ حيدرآباد مان ڪراچيءَ منتقل ڪئي وئي، جيڪا پوين ڏينهن ۾ اين.ايچ. پنجابي ڪمپنيءَ جي حوالي ٿي، جنهن ان اداري کي 1927ع تائين هلايو. هن سوسائٽيءَ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ساليانو جلسو ڪرڻ جو رواج وڌو. هن سوسائٽيءَ جو پهريون ساليانو جلسو حيدرآباد جي هومسٽيڊ هال ۾ 18- 19 آڪٽوبر 1914ع تي ٻه ڏينهن هليو، جنهن جو مير مجلس مرزا قليچ بيگ هو.

سنڌي ساهت سوسائٽيءَ وانگر مسلمانن وري "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي" جنوري 1931ع ۾ حيدرآباد ۾ قائم ڪئي، جنهن جي پڳ خان بهادر محمد صديق ميمڻ جي مٿي تي ٻڌجي ته سونهين ٿي. هن سوسائٽيءَ جو بنيادي مقصد هو سنڌي ٻوليءَ ۾ علم و ادب جي اشاعت. جنهن ۾ نثر توڙي نظم، ٻنهي پاسن تي ڌيان ڏنو ويو. نثري ڪتابن سان گڏوگڏ مشاعرن جو پڻ اهتمام ڪيو ويو. هن سوسائٽيءَ جو پهريون ڪتاب "اسان جو پيارو رسول صلي الله عليه وآله وسلم" هو، جيڪو محمد بخش واصف مرحوم جو تصنيف ڪيل هو ۽ هن سوسائٽيءَ جي پهرين مشاعري جي مصرع طرح هئي:

سج چڙهي آيو مٿي اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي.

سوسائٽي وقت به وقت پنهنجي ڪارگذاريءَ تي مشتمل رپورٽون به شايع ڪندي رهي. هن سوسائٽي جي علمي ۽ ادبي ڪاوشن جي ڪري سنڌي علم و ادب ۽ سنڌي مسلمانن ۾ ڪافي سجاڳي پيدا ٿي. اڳتي هلي هن سوسائٽيءَ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ 1940ع ۾ "مدرسة البنات" قائم ڪيو. سوسائٽيءَ جو ادبي ڪم ته محمد صديق ميمڻ جي وفات ڪانپوءِ بند ٿي ويو، البته مدرسة البنات جو فيض اڃا تائين جاري آهي.

آر.ايچ برادرس، درسي ڪتابن سان گڏ ادبي ۽ علمي ڪتاب پڻ شايع ڪري وڏي خدمت سرانجام ڏني. پر اهو ڪم به وڏي پاهُ حاجي قاسم جي وفات سان انتشار جو شڪار ٿي ويو. يوسف برادرس به آر.ايچ برادرس وانگر ڪم شروع ڪيو، پر پوءِ الائي ڪهڙي سبب اشاعتي سلسلو بند ڪري ڇڏيو. انهن کان اڳ ۾ اهو ڪم پوڪرداس وارا ڪندا هئا.

انهيءَ دوران "ادارهِ آواز ادب" 1959ع ۾ ميدان ۾ آيو. هن اداري هڪ سال ۾ 6 ڪتاب تعمير زندگي، حُسن، سورج شاخون ڪڏيون، انصاف ڪٿي آهي؟، فتوحات بابر ۽ سپون جهڙا ڪتاب ڏنا. هن اداري ڪتابن جي ظاهري سونهن، سوڀيا ۽ طباعت تي، آر.ايچ احمد جهڙن ادارن کان هڪ قدم اڳتي وڌايو. هن اداري جا ڪتاب مفاد ۽ معلومات جي لحاظ کان ڪافي ناماچار حاصل ڪيو.

اتي پهچي "سهڻي پبليڪيشن" پڻ ياد اچي ٿي. ان جو سرواڻ طارق اشرف مرحوم هو ۽ سندس همراه ۽ حقيقي مددگار هو غلام نبي مغل. هن اداري مان نه رڳو هنن ٻنهي دوستن جا ڪتاب شايع ٿيا، پر ماهوار رسالو 'سهڻي' به نڪري نروار ٿيو ۽ هن اداري جي ڪتابن ۾ سهڻي رسالي، سنڌ ۾ سنڌي قوميت جو ايترو چڙهپول پيدا ڪيو جو نه رڳو ان جي ڪتابن تي بندش پئي پر طارق اشرف کي جيل ياترا به ڪرڻي پئي. ڏاڍ ۽ جبر جي دور ۾ ههڙا اڏول انسان، سنڌ ۽ سنڌين جي لاءِ قومي سرمايي جي حيثيت رکن ٿا.

محترمه زينت شبنم چنا وري "مارئي" رسالو ڪڍي، سنڌي عورتن جي لاءِ، سنڌ جي ادب ۾ ورڪ وڌائڻ لاءِ راهه پيدا ڪئي. ان سلسلي ۾ پوءِ ناري پبليڪيشن به ڪافي ڪتاب شايع ڪيا.

هيڏانهن وري حميد سنڌيءَ انهيءَ ساڳئي دور ۾ "روح رهاڻ" رسالو ڪڍيو، جنهن نوجوان ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن لاءِ واٽ سنواري. حميد سنڌي نه رڳو ماهوار رسالو ڪڍيو، پر ان سلسلي ۾ ڪافي مجلسون ۽ محفلون سجايون سينگاريون، جيڪي سنڌي علم و ادب جي سلسلي ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون. اهو رسالو اڳتي هلي بند ٿي ويو، جنهن جي پسمنظر ۾ به سرڪاري ڏاڍ ۽ جبر نمايان نظر اچي ٿو. حميد سنڌي، ڪجھ عرصي کانپوءِ پنهنجي رهائشي گهر تي هفتيوار ادبي ڪچهريون سڏائي رهيو آهي، جنهن ۾ ڪيترن مرحوم ۽ زنده اديبن بابت ڪچهريون ڪيون وڃن ٿيون، ۽ انهن ۾ حصو وٺندڙ پنهنجي

ڪندو هو. قاضين جي پاڙي ۾، نهاين جي پڙ ۾ سيد فاضل شاهه ادبي محفلن کي سينگاريو. انهيءَ پاڙي ۾ محمد قاسم هالائي به رهندو هو، جيڪو مشاعرن جو ڪوڏيو هو. ڪورين جي پڙ ۾ محمد قاسم اداسي، محمد بخش واصف، حافظ حيات شاهه، ميمڻن جي پاڙي لڳ گاهه مارڪيٽ واري گهٽيءَ ۾ محمد صديق ميمڻ ۽ ڪمال الدين ميمڻ وارا ۽ ٻيا مشاعرا ڪندا هئا. سيٺ ڪمال الدين ميمڻ جي پريس مان "الڪمال" هفتيوار اخبار نڪرندي هئي، جنهن ۾ ادبي خبر چار کي اهميت ڏني ويندي هئي. ديبوءَ جي پڙ ۾ محمد موسيٰ راز، حافظ حيات شاهه ۽ محمد بخش واصف وارا نه رڳو مشاعرا ڪندا هئا، پر "الحافظ" نالي سان رسالو به ڪڍندا هئا، جنهن جي ڪتابت واصف مرحوم ڪندو هو. ٽنڊي ولي محمد ۾ ماستر پير بخش خير محمد افقر، ميرزا قربان علي بيگ قربان، حافظ قمرالدين قمر ۽ محمد بخش واصف سان گڏجي شهمير خان شهمير چانڊيئي "بزم ادب" حيدرآباد جي پيڙهه وڌي، جتي لاڳيتا مشاعرا ٿيڻ لڳا. پوئين دور ۾ ٽنڊي ولي محمد جي چانڊين مان لعل بن يوسف "عصر نو" جي نالي ماهوار رسالو ڪڍي، سنڌي ادب ۽ سماج جي خدمت ڪئي. هتي هي به ياد رکڻ گهرجي ته حيدرآباد ۾ طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا منعقد ڪرائڻ ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو به وڏو حصو رهيو آهي. پاڻ پنهنجي بنگلي سول لائين ۽ گلاڏي ڪلاٿي واري جاءِ ۽ لطيف آباد واري بنگلي تي تلحيات انيڪ مشاعرا برپا ڪرايا.

ساڳئي نموني سان جڏهن سن1863ع ۾، ميرزا فتح علي بيگ فتح خيرپورميرس مان لڏي، ٽنڊي آغا ۾ اچي رهيو ۽ امام بارگاهه علي آباد نهرائي، ته ان ۾ به مذهبي تقريبن سان گڏ علمي ۽ ادبي محفلون، مجلسون ۽ مشاعرا ٿيندا رهيا آهن، جن جو تسلسل اڄ تائين وقفي وقفي سان جاري وساري آهي ۽ اتي جيڪا پهرين ادبي مجلس قائم ٿي ته ان جو نالو "بزم فتح" رکيو ويو. ان بعد ان جا نالا بزم ٻيدل، بزم قربان، بزم مظفر ۽ بزم ڪوثر ۾ بدلبا رهيا. کي مشاعرا ته ميرزا ٻيدل بيگ، ميرزا علي محمد بيگ مظفر، ميرزا عباس علي بيگ ۽ ميرزا سلطان حيدربيگ جي لوطاقن ۾ به ٿيا. امام بارگاهه علي آباد ٽنڊوآغا ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ به پنهنجن فرزندن مخدوم محمد امين فهيم ۽ مخدوم خليق الزمان سان، ميرزا عباس علي بيگ جي دعوت تي مشاعرن ۾ شرڪت ڪئي. امام بارگاهه علي آباد ۾ سن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سيد احسن الهاشمي جي صدارت ۾ مذهبي مشاعرا ٿيندا رهيا، مطلب ته ٽنڊوآغا جي مرزائن مذهبي ۽ ادبي محفلن ۽ مجلسن جو جيڪو آغاز ڪيو، سواءِ تائين ڪنهن نه ڪنهن نموني ساري جاري وساري آهي.

هنن مشاعرن ۾ ميرزا فتح علي بيگ فتح، مولانا ابوالحسن لکنوي، ميرزا غلام حيدر بيگ قنبر، محمد قاسم هالائي، ميرزا قاسم علي بيگ قاسم، ميرزا غلام رسول بيگ مقبل، سيد غلام محمد شاهه گدا، مير عبدالحسين خان سانگي، سيد غلام مرتضا شاهه مرتضائي ٺٽوي، ميرزا دوست محمد بيگ، ميرزا ٻيدل بيگ، آغا سيد فتح علي شاهه، محمد بخش واصف، حافظ حيات شاهه، ميرزا قربان علي بيگ قربان، ڊاڪٽر علي احمد قاضي، ميرزا ڊاڪٽر امام علي بيگ افسر، ميرزا حسين علي بيگ، ميرزا علي محمد بيگ مظفر، ميرزا گل حسن بيگ احسن ڪربلائي، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، ميرزا اسدبيگ ، ميرزا اجمل بيگ، ميرزا علي بخش بيگ ڪوثر، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، سيد احسن الهاشمي، نياز همايوني، ميرزا عباس علي بيگ، ميرزا حامد علي بيگ، سيد منظور نقوي، ميرزا سلطان حيدربيگ سلطان، ميرزا غلام عباس بيگ وفا، ميرزا سڪندرعلي بيگ، ميرزا فتح علي بيگ شاهد، ميرزا فياض علي بيگ، ميرزا قربان علي بيگ مختيار ۽ ميرزا ڪاظم رضا بيگ ۽ ٻيا حصو وٺندا رهيا آهن.

اهڙي طرح ٽنڊي آغا جي ميرزائن جي توسط سان علم و ادب جي لاٽ سوجهرو ڏيندي رهي آهي. پوئين دور ۾ ميرزا عباس علي بيگ، مراد علي ميرزا ۽ ممتاز ميرزا ان ڏس ۾ نالو ڪڍيو. ميرزا عباس علي بيگ ٽالپرن جي تاريخ (ٻه جلد) نهج البلاغه جو سنڌي ترجمو ۽ ٻيا انيڪ تاريخي ڪتاب لکي داد تحسين حاصل ڪيو. مراد علي ميرزا، شاهه لطيف جي سوانح حيات "سامي سَچ وڙاءُ" جي عنوان سان ناول جي صورت ۾ پيش ڪري جس ڪٽيو آهي ۽

## وڇون ۽ وسڪار

وڇون وارَ ڇوڙي اُتر ڪان اچن تيون،
وڳا ويس پهري ولهارن وسن تيون.
ڏئي ورّ وراڪا پٽن ڏي پڇن تيون،
پنوهارن جا پڪڙا پري ڪان پڇن تيون.
انهيءَ وقت ڪيڏو نہ سهٽيون لڳن تيون،
جڏهن جوڙ جوڙي ٻڍن ڏي ٻُڪن تيون.
ڪري گوڙ گجڪار ٻاڪار ٻاتيون،
اسان کي الائي تہ ڇا ڇا چون تيون.
لنگهي لاڙڪاڻو خدا باد آيون،
ڪي منڇر، ڪي مياڻي، ڪي هالين هلن تيون.
ونئي ٻوڙ پائي هوائن ڪان اڳ ۾،
سڄڻ جا سنيها سنياري ڏين تيون.
ٻڏي شوق ڇيريون عجب ناز نت سان،
گهڙي تالَ تي ڄڻ تہ ناريون نچن تيون.
پري تر ترايون لنگهي لامڪاني،
ڪيو گوڙ گرنار پاسي گُڙن تيون.
سڄي سنڌڙيءَ جي لهڻ سارَ آيون،
ڪٽي ڏس تہ ڪيري ڪان اڳتي ڪُڙن تيون.
ادب عاجزيءَ ۽ عقيدت سان ’بيوس‘،
پٽائي پلاري جي چائنٺ چمن تيون.

(تاجل بيوس)

شاعري جيڪا اندر جي آواز سان گڏ ڏکن خوبين جو سنگم آهي. جيڪا مختلف ڪيفيتن ۾ لهي ٿي. تمام مختصر لفظن ۾ تمام وڏين ڳالهين جو اظهار ٿي وڃي ٿو. سماج ۾ برائي ان جي خاتمي، سڌاري، بهتري، حالتن، واقعن، قديم توڙي جديد دؤر جا منظر جڙي پون ٿا. شاعر ڇڻ تاريخ لکي ڇڏين ٿا ۽ شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ احساسن، اُڏمن، خوابن، خواهشن، پيار، محبت، مزاحمت انقلاب، جدوجهد، وڇوڙن سميت ڇڻ سڄي ڪائنات جي رنگن کي پنهنجو موضوع بڻائي جمالياتي جذبات سان حز وٺرائين ٿا. شاعر هن معاشري جو حصو آهي. جنهن جي ذات جي نظر فرش کان عرش تائين وڃي ٿي. تنهنڪري شاعري کي نوان موڙ ڏئي نئين رستن تي آڻي گهڻو معنيٰ خير بنايو ويو آهي. شاعري ڪڏهن به مرڻي ناهي! ڇو جو اها شاعري ماضي، حال يا مستقبل جي پيش ايندڙ حالتن سان به سؤ سيڪڙو ٺهڪي اچي ٿي. ڇو ته شاعر، شاعريءَ کي پنهنجي تجربن، اندروني اُٿل پُٿل سان اهڙو ته خوبصورت نوع ۾ پيش ڪري ٿو جو واهه واهه ٿيو وڃي. هر ڪوئي ان کي پنهنجو احساس سمجهيو ڇڏي.

**غلام محمد ڀٽي**

ڪتاب: پيار ڪجي يا تڪرار ڪجي، ص 11 تان کنيل

میرزا دبیر

## حمد

حمد ڪَر رب پاڪ جو آهي جو ربُّ العالمين،
آهي رحمٰن الرّحيم ۽ آهي مالڪ يوم الدين.

جيڪو پالڻهار آهي جملہ مخلوقات جو،
سو خدائي لم يزل ٿيو لاريب رزاق متين.

جو ازين جو آسرو بي واهہ جي واهہ ٿيو،
سو خدائي پاڪ آهي مالڪِ ملڪِ مبين.

ٿي صدا صبح و مسا هر مومن ديندار جي،
نَعبُدُ دل سان چون، دل سان چون تا نَستَعِين.

يا الٰهي ڪر ڪرم مون تي بَحق مصطفيٰ،
مرتضيٰ جي واسطي، و ز آل طاهرين.

ڪِينَ هرگز ٿي پريشان تون هڪڙي لمحي لئي 'دبير'،
توکي روزي ڏيندو ربہ والله خيرالرازقين.

◙

فقير عثمان ڪوسو

## غزل

ڏسان ڪنهن تي ظلم ٿيندي ڪجان ڪجھ نہ ٻلا چالاءِ،
هجي منهنجي قلم هٿ ۾ لکان ڪجھ نہ ٻلا چالاءِ.

رهيو آهيان اونداهين ۾ سدائين بس ويرانين ۾،
سهي صدما زماني جا چوان ڪجان نہ ٻلا چالاءِ.

خدايا ڏيھ تنهنجي ۾ رهيو احساس ڪو ناهي،
سُتا ڪنهنجا ٻچا بک تي لڇان ڪجھ نہ ٻلا چالاءِ.

زنده لاشن مثل جڳ ۾ جيئان ڪيئن مان ٻڌائي ڪو،
ڪري بند هي ڇڏيان اکيون ڏسان ڪجھ نہ ٻلا چالاءِ.

پري ناهي "ڪوسا" منزل، اچي عثمان ٻهتر آ،
ڪري ڪوئي مون کي سڏڙا ٻڌان ڪجھ نہ ٻلا چالاءِ.

◙

سنڌي ٻولي ۾ افساني کي مختصر ڪهاڻي چيو ويو، پر خاص وصف ڪنهن به مقرر نه ڪئي. مختصر هجڻ ۽ هڪ خيال تي منحصر هجڻ وغيره جهڙا لفظ ڪٿي ڪٿي نظر اچن ٿا، بلڪه لولئي تنقيدي ڪتاب اردو، جي نقادن جي لکڻين جا لڳ ڀڳ ترجما آهن. غلام محمد شهواڻي جو "ادبي اصول" به ڊاڪٽر سلام سنديلوي، ولنگر هڊسن جي "اين انٽروڊڪشن ٽو انگلش لٽريچر" جو هوبهو ترجمو آهي، جنهن ۾ فڪشن يعني ناول ۽ افساني لاءِ مرڪزي خيال، پلاٽ، ڪهاڻي، ڪردار ۽ ڊائلاگ [ڊرامن جي صورت ۾] لازمي قرار ڏنو ويو. اهي خيال يونان جي علمي دور جي وصفن سان مطابقت رکن ٿا، جن ۾ ڪن ليکاڻن تي گهڻو زور ڏنو ويندو هو، ان ڪري جو ڪنهن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ زمان، مڪان، ۽ فڪر جي ليکائي [Unity] جو وڏو حصو هوندو آهي، جنهن ۾ علامه آءِ.آءِ قاضي Unity of Vision شامل ڪري، ان کي نئون رخ ڏئي ڇڏيو، ليڪن جديد زندگيءَ جي تيز رفتاري سان بدلجندڙ قدرن انهن کي پوئتي ڇڏي ڏنو، بلڪه ويهين صديءَ ۾ ته ادب عوامي حلقي ۾ اچي ويو ۽ ادب ۾ ڪارج جو هجڻ لازمي بنجي ويو، صرف دل خوش ڪرڻ ۽ تفريح ڪرڻ ولرو دور هليو ويو. هاڻ ادب امير ڪان ڦري غريبن جي جهوپڙين تي پهچي ويو، جنهن لاءِ افسانو يا مختصر ڪهاڻي اظهار جو نهايت ڪارائتو ذريعو بڻي.

**قاضي خادم**

ڪتاب: 'محبوب ڳولي ڏس'

پيش لفظ ص 14 تان ورتل

خيرالنساءِ جعفري

(چونڊ ڪهاڻي)



# تخليق جو موت

هميشه جيان هينئر به عيد آئي ۽ گذري وئي. دستور موجب هن عيد تي به صوفن ۽ ڪشن جا ڪورَ بدليا هئا، قالين کي چنڊڪو لڳو هو. بتيون چنڊيون هيون، پردا مٽيا هئا ۽ رڌڻي ۾ سُگداسي چانورن جي هبڪار ٻهڪي هئي.

هستيءَ جون اهي ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ڏاڍيون ويساهه جوڳيون آهن، جو هميشه ورجائبيون آيون آهن ۽ ورجائبيون رهبيون. ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون، هلڪيون سلڪيون يادون، مٺڙيون موسمون، پيارا دستور ۽ سٺيون رسمون، ڪيڏيون نه ويساهه جوڳيون آهن. اهي شيون باقي ويساهه ڪير آهي ته ساهه جي تند، جا ٽٽندي ويرم ئي نٿي لائي!

سو هُن عيد تي به هر ڪم ائين ٿيو هو جيئن هميشه ٿيندو آهي. باقي ناهي ڪير ته عزيز!

عزيز منهنجو دوست هو. دوست به هينئر ئي چوانس جو آءٌ به ٻين وانگيان مئلن جي پڄاري آهيان. باقي اڳين اڳيان هوندو هو ته دشمن ڪري ليکندي هئي مانس! ان کان پوءِ منهنجي ۽ عزيز جي وچ ۾ ٻيو به رشتو هو. اهو هي ته عزيز منهنجي ماءُ جي ماءُ جو پٽ ۽ منهنجي ناني جو همشڪل هو. ان مان ثابت ٿيو ته هُو منهنجو مامو به هو، پر خير مامو منهنجو ان ڪري هو، جو هُو منهنجي ناني ۽ نانيءَ جو پٽ هو باقي سچ پچ هُو منهنجو دوست هو.

عزيز کي عزيز ڪري هاڻي ئي سڏيان جو منهنجي اڳين اڳيان ناهي. باقي سامهون هوندو هو ته هميش "يزيد" ڪري ڪوٺيندي هئي مانس، جو هميشه پيو اکين ۾ اٽڪندو هوم.

سندس عمر اڄ کان هڪ سال پهرين ايتري هئي جيتري هينئر منهنجي ۽ منهنجي عمر تڏهن پورا پنجويهه سال هئي. اسان ٻنهي جون عمريون ساڳيون ئي هيون. جڻ ٻئي هڪ جيڏا هڪ جيان ۽ هڪ جهڙا هئاسين. باقي فرق ڪو هو ته حالتن ۾. انگريزي محاوري مطابق عزيز به "وات ۾ سونو چمچو" سان ڪري ڄائو هو ۽ مان به پر مون کي اتفاق سان حالتن سلڪ ڏنو سو منهنجو چمچو قائم رهيو. باقي عزيز جو 'چمچو' ڇڏائجي ويو. تڏهن عزيز جڏهن اڃا ٻند ڪندڙ مَس هو. اسان جو نانو مئو ته عزيز به ڏتڙجي ويو. سڪيو ڪٿي نپنو هميشه هاسٽل ۾ رهيو ۽ ڌڪا ٿاٻا کائي پڙهيو، سو ننڍي وهيءَ ۾ جو چمچو جهلڻ ڏانءُ نه آيس ته وڏو ٿي به عزيز پنهنجيءَ پر ۾ اهو سونو چمچو وري ڪڏهن نه سنڀريو.

اسان ٻئي تعليمي ميدان ۾ گڏ گڏ هلياسين. مئٽرڪ کان وٺي ايم.اي تائين. عزيز هميشه پرائيوٽ ئي پڙهيو، جو اسي رپين جي ماستري ماڻڻ ۽ نڀائڻ به ڪو چرچو ته ڪونه هو نه؟ ۽ جڏهن ايم.اي ڪئي سين تڏهن هيڪر وري اڪيلي سر سوا ٻن سو رپين جي نوڪري وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سو جيئڻ ڪاڻ عزيز به وسان ڪين گهٽايو هو، ۽ تڏهن مان به ساڍن ڇئن سون جي ماستري وٺڻ ۾ ڪٽي وئي هئس ڪانئس.

عزيز رهندو ته ڳوٺ جي هاسٽل ۾ هو، پر نظر ايندو هو هميشه حيدرآباد ۾. ڪنهن جو جهاز جيڪر ٻڏيو ها ته به ايترو رنج ڪو ڪونه محسوس ڪريان ها، جيترو عزيز کي ڏسي رنجبي هئس دل ۾.

جڏهن به در پٽ، سامهون عزيز ته هوندو ئي هوندو هو. ڪڏهن ٻارن جا يونيفارم ٺهرائڻ جا سبب ٻڌائيندو هو، پر منهنجو ذاتي خيال هو ته انهن سڀني شين کان سواءِ اهو سبب جيڪو ڪيس ٻئي ٽئي ڏينهن سفر جا سور سهڻ لاءِ آباريندو هو، اهو هو سندس پڪچر ڏسڻ جو شوق.

آءٌ ڪيس ايندو ڏسي فوراً وڇي لڳندي هئس



ايوب عمراڻي

# موهن جو دڙو

قرتيءَ تي رات ڪيتري نہ اونداهين هئي! ان جي برعڪس آسمان تي تارا ٽمڪي ان کي روشن بڻائي رهيا هئا. مان موهن جي دڙي جي اسٽوپا وٽ بيهي تاريڪ رات ۾ موهن شهر جي اجڙي ويل کنڊرن کي ڏسي رهيو هوس. اونداهيءَ ۾ برباد ٿي ويل شهر جا کنڊر مشڪل سان نظر پئي آيا؛ تڏهن اچانڪ ڪنهن جي قدمن جو آواز منهنجي ڪنن سان ٽڪريو. ڪو مون ڏانهن اچي رهيو هو. مون کي پڪ هئي تہ اهو چوڪيدار رسولو هوندو پر؛ اونداهيءَ ۾ ڪجهہ نظر نٿي آيو. اچانڪ مون ڏانهن ايندڙ، تيز روشنيءَ واري ٽارچ ٻري جيڪا منهنجي منهن ۾ هئي. مان ڪجهہ گهڙين لاءِ چڙ تہ اکين کان سڄو ٿي ويس. منهنجي وات مان لفظ نڪتا رسولا! خير آ تون پريشان نہ ٿي، مان اڄان ٿو گيسٽ هائوس تي!“

مون کي رسولي ڪوبہ جواب نہ ڏنو، مسلسل هلندو منهنجي پرسان اچي بيٺو. مون حجت مان رسولي جي ٻانهن پڪڙي؛ تڏهن مون کي ائين محسوس ٿيو تہ اها رسولي جي مضبوط ۽ ڪارن ولرن سان ڀيوت نہ بلڪ هڪ نازڪ ۽ نفيس ٻانهن هئي؛ جنهن ۾ هڪ ڪنگڻ بہ پاتل هو. ٻانهن منهنجي هٿ ۾ گهڻو وقت نہ رهي، منهنجي هٿن کان الڳ ٿي وئي. ٽارچ جي روشني ڪن پل لاءِ هن جي منهن تي چمڪو (Flash) هڻي وئي، تڏهن مون کي نظر آيو تہ جنهن کي مون رسولو پئي سمجهو، اها هڪ نهايت ئي حسين ۽ خوبصورت يورپي نازنين هئي. مون جلد ئي پنهنجي غلطي محسوس ڪندي ساري (Sorry) چيو. هوءَ مرڪي پئي ۽ مون سان هٿ ملائيندي چيائين: ”مان ٻي ٻي مينڊريس آمريڪا کان!“

جيستائين مان ڪجهہ چوان، هن يڪدم پنهنجو نرم ۽ نازڪ هٿ منهنجي هٿ کان الڳ ڪري ورتو. مون مرڪندي کيس چيو: ”مان نديم! سنڌ کان ئي آهيان!“

”توهان سان ملندي خوشي ٿي، مان دنيا جي قديم آثارن تي پي ايڇ.ڊي ڪري رهي آهيان. ان لاءِ سئن فرانسسڪو يونيورسٽيءَ مون کي اسڪالر شپ ڏني آهي، ”سمبارا اِن“ لاڙڪاڻي ۾ ڪمرو وٺڻ کان ٿوري دير پوءِ موهن جي دڙي ڏسڻ لاءِ نڪري آئي آهيان!“

ٻي ٻي اهو سڀ ڪجهہ يڪ ساهيءَ چئي وئي. موهن جو دڙو ڏسڻ لاءِ سندس جنون ۽ جذبو تعريف لائق هو. مون مرڪندي کيس ٻڌايو، ”مان هڪ ليڪڪ آهيان. موهن جي دڙي جي ڌرتي منهنجي لاءِ هميشہ پرڪشش رهي آهي. مان هِتي اڪثر ايندو رهندو آهيان!“ تڏهن هن ٻيهر مون سان هٿ ملائيندي چيو: ”ڏاڍو سٺو! مان جيڪا تحقيق ڪنديس؛ ان ۾ توهان جي مدد منهنجي لاءِ فائديمند رهندي!“

هن ٻيري، هن پنهنجو نازڪ هٿ منهنجي ئي هٿ ۾ رهڻ ڏنو. مان ڀهريون ڀيرو ڪنهن غير ملڪي عورت جي هٿ کي ڇهي رهيو هوس. سچ اهو آهي تہ مون کي جنت جو تصور اچڻ لڳو. عين ٽائم تي هڪ ٻي ٽارچ اسان جي منهن ۾ لڳي. هن ڀيري اها ٽارچ رسولي چوڪيدار جي هئي. رسولي جي پويان هڪ عمر ڇڙهيل ٿلهو ۽ گنجو يورپي نسل جو شخص انتهائي ٿڪل حالت ۾ آهستي آهستي هلي رهيو هو. رسولي ٽٽل ڦٽل انگريزيءَ ۾ چيو: ”سائين هن وقت اونده آهي، ڪينٽين تي هلو، چانهہ پيئو، توهان جو مڙس بہ پريشان آهي.“ تڏهن اهو ڏسي حيراني ٿي تہ اهو وهيءَ ڇڙهيل همراهہ ٻي ٻي جو مڙس هو. ڪجهہ لمحن لاءِ مون کي ٻي ٻي جي بيوقوفيءَ تي حيراني ٿي، جنهن جيون ساٿيءَ لاءِ

ڏڍو تباھ ٿيو آهي، تنهن ڪان سنڌ ڪڏهن به سک نه ڏٺو آهي.“

”اوھ! تمام غمگين ڪهاڻي مان توهان کي ٻڌايان، سنڌ هميشه جو تباھ ٿيندي رهي آهي!؟“

”توهان ٻڌائينديون!؟“ مون حيرانيءَ مان چيو.

”ها چو ته مون هتي اچڻ کان اڳ سنڌ بابت ڪافي ڪجهه پڙهيو آهي. سنڌ جي تباهيءَ جو بنيادي ڪارڻ هتان جي ماڻهن جو امن پسند هجڻ آهي. جڏهن ڪنهن ڌرتيءَ جا ڌڻي امن پسند هجن ۽ اها ڌرتي بيشمار دولتن ۽ وسيلن سان مالا مال هجي ته سمجهو ان جي تباهي ويجهي آهي!“

”واھ توهان جو دليل وزندار آهي!“

مون هڪ گهرو ساھ ڪنيو. هن مرڪندي چيو: ”هلو ته ماني کائون“ چيومانس: ”توهان اسان جا مهمان آهيو، اڄ جي منجهند جي ماني منهنجي طرفان ٿيندي“

هن هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو: ”تاريخ ۾ هيٽرو لوڙيو اٿوَ- پوءِ به مهمان نوازي نٿا ڇڏيو!“

مون کي ڳالهه دل سان لڳي، مون به ٽهڪ ڏنو. چيومانس: ”جيڪڏهن مهمان تو جهڙو حسين ۽ خوبصورت هجي ته ڪهڙو ڪافر، ميزبان ٿيڻ کان انڪار ڪندو!“

ان تي هن زوردار ٽهڪ ڏنو. اهڙو ٽهڪ جو ميوزيم جي شوڪيس جا شيشا به لرزي پيا. مون مُڙي ڪيس چيو: ”ڏس اسان جو ڪنگ پريسٽ توکي ٽيڏي اک سان ڏسي رهيو آهي، ان کي تون وڻي وئي آهين!“

هُن مُرڪندي چيو: ”ڪنگ پريسٽ ته نه پر ڪو جيئرو جاڳندو شخص آهي جنهن جون چور نظرون لاڳيتو مون کي گهُوري ڪجهه چئي رهيون آهن....“

تنهن مون محسوس ڪيو ته هوءَ منهنجي اکين جي التجائن کي سمجهي وئي آهي. مون سندس هٿ ورتو، چيائين: ”هٿ وٺڻ جو مطلب؟“

چيومانس: ”توکي ڇهي پڪ ڪرڻ ٿو چاهيان ته تون واقعي ڪو مادي وجود آهين يا سچ پچ سمبارا جو روح! مون سمبارا جي روح کي ڪيترائي ڀيرا خوابن ۾ ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هوءَ هميشه فضائن ۾ وکري منهنجي اکين کان اوجهل ٿيندي رهي آهي.“

تنهن ٽهڪ ڏيندي چيائين: ”سيني مردن جي نفسيات هڪ جهڙي هوندي آهي، شل نه ڪو عورت ڏسن جيستائين ان کي نه ڇهندا، تيستائين سُک نه ايندن. توبهه ڪڏهن ڪڏهن ته عورت کي ڇهڻ لاءِ اهڙا عجيب وغريب بهانا ٺاهيندا آهن جو خدا ڏي پناھ!“

سندس طنز تي مان به کلي پيس. چيومانس: ”چڱو پلو تجربو آهي توهان کي مردن جو!“ جواب ڏنائين: ”ها ڇا ٿي پيو جي آثار قديمه جي ماهر آهيان! پر عورت ته آهيان نه!“

چيومانس: ”ها عورت کي هڪ دل به ٿيندي آهي. ان دل ۾ هوءَ ڪنهن نوجوان ۽ حسين شهزادي جا خواب به سجائيندي آهي. شايد توهان جو خواب اڃا تائين اڌورو آهي!“

منهن تي نقلي غصو سجائيندي چيائين: ”خبر نه اٿئي مان هڪ پرڻيل عورت آهيان، منهنجو هڪ مڙس به آهي. هاڻي خواب ڇا جا!؟“

تنهن اوچتو منهنجي وات مان نڪتو: ”مڙس يا مڙس جي نالي ۾ هڪ پوڙهو ڪڳُ!“

منهنجي ائين چوڻ تي هن جي چهري جو رنگ اوچتو اڏامي ويو. اداسيءَ ۾ نراشا جو هڪ ڏکيو ساھ ڪنيائين. مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. يڪدم چئي ڇڏيم: ”آءِ ايم سو ساري!“

”اِٽس اوڪي!“ هن هلڪي جهيڻي آواز ۾ چيو.

تنهن چيومانس: ”ڊي ڊي! هي پهريون ڀيرو آهي جو آءٌ ڪنهن آمريڪي عورت سان بنهه مختصر عرصي ۾ ايترو ويجهو ٿيو آهيان. هن کان پهرين مون آمريڪي ماڻهن جي باري ۾ رڳو ڪتابن ۾ پڙهيو آهي، يا آمريڪي فلمون ڏٺيون آهن. مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي ته آمريڪي ماڻهو ڏاڍا ظالم ۽ انسانيت جا دشمن آهن، هُو سڄي دنيا تي پنهنجي

بيپناھ سائنسي، فني، اقتصادي ۽ فوجي طاقت جي ذريعي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا. مون ڪٿين پيرا آمريڪا مرده باد جا نعرا هنيا آهن!"

منهنجي ائين چوڻ تي هوءَ حيرانيءَ مان مون کي ڏسندي رهي. پوءِ چيائين: "۽ فلمن ۾ آمريڪين کي ڪيئن ڏنو اٿئي؟"

چيومانس: "مون فلمن ۾ آمريڪي ماڻهن کي، ماڻهو نہ پر مشينون ڏٺو آهي. هنن ۾ ڪو انساني احساس ناهي، هنن کي ماڻرن بدران مشينون چئينديون آهن. هو مشينن جيان سوچيندا آهن ۽ مشينن جيان ڪم ڪندا آهن. رحم، قياس، پيار، محبت ۽ ٻيون انساني خصلتون هنن ۾ مشڪل سان هونديون. مون ائين محسوس ڪيو آهي تہ سڄي آمريڪا ۾ ٽرمينيٽر- ٻہ ۽ ٽرمينيٽر- هڪ جي نسل جا ماڻهو رهن ٿا!"

"اوھ!" هن وڏو ٺهڪ ڏنو. مان ڪجھ بہ ڪُجي نہ سگھيس. هوءَ بہ چپ هئي. ٿوري دير کان پوءِ چيائين: "هل تہ لنچ ڪريون، مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي!"

اسان ريسٽورينٽ تي آياسين، مون مانيءَ جو آرڊر ڏنو. ماني کائڻ وارو سمورو وقت هوءَ چپ هئي. ڪنهن ڪنهن وقت رڳو ٿوري دير لاءِ مون کي ڏسي ڪنڌ جُهڪائي ٿي ڇڏيائين. تڏهن هن جي موبائل جي گهنٽي وڳي. هن ٿورو پري وڃي ڳالهايو ۽ جلدي فون بند ڪري، اطمينان جو گهرو ساھ کنيو. پوءِ مرڪندي چيائين: "مينڊروس جي فون هئي، هو ڪراچي پهچي ويو آهي ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ سينٽرل ايئر لائين جي جهاز ۾ سندس فلائيٽ آهي، ٻارهن ڪلاڪن کان پوءِ آمريڪا پهچي ويندو!"

"ويري گڊ!" منهنجي واتان اهي ئي لفظ نڪري سگهيا.

چيائين: "ڇا تون مون کي موهن جي دڙي جي ٻولي پڙهڻ ۾ مدد ڪري سگهندين!؟"

ان سوال تي مان پريشان ٿي ويس. سوچيم جتي وڏا وڏا ماهر موهن جي دڙي جي ٻولي پڙهي ۽ سمجهي نہ سگهيا آهن، اتي مون جهڙو ماڻهو جيڪو رڳو افساني ادب ۾ ٻہ چار اکر لکي سگهيو آهي، اهو موهن جي دڙي جي ٻولي ڪيئن ٿو پڙهي سگهي، پر مون "دي دي" کان پري بہ رهڻ نٿي چاهيو. هڪ حسين نازنين موهن جي دڙي جي لپي سمجهڻ ۽ پڙهڻ جي بهاني گهٽ ۾ گهٽ ڪجھ ڏينهن گڏ تہ هوندي. مون دل ئي دل ۾ انهن ماهرن جو شڪر ادا ڪيو جن اڄ تائين موهن جي دڙي جي ٻولي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان لاچاري ڏيکاري هئي. جيڪڏهن موهن جي دڙي جي ٻولي پڙهجي وڃي ها تہ پوءِ منهنجو ڇا ٿئي ها!!

مون سندس سوال تي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. هن هڪ خوبصورت مرڪ جو تحفو ڏيندي چيو: "اِٽس گريٽ!"

چيومانس: "موهن جي دڙي جي لکت ايتري سولي ناهي جو پڙهي سگهجي، پر جيڪو ڪم محبت سان ڪبو آهي، ان ۾ ڪاميابي يقيني ٿيندي آهي!"

تڏهن اوچتو ڪيس ڪجھ ياد آيو. هن پنهنجي ڊائري ۾ موهن جي دڙي جو نقشو ڪڍي مختلف جاين تي پين سان ڪجھ نشان لڳايا. پوءِ چيائين: "خبر اٿئي موهن جي دڙي جي ڪل عمر ڇا آهي؟"

چيومانس: "پندرهن هزار سال!"

هن کي حيراني وٺي وئي، پوءِ مرڪندي چيائين: "منهنجو اندازو ڏھ هزار سالن جو آهي. هي شهر گهٽ ۾ گهٽ ڏھ ڀيرا اسريو ۽ تباھ ٿيو آهي!"

"ٿي سگهي ٿو." مون حيرانيءَ مان چيو.

هن چيو: "ٽيڻ تہ ائين گهرجي ها تہ سڀ کان آخري ڀيرو هن شهر کي آباد ڪندڙ وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ سٽريل هجڻ کپن ها، پر آخري ڀيرو شهر کي آباد ڪندڙ نهايت ئي السٽريل هئا، هنن پڪل جاين بدران ڪچيون جايون تعمير ڪيون، مسلسل ڪچيون جايون تعمير ڪرڻ سان پراڻو شهر مٽيءَ ۾ ئي دٻجي ويو ۽ پوءِ آخري ڀيرو تباھ ٿي مٽيءَ ۾ ڍڪجي ويو."

مون کي حيراني وٺي وئي، چيومانس: "ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"

"ائين ٿي ٿيو آهي." هن ڊگهو ساھ کڻندي

چيو: ”نہ تہ هيترو مٽي لکين ٽن مٽيءَ جا خود بہ خود نہ ويا ۽ وچي شهر کي ڍڪي ڇڏيائون. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ مسلسل ڇهہ هزار سال برساتن سبب اها مٽي ڳرندي هيٺ لهندي آئي آهي پوءِ بہ اهو شهر ڍڪيل رهيو تہ پوءِ ڇهہ هزار سال اڳ ان تي ڪيتري مٽي چڙهيل هوندي.“

”هون! اها تہ تمام ڪم جي پوائنٽ آهي؛ پر اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي تہ جن لوڪن سڀ کان آخر ۾ شهر کي آباد ڪيو، اهي سڀ کان وڌيڪ پٺتي پيل هئا!“

”اهو ممڪن آهي جن وحشي قومن موهن جي دڙي تي حملو ڪري، ان کي تباهہ ڪيو هو، اهي صرف ظلم ۽ بربريت ۾ اڳتي هيون. هو سُڌريل ڪونہ هئا. سو جڏهن موهن جي دڙي تي رهائش اختيار ڪيائون تہ اهو ئي غير مهذب انداز اختيار ڪيائون؟ مٽيءَ جا ڪچا ۽ سوڙها گهر!“

”هون... توهان جي ڳالهہ ۾ وزن آهي!“

ان وقت شام ٿي رهي هئي، چيومانس: ”ڇا پروگرام آهي؟ سائيٽ تي هلبو؟“

هن ڪلها لوڏي هاڪار ڪئي. اسان سائيٽ تي وياسين، سج اولهہ ڏانهن ويندي ويندي پنهنجي رفتار وڌائي ڇڏي، اسٽوپا وٽ بيهندي هن ڪجهہ نوٽس ورتا ۽ تصويرون ڪڍيون، پوءِ چيائين: ”موهن جو دڙو تباهہ ٿي وڃڻ مان پوءِ ان جي دڙي مٿان ماڻهن ٻيهر تعمير ڪئي، جنهن ۾ پڪين سرن بدران ڪچيون سرون ۽ اوڏڪيون پٿيون استعمال ٿيون آهن، عمارتن جو معيار انتهائي گهٽ درجي وارو آهي، هتي ڪافي ناجائز حد دخليون پڻ نظر اچن ٿيون. ٻهراڙيءَ ۾ اڻسڌريل ۽ گهٽ ترقي يافتہ ماڻهن بعد ۾ هن شهر جي شڪل ئي تبديل ڪري ڇڏي، لڳي ائين ٿو تہ بعد ۾ هي شهر ڪو ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ نہ، پر عام ماڻهن جي رهڻ جي لاءِ هڪ بستي هئي!“

مون سندس ذهانت کي داد ڏيندي چيو: ”واهہ توهان تہ اڄ مون کي ان سوال جو جواب ڏئي ڇڏيو جيڪو مون کي هميشہ تنگ ڪندو رهندو آهي!“

هوءَ مرڪي پئي ۽ چيائين: ”اڄ مان رات موهن جي دڙي تي گذارڻ ٿي چاهيان!“

”ڇو؟“ مون کان حيرانيءَ ۾ رڳو ايترو ئي نڪري سگهيو.

”اڄ مان تہ تصورن جي دنيا ۾ وڃڻ چاهيان ٿي، پنج هزار سال اڳ جي موهن جي دڙي جي شهر ۾ وڃڻ چاهيان ٿي، هڪ زندهہ موهن جو دڙو ڏسڻ چاهيان ٿي، ان جي ماڻهن ۾ رلي ملي وڃڻ چاهيان ٿي، ان جي دڪانن مان خريداري ڪرڻ چاهيان ٿي، ان جي پوڄا گهرن ۾ پوڄا ڪرڻ چاهيان ٿي، نرتڪي ٿي ناچ نچڻ چاهيان ٿي، سمبارا ٿي وڃڻ چاهيان ٿي، اتان جي پانشالائن ۾ اها عظيم ٻولي پڙهڻ چاهيان ٿي، جيڪا دنيا جي آڏو هڪ راز آهي، هڪ ڳجهارت آهي!“ ائين چوندي هوءَ انتهائي جذباتي ٿي وئي. سندس اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. مون چاهيو تہ سندس ڳوڙها اگهان، پر ائين نہ ڪري سگهيس، ڪيس رڳو ايترو چئي سگهيس: ”جڏهن سائنس اڄا تائين ڪا بہ اهڙي شيءِ ايجاد ئي نہ ڪئي آهي جو انسان ان ذريعي هزارين سال ماضيءَ ۾ وڃي سگهي تہ پوءِ اها اڻٿيڻي ۽ اجائي خواهش ڇو؟“

هن هڪ حيرت ڀري نگاهہ مون تي وڌي، پوءِ چيائين: ”اها ڳالهہ سائنس سان واسطو نٿي رکي، اها ڳالهہ انساني سوچ، خواهش ۽ امنگ سان تعلق رکي ٿي. سائنس جي نظر ۾ گل هڪ سائنسي مظهر آهي، چنڊ، تارا، سج ۽ ڪهڪشائون بہ ان ئي نمري ۾ اچن ٿيون پر انساني احساس جي اک انهن کي ٻئي زاويي سان بہ ڏسي ٿي. موهن جو دڙو سائنس ۽ تاريخ جي ٺوس حقيقتن جي بنياد تي هڪ تباهہ ٿي ويل شهر آهي، ان ۾ حسن ۽ خوبصورتيءَ جهڙي ڪا بہ شيءِ ناهي، چوطرف کنڊرات آهن، پر انساني احساس انهن کي خوبصورت سمجهن ٿا ۽ انهن کنڊرات سان پيار ڪن ٿا. انساني احساس ڪن پل ۾ هزارين سالن جو سفر طئي ڪري وٺندا آهن. اهي ماضيءَ کي بہ ڏسي وٺندا آهن تہ مستقبل ڏانهن بہ ڏسندا آهن. مون بہ ائين ئي ڪيو آهي. مون کي نظر اچي رهيو آهي پنج هزار سال اڳ جو موهن جو دڙو!“

اهو چوندي هن جي عجيب حالت ٿي وئي،

سندس چهري جا تاثرات سچ پچ اهو ٻڌائي رهيا هئا ته هاڻي واقعي به هوءِ پنج هزار سال پوئتي هلي وئي هئي.

ان وقت رات جي ڪاري ڏائڻ پنهنجا پر ڦهلائي گگهه انڌيرو مچائي چڪي هئي. تڏهن هن هڪ خوفناڪ رڙ ڪندي چيو: ”نه نه هرگز نه مان سمبارا آهيان، موهن جي سمبارا، نرتڪي ضرور آهيان، پر پنهنجي مرضيءَ سان ناچ ڪندي آهيان. موهن منهنجو شهر آهي. توهان، ڌاريا، ڌاڙيل، ڌوتا هتان هليا وڃو، اسين موهن جي ستريل سڀيتا جا مالڪ، امن سپند انسان آهيون، اسان جنگ کان نفرت ڪريون ٿا، امن سان پيار ڪريون ٿا، توهان جاهل ۽ وحشي درندا ڇا ڄاڻو امن ۽ انسانيت مان! توهان کي ڪهڙي خبر ته تهذيب ڇا ٿيندي آهي، تمدن ڇا ٿيندو آهي؟ اسان موهن جا ماڻهو سڄي دنيا سان پيار ڪريون ٿا، سڄي دنيا کي اهڙي تهذيب سيکارڻ چاهيون ٿا، جنهن جا اسان مالڪ آهيون. ڏسو ڏسو! اسان پنهنجي رهائش لاءِ ڪيترا نه سهڻا گهر جوڙيا آهن، اسان جا دڪان ڏسو، دڪانن ۾ اعليٰ قسم جو سامان ڏسو، اسان جون ٻنيون ڏسو ۽ اناج جا ڀريل گودام ڏسو. هي پاٺشالائون ڏسو جتي گيان جا انبار آهن، اچو ته توهان کي گيان سيکاريون. اسان کان گيان وٺي وڃي سڄي دنيا کي روشن ڪريو ڇو ته موهن جو شهر گيان ۾ سڄي ڌرتيءَ تي سورج جيان تجلا ڏئي رهيو آهي، ڇڏي ڏيو اسان کي ڇڏي ڏيو، اسان کي ڇڏي ڏيو ته تهذيب ۽ تمدن جي آبياري ڪندي دنيا کي علم سان روشن ڪندا رهون، اسان کي ڇڏي ڏيو ته علم ۽ گيان جا نوان دڳ ڳولهي، دنيا کي ترقيءَ ۽ واڌاري جي معراج تي پهچائي ڇڏيون!“

هوءِ بيساخته جذباتي ٿي وئي، سندس ساهه جي ڌڪ ڌڪ جو آواز چٽو ٻڌي رهيو هوس. هن اوچتو ڳالهايو:

”جيڪڏهن توهان پنهنجي طاقت ۽ هٿيارن جي زور تي اسان کي غلام بڻائيندؤ، اسان کي ماري ڇڏيندؤ ته پوءِ ڌرتيءَ تي هڪ قيامت اچي ويندي. انسان ترقيءَ جي هن معراج تان ڪري پوندؤ، سوين سال بلڪ هزارين سال پٺتي هليو ويندو، توهان کي بک آهي ته اسان کان اناج وٺو، اسان جي اناج جا گودام ڀلي پاڻ سان کڻي وڃو، پر اسان کي ماريو نه، اسان جو شهر نه اجاڙيو، هليا وڃو هليا وڃو...... جيڪڏهن توهان کي پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جي ضرورت آهي ته ڪپڙو کڻو، اسان توهان کي بيمارين کان بچڻ لاءِ دوائون به ڏينداسين، توهان جي اگهاڙن پيرن کي جتيون به ڏينداسين. توهان کي وحشيءَ مان انسان بڻائينداسين، بس رڳو اسان کي جيئڻ ڏيو. اسان موت کان نٿا ڊڄون، پر اسان کي پنهنجي سڀيتا جو فڪر آهي، اسان جي سڀيتا بچندي ته دنيا بچي پوندي!“

ائين چوندي هن ڪاروڙ مان آسمان کي ڏٺو جڻ الله پاڪ کي چوندي هجي، تون آسمانن تي ويهي ڇا جا تماشا ڏسي رهيو آهين ۽ سچ پچ هن ائين ئي چيو:

”اي آسمانن وارا ڇا تون ڏسي رهيو آهين ته اڄ ڌرتيءَ تي تاريخ جو سڀ کان وڏو انياءُ ٿي رهيو آهي ۽ تون چپ آهين!“

پوءِ هن ڪجهه ساهيءَ کان پوءِ وري چوڻ شروع ڪيو ته:

”ٺيڪ آهي مان هڪ ناچڻي سهي، مان نچنديس ضرور نچنديس، پنهنجي موهن شهر کي بچائڻ لاءِ ضرور نچنديس، پر شرط اهو آهي ته توهان منهنجو ناچ ڏسي هتان هليا ويندا، هميشه لاءِ هليا ويندا وري هتي ڪڏهن به نه ايندا.“

ائين چوندي هن مون ڏي ڏٺو، پوءِ چيائين: ”اڙي موهن تون ڇا ٿو ڏسين تنهنجي موهن نگر کي وديشي ڌاڙيل تاراج ڪرڻ آيا آهن ۽ تون چپ آهين! اڄ مون سان گڏ ناچ ڪر، ٿي سگهي ٿو هيءَ مصيبت ٽري وڃي.“ ائين چوندي هن مون کي ٻانهن کان اچي جهليو، تڏهن مون کي به محسوس ٿيو ته مان به پنج هزار سال پٺتي موهن جي عاليشان شهر ۾ پهچي ويو آهيان. هڪ عاليشان ڀڪرو شهر، خوبصورت عمارتون، صاف سٿرو ماحول، تڏهن اوچتو مون ڏٺو ته موهن جي دڙي جا ڪارا دراوڙ اتر

ڪان آيل سفيد وحشين جي قيد ۾ هئا. مان موهن شهر جي محل ۾ بادشاهن واري تخت تي ويٺو هوس ۽ سمبارا منهنجي سامهون هئي، ٻي ٻي هاٿي سانوري سمبارا بنجي چڪي هئي. خوفناڪ سفيد وحشي، دراوڙن کي رسن سان ٻڌي انهن کي مارڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. تڏهن سمبارا مون کي چيو: "اڄ موهن اڄ، مون سان ناچ ڪر، هن شهر کي بچائڻو آهي ته پوءِ ناچ ڪرڻو پوندو."

چيومانس: "سمبارا! ڌارين جي سامهون صرف غلام ئي نچندا آهن. آزاد ڪڏهن به ناهي نچندو."

غصي مان چيائين: "موهن! هي تاريخ جو ڦيريون ڦيرو آهي جو هنن وديشي حملا آورن اسان جي شهر تي حملو ڪيو آهي. جيڪڏهن اڄ هي اسان کي تباهه ۽ تاراج ڪري اسان جي ڌرتيءَ تي قابض ٿي ويا ته پوءِ سنڌ ڪڏهن به سک جو ساهه نه کڻي سگهندي ۽ سنڌ حملا آورن جي نسلن هيٺان بار بار لتاڙجندي رهندي، تباهه ۽ برباد ٿيندي رهندي. پنهنجي تاريخ ۽ ايندڙ نسلن کي بچائڻ لاءِ اسان جيڪڏهن ٿورو نچيو ته ڪهڙي خرابي ٿيندي." تڏهن چيو مانس: "سمبارا ڇا هي حملا آور اسان جي نچڻ سان هتان موٽي ويندا!؟"

سمبارا منهنجو سوال ٻڌي وحشي حملا آورن ڏانهن نفرت ۽ ڪروڌ مان ڏٺو ۽ پوءِ چيو: "ٻڌايو توهان هتان هليا ويندا نه؟"

وحشي حملا آورن مان هڪ جيڪو انهن جو اڳواڻ پئي لڳو، مرڪندي ها ڪئي. تڏهن دربار جي سازندن سازن تي هٿ ڦيريا، سمبارا سازن جي ردم تي مست ٿي ويئي ۽ پنهنجي مخصوص انداز سان نرتڪاريءَ جا جوهر ڏيکارڻ لڳي. نچندي نچندي بار بار هوءَ منهنجي ٻانهن ۾ هلي ٿي آئي. جيئن جيئن سازن جو ردم تيز ٿيندو ٿي ويو، سمبارا جو جسم وڌيڪ مستيءَ سان ٿرڪڻ ٿي لڳو. مان به مست ٿي ويس ۽ اهو وساري ويٺس ته موهن شهر جو راجا آهيان. مون به سمبارا جو خوب ساٿ ڏنو. ڪيس پنهنجي ٻانهن تي کڻيو، چيلهه تي ٻانهون وجهي خوب ڦيرا پاتا، پوءِ سمبارا ٿڪجي زمين تي ڪري پئي...

مون ٻوڙي ڪيس اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڏٺم ته حملا آورن جو اڳواڻ تمام زهريلي مرڪ سان مون کي ڏسي رهيو هو. هن چيو: "هاڻي مرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. اسان توهان جي موهن نگر کي تحس نحس ڪري ڇڏينداسين، هاڻي هن شهر جي سِرَ سان سِرَ نه ملندي، قتلِ عام ٿيندو. موهن نگر جون گهٽيون رت ۾ رڱجي وينديون!"

تڏهن مان جنبات مان اٿي بيٺس ۽ قهر مان چيومانس: "مڪار دوکيباز، ڪوڙا فريبي! تو اهو وعدو ڪيو هو ته سمبارا جي ناچ کان پوءِ موهن جي ماڻهن کي نه ماريندين، اسان تنهنجي وعدي تي اعتبار ڪيو ۽ تون وعدي تان ڦري وئين!"

ان تي مڪاريءَ وارو هن وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين: "اسان توهان کي مارڻ کان اڳ سمبارا جو ناچ ڏسڻ ٿي چاهيو. سمبارا جي ناچ جا وڏا چرچا ٻڌا هئاسين، هاڻي اسان ان جو ناچ ڏٺو، اسان جي هاڻي مرضي، هونئن به آقا هميشه دوکي سان ماڻهن کي غلام بڻائيندا آهن!"

ان تي مون کي ڪاوڙ آئي، مون جهڙپ ڏئي هن کان ڀالو کسي سندس سيني تي رکيو، ڪن پل ۾ ويڙهه جي نوعيت بدلجي چڪي هئي. مون جڏهن ڀالو سندس سيني تي رکيو ته هُو خوف مان سرسام جي مريض جيان ڏڪڻ لڳو، هن جا ماڻهو مون ڏانهن وڌيا ته مون هٿ جي اشاري سان کين روڪيندي چيو: "ٿورو به اڳتي وڌندؤ ته توهان جي اڳواڻ جو سينو چيري ڇڏيندس. چپ چاپ هٿيار ڦٽا ڪريو ۽ منهنجي ماڻهن جا هٿ کوليو. هنن کي لاچار ائين ئي ڪرڻو پيو ۽ پوءِ دراوڙن پنهنجي جياپي جي ويڙهه وڙهڻ شروع ڪري ڏني، هو سفيد وحشين جا ڪنڌ ائين ڪپڻ لڳا ڄڻ فصل ۾ لابارو پيو هجي. ويڙهه هلندي رهي. اوچتو هڪ ڀالو خبر ناهي ڪيئن ۽ ڪٿان اڏامندو اچي سمبارا جي سيني ۾ لڳو. سمبارا ڪان هڪ دانهن نڪتي ۽ مون کان سڀ ڪجهه وسري ويو، مان ٻوڙي رت ۾ لت پت سمبارا کي سهارو ڏنو. سمبارا پنهنجا آخري پساهه کڻندي مون ڏانهن ڏٺو. هن

جي چهري تي اطمينان جي مرڪ هئي. هن آخري هٻڪي ڏيندي چيو: ”موهن! مون پنهنجي جان ڏئي پنهنجو شهر بچايو آهي. هاڻي پنهنجي شهر کي غلام ٿيڻ نه ڏجانءِ!“ مون اکين ۾ پاڻي آڻيندي ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو، تڏهن هڪ تير منهنجي سيني ۾ کپي ويو، مون دانهن ڪئي. ڏٺم ته سفيد وحشين جو اڳواڻ منهنجي رت ۾ ٻڏل تير کي مرڪي ڏسي رهيو آهي. هن مڪارانه ٽهڪ ڏيندي چيو: ”ٻڌاءِ! توکي ۽ تنهنجي دراوڙن کي موت ڏيان يا زندگي. ها زندگي صرف ان شرط تي ڏيندس ته اهي اڇوتا ٿي رهندا هميشه لاءِ... ها هاڻي مان تنهنجي شهر کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندس. سڀ سون، چاندي، هيرا جواهر، موتي ياقوت سڀ لٽي کڻي ويندس!“

ائين چوندي هن وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ پنهنجو ڀالو منهنجي سيني ۾ ٻيهر کپائي ڇڏيو. مون هڪ خوفناڪ رڙ ڪئي. اهڙي رڙ جيڪا صرف ڪو ماڻهو موت کان اڳ ڪري سگهي ٿو...

تڏهن منهنجي اک کلي وئي، ڏٺم ته ڊي ڊي مون کي پنهنجي سيني تي سمهاري ويٺي آهي. سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا. رات ڪافي اونداهين ٿي چڪي هئي. ڊي ڊي مون کي اکيون کوليندي ڏسي چيو: ”ڇا ٿيو؟“

چيومانس: ”ڊي ڊي اڄ مون سان موهن جي دڙي جي ماڻهن ڳالهايو آهي، اڄ خبر پئي ته موهن جو دڙو ڪيئن ۽ ڇو تباهه ٿيو هو. اڄ موهن جي دڙي جي روحن، ماڻهن جو روپ ڌاري مون کي اٿڏايل ڪهاڻي ٻڌائي آهي. مون کي اڄ اها به خبر پئي آهي ته مان موهن نگر جي راجا جو روح آهيان ۽ تون منهنجي سمبارا!“ تڏهن هوءَ منهنجي سيني سان لڳي وئي، مون کي پنهنجي ٻاڪرن ۾ ڀريندي چيائين مون به سڀ ڪجهه ائين ئي ڏٺو آهي، مان سمبارا آهيان ۽ تون سچ پچ منهنجو موهن، اڄ منهنجي پنج هزار سال پراڻي آس پوري ٿي، تون مون کي ملي وئين!“

تڏهن مون به هن سان خوب پيار ڪيو. پوءِ مون اوچتو هڪ ننڍڙي ٽارچ ٻرندي پاڻ ڏانهن ڪنهن کي ايندي ڏٺم. ان وقت ڊي ڊي منهنجي سيني تي سمهي اکيون پوري ڇڏيون هيون. مون کي پڪ هئي ته ٽارچ وارو رسولو هوندو. مون ڊي ڊي کي اٿاريو. چيومانس ”دير ٿي وئي آهي هل ته هلون.“

اسان آهستي آهستي واپس ٿياسين، رسولو مرڪندي معنيٰ خيز انداز ۾ مون کي ڏسندو اسان سان گڏ هلڻ لڳو. ڊي ڊي منهنجي چيلهه ۾ هٿ وجهي آهستي آهستي هلي رهي هئي. رسولي اشاري سان پڇيو: ڇا ٿيو اٿس. اشاري ۾ چيومانس- بيمار ٿي پئي آهي. اسان لاڙڪاڻي ۾ سمبارا اِن جي ڪمري نمبر ٽيرنهن ۾ آياسين. هوٽل وارو ڊنر کڻي آيو، ڊنر ڪرڻ کان پوءِ هن ٻه پيگ ٺاهيا. هڪ مون کي ڏنائين ٻيو پاڻ پيتائين. پوءِ چيائين: ”اڄ سمجهه ۾ آيو ته موهن جي دڙي جي مٽي مون کي ايترو پاڻ ڏانهن ڇو ڇڪي رهي آهي. مان ئي سمبارا جو نئون جنم آهيان ۽ تون منهنجو موهن آهين. ڇا ٿي پيو توکي گذريل جنم ۾ نه ماڻي سگهيس هاڻي ته ماڻي سگهان ٿي نه.“

پوري هڪ هفتي کان پوءِ هوءَ جڏهن واپس وڃي رهي هئي ته ايئر پورٽ تي سڏڪندي منهنجي سيني ۾ پنهنجو منهن لڪائيندي چيو: ”مان پنهنجي ڊاڪٽريٽ ڪري جلد واپس اينديس. هن پوڙهي کان طلاق به وٺنديس ۽ پوءِ پاڻ هميشه موهن جي دڙي تي رهنداسين. موهن جي دڙي جي زمين ۾ تو سان گڏ رهندي مون کي جيڪو پيار، سڪون ۽ آنند مليو آهي، اهو بيان نٿي ڪري سگهان!“

هن کان موڪلائيندي منهنجون اکيون به پرجي آيون، روئيندي چيم: ”جلدي ورڻ جي ڪجانءِ.“

هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ پوءِ جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ اڳتي نڪري وئي، پري وڃي هن هٿ لوڏيو ۽ ماڻهن جي انبوهه ۾ گم ٿي وئي.

هوءَ واپس ڇا وئي مان ته ڄڻ ڀٽڪيل روح بڻجي ويس، زندگي بي مقصد محسوس ٿيڻ لڳي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن منهنجو انتظار ۽ اوسيئڙو وڌندو ويو. ڊي ڊي جو ڪو به رابطو نه ٿيو. تڏهن مون کي محسوس ٿيو ته آمريڪي ماڻهو صرف ڪم ڪڍائو هوندا آهن، هو ڄڻ ته گوشت پوشت جون مشينون هونديون آهن جن جي اندر ۾ احساس

نالي ڪا بہ شيءِ نہ هوندي آهي، ڏينهون ڏينهن منهنجي خراب ٿيندڙ حالت تي هڪ دوست آٽت ڏيندي چيو: ”بيوقوف انسان، آمريڪي عورتون دنيا جون بيوفا ترين عورتون هونديون آهن، اهي مڙس ۽ عاشق ڪپڙن جي جوڙن جيان مٽائينديون آهن. تون هن کي وساري هتي جو ڪو سهڻو جيون ساٿي ڳول!، جيون ساٿي هوندو تہ هو ڏک سک ۾ توسان سهڪاري ٿي پوندو، وساري ڇڏ ان مڪار آمريڪي عورت کي، جنهن توکي ڪو خط نہ لکيو، پر فون بہ نہ ڪئي. مون ٻي ٻي کي وسارڻ جو ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو. سوچيو هوم تہ مان ٻي ٻي سان يڪ طرفي محبت ڪندو رهندس، سندس ياد ۾ پنهنجي اندر جي اونداهيءَ کي دور ڪندو رهندس.

...پوءِ جڏهن شاهده منهنجي زندگيءَ ۾ آئي تہ هن مون کي ايترو پيار ڏنو جو ٻي ٻي جي جدائيءَ جو عذاب جهڪو ٿيڻ لڳو. جڏهن کان موهن جي دڙي تان ٻي ٻي سان گڏ واپسي ٿي، مان ٻيهر موهن جي دڙي ڏانهن نہ ويس، مون کي موهن جو دڙو ٻي ٻي کان سواءِ کائڻ اچي ها. ڪنهن جي جدائي جڏهن عذاب بڻجي وڃي تہ پوءِ انسان ڪري بہ ڇا ٿو سگهي. هن پيري جڏهن شاهده موهن جو دڙو گهمڻ جو ضد ڪيو تہ مون بہ لاچار ها ڪئي. موهن جي دڙي جي چپي چپي تي ٻي ٻي جون يادون منهنجي آجيان لاءِ تيار بيٺيون هيون. دڙو گهمندي اچانڪ ڪراڙو چوڪيدار رسولو مليو. چيائين: ”ابا تنهنجي لاءِ اسان جي ايڊريس تي ڏاهڪو خط آيل آهن، آهين ڪٿي...؟ هل تہ خط ڏيان.“

مان هن سان گڏ ويس، هن مون کي خط ڏنا، سڀ خط ٻي ٻي جا هئا، مون ڏڪندڙ هٿن سان هڪ خط کوليو، لکيل هو:

”پيارا نديم!“

هيءُ منهنجو سٺون خط آهي. خط جو جواب نہ ڏيڻ تي توسان ڪا بہ شڪايت ناهي جو تہ جنهن موبائل فون ۾ تنهنجي ايڊريس ۽ فون نمبر رکيا هئم، اها ڪراچي ايئرپورٽ تي مون کان گم ٿي وئي. مجبوريءَ ۾ موهن جي دڙي واري ايڊريس تي هي خط ان اميد تي لکي رهي آهيان تہ هڪ ڏينهن تون موهن جي دڙي ضرور ويندين ۽ توکي منهنجا خط ملي ويندا.

تنهنجي لاءِ ٻہ خوشخبريون آهن، هڪ تہ مون ان پوڙهي ڪڳ مينڊروس کان طلاق وٺي ڇڏي آهي، جنهن سان هڪ مجبوريءَ ۾ شادي ڪئي هيم، ٻيو تہ مون کي پي ايچ.ڊي جي ڊگري ملي وئي آهي، سئن فرانسسڪو يونيورسٽيءَ مون کي پروفيسرشپ جي آفر بہ ڪئي آهي... ها اهم ڳالهہ ٻڌ! تنهنجي پيار جي نشاني نو مهينا منهنجي پيٽ ۾ پلجي جنم ورتو آهي. ساڳيو تو جهڙو پيارو آهي، هن جي پيشاني ساڳي سنڌين جهڙي آهي. موهن جي دڙي جو ماڻهو جو ٿيو! مون کي فخر آهي تہ مان هڪ سنڌي پٽ جي ماءُ آهيان. تنهنجي پٽ کي جلدي پاڻ سان وٺي ايندس ۽ پاڻ موهن جي دڙي تي ملي شادي ڪري ڇڏينداسين!

صرف تنهنجي ٻي ٻي“.

مان خط پڙهندو حيران ٿيندو رهيس شرمندگي ۽ ندامت جو احساس وڌي ويو تہ مون ٻي ٻي تي يقين ڇو نہ ڪيو، پر خوشي بہ ٿي...... مان خط هٿ ۾ ڪٿي حيران ٿي بيٺو هوس جو شاهده خط منهنجي هٿ مان وٺي پڙهڻ لڳي. تڏهن مون کي هڪ اڻڄاتل خوف وڪوڙي ويو تہ شاهده جو ري ايڪشن ڏاڍو خراب هوندو پر خط پڙهي هن مرڪندي رڳو ايترو چيو: ”اچي ٿي تہ ڀلي اچي، ٻئي گڏجي رهجو، هن تي پهريون ۽ آخري حق تنهنجو آهي!“

نوٽ: ناليواري اديب محترم احسان دانش جي ڪتاب ”موهن جو دڙو“ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران 2012ع ۾ شايع ٿيل آهي، تان مدد ورتي وئي آهي. (ايوب عمراڻي)



ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

# نمبر ون

جهڙو هن جو نالو، اهڙي ئي هوءَ خوبصورت هئي. سڪيلڌي ڌيءَ جو ماڻهن نالو رکيو هو- "قمر".

هن جي جنم تي هن جا ماءُ پيءُ ڏاڍا خوش هئا. هوءَ هنن جي شاديءَ جي اٺن سالن کان پوءِ دنيا ۾ آئي هئي. سندس ڏاڏي ۽ پيءُ ور ور ڪري هن کي خوشيءَ مان ڏسي رهيا هئا.

"مان هن جي پالنا ۽ تربيت اهڙي ڪنديس جو سڄو خاندان حيران ٿي ويندو." ماڻس هن کي هنج ۾ کڻندي چيو.

"هائو هائو ڀلي ڀلي..." ڏاڏيءَ ٽهڪ ڏيندي چيو.

مڊل ڪلاس جي هن ڇوڪريءَ جو جنم ان دور ۾ ٿيو جڏهن ڇوڪرين جي تعليم عام نہ هئي، خاص ڪري ڳوٺ ۾ رهندڙ ڇوڪرين جي البت شهرن ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل ڇوڪرين جو ڪجهہ تعداد تعليم حاصل ڪندو هو.

قمر جي ماءُ هڪ فيصلو ڪيو، ڪجهہ بہ ٿئي پر مان پنهنجي ڌيءُ کي اعليٰ تعليم ڏيارينديس. هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ عورت پنهنجي گهٽ وسيلن ۽ مشڪلاتن باوجود هڪ عهد ڪيو، هڪ واعدو ڪيو.

قمر جڏهن هوش سنڀاليو تہ هن پنهنجي لاءِ سيني گهرڀاتين جي محبت ۽ پيار محسوس ڪيو. هن جي ماءُ هن کي ڪپڙي مان گڏيون ٺاهي ڏيندي هئي ۽ موتين جا زيور ٺاهي هنن کي پهرائيندي هئي. قمر پنهنجي ساهيڙين سان گهر جي وڏي اڱڻ تي راند رهندي هئي. هوءَ هڪ پياري ۽ خيال رکڻ واري دوست هئي، جنهنڪري هوءَ ملڻن ۽ دوستن جو محور هئي، هر هڪ هن سان محبت ڪندو هو.

قمر جي ڏاڏي صبح سوير رڌڻي جي ٻاهران منجيءَ تي ويهي ڌڌ ولوڙيندي هئي، جنهن جو آواز هن کي سڪون ڏيندو هو. ماڻس هن جو هٿ منهن ڌوئاري ڪيس ڪڻ تي ويهاري نيرن ڪرائيندي هئي، ان کان پوءِ هر ڪو پنهنجي گهر جي ڪم ڪار ۾ لڳي ويندو هو. والد ٻني ۽ دڪان جي نظرداري ڪري هليو ويندو هو. سندن ٻڪي هلائڻ وارو چاچو "شمون" بس اسٽاپ تان سواري کڻڻ ويندو هو ۽ شام جو ڏاڏيءَ کي حساب ڪتاب اچي ڏيندو هو. زندگيءَ جو وهنوار ائين هلندو رهيو.

قمر کي ڀر واري ڳوٺ ۾ سرڪاري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. سندس ڀين ماڻهن ان ڳالهہ کي ڪا اهميت نہ ڏني، سندن خيال هو تہ ٻہ چار درجا پڙهي گهر ويهي رهندي.

قمر جي ماءُ قمر کي اسڪول پهچائڻ ۽ آڻڻ جي ذميواري پنهنجي مٿان کنئي. صبح جو ڪيس نيرن ڪرائي ٽانگي ۾ هن سان گڏ اسڪول ويندي هئي. صبح سوير جڏهن رات جي اونداهہ ختم ٿيڻ لڳندي هئي، پکي پنهنجن آکيرن مان اڏامڻ شروع ڪندا هئا، مينهن جا واڙا ڪولي ڪين گاهہ چاري لاءِ تيار ڪيو ويندو هو. ماڪ ڀنل ٻوٽا، چوطرف بيٺل وڏا وڏا وڻ، ٻنين ۾ مختلف موسمن مطابق اناج جا سنگ، آخري گولائي تائين نظر ايندڙ ڌنڌ وارو آسمان هن کي قدرت جي ڪمال جو احساس ڏياريندو هو. هوءَ ماءُ کان ڪئين سوال ڪندي هئي:

امان هن وڻ جو نالو ڇا آهي؟
امان هن پکيءَ جو نالو ڇا آهي؟
امان سج ڪٿان ٿو نڪري؟
امان واهہ ۾ پاڻي ڪيئن ٿو اچي؟
امان سج لهي ڪيڏانهن ويندو آهي؟

ماءُ هن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ مختلف جواب ڏيندي هئي، ٽانگو ڳوٺ جي سڌي تہ ڪچي ڪڙ ٻڙ رستي تان ور وڪڙ کائيندو هلندو هو، گهوڙو پنهنجو ڳاٽ مٿي ڪيو اچي اسڪول جي در تي پهچندو هو.

ڪلاس ۾ هوءَ پڙهڻ ويندي هئي تہ ماڻس

پرسان هڪ ننڍي شهر جي اسڪول ۾ ماستري ملي. ننڍڙو پٽ به هينئر اسڪول ۾ داخل ٿيو هو. اسڪول ۾ ٽيچر هئڻ ڪري کيس ٽريننگ لاءِ حيدرآباد ٽريننگ اسڪول موڪليو ويو، جتي هن ٽريننگ حاصل ڪئي. جلد ئي هن اسڪول ٽيچر جي نوڪري ڇڏي وڌيڪ تعليم جو سلسلو جاري رکيو. ڪاليج کان پوءِ هوءَ يونيورسٽي پهتي. هميشه فرسٽ نمبر حاصل ڪرڻ واري قمر پوزيشن حاصل ڪئي. هينئر هوءَ تعليم کاتي ۾ اهم عهدي تي فائز هئي. هينئر وڏي شخصيت جي مالڪ هئي. ڳوٺ جي ڪلچر، قدرتي نظارن، غريبن جي ڳوناڻي زندگي ۽ گذران کان واقف هئڻ سان گڏ شهر ۽ شهري ماڻهن جي ڪلچر تعليمي ادارن جي معلومات، سياسي ۽ سماجي قدرن کان واقف... هر موضوع جي ڄاڻ هن جي اندر کي اجاري ڇڏيو هو. آفيس ۾ هن جي خوش مزاجي، اصولن جي پابنديءَ ماڻهن کي هن جو گرويده بڻائي ڇڏيو هو. هينئر هوءَ ماءُ سان گڏ شهر ۾ رهندي هئي، ڏاڏيءَ جي انتقال کان پوءِ سندس والد به اچي شهر ۾ رهيو ۽ زمين ۽ مال جي سنڀال لاءِ ڳوٺ ايندو ويندو هو.

جهڙي پاڻ پڙهائيءَ ۾ هوشيار هئي، سندس پٽ ان جي ابتڙ هو. هو مشڪل سان ڪجهه اسڪول جي تعليم حاصل ڪري سگهيو ۽ ڳوٺ جي زمين سنڀالڻ لاءِ اڪثر ڳوٺ ۾ رهندو هو. آفيس ۾ اڄ هڪ ميٽنگ ڪرڻ کانپوءِ هن جي دل جي عجيب ڪيفيت هئي. اڄ هن هڪ اهڙي شخص کي ڏٺو جهڙو هن جي ذهن ۾ ڪيتري وقت کان هو خوبصورت، سريلي آواز ۽ سوبر شخصيت جو مالڪ ان جو نالو عامر هو.

هو ٻئي شهر ۾ قمر جهڙي ئي پوسٽ تي هو، جنهن جو ٽرانسفر هن آفيس ۾ ٿيو هو، پر هوءَ پنهنجي ان خيال کي مٽائي آفيس جي ڪم ڪار ۾ لڳي وئي.

قمر جي وارن ۾ هينئر چاندي پئي چمڪي، هيڏانهن عامر به پنهنجي سمجهه، ڏاهپ ۽ ڄاڻ جي ڪري آفيس ۾ هڪ جاءِ والاري.

هو ڇانهه جي بهاني ڪڏهن قمر جي آفيس ۾ ويندو هو ۽ ڪڏهن قمر کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائيندو هو، ايئن اهي ملاقاتون محبت ۾ تبديل ٿي ويون. قمر جي چاهت انمول هئي، هوءَ عامر جي بيحد عزت ڪندي هئي ۽ هن سان محبت.... عامر هن کي پروپوز ڪيو پر ڪيس اهو به ٻڌايو ته ننڍي عمر ۾ هن جي شادي ڪرائي وئي هئي ۽ ڪيس ٻه ٻار به آهن ۽ سندس گهر واري ڳوٺ ۾ رهندي آهي ۽ هو شهر ۾، هن قمر کي چيو ته هو ڪيس شهر ۾ ئي رهائيندو جتي ڪنهن جي به ڪا مداخلت نه هوندي. اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ کانپوءِ قمر جي ڪيفيت عجيب ٿي وئي. هن جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين نڪري وئي، سندس مٿو ڦرڻ لڳو، سندس آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

”ڇا؟“ هن سڪل نڙي کي زور ڏيندي پنهنجي لوندڙين کي هٿن سان جهلي سيٽيءَ وانگر رڙ ڪئي.

”قمر تون گهٻرائين ڇو ٿي.“ عامر هن جا هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهليا جيڪي برف جهڙا ٿڌا هئا.

قمر جو نينهن جتي اٽڪيو هو، هن طلسم وانگر ٽٽندي ڏٺو، خيالن جو طوفان هن جي من ۾ اٿيو.

عامر ٻي شادي ڪندو.....

مون سان نه نه.... مان هن جي ٻي زال ٿينديس! نمبر ٽو، نه نه...... هن هميشه نمبر ون تي اچڻ لاءِ جاکوڙيو هو. هوءَ ڄائي ڄم کان پهريون نمبر هئي. اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، آفيس ۾ اعليٰ عهدو. قمر معنيٰ نمبر ون..... هن جي طبعيت ۾ جيتوڻيڪ انڪساري ۽ ڪنهن جي حق تلفي ڪرڻ نه هو پر پنهنجي محنت ۽ جفاڪشي جي ڪري هوءَ پاڻ کي هميشه مٿڀرو رکندي هئي.

هن عامر سان محبت ڪئي پر هيءَ ڪڏهن به نمبر ٽو ٿيڻ لاءِ تيار نه هئي. هن سوچيو اهو ممڪن ئي ناهي ته هڪ اهڙي خاندان تي عذاب ٿي نازل ٿيان جنهن ۾ هنن جو ڪو ڏوهه ئي نه آهي.

هن ڪيترا نه سپنا ڏٺا هئا، هن عامر سان محبت ڪئي هئي، هن سوچيو، ڇا شادي ضروري آهي نه.... قمر فيصلو ڪري ورتو، ايتري قرباني ايتري بربادي نه.... قمر پنهنجي قرباني ڏني، پنهنجي محبت جي قرباني.

هن عامر کي انڪار ڪيو......

عامر جي محبت سيني ۾ سانڍي هن پنهنجو ٽرانسفر ڪرائي ڇڏيو.

والدين، پٽ ۽ پلجڻي هن سان گڏ رهندا هئا، هوءَ به زندگي جي بيساکين تي هلندي رهي. ملتن ڳوٺ ولرو

گهر ۽ ٻني ٻنهي ٻارن جي نالي ڪئي ۽ پاڻ راهه رباني ورتي. سندس پيءُ ۽ چاچائي ٻنيءَ جي سار سنڀال لاءِ وڃي ڳوٺ رهيا. فصلن مان ايندڙ آمدنيءَ جو اڌ حصو قمر جو هو، جنهن مان هوءَ وڌيڪ ٻني خريد ڪندي هئي ۽ ايئن ئي هن جي ٻنيءَ ۾ اضافو ٿيندو ويو. هوءَ اڪثر شهر ۾ به سستي اگهه تي پلاٽ خريد ڪندي هئي.

زندگي جو ڦيٿو ڦرندو رهيو، مهينن پٺيان سال، پروموشن، ترقي، پئسو، گهر، ملڪيت، ٻاهرين ملڪن جا آفيشل دورا، ٻين ملڪن جي اقدارن جو مشاهدو، قمر گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو. نوجوانيءَ جي عمر مان هيءَ هاڻي گذري چڪي هئي، جنهن جا اثر هن جي چهري ۽ صحت تي ظاهر ٿيڻ لڳا، پر اڄ به هوءَ اها ئي پروقار ۽ خوبصورت عورت هئي، سندس سونهن جو سرچاءُ هر هنڌ پکڙيل هو.

گهر ۾ هن سان گڏ هڪ پري جي مائٽياڻي زڪيه رهندي هئي. "چاچا شمونءَ" جو پٽ سندس ڊرائيور هو ۽ هڪ نوڪر جيڪو چوڪيداري پڻ ڪندو هو، اهو به هن جي ڳوٺ جو هو. گهر ۾ هوءَ سڄو ٽائيم لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريندي هئي. هوءَ مختلف تنظيمن جي ميمبر پڻ هئي، سندس گهڻو وقت مصروفيت ۾ گذرندو هو.

پيءُ ۽ چاچائي جي بي وقت موت ڪري سندس ڀائٽيو اچي هن سان گڏ رهيو، ڳوٺن ۾ هاڻي تعليم جو اهو معيار نه هو. سڪيلڌي ڀائٽي کي مائٽن کارائي وڏو ڪيو ۽ زمين جي سار سنڀال تي لڳائي ڇڏيو، ڀائٽيو هن جي اکين جو ٺر نور هو. هوءَ هن سان ڏاڍي محبت ڪندي هئي ۽ گهڻو ڀائيندي هئي.

هي ٻنيءَ جي زمين جي به سار سنڀال ڪندو هو. هينئر دنيا ۾ هڪ عجيب انقلاب اچي چڪو هو، ايگريڪلچر زمين ۾ نوان ٻج، نوان ڀاڻ، زميندارن جي زمين ترقي ڪئي ۽ معاشي طور تي هو مستحڪم ٿيندا ويا. ٻنيءَ جي قيمت آسمان تي ته شهرن ۾ پلاٽن جي قيمت به آسمان تي. ايڏي دولت ڏسي قمر جو ڀائٽيو والڙو ٿي ويو ۽ آهستي آهستي پنهنجي حصي جي زمين کپائيندو ويو، پئسو ته پاڻي وانگر هن جي هٿن مان وهي ويو. زال جا زيور، دستن جا دستا هن وٽه باقي پئسي مان هن کي ڪجهه نه بچيو. هينئر هن وٽ صرف پڦيءَ جي زمين هئي، جنهن وچان ڪافي ڪجهه حصو پڦيءَ کي ڏيندو هو. حساب پڇڻ تي هو مختلف بهانا ڪري ڳالهه ٽاري ڇڏيندو هو.

اڄ قمر نوڪريءَ تان رٽائر ٿي رهي هئي. سڄي زندگي پڙهائي، نوڪريءَ ۾ گذاري، هن جو سڀ خواهشون پوريون ٿيون هيون، اڄ هن جي مان ۾ تقريبون رٿيون ويون، ڪيس عزت ڏني وئي. هن پنهنجي متعلق ٻين جي زباني پنهنجي ڏاڍي تعريف ٻڌي ڪيس شيلڊز پيش ڪيون ويون. اڄ هن وٽ محسوس ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه هو، نه خوشي هئي نه غم.

سندس پينشن مقرر ٿي ۽ ڪجهه فنڊ وغيره مليو. شهر ۾ هوءَ پنهنجي ذاتي بنگلي ۾ رهي. زڪيه، ڊرائيور، چوڪيدار ۽ سندس ڀائٽيو به گهر واري سان گڏ اچي رهيو.

آهستي آهستي سندس ڀائٽيو گهر جي وهنوار تي حاوي ٿيڻ لڳو. هيءَ به هن کي پنهنجو ٻچو سمجهي پرسڪون هوندي هئي. تعليم ۽ تربيت جي فقدان سبب ڳوٺن مان شريف ماڻهن جي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري خراب ڪردار جي ماڻهو جو مڪو متل هو. ڳوٺ ۾ سندس ڀائٽي جي به اهڙن ماڻهن سان صحبت هئي جيڪي هر ناجائز ڪم لاءِ هڪبئي کي همٿائيندا هئا، هنن جڏهن هن جي پڦيءَ جي هيڏي وڏي ملڪيت شهر، ڳوٺ ۾ آباد ۽ زرخيز زمين جو ٻڌو ته هن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهيري ۾ آندو.

"بدر، تنهنجي پڦي ته رٽائرڊ ٿي آهي نه؟"

"ها ها" هن وراڻيو.

"يار ايتري ملڪيت جو ڇا ڪندي؟"

دوستن پڇيس پر هن ڪو جواب نه ڏنو.

"قبر ۾ ڪٿي ويندي" هڪ ڄڻي وات ڇبو ڪندي چيو.

"بدر تو ۾ ته مردانگي ئي ڪانهي."

"چو ڇا ٿيو آهي" بدر ڪاڻڻ پڇيو.

"اڙي ضعيف عورت پٺيان پيو هلين، پنهنجي نالي ملڪيت ڪرائي سڀاڻي ڪنهن ڏٺو آهي" هڪ دوست ڪيس چيو.

بدر جو چهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪڻ لڳو. هيڏي ملڪيت جو مالڪ ٿيڻ جي خيال ۾ ڪڇيون هڻڻ لڳو.

اصلوڪي سماجي سائنس تي چٽ ڪري رهي آهي...!
سوشل ميڊيا اسان جي پرنٽ ٽينڊڙ رسالن جا پنا پري پري وکيري ڇڏيا... انهن تي ڪيترين ئي ڪهاڻيون ڇپجنديون هيون...! شاعري ڇپجندي هئي...! ڪيڏو نه جوش ۽ ولولو هوندو آهي...!! ٻوليءَ جا لفظ پنن تي رقص ڪندا هئا... هڪڙي پرچي اچڻ پڇاڻان ٻي جو انتظار ڪنهن محبوبا جيان ٿيندو هو...! هاڻ ته صفا سُڃ لڳي پئي آهي... اهڙي سُڃ ۾ تون هڪ آواز ٻڌجي اپرڻ جي ڪوشش ۾ آهين...!؟ تون سوشل ميڊيا کي هارائي ڪيئن پنهنجو رسالو هلائي سگهندين...!!؟"

هُو اهو ٻڌي اکيون ڇنڀيندي ڪجهه دير مون کي ڏسندو رهيو...!!

هن جي اکين ۾ ڪيترائي اجنبي پاڇا هئا...!! مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو: انهن پاڇن پويان هزارين پاڇا هوندا... پر ڪو به وجود نه هوندو... رڳو پاڇا ئي پاڇا هوندا... رات جو جيئن وڻ پوتن جيان ڏسبا آهن... پاڇا به ائين ئي هوندا آهن... ! مون ڏانهن جڻ هزارين پاڇا ڊوڙندا ٿي آيا... مون ڇرڪ ڀريو... ۽ آءٌ فقط اتي اڪيلو بيٺل هوس...!!!

## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** قلم جا وارث
**ليکڪ:** انور ابڙو
**موضوع:** شخصيتي اڀياس، فن ۽ فڪر
**ڇاپو:** 2017ع
**قيمت:** -/400 رپيا
**ڇپائيندڙ:** پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس، ڪراچي سنڌ

ثمينہ ميمڻ



# ضربَ

اڄ سونل جي ننڍي ڀيڻ فاطمه جي شادي ٿي رهي هئي، ڪجهہ ڏينهن کان شاديءَ تي آيل سندن چاچيون، سوٽيون، ماسيون ۽ ماساتيون ٿڪيل هيون.

اڄ صبح کان گهر ۾ هُل هنگامو متل هو، هرڪو شاديءَ جي تيارين ۾ لڳو پيو هو، پر سونل جي ماءُ اُداس هئي ڇو تہ اها مِٽي سونل لاءِ آئي هئي، پر سونل شاديءَ کان انڪار ڪيو هو، ۽ ائين نہ چاهيندي بہ سندس ماءُ کي فاطمه جي شادي ڪرائڻي پئي.

هيءُ پهريون ڀيرو نہ هو، ائين ڪوڙ مِٽيون سونل لاءِ آيون، پر هُن ماءُ کي اهو چئي چپ ڪرايو هو تہ هُن کي في الحال نوڪري ڪرڻي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن سونل چاهيندي هئي پنهنجي اندر ۾ پلجندڙ زهر کي اوڳاڇي ٻاهر ڪڍي، ڇو هن جي اندر ۾ مرد لاءِ نفرت ڀريل آهي؟ ڇو هوءَ ڪنهن تي اعتبار نہ ٿي ڪري سگهي؟ هزارين سوال هن جي اندر ۾ پلبا رهبا هئا، پر جواب هن کي ڪڏهن بہ نہ ٿي مليو.

جڏهن کان هوءَ ماسٽرس جي ڊگري وٺي موٽي هئي تڏهن کان اڌ رات جو ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي پوندي هئي، ۽ پوءِ ڊپ ۾ اکيون بند بہ ڪري نہ سگهندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن چاهيندي هئي تہ هوءَ ماءُ سان ڳالهہ شيئر ڪري پنهنجي اندر جي درد کي گهٽائي، پر چاهيندي بہ پنهنجي وڙيل اندر کي پاڻ سان ڪٺي ٿي هَلي.

اڄ سڀ گهر جا ڀاتي اداس هئا، فاطمه هنن جي گهر مان وڃي رهي هئي، فاطمه منجهند جو ئي سونل سان گڏ پارلر تي تيار ٿيڻ وئي تہ ان مهل ئي سڄي گهر ۾ اُداسي ڇانئجي وئي، فاطمه جو اڄ هن گهر ۾ آخري ڏينهن هو. هوءَ بہ پنهنجي ڳوڙهن کي روڪي نہ سگهي. ٿوري دير کان پوءِ هرڪو رات جي شاديءَ جي تياريءَ ۾ لڳي ويو. ۽ ائين هال ۾ وڃڻ جو وقت بہ ٿي ويو. سونل جي ماءُ ۽ اُن جي وڏي ڀيڻ سڀاڳي بہ اڳ ۾ ئي تيار ٿي، مهمانن جي استقبال لاءِ هال ۾ ويون ۽ ائين ٿوري دير ۾ مهمان بہ اچڻ شروع ٿيندا ويا.

سونل بہ فاطمه کي پارلر تان وٺي هال جي ٻاهران گاڏيءَ مان سندس ساهيڙين ۽ ماساتين جي سٿ ۾ هال ۾ اندر داخل ٿي تہ موويءَ ۽ ڪئميرائون آن ٿيون ۽ ائين سڀني جون نظرون ڪنوار تي ڪِتجي ويون ۽ هوءَ سڀني سَٿ ۾ اسٽيج تي اچي ويٺي. ٿوري دير کان پوءِ گهوٽ بہ پنهنجي مائٽن ۽ دوستن سان گڏ دهل شرنائن جي استقبال ۾ ڳائڻ کان پوءِ اچي اسٽيج تي ڪنوار سان گڏ ويٺو.

اُتي هال ۾ ان مهل موقعو وٺي هڪ پاڙيسرڻ وڏي اچي سونل جي ماءُ کي ٽوڪيندي چيو: ”ڇو ڀلا تون وڏيءَ ڌيءُ کي ويهاري ننڍي ڌيءُ جي شادي پئي ڪرائين، سونل جي تہ عمر بہ آهي، مومل تہ ننڍي آ. اجا تہ هوءَ پڙهي پئي.“

سونل جي ماءُ وٽ تہ ڪو جواب نہ هو، ڳالهہ ٻڌندي ئي وسامجڻ لڳي، پر ڀر ۾ سندس ڀيڻ هُن جي مٺ کي ڏسندي مائيءَ کي وراڻي ڏيندي چيو تہ: ”ادي اهي تہ نصيبن جون ڳالهيون آهن، ٻيو تہ اڳيون دور نہ آهي جو هرويرو پهرين ڌيءَ جي شادي ڪرائڻي آهي، جيڪڏهن ننڍين نياڻين جون بہ مِٽيون جڙي ٿيون اچن تہ ڇو نہ ڪري ڇڏجن.“ مائي جواب ٻڌي لاجواب ٿي وئي ۽ اتان وڃڻ ئي غنيمت سمجهائين.

سونل جي ماءُ هونئن ئي اداس هئي ويتر اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس ۽ پاڻ کي ويچاري سمجهڻ

لڳي. اها حالت ڏسندي هُن جي پيءُ سندس ڪلهي تي هٿ جو هلڪو آٿت ڏنو تہ هُن پنهنجي اکين کي رئي جي پلاند سان اُگهيو ۽ ايندڙ مهمانن سان ملڻ ۾ لڳي وئي ۽ ائين نڪاح جو بہ وقت ٿيو ۽ نڪاح جون هرڪو هڪٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳو، پوءِ مانيءَ کائڻ جو وقت ٿيو. ڪجهہ مهمان اسٽيج تي وڃي ڪنوار ۽ گهوٽ سان ملڻ ۾، ۽ ڪي فوٽو ڪيرائڻ ۾، ڪي مووي پرائڻ ۾ لڳي ويا. ائين اڌ رات گذري وئي. پري پري جا مهمان سڀ روانا ٿي ويا، باقي پنهنجا مِٽ مائٽ لائين جي رسمن تائين ۽ ڪنوار گهوٽ جي موڪلائيءَ تائين ويٺل هئا ۽ ائين رسمون صبح جو وڃي ختم ٿيون.

فاطمه جي وڃڻ جي گهڙي آئي تہ سڀ گهر جا ڀاتي اداس ٿي ويا. فاطمه موڪلائڻ شروع ڪيو تہ سڀني جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا پاڻ سڀني سان موڪلائڻ مهل روئي پئي. سڄو ماحول ڏک ۾ ٻُڏي ويو، پر گهوٽيتن موڪلائيءَ مهل هال جي گيٽ تي دهل شرنايون شروع ڪرايون ۽ نچڻ ڳائڻ شروع ڪيو تہ ماحول ٿورو بهتر ٿيو ۽ ائين فاطمه پنهنجي گهوٽ سان گاڏيءَ ۾ رواني ٿي وئي ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي گاڏي ۾ چڙهي گهر روانو ٿيو.

جڏهن هيءُ سڀ گهر جا ڀاتي گهر آيا تہ ڄڻ هنن کي گهر خالي خالي لڳو، سونل جي ماءُ تہ ڄڻ اندر ۾ پُري پئي هئي، پر ڪنهن کي ٻڌائي. ڪجهہ ڏينهن ڪاوڙ ۾ هُن سونل سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. جيڪو سونل بہ محسوس ڪيو، پر هوءَ ڇا ٻڌائي تہ هوءَ پاڻ اندر ۾ ڪيتري پُريل، ڪيتري ڏٺل آهي.

فاطمه جي شاديءَ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ سونل پنهنجي نوڪريءَ لاءِ مختلف جاين تي پنهنجا ڪاغذ موڪليا هئا ۽ انٽرويو بہ ڏئي آئي هئي، ۽ اڄ جڏهن هن کي هڪ پرائيويٽ اسڪول طرفان نوڪريءَ جي آڇ جو ليٽر ٽي.سي.ايس ۾ مليو، هوءَ اڄ ڏاڍي خوش هئي ۽ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي اِهو ليٽر ڏيکاريو. سونل جو پيءُ تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مٿي تي هٿ رکي مبارڪون بہ ڏنيون، پر هُن جي ماءُ کي ڪا خوشي نہ ٿي. هوءَ ماءُ جي منهن ۾ نهاري نہ سگهي، ۽ پاڻ کي قصوروار بہ سمجهڻ لڳي، پر هن کي نوڪري ڪرڻي هئي ۽ ائين هُن اسڪول ۾ نوڪري جوائن ڪئي ۽ پاڻ کي مصروف ڪري ڇڏيو.

ڪجهہ ڏينهن کان سونل کي فاطمه ٿي ياد آئي. ڪمرو بہ خالي خالي ٿي لڳس ۽ هاڻي تہ ننڊ بہ ڦٽي ويندي هئس. خواب بہ عجيب عجيب ڏسندي هئي ۽ جهٽ ۾ اکيون کولڻ چاهيندي هئي، پر اکيون کولي نہ سگهندي هئي، اڄ هن چاهيو تہ ماءُ کي پنهنجي ڪمري ۾ سُمهاري، پر همت نہ ڪري سگهي. پهرين ئي سندس ماءُ هن سان ٿورو ڪاوڙيل بہ هئي.

سڄي رات گذرڻ تي هئي، پر هِن جو دماغ سجاڳ هو، هن ٿوري دير اکيون بند ڪيون ۽ هِن جي اک لڳي تہ ننڊ ۾ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيائين. ”پليز مون کي ڇڏيو، پليز مون کي ڇڏيو.“ ائين چوندي چوندي هن جون اکيون کُليون تہ هوءَ پگهر ۾ سڄي شل ٿي وئي هئي، هوءَ بيڊ تي اٿي ويٺي ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳي، ۽ سائيڊ ٽيبل تان پاڻي کڻڻ لاءِ گلاس کنيائين. اوندهہ جي ڪري، گلاس پٽ تي ڪِري پيس ۽ گلاس ٽٽڻ جو آواز ٿيو. برسان ڪمري ۾ سندس ماءُ جڏهن گلاس ٽٽڻ جو آواز ٻڌو تہ سندس ڪمري ڏانهن ڀوڳندي آئي، ڪمري جي لائيٽ ٻاريائين. جڏهن سونل کي هن حالت ۾ ڏٺائين تہ پريشان ٿي ويئي. سونل سڄي ڏڪي رهي هئي ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻي رهي هئي. سندس ماءُ تڪڙ ۾ رڌڻي ڏانهن وئي ۽ گلاس کڻي آئي ۽ جڳ مان پاڻي ڀري هُن کي ڀاڪر ۾ پريندي پيارڻ لڳي. ڪجهہ دير تائين سونل ماءُ کي ننڍڙن ٻارڙن جيان چنبڙي پئي ۽ گوڏي تي ننڍڙن ٻارڙن جيان ليٽي پيئي. ٿوري دير سامت ۾ اچڻ کان پوءِ ماءُ جي گوڏي تان اُٿي پاڻ سنڀالڻ لڳي. سندس ماءُ هن کي ڏسي پريشان ٿي وئي ۽ هُن کان پڇڻ لڳي، ”ڌيءُ توکي ڇا ٿيو تون ٺيڪ تہ آهين نہ، لڳي ٿو تو ڪو ڀوائتو خواب ڏٺو آهي.“

هوءَ پنهنجي ماءُ جي ڳالهائڻ تي چڙ چڙڪجي پئي، پر همت ڪري جواب ڏنائين، ”ها امان لڳي ٿو مون کو خواب ئي ڏٺو آهي، هاڻي مان ٺيڪ آهيان، اوهان ڀلي وڃي آرام ڪيو، مان به ٿوري دير سمهان ٿي.“

سندس ماءُ ته هلي وئي، پر هوءَ اکيون بند ڪري نه پئي سگهي، سندس کي لڳو ته جيئن پاڻ اکيون بند ڪندي ته خواب وري هن کي پريشان ڪندو. ان لاءِ سڄي رات اکيون کولي ويهي رهي ۽ ائين صبح ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن شام جو سونل جي ساهيڙي مُرڪ جي ننڍي ڀيڻ سپيءَ جي سالگره هئي، پنهنجي ماءُ کان اجازت وٺي پنهنجي پاءُ سان گڏ مُرڪ جي گهر وئي.

شام جو هُن جي ماءُ، ڪپڙا الماريءَ ۾ رکڻ لاءِ سندس ڪمري ۾ وئي، ان وقت سڄي الماريءَ جا ڪپڙا هيٺ مٿي لڳا پيا هئا.

’هِن ڇوڪريءَ کي ته هوش ئي نه آهي، جڏهن کان اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ لڳي آهي ته هن کان ته سڀ شيون ڇڏائجي ويون آهن، الماريءَ جي حالت ڇا ڪئي اٿس. هوءَ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي. الماريءَ مان سڀ ڪپڙا ڪڍي بيڊ تي رکندي وئي. ڪپڙا جيئن بيڊ تي رکڻ لڳي ته ڪجهه ڊائريون اچي پَٽ تي ڪِريون ۽ ان مان ٻه ٽي فوٽو به پٽ تي ڪِريا، ۽ ٻن ٽن اخبارن جون ڪٽنگس پڻ ان ڊائرين مان هيٺ ڪِريون. سندس ماءُ ڊائريون، فوٽو ۽ اخبارن جون ڪٽنگس پٽ تان کنيون، ۽ بيڊ تي ويهي رهي.

هيءُ فوٽو ته اُهي هئا جن ۾ سونل ۽ مُرڪ کي يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس جي ڊگري ملي هئي، ۽ انهيءَ تصوير ۾ سونل ۽ مُرڪ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر کان ڊگري وصول ڪري رهيون هيون ۽ پر ۾ هڪ فل سوٽ شخص بيٺل هو، ان جي ئي تصوير سڀني تصويرن ۾ ڦاٽل هئي ۽ وري اخبارن جي ڪٽنگس ۾ به ان جي ئي تصوير ڦٽنچي سان ڪٽيل هئي. هوءَ پريشان ٿي وئي ۽ دل ۾ عجيب وهم وسوسا وڪوڙجندا ويس، سوچڻ لڳي ته ڪٿي...... نه نه... ائين نه ٿو ٿي سگهي.

تصويرون ۽ اخبارن جون ڪٽنگس بيڊ تي رکيون، ۽ وري ڊائرين کي کولي پڙهڻ لڳي ته من ڪنهن ڊائريءَ ۾ سونل جي ڪا لکٽي لکيل هجي، جنهن مان ڪا حقيقت ظاهر ٿئي. ڇو ته هُن کي خبر هئي ته سونل کي روزاني ڊائري لکڻ جي عادت آهي.

هوءَ ٻن سالن کان اڳ واري ڊائري ڪڍي هڪ هڪ پني پني کي اڳيان پٺيان ورائڻ لڳي. ڏکي به رهي هئي ۽ آهستي آهستي پنا ورائيندي ٿي وئي ۽ ڊائري ۾ آخري پنا پڙهڻ شروع ڪيا، جتي هن کي هڪ صفحو ’ڪاري رات‘ جي عنوان سان لکيل مليو. جنهن ۾ لکيل هو.

منهنجي دوست مُرڪ کي سندس ڊپارٽمينٽ جي استاد آفيس ۾ سڏايو، مُرڪ مون کي به پاڻ سان گڏ وٺي هلي ۽ انهيءَ استاد، مُرڪ کي ۽ مون کي به مبارڪون ڏنيون، ۽ ائين ڳالهائيندي ڳالهائيندي هُو ڪرسيءَ تان اُٿيو ۽ مُرڪ جي ويجهو اچي هُن جي ڪلهي تي هٿ رکيو. مُرڪ سڄي پگهر ۾ شل ٿيندي وئي، هوءَ ڪجهه ڪُڇي نه سگهي ۽ ڊپ ۾ ونجي وئي، پر مون کي الائي ڪهڙي همت اچي وئي، جو اُن استاد کي چماٽ وهائي ڪڍي. انهيءَ وقت استاد پنهنجي بيعزتي محسوس ڪئي ۽ ڪجهه ڪُڇي نه سگهيو، پر هن آخر ۾ اهو چيو ته: ”اوهان کي ان جو جواب ضرور ملندو.“

”ها ها اوهان کي جيڪو ڪرڻو آهي اُهو ڪيو مان ڊڄڻ وارن مان نه آهيان، اوهان ڇا ٿا سمجهو ته اسان ڇوڪريون ڪمزور آهيون ۽ اها اوهان جي ڀُل آهي. آءٌ چاهيان ته اوهان تي حريسمينٽ جو ڪيس ڪرائي ٿي سگهان.“ مان جذباتي ٿيندي ويس ۽ مُرڪ منهنجو هٿ جهليندي مون کي ٻاهر وٺي وئي.

مُرڪ ته ڏاڍي ڊنل هئي ۽ ڪجهه ڏينهن مون کي جڏهن به اهو منظر ياد ايندو هو، ته دل چوندي هئي ته هُن استاد کي ڪا سيڪٽ ڏجي، پر مُرڪ جي منع ڪرڻ تي آءٌ خاموش رهيس، پر اها خبر

نہ هئي تہ اها خاموشي مون کي بہ هميشہ لاءِ خاموش ڪري ڇڏيندي، مان جيڪا ايڏي بولڊ هوندي، ٻپ ڪان ڪنهن سان بہ ڳالهہ شيئر نہ ڪري سگهيس، بس دل ئي دل ۾ لُڇندي ۽ ڦٿڪندي رهيس.

سندس ماءُ جڏهن ڊائري پڙهي بس ڪئي تہ هن جي اکين ۾ ڇڻ ترورا ايندا ويا، سڄي پگهر ۾ شل ٿي وئي هئي ۽ هن جا حواس ئي جواب ڏئي ويا. هوءَ ڏکي رهي هئي. هُن کي ڪيتري دير ڪان هوش نہ هو، ۽ هوءَ پنڊپهڻ ٿي اُن ڊائريءَ جي هڪ هڪ لفظ کي دل اندر ۾ وڏي ڪَرب مان لاهيندي ٿي وئي ۽ ڄڻ سڪتو طاري ٿي ويس.

هُن کي چار سال اڳ سونل جي يونيورسٽيءَ ۾ ايڊميشن ۾ سليڪشن وقت خوشيءَ جو منظر اکين اڳيان اچي ويو. ڪيئن نہ سيني کي ڀاڪر پائي فخر مان جهمريون هڻي رهي هئي ۽ اها ٻچڙي....... منهنجي .......... ايتري وقت ڪان............هوءَ اندر ۾ ڇڇي پئي.

ڪجهہ دير تائين پاڻ ڪمري ۾ ڊائريون، فوٽو ۽ اخبارن جي ڪٽنگس کي هٿ ۾ رکي ويٺي، هن کي خبر ئي نہ پئي تہ سونل بہ هن جي مٿان اچي بيٺي ۽ جڏهن سونل، ماءُ جي هٿن ۾ ڊائريون، فوٽو ۽ اخبارن جون ڪٽنگس ڏٺيون تہ گهٻرائجي وئي. هوءَ ماءُ ڏانهن بہ نهاري نہ سگهي، پلنگ تي پرس رکي هوءَ ماءُ جي پير ۾ خاموشيءَ سان ويهي رهي.

ان وقت ٻنهي جي اکين ۾ لڳاتار ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا ۽ ٻنهي اندر جي درد کي اورڻ لاءِ هڪٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀريو.

نئون ڪتاب




**ڪتاب:** ماءُ منهنجو جندڙو

**ليکڪ:** جهان آرا سومرو

**موضوع:** ڪهاڻيون

**ڇاپو:** **2017**ع

**قيمت:** -/300 رپيا

**ڇپائيندڙ:** پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس. ڪراچي

عام طور تي اسان وٽ "نڪته چيني" کي "تنقيد" چيو ويندو آهي. پر حقيقت ۾ ائين ناهي، جيڪڏهن اوهان دنيا جي وڏن وڏن ليکڪن جي انٽرويوئن، ليڪچرن ۽ مضمونن کي پڙهندئو ته انهن مختلف لفظن ۾ "تخليقي ادب" جي هڪ ئي وصف (definition) بيان ڪئي آهي. اها ڪجهه هن ريت بيهي ٿي ته، "زندگيءَ جي هزارها مختلف پهلوئن کي ڳولي ائين پڌرو (Explore) ڪرڻ جو اها لڪٿي هڪڙي طرف پڙهندڙ جي حسن جمال (aesthetic Sense) کي ڇهي، ته ٻئي پاسي پڙهندڙن جي ذهن ۾ سوال جڳائي وجي. "جاڪاڻ ته زندگيءَ جا مسئلا پڙهندڙ کي حل ڪرڻا آهن ۽ ليکڪ ڪو مبلغ نه هوندو آهي، جيڪو پروپيگنڊا ڪندو وتي. اهڙي ئي طرح "تنقيد" جي اها ڊيفينيشن سامهون اچي ٿي، ته، "تنقيد اُنهيءَ کي چئبو آهي، جنهن جا تخليقي ادب جي مختلف پهلوئن کي کولي پڌرو ڪري."

**عبدالقادر جوڻيجو**

ڪتاب "قلم جا وارث" مهاڳ، ص ١٠ تان ڪنيل

نفيس احمد شيخ



# ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.سورلي_ سنڌ جو مُحسن

سنڌي ٻوليءَ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي انگريزي ٻوليءَ جي ذريعي "بين الاقوامي سطح" تي متعارف ڪرائڻ واري اولين تاريخي ڪامياب ڪوشش جي نيڪنام مُحرڪ، سنڌ سڄڻ مُحسن جو قابل صد احترام نالو آهي: "ڊاڪٽر هربرٽ ٽاور سورلي". نه فقط ايترو، پر عالمي شاعريءَ جي تقابلي مطالعي جي پس منظر ۾، ناقدانه اڀياس ڪندي، دنيا جي چند چوندن مشهور ترين شاعرن جي فڪر سان ڀٽائي صاحب جي حيات آفرين پيغام جي ڀيٽ ڪندي، صاف ثابت ڪيائين ته "شاهه عبداللطيف ئي دنيا جو وڏو شاعر آهي."

ڊاڪٽر سورلي جو تعلق برطانيه سان هو. سندس جنم جي تاريخ 12- اپريل 1892ع آهي. انگريزن جي راڄ ۾، 1915ع ۾، ننڍي کنڊ جي سِول سروس ۾ چونڊجڻ سان هُو اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ٿيو. سُتت ئي بامبي سرڪار سندس خدمتون سنڌ ڪمشنريءَ جي حوالي ڪيون، جتي هُن ٻين ڪيترن ئي اعليٰ انتظامي عهدن تي ڪم ڪرڻ سان گڏ جيڪب آباد، حيدرآباد، نوابشاهه، سکر ۽ ٿرپارڪر ۾ ڊپٽي ڪمشنر (ڪليڪٽر) جي حيثيت ۾ خدمتون بجا آنديون، بعد ۾ 1952ع تائين پاڪستان سرڪار جي سينٽرل بورڊ آف روينيو ۾ ميمبر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين.

ڊاڪٽر سورلي سنڌ ۾ پنهنجي مصروف ملازمت جي دوران وقت ڪڍي، سنڌ جي متعدد بين علمي موضوعن سان گڏ خاص طور تي شاهه عبداللطيف جي ڪلام تي ڳوڙهي تحقيق ڪرڻ جو قصد ڪيو. وقت گذرڻ سان، شاهه صاحب جي



روح پرور پيغام جي پُربهار اثر سندس دل و دماغ تي ايترو ته پُرڪيف واڌارو ڪيو، جو انهيءَ موضوع تي، بلاناغه، باضابطه تحقيق ڪرڻ لاءِ هُن بامبي سرڪار کي استدعا ڪري پنهنجي بَدلي حيدرآباد ۾ ڪرائي، ته جيئن هُو ڀٽ شاهه جي ويجهي هجڻ سان پنهنجي محبوب شاعر تي وڌيڪ ۽ ڀرپور علمي ڪم، دلجمعيءَ ۽ خاطر خواهه انداز سان ڪري سگهي. 1926-1927ع ۾ جڏهن هُو حيدرآباد ۾ ڪليڪٽر هو، تڏهن هر جمعرات تي، پابنديءَ سان هُو ڀٽ شاهه تي پهچي سڄي رات لطيفي اڱڻ ۾ گذاريندو هو، جتي پرڀات تائين لطيفي راڳ ٻڌڻ ۽ اُن تي تحقيق

ڪرڻ سان گڏ، سگهڙن ۽ سالڪن کان شاهه صاحب بابت معلومات جمع ڪندو هو، جيڪا چندچاڻ کان پوءِ سندس مثالي تحقيق لاءِ مفيد ثابت ٿي.

37 کن سالن جي طويل عرصي جي دوران، گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ نوڪري ڪندي، سورلي صاحب، سنڌ جي ادب ۽ ڪلاسيڪي شاعري، تصوف ۽ تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي مختلف پهلوئن کان ود کان ود آگاهه ٿيڻ سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ تي دسترس پڻ حاصل ڪري ورتي. ڪيس سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ تي عبور حاصل هو. سنڌ جي مختلف موضوعن تي سندس مضمون سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي جرنل ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن.

شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ سان پنهنجي والهانه عشق جي بنياد تي، پنهنجي پي ايچ.ڊي لاءِ تحقيقي ٿيسز جو عنوان شاهه صاحب کي ئي، مقرر ڪيائين، جنهن تي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ڪيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني. "شاهه عبداللطيف آف ڀٽ" نالي سندس اهو ڪتاب 1940ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو، جنهن جي اشاعت سان شاهه صاحب جي پيغام کي عالمي سطح تي، ڀرپور تعارف حاصل ٿيو. پنهنجي اٿاهه پيار جو اهو پُرخلوص پورهيو، سورلي صاحب "سنڌ جي ماڻهن" ڏانهن منسوب ڪيو آهي.

سنڌ جي حوالي سان، ڊاڪٽر سورلي جو هڪ ٻيو وڏو علمي ڪارنامو سندس تقابلي مطالعو ميوزا پرويگنس (Musa Pervagans) آهي. انهيءَ اڀياس ۾ ڊاڪٽر صاحب، مختلف ملڪن جي مختلف معروف ٻولين (يوناني، لاطيني، فرينچ، اطالوي، عربي، فارسي ۽ اردو) جي هاڪارن نمائنده شاعرن جو چونڊ ڪلام ترجمي سان ڏيئي، سنڌي ٻوليءَ جي سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ لاءِ افضيلت ثابت ڪري پنهنجي عالمانه راءِ ڏني ته "دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي." سندس اهو ڪتاب 1952ع ۾ ابردين يونيورسٽي پريس لنڊن مان شايع ٿيو.

1952-53ع ڌاري جڏهن هُو منصبي خدمتن کان فارغ ٿيو، تڏهن سنڌ جي اُن وقت جي دانشمند منسٽر، آنربل پير علي محمد راشديءَ جي تحرڪ تي، سنڌ سرڪار کيس "سنڌ گزيٽيئر" لکڻ جو ڪم سونپيو، جنهن تي هُن صاحب ورهين جا ورهيه جيڪا عرقريزي ڪئي، سا انهيءَ جامع جلد مان صاف ظاهر آهي. بعد ۾ هُو روڊيشيا (زمباوي) لڏي ويو، جتي سالسبري (حراري) ۾ ڊسمبر 1959ع ۾ مذڪوره تحقيق مڪمل ڪري، اولهه پاڪستان سرڪار جي حوالي ڪيائين. اهو ضخيم گزيٽيئر بعد ۾ 1968ع ۾ شايع ٿيو، جنهن کي سنڌ جي علمي اثاثي ۾ هڪ خاص اهميت حاصل آهي.

سنڌ جي مُحسن ڊاڪٽر سورلي پنهنجي پوئين حياتي آفريڪا جي ملڪ روڊيشيا ۾ گذاري، سندس وفات جي تاريخ 7- آگسٽ 1968ع آهي.

مارچ 1975ع ۾ ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪيل بين الاقوامي "سنڌ صدين کان" سيمينار جي پڄاڻيءَ تي، بعد ۾ حيدرآباد ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان هڪ اسپيشل ڪانووڪيشن ۾ مشهور مستشرقه ڊاڪٽر انيمري شمل ۽ ڊاڪٽر سورلي کي ڊاڪٽريٽ جون اعزازي ڊگريون ڏنيون ويون. نيڪنام عالم جي ڊگري (بعد از مرگ) لنڊن مان آيل سندس نياڻيءَ ورتي.

◙



عبدالقادر ڪوسو

پندرهين صدي هجريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۽ سوانح جو وڏو محقق ۽ شارح

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سَتَرَسين سَگَ ڪري، پَرڪندين پياس،
نَہ تہ ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪيرڇاٽي ڪِيٽاس،
هُوند نہ سِنڌ سُياس، پَر اِنَ پُرئين ڪيس پتري.

1917ع ۾ جنم وٺندڙ ”ڳوٺ جعفر خان لغاري“ جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جو اهو عالم، لوڪ ادب جو ماهر ۽ لطيف جو شارح آهي جنهن جو وڏو ڏاڏو جعفرخان لغاري ديس جو اهو ارڏو ۽ سُورهيہ ماڻهو هو، جنهن سَرچارلس نِيپيئر کي ڳتو جواب ڏياري موڪليو هو تہ مان ڌارئي جي دربار ۾ سَلامِي نہ ڀَرينڌُس.

سنڌ ڌرتيءَ جي ڪاڙڙي خان ڪوسي پڻ ننگر پارڪر جي نَٽ بچائي ۽ سَرچارلس نيپيئر جي دربار ۾ سَلامي ڀرڻ ڪان انڪار ڪيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لاءِ پڙهيم تہ پاڻ ٻليي خان لغاري پرائمري اسڪول ۾ ابتدائي تعليم نهايت غُربت واري عالم ۾ پاس ڪئي، ان ڪانپوءِ نوشهروفيروز مدرسي ۾ مئٽرڪ پڙهيو ۽ سنڌي مسلمان هجڻ جي ناتي، سنڌس مئٽرڪ ۾ ٻي پوزيشن آئي ۽ ڪيس ويهہ رپيا اسڪالرشپ ملي. ٻارهين جماعت جو امتحان ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڏنائين، سندس خرچ وڌي ويو ۽ مفت تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جُهوناڳڙهہ ۾ ٻارهين جي داخلا ورتائين ۽ اُتان انٽر جو امتحان پاس ڪيائين. ان ڪانپوءِ عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي عربيءَ ۾ پاس ڪيائين. عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ خاڪسار تنظيم جو سرواڻ رهيو. جواهر لال نعرو ۽ قائداعظم محمد علي جناح سان بہ سندس ملاقات ٿي. سنڌ جو هيءُ برک اديب ۽ عالم عليڳڙهہ يونيورسٽي ڪانپوءِ آمريڪا جي ڪولمبيا يونيورسٽي مان ايڊيوڪيشن ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪري علم جو ڊاڪٽر ٿيو.

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ سائين جي سوانح ۽ رسالي تي ڊاڪٽر بلوچ کان پهريائين جن مُحققن ۽ شارحن ڪم ڪيو آهي، انهن ۾ ايچ.ٽي سورلي، ميرعبدالحسين خان سانگي، ميرعلي شير قانع ٺٽوي، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ليلارام وطڻ مل لالواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، مولانا دين محمد وفائي، مرزا قليچ بيگ، جيٺمل پرسرام، پيرومل مهر چند آڏواڻي، علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽو، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد عثمان ڏيپلائي، علامہ آءِ.آءِ قاضي، غلام محمد شاهواڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي، ٻانهون خان شيخ، سميت ٻيا بہ ڪوڙ سارا سنڌي عالم آهن جن شاهہ سائين جي سوانح ۽ رسالي تي سگهارو قلم کنيو آهي پر مُنهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن محقق شاهہ سائين بابت جيڪا ڄاڻ ڏني آهي، اها پهريان وارا محقق ۽ شارح شايد ڏئي نہ سگهيا آهن.

مثال طور: شاهہ ڪٿي ڄائو؟ ننڍپڻ ڪٿي گذاريائين؟ شاهہ لطيف اڻپڙهيل هو يا پڙهيل؟ شاهہ جي جوانيءَ وارو وقت ڪٿي ۽ ڪيئن گذريو؟ شاهہ جي شادي ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي؟ شاهہ حبيب ڪڏهن ۽ ڪٿي وفات ڪئي؟ ڀٽ تي راڳ ڪڏهن شروع ٿيو؟ ڀٽائي جي وفات ڪانپوءِ گادي نشينيءَ جو مسئلو ڪيئن حل ٿيو؟

هن سيني سوالن جا جواب ڪنهن حد تائين تسلي بخش صرف ئي صرف جيڪڏهن ڏئي سگهيو آهي تہ اهو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ئي آهي.

بلوچ صاحب جي تحقيق کان پهريائين ميرعلي شير قانع ٺٽوي پنهنجن ٽن ڪتابن- معيار سالڪانِ طريقت، تحفة‌الڪرام، مقالات الشعراء ۾ رقم طراز آهي تہ: شاهہ سائين تارڪ هو. پر ڊاڪٽر

تحقيقي رٿائن جي نگراني نه ٿيڻ.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن ڪيترن اهم موضوعن تي تحقيقاتي ڪارناما سرانجام ڏنا، پر مُنهنجي خيال ۾ سڀني کان وڌيڪ جيڪو سگهارو ڪارنامو آهي، اُهو آهي شاهه سائين جي رسالي تي تحقيقي ڪم، جيڪو هن اڌ صديءَ کان وڌيڪ محنت جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڪري ڏهن جلدن ۾ شايع ڪيو ۽ شاهه سائينءَ جي رسالي جي الفاظن جي لغت ”روشني“ نالي لکي. هيءُ ڪم سندس زندگيءَ جو عظيم شاهڪار رهندو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 1980ع کان 1988ع تائين اهو مواد تقريباً ڇهه هزار صفحن تي لکيو جنهن ۾ لفظن، اصطلاحن ۽ شاهه جي ڪم آندل خاص محاورن جي تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي. ڊاڪٽر صاحب هڪ پورو جلد شاهه جي ڪلام جي لغت لاءِ لکيو آهي، جنهن ۾ اٽڪل ويهه هزار لفظن ۽ محاورن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي لکي آهي.

ڪنهن به محقق جي تحقيق تي نقاد بنجي تنقيد ڪرڻ يا ان جي تحقيق جي تعريف ڪرڻ لاءِ به علم جي ضرورت پوي ٿي ۽ پوءِ به ان محقق لاءِ ڪا راءِ ڏيڻ حتمي فيصلو نه آهي. مان ڪو شاهه جي ڪلام جو پارکو نه آهيان، پر پنجيتهن سالن سان وٺي شاهه سائينءَ جي ڪلام سان ايترو عشق رهيو جو غريب الغات، لغاتِ لطيفي، ڊاڪٽر گربخشاڻي جي شرح، نجف علي شاهه ڪمتر نقوي جي لُغت ”ٻاروچي بولي“ ۽ شاهه سائين جا اٽڪل ويهه عدد رسالا پڙهيا اٿم جن ۾ بمبئي ڇاپو ۽ هڪ عدد هٿ اکريءَ وارو رسالو به شامل آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو شاهه سائين بابت پروگرام ”پُڇَن سي پَسَن“ 1987ع کان ٻڌندو پيو اچان. حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جو اڳوڻو اِسٽيشن ڊائريڪٽر عنايت بلوچ، ”پروگرام پُڇَن سي پَسَن“ جو ڪمپيئر خادم حسين بلوچ، پروڊيوسر گل حسن قريشي، ڪوثر برڙو، علي نواز خاصخيلي، نصيرمرزا، پروگرام فتح خان جي ڪچهريءَ ۾ سيد صالح محمد شاهه جو آواز ۽ پروگرام ”يادون وِسرنديون ڪونه“ ۾ عبدالغفور ڪوسي ۽ امين ارباب جا آواز اڄ به مون کي چڱيءَ طرح ياد آهن ۽ انهن آوازن ۽ شخصيتن جو اثر قبول ڪري شاهه سائينءَ بابت لوچيندو رهيس.

شاهه سائينءَ جي ساليانو عرس ۾ ادبي ڪانفرنس جي نشستن ۾ ممتاز مرزا صاحب ۽ علڻ فقير کي اسٽيج تي تمام ويجهي کان ڏٺم ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ سائين مخدوم طالب المولىٰ کي پڻ شاهه سائين جي ادبي ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي ٻُڌم. مٿيان سڀئي شوق مون کي شاهه سائينءَ جي عقيدت ۾ جاڳيا.

مٿئين تفصيل لکڻ کان پوءِ ۽ شاهه سائينءَ جي عشق ۾ ڪجهه مواد لکڻ جي شوق ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان خط و ڪتابت ٿي.

مان هن مضمون ۾ اها ڳالهه ضرور لکندس ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو آهي، ان ۾ بيتن ۽ واين جو تعداد ڇاپي ۽ قلمي رسالن ۾ ڏنل مواد کان ڪافي گهٽ ضرور آهي، پر جيڪا ڇنڊڇاڻ ڪري وزنائتيون پڙهڻيون ۽ سِٽون ڊاڪٽر صاحب لکيون آهن، اُهي ڪمال جون آهن. اختلاف رکڻ جو هر ڪنهن کي حق حاصل آهي، ڪير به حرفِ آخر ٿي نه ٿو سگهي، هاڻي ڏسو ته هيٺئين بيت ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪا سِٽ سمورن رسالن سان پيڻي لکي آهي، اُها ڪيتري نه وزندار ۽ فڪر جي لحاظ کان اڳلن رسالن ۾ آيل سٽ کان وڌيڪ عُمدي ۽ معنيٰ خيز آهي.

اکيُن لٽ اوتاريُون، ڪِنهِ ۾ ڪَرِيان پير،
لٽ لاٽيندو ڪير، مُون جيهِيءَ معذورکي.
(آبري)

ڊاڪٽر بلوچ کان اڳ وارن سڀني ڇاپي رسالن ۾ هيٺين سٽ هن طرح لکيل آهي:

لٽ لاهيندو ڪير، مون جيهيءَ معذور تان.
(آبري)

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ اهڙا سوين مثال لکيا آهن جيڪي ڏهن جلدن ۾ پڙهي سگهجن ٿا، ائين نٿو چئجي ته جيڪو ڪجهه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ترتيب ڏني ويو آهي، اهو حرفِ

ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي



# ڊاڪٽر پريم 'پرڪاش'

## تجرباتي- ائبسرڊ ناٽڪ جو باني

قدرت جو نيم آهي بدلاءُ. ڪائنات جي هر چيز ۾ بدلاءُ ايندو آهي ۽ اهو ضروري بہ آهي. ساهت ۾ بہ بدلاءُ وقت بہ وقت ايندو رهي ٿو. جيئن ڪنهن ڳالهہ جو روزانو ورجاءُ بوريت آڻيندو آهي، ساڳيءَ طرح ڪلا جو ڪوبہ ماڌيم ساڳيو ساڳيو دهراءُ، هڪ ئي طرز- ڍنگ سان هلڻ ڪري درشڪن ڪي نراس- نااُميد، بور ڪندو آهي ۽ تڏائيءَ جو باعث بڻجندو آهي. ساڳي ڳالهہ، سنڌي ناٽڪ سان پڻ آهي، اُن ڪي جديد بڻائڻ ۽ تازگي بخشڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن.

ناٽڪ کيتر ۾ پڻ هڪ نئين ڌارا جي شروعات ٿي، جنهن کي نئون ناٽڪ، ائبسرڊ ناٽڪ يا تجرباتي ناٽڪ سڏيو وڃي ٿو. سنڌي ناٽڪ کيتر ۾ نوان نوان تجربا ڪندڙ، سنڌي تجرباتي ناٽڪن جو پيڙهہ جو پٿر رکندڙ، محقق، تاريخي شخصيت، سنڌي تجرباتي- ائبسرڊ ناٽڪن جو باني، ڊاڪٽر پريم 'پرڪاش' تجرباتي- ائبسرڊ ناٽڪن جي نئين ڌارا جو آغاز سنڌي ڊراما ورڪشاپ احمدآباد مان ڪيو. ڪمرشيل روايتي، مذاقي ۽ اسٽاپٽ ڪيل. ليڪ کان هٽي هن گروپ الڳ نوع، ڍنگ ۽ شئليءَ وارا ناٽڪ شروع ڪيا. ائين تہ گوبند مالهيءَ جي ناٽڪ 'جهوءَ جي ڪناري' کي هن شروعات جو هڪ ننڍڙو تجربو سڏي سگهجي ٿو، پر سنڌي ڊراما ورڪشاپ امپرووائيزيشن ۽ مائيم کي آڌار بڻائي هن نئين ڌارا کي اڳتي وڌايو. امپرووائيزيشن، ڪنهن بہ وشيہ کي کٽي اُتي جو اُتي سوچي، حرڪتون، اشارا، ڪريائون ڪري، گفتگو پيش ڪري ڊراما خلقيا آهن. 'مائيم' ۾ بنا ڊائلاگ سارِيرڪ ڪريائون، هاو ڀاو پيش ڪيا ويندا آهن ۽ جڏهن رياض سان پختا بڻبا آهن، تڏهن هڪ ناٽڪي روپ اختيار ڪندا آهن.

هن سنسٿا طرفان پيش ڪيل ناٽڪ 'وڻ'، 'ڪوئي ڪڏهن ايندو'، 'ترقي'، 'موبائيل مسائا'، 'پردا'، 'ڪاٺ'، 'جڏهن زندهہ هوندا هئاسين'، 'هن جو ڊپ'، 'ديوار موٽي آهي'، 'ايڪانڪيون ۽ امپرووائيزيشن'، 'مورچابندي'، 'فرشتن جي دنيا'، سنڌي تجرباتي ڪيل ناٽڪ 'جلوس'، 'اسپارٽڪس'، هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيل ناٽڪ، ناٽڪ جي جديد موضوعن ۽ پيشڪش جي نون تجربن ناٽڪ لاءِ نئين ڌارا اپنائيندي ناٽڪ ليکن ۽ منچن جي خيال کان ڪافي بدلاءُ آڻيندي سنڌي درشڪن اندر گنڀير ناٽڪ ڏسڻ جو لاڙو پيدا ڪيو.

نئين قسم جو بدلاءُ نہ فقط احمدآباد، پر سڄي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇانئجي ويو. ڪيترن ئي تعليمدانن، ماهرن ڊاڪٽر پريم پرڪاش کي دل کولي داد ڏنو تہ ڊراما ورڪشاپ جي آجيان ڪندي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ 'سنگيتا' مخزن ۾ لکيو آهي تہ:

"بهرحال مان تہ هاڻي مذاقي ناٽڪن مان بيزار ٿي پيو آهيان، جو اصلوڪن گنڀير ناٽڪن لاءِ پيو واجهايان، شڪر آهي آخر منهنجي تمنا پوري ٿيڻ جا آثار ڏسڻ ۾ پيا اچن. تازو احمدآباد مان هڪ اُتساهي نوجوان پريم پرڪاش جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌي ڊراما ورڪشاپ برپا ٿيو آهي، جيڪو پنهنجا

انساني نقلي مکوٽن، ڀھروپي چھرن، انسان جي اندرئين ۽ ٻاھرئين وھنوار کي به چٽو ڪن ٿا.

'ڪاهي' ناٽڪ ۾ هڪ ماستر ڪيئن نه پنهنجي گهر ڪان پري اپ ڊائون ڪري زندگيءَ جون ذلتون ۽ عام لعنتون ڪٽي نوڪري ڪري ٿو ۽ جدا جدا انسانن پرنسيپال، مئنيجر، ليبر، آفيسر، انسپيڪٽر ۽ ٻين جهڙن اڳيان ڪيئن غلامن جيان رهي ٿو، ڊڄي ٿو ۽ هر وقت ديوٽي لاءِ وڃڻ ڊپاءِ هيٺ جيون بسر ڪري ٿو، جا چٽ چٽيل آهن ۽ هُو خفي ٿي، ڪاوڙ ۾ اهڙن انسانن ۽ ٽرسٽ جي ميمبرن کي بد شد ڳالهائي ٿو يا پليٽفارم- ويٽنگ روم ۾ ويهي ٽرين جي اچڻ جو انتظار ڪندي، ٻاٿ روم ۾ هر هر وڃڻ جون ڪريائون ڪري ڪندو رهي ٿو. ناٽڪ نويس اهو ڏيکارڻ چاهيو آهي ته اها 'ڪاهي' ٿي آهي جنهن ۾ ايماندار، صحيح انسان گر ٿيندو ۽ ڪرندو وڃي ٿو. هُو پنهنجي نجيپٽي، شناخت کي وڃائي ٿو. زندگيءَ جي معنيٰ هٿڻ، اجاين گهڙين پلن ۾ پنهنجو وقت برباد ڪندي، زندگي وڃائيندي، ڪاهيءَ ۾ ڪري پوي ٿو.

'پيڙهيءَ جو عشق' ۾ وڌندڙ عمر، ٻڍاپي جون باريڪيون، گنڀير طنز سان گفتگو رستي اڳتي وڪاس ڪنديون رهن ٿيون. هن ناٽڪ ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو فن اعليٰ آهي. هن ناٽڪ ۾ زندگيءَ جي تمام بيهودگين کي شدت سان اُجاگر ڪيو ويو آهيءَ جدا جدا طرز ڪيُ چٽيو ويو آهي.

ناٽڪ نويس ناٽڪ ۾ ماحول جي عڪاسي، پلن گهڙين جي هر چُرپُر، هڪ چترڪار جيان جهڙي اُن جي تصوير پيش ڪئي آهي ۽ اُنهن گهڙين کي معنيٰ خيز بڻايو آهي.

'فيصلو' ٻال ناٽڪ آهي، اسڪول، اسڪول ٽرسٽون ٻاهران پل ڪيتريون به شاندار نظر اچن ٿيون، پر اُهي اندران ڪيتريون کوکليون آهن. ٽرسٽين جا چهرا ڪيترا ڀھروپي آهن. اُهو ٻارن جي مُک مان چوائڻ هڪ پنهنجو پاڻ ۾ نواڻ آهي جيڪا ٻارن ذريعي اهڙن ڀھروپين تي تکي طنز آهي.

'عمر جو پنجون ڏهاڪو' ۾ استري پرش جي مان اپمان جي من جي حالتن جا چٽ چٽيل آهن، وڌندڙ عمر يا جوانيءَ جي ڍلجڻ کان پوءِ عورت مرد جي رشتن ۾ جو غلط فهميون ۽ شنڪائون پيدا ٿين ٿيون ۽ اُنهن جا ڪهڙا ڪهڙا سبب آهن. عمر جي پنجين ڏهاڪي ۾ اُهو پيار، محبت، سِک، چِڪ نٿي رهي. اهو سڀ هن ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ نواڻ آهي.

'ڪجهه ڪجهه'، 'آواز'، 'ڪجهه نه ڪجهه' ۽ 'لوچو' هڪ اداڪار امپرووائيزيشن آهي، جن کي ورڪشاپ جي ڪوشش سڏي سگهجي ٿو.

هن مجموعي جا باقي ناٽڪ ائبسرڊ پرمپرا جا آهن. سڀني ناٽڪن جي ڀاشا فيلسوفيءَ سان ڀرپور طنزيه آهي. حاضر جوابي گفتگوءَ کي اڳتي وڌائيندڙ جوابي تز وقتائتي ۽ ناٽڪ جي اوسر کي ضرورتن ۽ حالتن مطابق خود به خود اڳتي وڌائيندڙ آهي جا ناٽڪن جي هڪ خوبي ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي لکٽيءَ جي ڏاهپ آهي. ڊاڪٽر صاحب وٽ زندگيءَ کي جيئڻ ۽ ماڻڻ جا انيڪ فلسفا آهن، جنهن جو اُپيوگ پنهنجي سوچ سمجهه سان جدا جدا ناٽڪن ۾ ڪيل آهي. ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ڊاڪٽر صاحب جي باري ۾ رايو ڏنو آهي:

"پريم پرڪاش گهٽي ۾ گهڻا تجرباتي ناٽڪ لکيا ۽ پيش ڪيا آهن، ناٽڪن سان سندس لڳاءُ ٻي جوڙ آهي، هُو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ادارو آهي(4)."

مان ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي راءِ سان سهمت آهيان. ڊاڪٽر صاحب کي ڀهڳتي شخصيت جو مالڪ سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ڇو جو، هُو ناٽڪ نويس سان گڏوگڏ هدايتڪار، اداڪار ۽ بهترين چترڪار ته آهي ئي، پر نئين ڪهاڻي ۽ نئين ڪوتا پڻ رچيندڙ آهي. ڊاڪٽر پريم پرڪاش جدا جدا ڪهاڻين جو ناٽڪ

روپانتر پڻ ڪيا آهن جيڪي منچ ۽ آڪاشوائيءَ تان پرسارت ٿي چڪا آهن خاص ناٽڪ آهن، هن جو ڏيپ، سخت ڇهري وارو ماڻهو، راجڪماريءَ جو ضد، پاڻ کان ڏاريا، گهنٽي، سڏ، عوام ۽ مشين ۽ ٻيا پڻ ڪيترائي.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌي ادبي ڪيتر ۾ ڪهاڻي ڪلاس هلائڻ جو پڻ باني رهيو آهي. هن اکل ڀارت سطح جا چڱا ڪهاڻي ڪلاس هلايا آهن، جنهن ۾ ڀارت ڀر جي نون چاهي بزرگ، وڏي پيڙهيءَ جي ڪهاڻيڪارن شرڪت ڪري پنهنجون ڪهاڻيون پيش ڪيون. ڪهاڻي ڪلاس سنڌيءَ ۾ پنهنجي ليکي هڪ نئون ادبي تجربو ته آهي، پر سنڌي ڪهاڻي جي وڪاس ۾ پڻ هنن هڪ طرف ڏني آهي ته وري سنڌي ڪهاڻيءَ جو هر ڪنڊ کان تنقيدي جائزو وٺڻ ڇڪاس ڪرڻ ۾ اهم ٻٽيو آهي.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جا ڪيترائي طويل ايڪانڪي پڻ تجرباتي آهن.

'مورچابندي' ڪن ليکڪن هن مجموعي کي طويل ناٽڪ سڏيو آهي. موضوع ۽ فارم جي لحاظ کان هڪ نه پر انيڪ شخصن جي جيون ۾ انيڪ مورچابنديون ٿينديون رهن ٿيون جنهن جا چٽ هن مجموعي جي ناٽڪ ۾ پسڻ لاءِ ملن ٿا.

انسان جي جيون ۾ سياسي، قانوني، مالي بندوبست جتي هُو رهي ٿو، اُن جي چوگرد جو ماحول، شهرن، سوسائٽي، حالتن، وقت به وقت گهٽجندڙ واقعن، گهٽنائن ۽ ٻين پنهنجن ماڻهن طرفان گهيراءُ، مورچابنديون سڌي نموني يا اڻ سڌي نموني ٿينديون رهن ٿيون. ايڪانڪيءَ جو پلاٽ ۽ ڪمپوزيشن جيڪا نظر اچي ٿي، اها ڪجهه هن ريت آهي:

ناٽڪ ڏسندڙ چوڌاري اداڪارن جي، درشڪن جي منچ تي ناٽڪ ڪيڏيندڙ اداڪارن جي چوطرف مورچابندي، فارم اندر، اُن جي اندر فارم جي مورچابندي، ساڳي حالت موضوع سان به آهي، هڪ اندر ٻيو، ٻئي اندر ٽيون .... ان ريت سلسلو هلندي موضوع جون مورچابنديون ٿينديون رهن ٿيون اهي ڳالهيون بندوبست، اداڪارن، گفتگو ذريعي هن وڏي ايڪانڪيءَ ۾ جوڙيو آهي. هيءُ ايڪانڪي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تجربو آهي. هيءُ ناٽڪ سياسي طنز جو سنڌيءَ پهريون ناٽڪ آهي جنهن ۾ پلاٽ، نائڪ، نائڪا، واقعن، گهٽنائن جو ڪوبه سلسلو جڙيل نه آهي، هڪ علامتي ناٽڪ آهي. هي ايڪانڪي اديبن جي وچ ۾ وواد پڻ رهيو آهي.

هن ناٽڪ لاءِ هريش واسواڻي جو رايو آهي ته:

'مورچابندي' سنڌي ايڪانڪيءَ جي تواريخ ۾ جدا ٿي بيهي ٿو. اُن جيڪا نئين زمين ڳولهي آهي، اُن مان خود هڪ پرمپرا ڦٽي سگهي ٿي جنهن کي اسين جديد ناٽڪ ليکڪن جو مورچو سڏي سگهون ٿا، پر مان اُن تي زور ڪونه ڏيندس. مان هڪ ڳالهه گنڀيرتا سان چوڻ چاهيان ٿو ته پريم پرڪاش ۾ هڪ صادق ڊراما آرٽسٽ موجود آهي جو آزادي نموني ڪجهه طئي ڪيل ڪري ٿو(5)."

مان هريش واسواڻي جي راءِ سان سهمت آهيان. مورچابندي ناٽڪ جو تبصرو لکندي پريم ابيچنداڻيءَ جو رايو آهي ته:

"ڪيتري وقت کان پوءِ سنڌي ادبي ڪيتر ۾ وري هڪ رچنا تڪرار ۽ وادوواد جي باعث بڻي آهي... بهرحال مورچابندي سياسي طنز تي پهريون نئون ناٽڪ آهي. جنهن ۾ ڪو پلاٽ روايتي نائڪ نائڪا، واقعن جو سلسلو وغيره نه آهن. نئون ناٽڪ جنهن کي اسان جلت کان پوءِ جي ساهتڪ ڪال جي علامت ٿا سڏيون(6)."

مان پرم ابيچنداڻي جي راءِ سان سهمت آهيان. هيءُ ناٽڪ سنڌي ادب ۾ رنگ منچ جي لحاظ کان نئون ۽ ڪامياب ناٽڪ آهي.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي ناٽڪن جو مجموعو 'مُڪتي' هن مجموعي تي ڪجهه لکان، اُن کان اول مان هتي ٻڌايان، ته ڊاڪٽر صاحب جا خاص هي چارئي ناٽڪ اُن مان خاص 'باهه' ۽ 'پڪارون' ناٽڪ پڙهڻ بعد مان پنهنجي قلم کي روڪي نه سگهيس ۽ دل ئي دل ۾ کين ڪوڙ ڪوڙ سارا سلام ڪندي، مون هن وشيه تي مقالو لکڻ جو پڪو ارادو ڪندي، لکڻ لاءِ بي صبريءَ سان منتظر ٿيس. لکمي کلناڻي جو رايو آهي ته:

"پريم پرڪاش جا اڌ ڊزن ناٽڪ پڪنڪ، مورچابندي، باهه، مڪتي، فرشتن جي دنيا، سيڙپ ۽ پڪارون جن جو منچن هدايتڪارن ۽ اداڪارن لاءِ وڏي چئلينجز کڻي ٿو اچي(7)."

منهنجا بزرگ ساهتڪار مون کي معاف ڪجو. لکمي کلناڻي جي راءِ ۾ هڪ لفظ جوڙيندي هڪ ٻي سچائي مان هت جوڙيان ٿي هدايتڪارن، اداڪارن ۽ ناٽڪ نويسن لاءِ پڻ وڏي چئلينجز کڻي ٿو اچي.

'مڪتي' مجموعي ۾ چار طويل ناٽڪ شامل آهن، باهه، سيڙپ، مڪتي ۽ پڪارون.

'باهه' هن طويل ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي، هڪ نئين سوسائٽي جيڪا مسائٽي ايريا، سچ جي ايريا ۾ آهي. سوسائٽيءَ ۾ ڪيترائي بنگلا جنهن ۾ پنج گهر ئي مس رهيل آهن، هڪ گهر ڪردار ماسيءَ جو، ٻيو گهر ڪردار ديديءَ، ٽيون گهر ڪردار اديءَ، چوٿون گهر ڪردار 20 سالن جي نوجوان ڇوڪري شوڀا جو ۽ پنجون نئون گهر ڪردار اڪيلي جو ۽ جيڪا هن ناٽڪ ۾ ناٽڪ نويس ٻي پڻ نواڻ جوڙي آهي ته انسانن سان گڏ جانور هڪ ٻلو ٻلي جو پڻ خلقيا آهن.

ناٽڪ نج سنڌي اسٽائيل ۾ شروع ٿئي ٿو. ناٽڪ نويس ناٽڪ عابده پروين ۽ ماسٽر چندر جي ڪلامن سان شروع ڪندي ڏيکاريو آهي، نئين گهر جي گهر ۾ باهه لڳي آهي، پاڙي جون عورتون ماسي، ادي، ديدي، ۽ شوڀا نئين گهر ۾ لڳل باهه جي باري ۾ ڳالهائيندي. خبر پوي ٿي ته باهه اندر جي باهه، دل جي باهه، دماغ جي باهه، جسم جي باهه، آتما جي باهه، هر سبنڌ، هر رشتي، هر ارمانن، وشواس کي باهه هر ماڻهو ۾ باهه ئي باهه وڪوڙيل آهي، باهه ۾ هرڪو وڪوڙيل آهي، جنهن ۾ هرهڪ گهر جلي رهيو آهي، باهه ته هر گهر ۾ لڳل آهي، پر فرق اهو آهي ڪنهن کي خبر پوي ٿي ته ڪن کي خبر ئي نه پوي ٿي. ڪنهن جي گهر اندر باهه آهي ته ڪن جي گهر ٻاهر باهه آهي. باهه نه فقط انسانذات کي وڪوڙي ويئي آهي، پر ناٽڪ جا جانور ڪردار ٻلو ٻلي به باهه جي چپيٽ کان آجا نه آهن، حقيقت اها آهي ته سڄي دنيا باهه جي چپيٽ ۾ آيل آهي جنهن ۾ نيٺ هر ماڻهو ڀسم ٿي ويندو.

لکمي کلناڻي هن ناٽڪ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي: "لڳي ٿو ناٽڪ ۾ باهه انسان جي اتريت ٻڌجي ماڻهو جو سڀ ڪجهه ڀسم ڪري سگهي ٿي. في الحال، هن ناٽڪ ۾ اندر جي سڀاويڪ باهه کي وٺي ڪردار پنهنجا هٿ سيڪيندي، پنهنجي هجڻ کي گرمائش ڏيئي پاڻکي زنده رکي رهيا آهن(8)."

لکمي کلناڻي صاحب جي راءِ سان مان سهمت آهيان. 'سيڙپ' هن ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي ته انسان جيترو پئسي ۾ وڌي ٿو اوترو ئي انسانيت کان ڪڻ ڪري ٿو، هڪ اهڙي ڪردار جو چٽر چٽيندي ناٽڪ نويس ڏيکاريو آهي. هڪ انڪل جيترو پئسي ۾ وڌيل آهي اوترو ئي هُو انسانيت کان ڪِريل آهي انڪل کي ڌنتو وڌائڻ جو نشو ايترو حاوي آهي، جو پنهنجي گهر جا ڀاتي به هن لاءِ بزنس جي سيڙپ مثل آهن. پيءُ هوندي به هُو پيءُ کان ٻهرين بزنس مين آهي، هيءُ ايترو ڪِريل آهي جو بزنس وڌائڻ لاءِ نوجوان ناٽيءَ جو استعمال ڪرڻ کان ٽورو به نه ٿو ڇرڪي. جيڪو شخص زال ۾ ڌيءُ

جو نہ آهي، اُهو پلا گود ورتل ٻاٽتي، ٻاٽتيءَ جو ڪيئن ٿيندو؟

سندس ٻاٽتيو سنيل نہ چاچي جي ڪنپٽلي جيان هلي ٿو، جنهن جي ڏور انڪل وٽ آهي، سنيل هيسيل ۽ دپيل چڻ جيئري لاش جيان آهي، جنهن جي پيڻ ديپڪا خاص ڀاءُ لاءِ آمريڪا مان آيل آهي. سنيل جي پيڻ، زال ۽ چاچي سنيل جي جيئري لاش ۾ جان ڦوڪڻ جي جفاڪشي ڪندي ڪيترائي حيلا هلائين ٿيون، پر سڀ وئرٿ وڃي ٿو. پل پل سنيل کي هڪ نئي دک ستائي ٿو تہ مون کي اُن وقت ئي آپگهات ڪرڻ کپندو هو.

ناٽڪ نويس سهڻي اثردار ڍنگ سان سنيل جي پيڙا جو احساس هنن لفظن ۾ ٿو ڪرائي "مان پاڻ کان بدلو وٺي رهيو آهيان، شايد ان ڏينهن چپ چاپ انڪل سان هلي اچڻ جو، لڙائي نہ ڪري سگهڻ جو، پڇي نہ سگهڻ جو، پنهنجي وجود جو احساس نہ ڪري سگهڻ جو، پوري ساهس سان انڪار نہ ڪري سگهڻ جو، شايد اُن ڏينهن آپگهات نہ ڪري سگهڻ جو؟ مان اُن ڏينهن پڇي چونہ سگهيس؟

مان ان ڏينهن آپگهات چونہ ڪري سگهيس؟ مان اُن ڏينهن انڪار چونہ ڪري سگهيس؟"

ناٽڪ نويس سهڻي دلڪش اثردار ڏک سان سندس پيڻ ديپڪا، زال ڪويتا ۽ چاچي آنٽي، سنيل جي جيئري لاش کي شاعرائي انداز ۾ سنيل جي خوديءَ ۽ مردانگيءَ کي للڪارائيندي چون ٿيون:

"چئو تہ نالو توکي ياد ڏياريان
قدرت جنهن کي مرد ٺاهيو
چئو تہ اها جنس توکي ڏيکاريان
آتم هتيا آهي اندر کي مارڻ
پنهنجا سڏ توکي ياد ڏياريان
ساٿ منهنجو توسان هميشہ
تنهنجو پل مان پاڻ کي ٻڌايان
چئو تہ نالو توکي ياد ڏياريان
موٽ واپس تون موئين جي
ڍال بہ مان پاڻ کي ٺاهيان
هجڻ جو احساس توکي ٿئي
تلوار بہ مان پاڻ کي ٻڌايان
چئہ تہ نالو توکي ياد ڏياريان
غلام آهين، چپ رهي جي سهين ٿو
مڙده آهين تون،
وجود لاءِ هڪ وروڌن ڪرين ٿو
خون تنهنجي ۾ نہ جي باهہ مچايان
چئہ تہ توکي نالو توکي ياد ڏياريان
قيد ٽوڙي نرڪ کان ٻاهر اچ تون
پنهنجي سواس جو احساس ڪر تون
چو پنهنجي هستيءَ کي ڪفن ڏيئي
قبر جو رستو ڏيکاريان
قدرت جنهن کي مرد ٺاهيو
چئو تہ اها جنس توکي ياد ڏياريان(9)."

پر سنيل جي رٽ آخر تائين قائم آهي تہ مان اُن ڏينهن آپگهات چو نہ ڪري سگهيس؟

"مڪتي" ناٽڪ جي شروعات سچل جي ڪلام سان شروع ڪندي ناٽڪ نويس ڏيکاريو آهي تہ ڪپڙي جي مل جا چار ملازم مسٽر چاهڙيا، مسٽر نانڪاڻي، مسٽر راماڻي ۽ ساڌو رام لفٽ ۾.

آفيس ۾ ڪم وڌيڪ هئڻ سبب آرتوار موڪل جي ڏينهن تي بہ آفيس اچن ٿا ۽ ڪم پورو ڪندي گهر وڃڻ لاءِ چارئي لفٽ ۾ چڙهن ٿا. اُچانڪ لفٽ ٻن فلورن جي وچ ۾ اٽڪي پوي ٿي. ملازمن جو ڏيري ڏيري ساهہ مُنجهڻ لڳي ٿو ۽ لفٽ مان آزاد ٿيڻ لاءِ بچايو! بچايو! جا آواز ڪندي لفٽ مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. لفٽ جي پڃري ۾ قاتل وجود جي علامت اهي جنهن مان انسان نڪرندي مڪتي چاهن ٿا. ساڌورام لفٽ مين ڪين سنڀالي بيٺو آهي.

’پڪارون‘ 26- جنوري 2001ع تي گجرات ۾ آيل قدرتي ڪوپ زلزلي جي قدرت طرفان ۽ پنهنجي طرفان تباهيءَ ڪري انساني ڪشمڪش ۽ لڙائيءَ جو اتهاسڪ دستاويز آهي. ناٽڪ پڪارون ۾ ناٽڪ نويس ان ڪوپ جو خوفناڪ منظر اهڙو چٽيو آهي، جو ناٽڪ شروع ٿيڻ کان آخر تائين لِڱ ڪانڊراجن ٿا. ڊپ ۽ خوف، دل ۽ دماغ تي آخر تائين ڇانيل رهي ٿو، جو ان ڊپ جو احساس ناٽڪ پڙهي پورو ٿيڻ کان پوءِ بہ هڪ هڪ ڪردار جون دل ڏهلائيندڙ ڇيخون ڇرڪ پريندي احساس ٿئي ٿو جڻ هرهڪ ڪردار اسان جا پنهنجا ويجها مائٽ آهن.

ناٽڪ جي رچنا 22 سينن ۾ ٿيل آهي، هرهڪ سين ۾ بچايو بچايو، ٻارن جون ڇيخون، بزرگن جون ڇيخون، عورتن، مردن، جوانن جون ڇيخون ڪنن ۾ گونججن ٿيون، ڪاليج، ٽائون، هال، عمارتون، مڪان ڪرندا رهن ٿا، ڌرتيءَ ۾ ڌبجندا رهن ٿا. ڪنهن جي ٽنگ، ڪنهن جي ٻانهن، ڪٽ، هٿ، ڪٽي، مٿا، ٽنگون، ٻانهون، اگريون انهن انسانن جو ڪٽيل انگ، مدد لاءِ پڪارن ٿا، مدد لاءِ ڪي خدا کي ڪي الله سائين کي تہ درد ڀري آواز ۾ شاهہ جا ڪلام ڳائي رهيا آهن، سڄو گجرات زلزلي جي چپيٽ ۾ سورت، سريندر نگر، موربي، ڀاونگر، ڄامنگر، راجڪوٽ جي آسپاس بہ ڪافي تباهي ۽ نقصان تہ ٿيو ٿي آهي، پر هن جو مرڪز ڀڄ آهي، ڀڄ جي چئني طرف وناشڪاري تباهي ٿي آهي. ڀڄ سڄو ڍهي اچي پٽ پيو، مڪان، بنگلا، ماڙيون، سڀ ريتي ۽ پٿر جي ڍير ۾ بدلجي ويا آهن، جن مان ڏہيل جيون جي چرپر ۽ دردناڪ دانهون دل کي ڪمزور ڪن ٿيون.

ناٽڪ نويس ناٽڪ جي 22 سينن مان 21 سينن ۾ دل ڏهلائيندڙ، ڇرڪ پرائيندي اکين ۾ آب آڻيندڙ جملا استعمال ڪيا آهن تہ ناٽڪ جي 22 نمبر سين ۾ ناٽڪ نويس وحشي دردندن ۽ حيوانن جو منظر چٽيو آهي جيڪي لاشن تان زيور ۽ رقم چوري ڪري رهيا آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ’پڪارون‘ ناٽڪ جون شروعاتي سٽون مان هٽ لکان ٿي:

هِت هُت تباهہ پريوار منهنجا ئي تہ آهن!
هِت هُت بچيل پريوار بہ منهنجا ئي تہ آهن!!.

ناٽڪ نويس جي لکڻيءَ کي داد آهي جو هيءَ ناٽڪ پڙهڻ کان پوءِ واقعي منهنجي اکين ۾ بہ اهڙو خوفناڪ منظر ڇانيو جو ازخد منهنجي اکين مان ڳوڙها ائين وهڻ لڳا جڻ سچ پچ ناٽڪ جا اهي ڪردار پنهنجا ئي ويجها عزيز آهن.

## مددي ڪتاب


1. سنڌي ناٽڪ، ورهاڱي بعد سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ جي جھلڪ، اوسر ۽ سمالوچنا، ليکڪ: ڊاڪٽر پريم پرڪاش، پبلشر: انڊس فائونڊيشن جي مالي مدد سان، مهاڳ لکمي کلناڻي، سال 2001ع
2. اسٽيج مخزن، ليکڪ: گورڌن تنواڻي، سمپادن ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي، اسٽيج پبليڪيشن، سال 1986ع - ص 1
3. سنڌي ناٽڪ جي چونڊ تنقيد، سمپادڪ: ڊاڪٽر پريم پرڪاش، پبلشر ساهت اڪادمي- ص142
4. وقت ۽ ويچار، ليکڪ: ڊاڪٽر موتي پرڪاش، پبلشر ليکڪ پاڻ، سال 2010
5. مورچابندي، ليکڪ: ڊاڪٽر پريم پرڪاش، بہ اکر هريش واسواڻي، پبلشر سنڌي ڊراما ورڪشاپ
6. رچنا مخزن، ليکڪ: پريم ابيچنداڻي، پبلشر لکمي کلناڻي
7. مڪتي، ليکڪ: پريم پرڪاش، مهاڳ لکمي کلناڻي
8. ايضاً، ص 88



نظير ملڪاڻي

## سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو محسن

# حميد سنڌي

پراڻن توڙي پنهنجن جا ڏنگ سهندي هن جو سَنڌ سَنڌ ساڻو ٿي پيو آهي، انهن جو ذڪر ڪندي هُو اڪثر ڏڪوئجي پوندو آهي، سندس زبان ۾ ڪڙاڻ اچي ويندي آهي پر وري ٽٽو ساهه پري چوندو آهي، ”شل سيني جو خير هجي!“ هُو پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتي ڌڻين جي سورن جي ڳالهه ڪندي به ڏڪ ۾ پرجي ويندو آهي. اڪثر مهان ڏاهي محمد ابراهيم جويي جو هيءُ چوڻ ورجائيندو آهي ته، ”هر ماڻهوءَ کي پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ گهرجي!“ جويي صاحب جي انهيءَ قول تي هن پاڻ به عمل ڪري ڏيکاريو آهي ۽ ٻين کي به عمل ڪرڻ جو چوندو آهي. هُو وڏن عهدن تي رهيو، پر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب سان ناتو سدائين جوڙي رکيائين. ون يونٽ خلاف اديبن جي هلچل ۾ هن پنهنجي رسالي ”روح رهاڻ“ کي انهيءَ هلچل جو ترجمان بڻائي ڇڏيو. ”جشن روح رهاڻ“ ۾ جيجي زرينہ بلوچ جي ڳايل قومي گيت ”جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جامِ محبت پيئي سنڌ“ جو پڙاڏو اڄ به سندس ڪنن ۾ گونجندو رهي ٿو. اهي جشن، اهي آواز، اهو جوش ۽ جذبو ياد ڪري هن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ اچي وڃي ٿي. انهيءَ وقت جون سارُوٽيون ساريندي هُو ان دور ۾ وڃائجي ويندو آهي، نہ رڳو ٻين کان، پر پنهنجو پاڻ کان به وڃائجي وڃي ٿو. پوءِ هڪ سرد آهه ڀري هو موجوده وقت ۾ موٽي ايندو آهي. هُو هاڻ پيرسنيءَ ۾ آهي، پر سندس جذبا اڄ به جوان آهن. هن ڪڏهن به همت ناهي هاري. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي گهڻو ڪجهه ڏيڻ کانپوءِ به هُو ماٺ ٿي ڪونهي ويٺو، سندس جاکوڙ اڄ به جاري آهي...

سندس حياتيءَ جو سفر عجيب لاهن ۽ چاڙهن جو سفر رهيو آهي. هُو نہ رڳو وڪيل بڻجي ڪورٽن سان لاڳاپيل رهيو، پر اصيل بڻجي به ڪورٽن جا سوين چڪر ڪاٽيائين. هن پورهيو ڪري نہ رڳو پنهنجو پيٽ پاليو، پر سنڌي ٻولي ۽ ادب جي آبياريءَ لاءِ به پورهيو ڪيائين. پاڻ ڪاٺ ۽ ڪوئلي



جي خريد ۽ فروخت جو ڪم به ڪيائين ته ريتي ۽ بجريءَ جو به ڪاروبار ڪيائين، هن ماڻهن تي پاڙڻ بدران پنهنجي پيرن تي بيهڻ چاهيو. 1961ع ۾ جڏهن سندس والد جي بدلي دادوءَ ٿي ته هن سندس ٻانهن خانصاحب عبدالله چنا ۽ بيگم زينت چنا حوالي ڪئي، انهن ٻنهي شخصيتن جو سندس زندگيءَ تي وڏو اثر آهي. کيس اڄ به چٽيءَ طرح ياد آهي ته ڪاٺ ۽ ڪوئلي جي خريداريءَ لاءِ بيگم زينت چنا هن کي اڍائي پنجاهه رپيا ڏنا هئا، جن سان هن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. ٽئين نمبر تلاءَ وٽان ڪاٺ ۽ ڪوئلي سان ڀريل بيل گاڏيون خريد ڪري گاڏي کاتي ۾ وڪڻندو هو. ان بعد هن وليج ايڊ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ورتي. انهيءَ ڊپارٽمينٽ جي هڪ پٽيوالي عبدالحميد بالاديءَ جي مشوري سان هن ڄامر شوري ۾ ريتي بجريءَ جو ڪاروبار شروع ڪيو. انهيءَ ڪم لاءِ کيس سياري جي سخت سيءَ ۾ به اڌ رات تائين

چار شوري ڦلٽ کان اتر طرف انڊس هاءِ وي لڳ هڪ جُهڳيءَ ۾ ويهڻو پوندو هو. رات جو ٻارهين وڳي ڦلٽ وٽان ايس. آر. ٽي.سي. جي بس ۾ چڙهي حيدرآباد پهچندو هو. انهن مزدوريءَ جهڙن ڪاروبارن ڪرڻ کان سواءِ هن هاري حقدار پريس ۾ به ڪم ڪيو ۽ پريس جي مشين هلائڻ سکيو. ان بعد بيگم زينت چنا جي مدد سان هن پنهنجي پريس خريد ڪئي جيڪا زينت پرنٽنگ پريس جي نالي سان حيدرآباد ۾ هلندي هئي. انهيءَ پريس ۾ به پاڻ مشين تي ڪم ڪندو هو ۽ اڌ رات تائين مشين هلائيندو هو.

انهيءَ دور جو پاڻ هڪ واقعو ٻڌايائين ته هڪ ڀيري سندس گهر واريءَ پنهنجي پيءُ سان شڪايت ڪئي ته منو (گهر ۾ سندس لاڏ جو نالو) رات جو ڏاڍي دير ڪري گهر اچي ٿو. ان تي سندس والد هڪ رات ڪيس پريس ڏانهن وٺي ويو ۽ وڃي انهي دريءَ وٽ بيهاريائين، جتي سندس گهر وارو پريس جي مشين هلائي رهيو هو. هوءَ اهو ڏسي حيران ٿي ويئي ته سندس ور پريس ۾ مزدور وانگر بيٺو مشين هلائي، اهڙيءَ ريت پورهيو ڪندي هڪ طرف "روح رهاڻ" کي جاري رکيائين ته ٻئي طرف پنهنجي تعليم به جاري رکيائين. انهيءَ محنت مزدوريءَ سان اڳتي وڌندي آخرڪار هن پاڻ کي هڪ ڪامياب ليکڪ، ڪامياب تعليمدان ۽ ڪامياب منتظم ثابت ڪيو.

## جنم ۽ تعليم:

عبدالحميد ولد سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ 12 آڪٽوبر 1939ع تي، سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي شهر نوشهروفيروز ۾، هڪ سکئي ستابي گهراڻي ۾ جنم ورتو. سندس والد روينيو کاتي ۾ ملازم هو، جتي ملازمت جي شروعات هن ڪلارڪيءَ سان ڪئي هئي، جنهن مان ترقي ڪندي هيڊ منشي، مختيار ڪار، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جا عهدا ماڻڻ کان پوءِ آخر ۾ ايڊيشنل ڪمشنر بنجي رٽائر ٿيو. ڪيس ٻن پٽن ۽ پنجن نياڻين جو اولاد عطا ٿيو، وڏو پٽ عبدالحميد ۽ ننڍو شمس الحق.

عبدالحميد جي ابتدائي تعليم نوشهرو فيروز جي ملا مڪتب اسڪول کان شروع ٿي. سندس والد جي بدلي مختلف شهرن ڏانهن ٿيندي رهندي هئي، تنهنڪري ڪيس به پنهنجي تعليم جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي شهرن جي اسڪولن ۾ پڙهڻو پيو. نوشهرو فيروز جي ملا مڪتب اسڪول کانپوءِ هن جوهي، ڳڙهي خيرو ۽ جيڪب آباد جي سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ تعليم جا ڏاڪا ٽپيندي نيٺ شڪارپور ۾ وڃي پنهنجي ابتدائي تعليم مڪمل ڪئي. ساڳيءَ ريت پنهنجي ثانوي تعليم کي به شڪارپور، دادو، لاڙڪاڻي، سکر ۽ نوشهرو فيروز مان ٿيندي اچي حيدرآباد پڄايائين، جتي هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول (سوسائٽي) حيدرآباد مان 1956ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو.

اعليٰ ثانوي تعليم جا ٻه سال گورنمينٽ ڪاليج (ڪاري موري) حيدرآباد ۾ پڙهيو، جتان 1958ع ۾ انٽر آرٽس پاس ڪري نڪتو. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي 1960ع ۾ گريجوئيشن ۽ 1962ع ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين. ان کانپوءِ هن قانون ۾ به گريجوئيشن (L.L.B) ڪئي. تنهن کانسواءِ 1975ع ۾ برطانيه جي مانچيسٽر يونيورسٽيءَ مان "هائر ايڊيوڪيشنل ائڊمنسٽريشن" جو ڪورس پڻ ڪري آيو.

ان طرح نوشهري فيروز جي ملا مڪتب اسڪول کان شروع ٿيل سندس تعليم جو سلسلو وڃي مانچيسٽر يونيورسٽيءَ ۾ پورو ٿيو.

## حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪرڻ:

سال 1955ع ۾ سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ کي حيدرآباد ۾ 'اسسٽنٽ ٽو ڪمشنر' جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو ۽ هو پنهنجي عيال سميت حيدرآباد لڏي آيو، پهريائين ڪيس روپ محل ۾ سرڪاري رهائش ملي، ان کانپوءِ ڪجهه عرصي لاءِ لوڪل بورڊ جي ڊاڪ بنگلي ۾ رهيو، بعد ۾ جڏهن G.O.R ڪالوني ٺهي ته ڪيس اتي بنگلو الاٽ ٿيو ۽ ان ۾ رهڻ لڳو. 1961ع ۾ سيٺ محمد اسماعيل دادو ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو ۽ ٻارين ٻچين دادو هليو ويو، پر نوجوان عبدالحميد کي خانصاحب عبدالله چنا ۽ بيگم زينت چنا جي نگرانيءَ هيٺ حيدرآباد ۾ ڇڏي

ويو. پهريائين لطيف آباد ۾ سندس والد جي مسواڙ تي ڏنل بنگلي جي مٿينءَ منزل تي پيل خالي ڪمري ۾ رهائش پذير ٿيو. ان ڪانپوءِ هن روپ محل ۾ رهائش اختيار ڪئي. 1967ع ۾ شاديءَ ٿيڻ کان پوءِ هُو سندن لطيف آباد 6 واري بنگلي ۾ رهڻ لڳو.

1970ع ڌاري سيٺ محمد اسماعيل نوڪريءَ مان رٽائر ٿيو. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هن پنهنجي اصلوڪي شهر نوشهرو فيروز ۾ رهائش اختيار ڪئي، پر عبدالحميد صاحب مستقل طور حيدرآباد کي مسڪن بنائي ورتو. سال 1974ع ۾ سيٺ محمد اسماعيل وفات ڪئي. والد جي وفات ڪانپوءِ به عبدالحميد ميمڻ پندرهن سالن تائين لطيف آباد واري بنگلي ۾ رهيو. 1989ع واري دور جي دهشت ۽ وحشت سبب ڪيترن ئي سنڌي گهراڻن وانگر هن گهراڻي کي به، شاهه لطيف جي نالي سان قائم ٿيل لطيف آباد جي وسنديءَ کي ڇڏڻو پيو. عبدالحميد پنهنجو ملڪيتي بنگلو اوڻو پوڻو وڪڻي وڃي قاسم آباد ۾ گهر ٺهرايو ۽ اُتي سڪونت پذير ٿيو.

**وڪالت ڪرڻ:**

عبدالحميد ميمڻ 1966ع کان 1970ع تائين وڪالت ڪئي. پهريائين مشهور وڪيل آفتاب آخوند جو جونيئر بڻيو ۽ بعد ۾ پنهنجي سر قانون جي پريڪٽس جاري رکيائين. چئن سالن تائين وڪالت جي پيشي سان لاڳاپيل رهڻ ڪانپوءِ هو ٻيهر سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو، جنهنڪري وڪالت ڇڏي ڏنائين.

**سرڪاري نوڪري ڪرڻ:**

سال 1960ع ۾ هن پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ جي شروعات سنڌ حڪومت جي وليج ايڊ کاتي (Village Aid Department) ۾ پبلسٽي آفيسر بڻجڻ سان ڪئي. سال کن اها نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ وري سندس لاڙو بئنڪ جي نوڪريءَ ڏانهن ٿيو. 1963ع کان 1966ع تائين مختلف بئنڪن ۾ بئنڪ آفيسر، مئنيجر ۽ جنرل مئنيجر جي عهدن تي رهيو. ان بعد هن نوڪري ڇڏي ڏني ۽ جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، چئن سالن تائين وڪالت ڪندو رهيو.

1970ع ۾ وڪالت ڇڏي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمت ۾ داخل ٿيو، اُتي پاڻ مختلف عهدن تي رهيو، جيئن ته: ائڊمنسٽريٽو آفيسر، اسسٽنٽ ڪنٽرولر آف ايگزامينيشن، ڊپٽي ڪنٽرولر آف ايگزامينيشن، ايڊيشنل ڪنٽرولر آف ايگزامينيشن، ايڊيشنل ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ رجسٽرار. اٽڪل ڇهن سالن تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمت ۾ رهڻ ڪانپوءِ 1976ع ۾ کيس سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر ڪاليج ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن مقرر ڪيو ويو. ٻه سال کن انهيءَ عهدي تي رهڻ ڪانپوءِ 1978ع ۾ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسيپال بڻيو ۽ لاڳيتو يارهن سالن تائين اتي خدمتون سرانجام ڏنائين. 1989ع ۾ کيس هڪ ڀيرو ٻيهر ڊائريڪٽر ڪاليج ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن مقرر ڪيو ويو. ٻن سالن کان پوءِ 1991ع ۾ مختصر عرصي لاءِ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جو وائيس چانسيلر بڻيو. ساڳئي سال، يعني 1991ع ۾ کيس شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويو. 1995ع تائين وائيس چانسيلر رهڻ ڪانپوءِ 1996ع ۾ بيورو آف ڪريڪيولر اينڊ ايڪسٽينشن، ڄام شوري جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. 1997ع ۾ کيس سنڌي لينگئيج اٿارٽي حيدرآباد جو چيئرمين بڻايو ويو. 1998ع ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄام شورو جو چيئرمين بڻيو، جتان آڪٽوبر 1999ع ۾ سٺ سالن جي ڄمار کي پهچي رٽائرمينٽ ورتائين.

عبدالحميد ميمڻ هيٺين ادارن جو اعزازي ميمبر به رهي چڪو آهي:

☼ سينيٽ (SENATE)، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو.

☼ فنانس ڪميٽي، سنڌيونيورسٽي، ڄام شورو.

☼ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن، حيدرآباد.

☼ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن، سکر.

☼ بورڊ آف گورنرز پبلڪ اسڪول سکر.

☼ ائڊوائزري بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو.

* سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
* ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
* سنڌ ڪائونسل آف اسڪائوٽس ائنڊ نيشنل ڪائونسل آف پاڪستان اسڪائوٽس.
* فيڊرل سوشل ايڪشن پروگرام (SAP)، ڪميٽي آف پلاننگ لئنڊ ڊولپمينٽ ڊويزن، گورنمينٽ آف پاڪستان.

ان کان سواءِ پاڻ هيٺين ادارن جو اعزازي چيئرمين پڻ رهي چڪو آهي:

* ائڊوائزري ڪميٽي سچل اڪيڊمي، خيرپورميرس.
* بورڊ آف گورنرز فار لا ڪاليجز اِن سنڌ.

## غير ملڪي دورا:

عبدالحميد ميمڻ کي سرڪاري طور تي مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي غير ملڪي دورا ڪرڻ جو موقعو مليو. ان سلسلي ۾ پهريون پيرو 1975ع ۾ هُو برطانيه ويو جتي مانچيسٽر يونيورسٽيءَ ۾ ”هائر ايڊيوڪيشنل ائڊمنسٽريشن“ جو ڪورس ڪيائين. ان بعد هڪ پاڪستاني وفد سان گڏ ميري لينڊ يونيورسٽي آمريڪا ۾ اعليٰ تعليمي ۽ يونيورسٽي منتظمين جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين. وري هڪ پيرو ٻيهر يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جي منتظمين جي هڪ ٽريننگ پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ميري لينڊ يونيورسٽي آمريڪا ويو. ان کانپوءِ ”ايسوسيئيشن آف يونيورسٽيز آف ڪامن ويلٿ ڪنٽريز“ پاران دهليءَ ۾ منعقد ڪيل ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين. ان بعد هڪ پيرو ايران حڪومت جي دعوت تي تهران ۾ رٿيل ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. هڪ دفعو وري، ”ايسوسيئيشن آف يونيورسٽيز آف ڪامن ويلٿ ڪنٽريز“ پاران منعقد ڪيل وائيس چانسيلرز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين. هن پيري اها ڪانفرنس برطانيه جي شهر سوان سي (Swan Sea) ۾ منعقد ٿي.

## شادي ۽ اولاد:

عبدالحميد ميمڻ جي شادي 1967ع ۾ عبدالرحيم ميمڻ جيٰ نياڻيءَ سان ٿي. سندس سهريجا هالائيءَ جا رهاڪو آهن ۽ سيٺ محمد اسماعيل جن سان پري جي مائٽي هئن. 1968ع ۾ هن کي پٽ جو اولاد عطا ٿيو، جنهن جو نالو ارشد حميد رکيائين. ان بعد کيس ٻه نياڻيون ٿيون. اولاد جي تعليم ڏانهن هن خصوصي ڌيان ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ ٽيئي ٻار اعليٰ تعليم يافته بڻيا. ارشد حميد سنڌيونيورسٽيءَ جي ٽيليفون واري شعبي ۾ انجينئر آهي ۽ ننڍي نياڻي هڪ خانگي بئنڪ ۾ مئنيجر آهي، وڏي نياڻي ايم. بي. بي. ايس. ڊاڪٽر آهي.

## ادبي سرگرميون:

عبدالحميد ميمڻ ۾ اسڪولي پڙهائيءَ وارن ڏينهن کان ئي ادبي جيوڙا داخل ٿي چڪا هئا. اهي جيوڙا وقت سان گڏ وڌندا ۽ ويجهندا رهيا، جن جي نتيجي ۾ هُو عبدالحميد ميمڻ منجهان حميد سنڌي بڻجي ويو. هن لکڻ جي شروعات ننڍپڻ کان ڪئي. اسڪول ۾ پڙهڻ واري دور ۾ هن اردوءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻي لکي، جيڪا دهليءَ مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي ”کلونا“ ۾ شايع ٿي. انهي ڪهاڻيءَ ۾ بطور ليکڪ هن پنهنجو نالو ”منونوشهرائي“ لکيو. 1958ع ۾، اٺويهن ورهين جي ڄمار ۾ هن سنڌي ادب جي دنيا ۾ پير پاتو ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين. سندس لکيل پهرين سنڌي ڪهاڻي ”سيمي“ آهي ۽ پهرئين شايع ٿيل ڪهاڻين جي مجموعي جو نالو به ”سيمي“ آهي، يعني ان مجموعي جي ٽائٽل ڪهاڻي ”سيمي“ آهي. اڳتي هلي حميد سنڌي صاحب جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي سرموڙ ڪهاڻيڪارن ۾ ٿيڻ لڳو. سندس ڪهاڻين جا اٺ مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جن منجهان ڪي ته ٻه پيرا ۽ ٽي پيرا به ڇپيا آهن. ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

(1) سيمي
(2) اداس واديون
(3) ويريون
(4) راڻا جي رجپوت
(5) جاڳ به تنهنجي جيءَ سان
(6) درد ونديءَ جو ديس
(7) سو مون سپ ڄمار
(8) ڪڻ ڪڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون

ان کان سواءِ سندس اردو ڪهاڻين جو مجموعو ”سوڪي ترتي“ جي عنوان سان ۽ جپاني لوڪ ڪهاڻين جي سنڌي ترجمي جو مجموعي ”سوني

زنجير“ جي عنوان سان پڻ شايع ٿيل آهن. ان کان علاوه سچل سرمست تي لکيل تحقيقي مقالن کي سهيڙي مجموعو ترتيب ڏنائين، جيڪو ”آري اچين شال“ جي عنوان سان شايع ٿيو.

حميد سنڌي صاحب ڀٽائي سائينءَ جي عرس جي موقعي تي هر سال ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ مختلف سرن تي پڙهيل تحقيقي مقالن کي سهيڙي ۽ سنواري هر هڪ سر کي الڳ ڪتابي صورت ڏني. سنڌس مرتب ڪيل اهڙا يارنهن ڪتاب شايع ٿيل آهن. سرن جا نالا آهن:

(1) سُر ليلا چنيسر
(2) سُر گهاتو
(3) سُر ڪاموڏ
(4) سُر مارئي
(5) سُر ڪاپائتي
(6) سُر بلاول
(7) سُر رامڪلي
(8) سُر ڪاهوڙي
(9) سُر ڪارايل
(10) سُر بروو
(11) سُر سارنگ

## صحافتي سرگرميون:

حميد سنڌي صاحب پنهنجي صحافتي سرگرمين جي شروعات مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ لکڻ سان ڪئي، جن ۾ ان دور جي مشهور اخبار روزانہ ”هلال پاڪستان“ ۽ ڪي ٻيون اخبارون شامل آهن. 1960ع ۾ هن پنهنجو ماهوار رسالو ”روح رهاڻ“ پنهنجيءَ ادارت هيٺ جاري ڪيو. اهو دور سنڌ لاءِ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ وارو دور هو. هڪ طرف مارشل لا هو ته ٻئي طرف ون يونٽ، اهڙي دور ۾ هن ”روح رهاڻ“ کي سنڌ جي مزاحمتي تحريڪ جو ترجمان بنائي ڇڏيو. 1961ع ۾ حڪومت سڀني ماهوار، پندرنهن روزه ۽ هفتيوار اخبارن ۽ رسالن (Periodicles) جا ڊڪليئريشن رد ڪري ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ ”روح رهاڻ“ بند ٿي ويو. ان جو نئون ڊڪليئريشن وٺڻ لاءِ درخواست ڏني وئي ۽ گهڻي جاکوڙ ڪانپوءِ 1963ع ۾ نئون ڊڪليئريشن جاري ٿيو. هڪ ڀيرو ٻيهر ”روح رهاڻ“ پنهنجي آب ۽ تاب سان سنڌي ادب ۽ صحافت جي افق تي چمڪڻ لڳو. ان دور جي ادبي لڏي ۾ ”روح رهاڻ“ کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي ۽ هن جي ذريعي ڪيترائي نوان ليکڪ سنڌي اديبن جي صف ۾ شامل ٿيا، جن ۾ ناميارو ڪهاڻيڪار امرجليل، ناصر مورائي، شوڪت حسين شورو ۽ غلام نبي مغل شامل آهن. ”روح رهاڻ“ جي هڪ ٻي خاص ڳالهه هئي، ان جو ساليانو جشن ملهائجڻ. اهو جشن حيدرآباد جي مشهور عمارت ”بسنت هال“ ۾ ”جشن روح رهاڻ“ جي نالي سان ملهائبو هو، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان شاعر ۽ اديب اچي شريڪ ٿيندا هئا. شيخ اياز پڻ هن جشن ۾ اچي شريڪ ٿيندو هو.

1969ع ۾ مارشل لا حڪومت ٻيهر ”روح رهاڻ“ تي وار ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ نہ رڳو ان جو ڊڪليئريشن رد ٿيو پر ايڊيٽر کي پنجٽيهه هزار رپيا ڏنڊ ڀرڻ جو نوٽيس پڻ مليو. رسول بخش پليجي جي مشوري تي حميد سنڌي صاحب اهو نوٽيس کڻي شيخ اياز سان ملڻ لاءِ سکر پهتو. پنهنجي دوست وڪيل ۽ شاعر فتاح ملڪ کي ساڻ ڪري هو وڃي شيخ اياز سان مليو. شيخ صاحب نوٽيس پڙهڻ ڪانپوءِ چيو تہ ڀريائين ان جي تاريخ وڌائڻ لاءِ تار موڪلين، پر ان سان گڏ اهو بہ چيائين تہ تار سکر مان نہ موڪليو تہ جيئن ڪنهن کي مٿس شڪ نہ ٿئي. ان ڪانپوءِ حميد سنڌي ۽ فتاح ملڪ خيرپور ويا ۽ اُتان تاريخ وڌائڻ جي تار موڪلي سکر موٽيا. رات جو شيخ اياز انهيءَ نوٽيس جو نهايت معقول ۽ مدلل جواب لکي ڏنو. ٻئي ڏينهن تي حميد سنڌي حيدرآباد موٽيو ۽ اهو جواب ٽپال رستي لاڳاپيل اختيارين کي موڪلي ڏنائين. بعد ۾ انهيءَ ڏنڊ جي رقم کي هاءِ ڪورٽ (ون يونٽ دور جي هاءِ ڪورٽ) ۾ چئلينج ڪيو ويو. انهيءَ اهم نوعيت جي ڪيس ۾ حميد سنڌي جو وڪيل جناب عبدالحئي قريشي هو، جيڪو اڳتي هلي هاءِ ڪورٽ جو جج ۽ چيف جسٽس بڻيو.

ڪيس جي ٻڌڻي شوڪت حسين نالي پنجاب

ڪان آيل جج ڪئي. ڪيس جي هر ٻڌڻيءَ تي حميد سنڌي کي ڪراچي وڃڻو پوندو هو، جنهن ڪري ڀاڙي پٽي جو چڱو خرچ ٿيندو هو. حميد سنڌي ٻڌايو ته ڪيس جي سلسلي ۾ هڪ دفعو ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ وٽس ڀاڙي جا پئسا به نه هجن. انهيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سحر بلوچ (جيڪا بعد ۾ سحرامداد بڻي) هڪ ٽين جو ننڍو دٻو ڪٽي ان جي مٿان سوراخ ڪرائي، ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جي اڳيان ويهي ماڻهن کان چندو گهرڻ لڳي. سحر کي انهيءَ چندي ۾ ٻُنو سو ڪن مليو، جيڪا رقم هن حميد سنڌي جي حوالي ڪئي ۽ هو ڪيس جي ٻڌڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ روانو ٿيو.

آخرڪار ڪيس جو فيصلو حميد سنڌي جي حق ۾ ٿيو ۽ ڏنڊ ختم ٿيو. انهيءَ سان گڏ ”روح رهاڻ“ جو نئين سر ڊڪليئريشن جاري ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي ڊي.سي کي لکيو ويو. ان دور ۾ عبدالڪريم لوڌي حيدرآباد جو ڊي.سي هو، جنهن حميد سنڌي کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪيس رسالي جو نئون ڊڪليئريشن جاري ڪري ڏنائين، پر ان وقت سنڌس مالي حالت ايتري تنگ هئي جو رسالو جاري نه ٿي سگهيو.

اٽڪل چاليهن سالن جي عرصي کانپوءِ سال 2009ع ۾ هڪ دفعو وري ”روح رهاڻ“ شايع ٿيڻ لڳو پر رڳو ست پرچا نڪري سگهيا ۽ پوءِ مٿي ڄاڻايل ساڳي مجبوريءَ سبب بند ٿي ويو.

”روح رهاڻ“ کان علاوه حميد سنڌي صاحب ماهوار ”ماروي“، هفتيوار ”ماروي“، ”لطيف ڊائجيسٽ“ ۽ ماهوار ”نئين زندگي“ جو ايسوسيئيٽ ايڊيٽر ۽ صلاحڪار رهي چڪو آهي.

## مليل اوارڊ ۽ اعزاز:

حميد سنڌي صاحب کي سندس علمي ۽ ادبي خدمتن تي ڪيترائي اوارڊ ملي چڪا آهن. ان سلسلي ۾ مارچ 1990ع ۾ کيس حڪومت پاڪستان طرفان ”تمغهِ امتياز“ عطا ڪيو ويو. آگسٽ 1993ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان حڪومت کيس ”اعزازِ فضيلت“ سان نوازيو. ان کان علاوه مختلف ادارن پاران پڻ حميد سنڌي کي ڪيترائي اوارڊ ڏنا ويا آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

- پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد پاران سندس ڪتاب ”ويريون“ تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي اوارڊ
- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران ڪتاب ”ويريون“ تي سنڌالاجي ادبي اوارڊ
- ”ويريون“ تي پاڪستان رائٽرس گلڊ طرفان اوارڊ
- لطيف ادبي سنگت، ڪراچي پاران تعليمي خدمتن تي گولڊ ميڊل.
- ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان ادبي خدمتن تي لطيف اوارڊ
- نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان ڪتاب ”راڻا جي رجپوت“ تي اوارڊ ۽ انعام.
- سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ

سنڌ ثقافت کاتي طرفان لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ

## جيل ياترا:

وڏا سرڪاري عهدا ۽ اوارڊ/ اعزاز ماڻيندڙ حميد سنڌي ڇهن مهينن لاءِ جيل به وڃي چڪو آهي. اهو 1972ع جي شروع وارو دور هو، جڏهن ملڪ تان اڃا مارشل لا نه لٿو هو. حميد سنڌي کي پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ ڌڻين سان پيار جي پاداش ۾ گرفتار ڪيو ويو. ساڻس گڏ ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر عمر ميمڻ، پروفيسر ارجڻ لال، پروفيسر اشوڪ ڪمار، ڊاڪٽر نندلال ورياڻي، نواز ڀٽو، انور مري ۽ ڪي ٻيا به گرفتار ٿيا، کين سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ واڙيو ويو، جتي ان وقت جو شاگرد اڳواڻ ۽ هاڻوڪو ايم.اين.اي نواب يوسف ٽالپر اڳ ئي موجود هو. هنن تي ڪيس داخل ڪرائيندڙ عزيز نالي هڪ ٻيٽي

ڪليڪٽر هو. پهريان ٽي مهينا ته هو بي دريافتا پيا رهيا ۽ سندن ڪا به شنوائي نه ٿي. ان بعد مٿن ملتري ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. ٽي مهينا ڪن ڪيس هلڻ ڪانپوءِ جڏهن هنن تي ڏوهه ثابت نه ٿي سگهيو ته کين باعزت بري ڪيو ويو.

**بزم روح رهاڻ:**

سال 2000ع کان حميد سنڌي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ "بزم روح رهاڻ" جي نالي سان پنهنجي گهر ۾ ٻونهين دڪايو ويٺو آهي ۽ سيني کي ويٺو سڏي ته، 'اچو پنهنجي ٻوليءَ کي سنواريون، اچو پنهنجي ادب کي اجاريون، اچو پنهنجي ثقافت جي رکوالي ڪريون!' ڪيترائي ادب جا اجارا هر آچر تي وٽس اچي پنهنجي اُڃ اُجهائيندا آهن ۽ ڪانئس اُتساهه وٺندا آهن. سندس در سيني لاءِ کليل هوندو آهي ۽ اتي اچڻ لاءِ ڪنهن به اجازتنامي جي گهرج نه آهي.

پاڻ ٻڌايائين ته "بزم روح رهاڻ" نالي تنظيم جو پهريون قيام 1960ع واري ڏهاڪي ۾، ٽنڊوڪي حيدرآباد ضلعي ۽ هاڻوڪي بدين ضلعي جي شهر تلهار ۾ عمل ۾ آيو هو. انهيءَ دور ۾ ان بزم جي ڪنهن فنڪشن ۾ حميد سنڌي پاڻ به تلهار وڃي شريڪ ٿيو هو. انهيءَ "بزم روح رهاڻ" ڪجهه عرصي تائين پنهنجون ادبي سرگرميون جاري رکيون ۽ پوءِ ڪن اڻڄاتل ۔ سببن ڪري غير فعال بنجي ويئي.

سال 2000ع ۾ "بزم روح رهاڻ" حميد سنڌي جي سرواڻيءَ هيٺ حيدرآباد ۾ نئون جنم ورتو. هن تنظيم جي قيام لاءِ پروانو پٽي، حميد جو ٻانهن ٻيلي بنيو. حميد سنڌي صاحب تنظيم جو تاحيات صدر ٿيو ۽ پروانو پٽي صاحب ان جو پهريون سيڪريٽري بنيو. اڳتي هلي اڻڄاتل اختلافن سبب پروانو پٽي بزم کان ڌار ٿي ويو ۽ سندس جاءِ تي الهداد جاويد ميراڻي سيڪريٽري ٿيو. ميراڻي صاحب جي وفات ڪانپوءِ مختصر عرصي لاءِ علي اڪبر "شائق" بزم جو سيڪريٽري بنيو. 2011ع کان اهو فرض راقم سر انجام ڏيئي رهيو آهي.

"بزم روح رهاڻ" ۾ نه رڳو گذري ويل اديبن، شاعرن ۽ سنڌ جي گهڻ گهرن کي ياد ڪيو وڃي ٿو، پر حال حيات اديبن ۽ شاعرن سان به رهاڻيون رچايون وڃن ٿيون. هن ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ جناب مراد علي مرزا سان سندن حياتيءَ ۾ ادبي رهاڻيون ٿي چڪيون آهن. انهن کان سواءِ ولي رام ولڀ، شاهنواز "مسافر"، نصير مرزا ۽ سليم چنا سان به ادبي رهاڻيون رچايون ويون آهن. ان کان علاوه هن بزم ۾ مختلف نون ڪتابن جي پڌرائيءَ جون تقريبون پڻ ٿينديون رهيون آهن. نامياري ليکڪ ڊاڪٽر قاضي خادم جي اٺ عدد ڪتابن جون پڌرايون هتي ٿي چڪيون آهن، جن ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جي يادگيرين تي مشتمل سندس پنج ڪتاب شامل آهن.

اهڙيءَ ريت حميد سنڌي جي ٻاريل هيءَ علمي، ادبي ۽ ثقافتي شمع، هڪ اڪيڊميءَ طور لاڳيتو ٻرندي رهي ٿي ۽ پروانا ان جي چوڌاري مڙندا رهن ٿا.

**لکت جي پڇاڙي:**

حميد سنڌي گذريل ڳچ عرصي کان ٻين مختلف بيمارين سان گڏ دل جي عارضي سان به جهيڙيندو ٿو اچي. سندس دل جو بائِ پاس آپريشن ۽ ان ڪانپوءِ هڪ پيرو اينجيوگرافي به ٿي چڪي آهي. پاڻ ٻڌايائين ته اڃا به ڪيس دل جي هڪ ميجر آپريشن جي ضرورت آهي، پر وسائل نه هئڻ سبب هُو اِهو آپريشن ڪرائڻ کان لاچار آهي.

دعا آهي ته شل هو صحت ۽ وڏي ڄمار ماڻي ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب جي گهڻگهرن جي سرواڻي ڪندو رهي.

◙



رڪيل مورائي

# سنڌيءَ جو بيمثال شاعر ’مشتاق ٻاگاڻي‘

هيءُ اهو دور هو جڏهن مذهب جي مقدس نالي تي جرنيل هن ملڪ جي بادشاهي مسند تي، پاڻمرادو ويٺل، اميرالمومنين، جنرل ضياء ويٺل هو، هن جي آمريت جيتري خوفناڪ هُئي، سنڌي ماڻهن سميت سنڌي اديبن جو ايترو ئي حوصلو بلند هو. هُو پنهنجي آبرودار جياپي جي جنگ وڙهي رهيا هئا.

اسين ٻارڙا هُئاسين، سياسي ڪارڪن ٻڻجڻ جي شوق ۾ هئاسين، پر ان ڪان وڌيڪ شاعر ٻڻجڻ جو جنون طاري هو، ڪتاب فقط سياسي پڙهبا هئا، اهي اسان لاءِ سڀ ڪجهه هئا، ان ڪانپوءِ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون هيون جيڪي ان وقت اسان جي استاد شاعر سائين راشد مورائي جي درس روڊ واري اوطاق تي ٿينديون هيون.

سائين راشد جي هيءَ ننڍڙي اوطاق موري جو علمي ۽ ادبي مرڪز هوندي هئي، شايد اڄ تائين آخري مرڪز بہ اهو ئي هو، بهرحال سنگت جون گڏجاڻيون اتي ٿينديون هيون ۽ اسان ڪنهن بہ هفتي گسائڻ کان سواءِ انهن ۾ شريڪ ٿيندا هئاسون.

ڪڏهن ايئن ٿيندو هو تہ گڏجاڻي شروع ٿيڻ کان اول يا گڏجاڻي هلندي، ان وقت جي اعليٰ ذوق ۽ گهڻي ڀاڳي خوشحاليءَ جي علامت ٻڌيل، ٻبل سائلنسر موٽر سائيڪل زوڪاٽ ڪري اچي سائين راشد جي اوطاق آڏو بيهندي هئي، ان مان هڪ شخص لهي اوطاق ۾ هليو ايندو هو، هن شخص جو حُليو ڪجهه هن طرح جو هوندو هو:

اڪثر اڇا ڪپڙا يا بوسڪي ڪلر وڳي ۾، مٽي تي خالي نراڙ ڪان پوئتي ٿيندڙ وارن ڪانپوءِ گهاٽا ٿيندڙ ڪارا نيور وار، بوڇڻ ڪلهي تي، سنا سلائي ٿيل، ۽ بنهہ اڻنگهي نموني پاتل ڪپڙا، پيرن ۾ ڪارو سليپر، رنگ اڇاڻ ڏانهن مائل، گول،



معصوم ۽ مرڪندڙ شرارتي اکيون، چپن تي منڙي مرڪ ۽ انهن مٿان ڪاريون نيور مٿئين چپ کي ڍڪي ڇڏيندڙ سڌ ۾ ڪٽيل مڇون. هُو جيڏو تڪڙو ايندو هو، اوترو تڪڙو راشد سان ڪچهري ڪري هليو ويندو هو، وري مهينو ڪن هُو ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو. غالباً ان وقت سندس نوڪري لاڙ واري پاسي هوندي هئي. اهو سڀ سندس ڪتاب ”لاڙ جا ڏينهن، لاڙ جون راتيون“ پڙهائي ٿو. ٻيءَ طرح مشتاق جي شاعريءَ تي لاڙ پٽ جي تهذيب، ثقافت، ٻوليءَ ۽ ماحول جو ايترو ئي اثر ڏسي سگهبو جيترو ساهتي

مشتاق جي هن واين جي ڪتاب جي ٻولي اهڙي هئي جيڪا ڪلاسيڪل ۽ اڄ جي دور جي وچ وارو رستو وٺي هلي رهي هئي. هُو جڏهن پنهنجون وايون پڙهندو آهي تہ سنڌ جي سونهن اکين اڳيان ڦرڻ لڳندي آهي. ساڳئي وقت سندس چهري جا لاها چاڙها هڪ ڪامل اداڪار جي ساک ڀريندا آهن. تڪڙي منهن تي مرڪ، تڪڙي سنجيدگي ۽ تڪڙي غصي ڳاڙ دهمان، هُو سدائين پاڻ وٽ رکندو هو. تڪڙ هن جي هر عمل مان ظاهر ٿيندي هئي، شايد سندس مزاج جي اها تڪڙ ئي هئي، جنهنڪري هو تڪڙو ادب کان پري گهڻو پري هليو ويو.

مون کي سندس هڪ ٻي خوبصورت وائي پڻ وڻندي آهي، جنهن جو ذڪر منهنجي هڪ کان وڌيڪ لکڻين ۾ ورجائجي ويو آهي.

سج لٿي کان پوءِ،
جرڪيو جوٽا لوءِ،
ميڙا ٿيا مچ تي.

ائين مان پانيان ٿو تہ، ان وقت جيڪا وائي مشتاق لکي ۽ سنڌي شاعريءَ کي ڏني، اها پنهنجو مٽ پاڻ ئي هئي، جڏهن تہ سندس همعصرن جو چڱو ئي تعداد ان وقت وائي لکندڙ هو پر سندس وائي گهڻي حد تائين نرالي هئي يا مون کي ائين ڀاسندو آهي.

ڪيئن بہ هجي سندس ان دور ۾ ڪتاب جنهن تيزيءَ سان ڇپيا، اهو ڏهاڪو گذرندي، هُو ايترو ئي تيزيءَ سان ادب کان پري ٿيندو ويو جو پتو ئي نہ پيو. ايئن هو پنهنجا ڪتاب لکڻ ۽ دنيا جهان جو ادب پڙهڻ ۾ تہ مصروف رهيو، پر سندس ڪو بہ ڪتاب منظر تي نہ آيو ۽ هُو پڪ سان نئين پڙهندڙ جي اکين کان اوجهل ٿي ويو ۽ اڄ تائين اوجهل آهي. سندس اها غير موجودگي سنڌي شاعرائي ادب لاءِ سٺو سنوڻ نہ هئي ۽ نہ آهي.

هونئن سندس ڇپيل ڪتاب ڪجهہ هن طرح آهن:

1. اڃهاڻل آس (ڪهاڻيون) 1973ع
2. هو جي ٻول ٻُريا (شاعري) 1982ع
3. لڙهندڙ ونجهہ، اُڀريون لهرون (شاعري) 1982ع
4. هُو جي پهڻ پپ جا (شاعري) 1982ع
5. لاڙ جا ڏينهن، لاڙ جون راتيون (يادگيريون) 1983ع

ياد رهي تہ مٿين سڀني ڪتابن کي پاڪستان رائٽرس گلڊ، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، پريس ڪلب ٺٽي ۽ سنڌالاجي پاران انعام مليا آهن. ڪنهن بہ تخليقي ليکڪ لاءِ ايترا اعزاز گهڻا آهن ۽ هونئن بہ تخليقي ليکڪُ انعام يا اوارڊ جو محتاج چو هجڻ گهرجي.

سندس اڻڇپيل ڪتابن ۾ اهو شاعرائو ڪتاب بہ آهي، جنهن تي اياز جي خواهش هئي تہ هو مهاڳ لکي، ان جو نالو آهي، ”ڪاري رات اتر ۾ ڪانيو“ جيڪا سِٽ مها ڪوي شيخ اياز جي هڪ مشهور گيت تان کنيل آهي، جنهن جي ئي هڪ پد کي کڻي اياز پنهنجي چئن جلدن ۾ بيمثال آتم ڪٿا لکي هئي، جنهن جو نالو آهي ” ڪٿي نہ پيچبو ٿڪ مسافر“.

اهو گيت جو هڪ بند هيٺين آهي:

ڪاري راتہ اتر ۾ ڪانيو،
اڳيان چوهر، لڪ مسافر،
ڪٿي نہ پيچبو ٿڪ مسافر.

مشتاق جي هن ڪتاب جي وڏي حصي ۾ ڪاڇي ۽ ڪوهستان جو محاڪاتي پسمنظر آهي ۽ اتان جي ئي ٻولي ۽ ماحول جو گهڻو استعمال ٿيل آهي.

هيءُ ڪتاب اياز جي مهاڳ سميت ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهي، هونئن تہ مشتاق ٻاگاڻيءَ جا ڪيترائي ڪتاب اڻ ڇپيا پيا آهن، جيڪي سندس آزاد طبعيت جي ور چڙهيل آهن، سندس آزاد پکيءَ جهڙي طبعيت آهي، جنهن کي ادب ۾ انارڪسٽ ڪوٺيو

وينلو آهي. هن جو ملڻ جلڻ به محدود آهي، هونئن هُو ادبي تقريبن کان ته وونءُ ويندڙ اديب شاعر آهي.

گل حسن خان لغاري، جي گهر ۾ 12- اپريل 1949ع ۾ ڳوٺ حاجي علي بخش لغاري تعلقي موري ۽ ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄاول مشتاق احمد لغاري پرائمري تعليم ڳوٺ خان محمد احمداڻي جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي.

ميٽرڪ: هاءِ اسڪول دولتپور مان 1965ع ۾ ڪئي.
انٽر: مورو ڪاليج مان 1967ع ۾ ڪئي.
بي.اي: سچل ڪاليج حيدرآباد مان 1969ع ۾ ڪئي.
ايل.ايل.بي: سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان 1971ع ۾ ڪئي.
ايم.اي: سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان 1972ع ۾ ڪئي.
پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان 1974ع ۾ ڏنو.

ائين هُو سنڌ گورنمينٽ جي ليبر ڊپارٽمينٽ ۾ ليبر آفيسر بڻيو، شايد سنڌ ۾ پهريون اديب/شخص هجي، جنهن پنهنجي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 2012ع ۾ سوشيالاجيءَ ۾ پي ايچ.ڊي ڪري، پنهنجي ادبي نالي مشتاق ٻاگاڻي اڳيان ڊاڪٽر لکڻ جو اعزاز ماڻيو آهي.

جڏهن ته اڄ اهي سڀ شخص جيڪي علم ۽ ادب کان ئي نوي سيڪڙو وانجهيل آهن، اهي پي ايچ.ڊي ڪري سَنَدَ وٺي هر خالي ٿيندڙ يا خالي ٿيل ڪرسيءَ جي اميدوار طور اپا بيٺل نظر ايندا، پيو نائڻو هُو انهن ڏهن هزار روپين جو به موقعو نٿا وڃائين جيڪي سرڪار سندن محنتاڻي طور منظور ڪيا آهن.

ٻئي پاسي اسان جو ڊاڪٽر مشتاق لغاري. آهي، جنهن لاءِ فخر اڄ به ان ڳالهه ۾ آهي ته ادب ۾ ڪيس مشتاق ٻاگاڻيءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي، سندس شاندار پي ايچ.ڊيءَ جو گائيڊ سنڌ يونيورسٽيءَ جو موجوده وي.سي محترم فتح محمد برفت هو.

ڪنهن به فلسطيني عرب جهڙو چهرو رکندڙ ۽ امريڪي اداڪار انٿوني ڪوئين جهڙيون اکيون رکندڙ مشتاق ٻاگاڻي جو نثر جنهن به پڙهيو آهي، ان کان ڪڏهن به نه وسرندو، جيتوڻيڪ ائين به آهي ته اسيءَ جي ڏهاڪي گذرڻ کان پوءِ جن نوجوانن لکڻ شروع ڪيو آهي، انهن کي شايد مشتاق ٻاگاڻي نالو پڌل نه لڳي.

انڪري مون کي مجبور ٿي لکڻو پيو آهي، ته هڪ ڏهاڪي ۾ قيد رهجي ويل اسان جو هيءُ بيمثال شاعر ۽ نثر نويس وري ڪڏهن ادب ڏانهن موٽ ڪائيندو، اهو انتظار ته رهندو ئي، ڇو ته اڄ هو پنهنجي شڪار جي دنيا ۾ مگن آهي، جيڪا شايد سندس ٿورن دوستن کي سُڌ آهي ته هو جيترو ڪمال جو شاعر آهي، اوترو ئي بيمثال نثر نويس ته اهڙو ئي پنهنجو مٽ پاڻ شڪاري به آهي، جنهن بابت پڻ سندس لکيل ڪتاب ڇپجڻ جي اوسيڙي ۾ آهي.

پر سڀ کان اول سندس ڪتاب "ڪاري رات اُتر ۾ ڪانيو" اچڻ ڪپي، جنهن تي مها ڪوي شيخ اياز جو مهاڳ لکيل آهي، جيڪو اياز ڏاڍي پيار مان لکيو هو. اميد آهي ته مشتاق جي ايندڙ جنم ڏينهن کان اڳ سندس اهو اهم شاعرائو، ڪتاب ايندو ۽ سندس ايندڙ جنم ڏينهن تي ان ڪتاب جو مک درشن ٿيندو، تيستائين ڪيس جنم ڏينهن جون اڳڪيون مبارڪون، ڪتاب جون مبارڪون ان کان پوءِ.

باغ جي سنڀال، ڪتابن جو مطالعو ۽ شعر وشاعري سندس مشغلا هئا. صوم صلوات جو پابند، نهايت متقي انسان هو، ورد وظيفا به ورتائين، ڪافي الله لوڪ انسانن جي صُحبت ۾ به ويٺو. انهن ۾ حضرت حماد اللهؒ، حضرت مولانا احمد علي لاهوري، حضرت مولانا احمد الدين ڪيهرؒ وغيره شامل آهن. آخري وقت ۾ حضرت مولانا محمد عثمان عباسي سانگن واري بزرگ سان سندس روحاني رهاڻيون ٿينديون هيون، جڏهن سليم جي وفات ٿي ته سانگن واري بزرگ کي خبر پئي ته سندس باغ ۾ آيو، اتي ڪجهه وقت ويهي اسان کي چيائين ته فقير صاحب جي قبر ۾ ته جنت جي دري کلي پئي آهي.

**بزمِ سليم**: 1956ع ڌاران موريءَ ۾ ”بزم سليم“ نالي سندس دوستن ۽ شاگردن هڪ علمي مجلس قائم ڪئي. جنهن وسيلي فقير صاحب ڪيترن نُون شاعرن جي تربيت ڪئي ۽ علمي مجلسن جي آبياري ڪئي. سندس ساٿين ۽ شاگردن ۾ ولي محمد نذير انصاري (وفات: 1990ع ۾) ريڊيو پاڪستان خيرپور وٽ ايڪسيڊنٽ ٿي ويو هو. حليم سنڌي (وفات: 1988ع)، حباب انصاري (وفات: 1975ع)، غلام عباس خنجر مياڻوي (وفات: 1961ع)، منير سولنگي (وفات: 2016ع) عزيز ڳاڙهوي (وفات: 2014ع) مهيسر خادم رفيقوي ۽ هي ناچيز عاجز سومرو، مون کي سندس خدمت ۾ 12 سال رهڻ جو شرف حاصل ٿيو. هي به چار لفظ لکڻ جهڙو ٿيو آهيان سي مرحوم جي شفقت ۽ رفاقت جو نتيجو آهي. مذڪوره شخصيتون پنهنجي دور جون سٺيون علمي ۽ ادبي شخصيتون هيون.

**خوبيون**: انسان خوبين ۽ خامين جو مجسمو آهي، پر ڳاڙهوي مرحوم جون خوبيون خامين تي ڇانيل هيون. فقير سليم ڳاڙهوي ڪم گو، صاف گو، خاموش طبع، گوشه نشين، خوش طبع، همدرد، دلنشين ڳالهائيندڙ هو. ادب جو گوهر، علم جو جوهر ۽ معلومات جو ڀنڊار هو. سندس ذهن تاريخ ساز واقعن سان لبريز هو. جڏهن گفتگو ڪندو هو ته معلومات جا واهڙ وهائي ڇڏيندو هو. اهڙو ته سنڀالي سنڀالي ڳالهائيندو هو جو ڄڻ موتين جي ورکا پيو ڪري، سمجهي سوچي هر لفظ کي مناسب وقت تي استعمال ڪرڻ جي کيس خدائي ڏات مليل هئي. مرحوم سادگي پسند، غريبن ۽ پاڙي وارن جو وقت ۾ ڪم اچڻ وارو، انتهائي پاڪيزه زندگي گذارڻ وارو انسان هو. مرحوم انتها درجي جو حساس طبع، ڪنهن به انسان، يا جانور جي تڪليف تي تڙپي پوندو هو.

هڪ دفعي مان سندس باغ جي بينڪ ۾ ويٺو هوس، گرميءَ جا ڏينهن هئا، هڪ ڪڙمي پنهنجي ٻنيءَ تي وڃي رهيو هو، سندس پويان ننڍڙو پٽ پيرن اگهاڙو پيءُ جي پوئتان وڃي رهيو هو. فقير صاحب پيرن اگهاڙو تڪڙ ۾ اٿي ان کي وڃي کنيو، مان وٽس پهتس، مون کي چيائين ته يار! هن کي کڻ پنهنجي گهر ڇڏي اچ، هن کي هيٺ نه لاهجانءِ پير سڙي ويندس. پاڻ ان وقت تائين ويٺو رهيو هو، جيستائين مان ان ٻار کي گهر وارن جي حوالي ڪري نه آيس. سندس باغ ۾ ڪٿان ڪو ڪتو اچي رهيو، ان کي اڳ ۾ ماني کارائي پوءِ پاڻ ماني کائيندو هو. مرحوم جي پنهنجي ديس ۽ ديس وارن سان ۽ سنڌي زبان سان انتهائي عقيدت هئي، جيڪا سندس شعرن ۾ نمايان آهي.

**اولاد**: مرحوم جي شريڪ حيات شادي بعد 2- 3 سال زنده رهي جنهن مان کيس اشرف نالي هڪ پٽ ڄائو هو جو ڇهن سالن ۾ وفات ڪري ويو هو، شريڪ حيات جي لاڏاڻي کان پوءِ ٻي شادي نه ڪيائين ۽ باقي مجرد زندگي ٿي گذاريائين.

سليم ڳاڙهوي جي ڀائٽي منظور احمد وٽ سليم صاحب جو اڻڇپيل ديوان ۽ ٻه ٽي شاعريءَ جا مجموعا (غير مطبوع) آهن.

سليم چنا

# محسن ڪڪڙائي



سيد نياز علي شاهه ولد سيد احمد شاهه "تراب" لڪياري ولد حافظ ابراهيم شاهه 4 جولاءِ 1937ع تي ڪڪڙ- دادو ۾ جنم ورتو، سنڌ ۽ هند ۾ شاعر 'محسن ڪڪڙائي' جي نالي سان سڃاڻپ ۽ مشهوري ماڻي.

پاڻ پرائمري تعليم کان پوءِ اديب سنڌي، اديب عالم- اديب فاضل، بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ جا امتحان پاس ڪيائون ۽ 40 سال تعليم کاتي ۾ هڪ اُستاد ۽ منتظم جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنائين.

ادبي ۽ فني سفر ۾ ڪيترين ئي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپجڻ، ريڊيو ۽ ٽي.وي تي شاعري پڙهڻ، کان پوءِ به پاڻ اِهو اعتراف ڪيائين تہ:

اڌ صدي کان لکي پيو محسن،

ڪجهه اڃا پي سکي پيو محسن.

ادبي سفر ۾ ڪيترائي اعزاز ۽ اوارڊ ماڻڻ سان گڏ پاڻ "اداره فلاح وبهبود" جو باني هو ۽ ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو عهديدار بہ رهيو.

"امنگون" نالي ڪتاب سندن شاعري جو ڇپيل آهي. سندس اڻڇپيل ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي.

1. تذڪره اولياء سنڌ، حافظ احسن چنا سان گڏ لکيل. 2. روحاني رهبر، حافظ احسن چنا سان گڏ لکيل، 3. زينتِ ادب- آصف مصرائيءَ سان گڏ لکيل، 4. شاهه نجف- ڪلياتِ محسن.

محسن ڪڪڙائي جو والد صاحب پوليس ۾ سپاهي هو، چار درجا سنڌي جا پڙهيل هو، چار ٻارا زمين جا بہ هئس پر عشق ۾ نوڪري بہ ويس تہ چوڪري بہ. محسن جو ڏاڏو "اهل الله" بزرگ هو. پر نہ پيري مريدي جو پاڻ قائل رهيو نہ ٻين کي اِها صلاح ڏنائين. مريد ٺيٺ لاءِ ڪو ايندو هوس تہ ان کي چوندو هو:

"ابا دل صاف رکو ۽ چڱا ڪم ڪريو."

سندس پيءُ نوجوانيءَ ۾ عشق جي چوٽ کائڻ کانپوءِ راڳي ۽ ويراڳي ٿي دنيا وسائي، پر سڪ جا سُور سٽائي دل کي مليل ڏڪ پچائي درزڪو ڪم سکي، ماهر درزي ٿي ويو ۽ جنهن دور ۾ مرزا قليچ بيگ ڪڪڙ جو هيڊ منشي هو، ان دور ۾ ڪيس مرزا صاحب جا ڪپڙا سبڻ جو اعزاز بہ حاصل هو، محسن جو پيءُ دنيا جا ڏکا ڏوٿا ڪائي 'تراب' جي تخلص سان شاعري بہ ڪندو هو. تراب کي پهريون پٽ محسن ڄائو. بقول خود محسن جي تہ: "بابا هڪ فقير منش هو... نهايت ئي صابرين شخص هو، امان اوڏي ئي طبعيت جي تيز ۽ تکي هئي." محسن 1952ع کان شاعري شروع ڪئي. سندس پهرئين لکتي غزل جي صورت ۾ هئي، جنهن جو هڪ بند آهي:

"نہ آهي ڪو غريبن جو، غم خوار اي مولا،
غريبن کان رهي هر ڪوئي ٿو، بيزار اي مولا..."

سندس اِهو غزل دادو مان نڪرندڙ رسالي "اسان جي منزل" ۾ ڇپيو هو، غزل لکڻ وقت محسن جي عمر 14 يا 15 سال هئي. محسن 1952ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪئي ۽ 1954ع ۾ اِن ڪري اُستادي پيشي سان اچي سلهاڙيو جو سنڌي چوٿون درجو پڙهندي پاڻ پنهنجي اُستاد خوبچند جي شخصيت ۽ علميت کان متاثر ٿي سوچيو هو تہ پاڻ بہ استاد ٿيندو.

محسن کي شاعري ۽ موسيقيءَ سان ننڍي لاڪون ئي لڳاءُ هو جو تہ سندس پيءُ بہ ڪلام جهونگاريندو رهندو هو. محسن ڪڪڙائي سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ تمام گهڻو ڇپيو ۽ ڪيس وڏي شهرت ۽ داد مليو.

محسن 1974ع ۾ ڪيڊر تبديل ڪرائي انگريزيءَ جو استاد ٿيو ۽ 13 ڊسمبر 1993ع ۾ گريڊ 17

كوئي منهنجي دنيا ۾ ڪچڪول ڪٽي آيو،
جنت جو سڄو اُن ۾ ماحول ڪٽي آيو.

اهڙي طرح محسن جمالياتي شاعريءَ ۾ انڊلٺ رنگ پريا آهن.

ڪُلين ڪي مسڪراهٽون، گلن ڪي ٽهڪڙا ڏيون،
اڄ تہ ڪائنات ڪي ڪا سونهن سوڀيا ڏيون.

سندس هڪ شعر ۾ عالمي انساني جذبو هِن ريت سمايل آهي.

مون کي پنهنجو ئي غم هجي تہ نهيو،
مون کي هر ڪنهن جي غم جو غم آهي.

سندس غزل جي دنيا جا چند چونڊ بند هِتي پيش ڪريان ٿو:

حُسن کي پٽ ڏئي هلي "محسن"،
هن جي مذهب جي برخلاف هيو.

••

اوڙو پاڙو بہ واسجي ويندو،
پيار پنهنجو تہ مَن ڪٿوري آ.

••

هُنَ جي ڪمري ۾ ايتري خوشبو،
هن جي گهر عطر جي هوا ٿي لڳي.

••

سندس تجرباتي ۽ مشاهداتي اڪ زماني ساز ماڻهن کي هِن ريت بہ پرکي ورتو هو.

زندگيءَ جي حمام خاني ۾،
جنهن کي جنهن کي ڏٺم اگهاڙو هو.

هاڻي وري اچون ٿا محسن جي حُسن مجازي تي.

اُف قيامت وري ڪٿان آئي،
جهنگ ۾ هيءَ پري ڪٿان آئي،
هوءَ تہ راڻي ٽيڙ جي لائق هئي،
هُن جي سِر تي پَري ڪٿان آئي.

••

نانگ هو- نانگ جو ولوٽو هو،
چيلهہ تائين جو هُن جو چوٽو هو.

هتي سندس بيتن مان بہ ڪي مثال پيش ڪريان ٿو:

ڪنهن کي مِليو ڪيترو، ڏاتر! تنهنجو ڏانءُ،
آدم ۽ انسان، آهي ساڳيو سور ۾.

••

اڄي ذات ڪُذات اڙي آ انسان ۾،
سمجهي سگهيا ڪينڪي پورا ڪنهن جي بلتہ
ڏاتر! تنهنجي ذاتہ ڏکي آهي ڏيهہ ۾.

••

مون ۾ آئي "مون" تہ "مون" ئي مون کي ماريو،
مون جو"مون"کي ماريو تہ"مون"مان ٿي پئين "تون".
تون ئي آهين تون، محسن ناهي ڪو بيو.

سندس نظم "مرڪو تہ سهي!" مان هڪ بند عرض آهي:

"مُرڪو تہ اُٿن جُلهہ ڪري تدبيرون،
مرڪو تہ اسان سان ٿهن تقديرون،
مُرڪو تہ ستمگر جون اَڏايون ڏچيون،
مُرڪو تہ وطن لاءِ ڪٽون شمشيرون،
مرڪو تہ سهي....

آخر ۾ هيءُ سندس "نّي شعر" هِن ريت مٺيادار محبت جي عڪاسي ڪن ٿا:

آءٌ تہ جيءَ ۾ جاءِ ڏيانءِ،
اڻ ڳالهايل ڳالهين وانگي،
ماڻهو، خواهہ مرون، سيني لئي،
چانوَ ڏنيسين ٽالهين وانگي،
خوشبو پنهنجي پوکيل آهي،
"محسن" پارن مالهين وانگي.

سندس آزاد نظم "فرض" جون آخري چار سٽون:

ڪجهہ مِلي يا نہ مِلي، اُن سان نہ آهي مطلب،
منهنجو فرض آهي تہ هوريان ڏاڍيان،
وقت جي اهم بُتن کي بہ جهنجهوڙي ڇڏيان،
جي جهنجهوڙي. نہ سگهان ٿو تہ پوءِ ٽوڙي ڇڏيان.

سندس رباعين مان هڪ مثال هيءُ آهي:

ڪمزور ۽ مجبور ڏسي مُرڪين ٿو،
مظلوم جي زخمن تي نمڪ ٻُرڪين ٿو،
جنهن وقت ٿو مظلوم گهُري حق پنهنجو،
اُن وقت چو سرڪار! ڀلا ڪُرڪين ٿو!؟

رکيل موريائي



# سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪندڙ ڪتاب "قلم جا وارث"

منهنجي بيحد پياري دوست انور ابڙي جو خاڪن نما ليکن تي ٻڌل، وري وري پڙهڻ ۽ سانڍڻ، جهڙو ڪتاب " قلم جا وارث" جي نالي سان تازو ئي ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو آهي ۽ تيزيءَ سان پڙهيو پيو وڃي، خاص طور انهن حلقن ۾ جيڪي تخليقي ادب سان جڙيل آهن، هُو پڙهندڙ به آهن ته لکندڙ به آهن. جيتوڻيڪ خاڪا نگاري، افسانوي / تخليقي صنف نه آهي، پر ڇاڪاڻ ته انور بنيادي طور تخليقي ليکڪ آهي انڪري سندس لکيل خاڪا، ادبي به آهن، سوانحي به آهن، اپيلسي به آهن ته ساڳي وقت تخليقي به آهن، منجهن تخليقي حصو وڌيڪ خاڪن ۾ آيل آهي، جنهن سبب اهي وڌيڪ احساساتي ٿي پيئا آهن ۽ اهو احساس انور جي تخليقي ٻوليءَ جي نکار سبب ئي آهي.

سنڌي ادب ۾ خاڪن / پروفائيلن جا چڱا ئي ڪتاب اڄ موجود آهن، جنهن سلسلي ۾منهنجي مطالعي هيٺ آيل پهريون ڪتابڙ "جنب گذاريم جن سين" آهي، جيڪو سائين جي.ايم.سيد جو آهي ۽ ساڳي نوعيت جو ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" علي محمد راشدي صاحب جو آهي، جنهن سلسلي جي آخري ڪڙي ۽ تخليقي ادب جي ويجهو رچيل ڪتاب آهي، غلام رباني آگري صاحب جو "جهڙا گل گلاب جا" ۽ پوءِ "ماٺهو شهر ڀنڀور جا".

سنڌي تخليقڪارن ۾ ميڊم ماهتاب محبوب ۽ عبدالقادر جوڻيجو ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن خاڪا لکيا آهن، ائين انور جو ڪتاب ان ئي سلسلي جي هڪ واڌو ۽ لاجواب ڪڙي آهي، پر اهو وسارڻ نه گهرجي ته هن ڪتاب جو دائرو وڌيڪ ويڪرو آهي، جنهن جي ٻاهران ڪا به حد لڪير ڏيئي نه ٿي سگهجي ڪنهن به خاص ادبي صنف جي. 'انور ان وقت ۾ سنڌي ادب ۾ موجود هوندڙن ۽ رهندڙن، قلم جي وارثن جي وارثي ڪئي آهي، جنهن وقت اسان جو نوجوان لکندڙ فقط پنهنجي وارثي ڪرڻ جي سوداءُ ۾ ورتل آهي. ان ڪان ٻاهر هُو جڏهن پنهنجي همعصرن ۽ پاڻ ڪان سينئرن تي ڪجهه به لکي ٿو ان وٽ فقط ٻه ويچار ظاهر ٿي بيهن ٿا. هن وٽ يا ته دوستي آهي يا دشمني آهي، اها شخصي به آهي ته علائقائي به، ان ۾ ادب جو اپيلس گهٽ آهي پرک اڻپوري آهي ۽ ٻولي يا ته خوشامندي آهي يا ڏنڀ ڏيندڙ، ائين اڄ تخليقي سنڌي ادب جو وڏو حصو تخليق ۽ تخليقي روايتن ٽوٽي سنڌي ادبي روايتن ڪان ڪوهين ڏور وڃي رهيو آهي.

۽ سچ پچ ته انور جي هن ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ ان اهو احساس ڏياري ورتو آهي ته ڄڻ هُو انهن سنڌي ادب جي تخليقي روايتن جي ۽ ساڻ ساڻ پنهنجي ادبي ۽ شخصي روايتن جي پاسداري ڪندي انهن کي نه رڳو بچائڻ جي ڪوشش ۾ آهي، پر انهن کي هڪ شفاف علمي، ادبي ۽ تخليقي رستي ڏانهن آڻڻ جي شعوري ڪوشش ۾ هجي ڇاڪاڻ ته شعوري/نظرياتي طور انور انهن سڀني قدرن جو پاسدار رهيو آهي، جن ۾سڄي سنڌ پنهنجي سمورن ادبي، علمي، سماجي ۽ ثقافتي قدرن سميت موجود هجي، ان ڪان اڳتي جيڪڏهن ڪي نوان قدر جڙن ٿا ته هُو انهن جي پاسداري ڪرڻ وارو ۽ انهن جي آبرودار آجيان ڪرڻ وارو آهي، جيڪڏهن انهن ۾ نئين تخليقي ادب لاءِ ڪي نوان رستا موجود آهن ته.

"قلم جا وارث" نالي ڪتاب ۾ آيل پنجاهه علمي ۽ ادبي شخصيتون پنهنجن پنهنجن نظرين/ويچارن ۽ ادبي ڌارائن جي ٻوليءَ سميت

عبدالحئي پيٽو



# اڄو ڪي ذات جا ڏيئا جلايون
## (شاعر امير بخاريءَ جي شاعريءَ تي تبصرو)

اڄو ڪي ذات جا ڏيئا جلايون،
اڄو انياءَ جي اونده پڄايون،
پکيڙي روشني آس ۽ امن جي،
سڄي عالم کي جنت گهر بڻايون.
(امير بخاري)

سنڌ جي ڌرتي وڏي مانائتي آهي، جيڪا هر پهر پنهنجي ڪُک مان اديبن، دانشورن محققن، شاعرن ۽ صحافين کي جنم ڏيندي رهي ٿي. انهن مان سيد امير علي شاهه بخاري عرف امير بخاري به هڪ آهي. جنهن ماڙيلو مومل جي ماڙي لڳ ٻيرڙي ۾ سيد جعفرعلي شاهه بخاري جي گهر ۾ 1- ڊسمبر 1941ع تي اک کولي.

امير بخاري شروعاتي تعليم سنڌ جي تاريخي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ماڙيلو مومل جي ماڙي ۾ حاصل ڪئي، بعد ۾ هن فائينل سنڌي 1956ع ۾ فرسٽ، اديب سنڌي 1960ع ۾ فرسٽ، اديب عالم 1961ع ۾ سيڪنڊ، اديب فاضل سنڌي 1962ع ۾ فرسٽ، انٽر ڊرائنگ 1962ع ۾ فرسٽ، مئٽرڪ 1964ع ۾ فرسٽ، بي.اي 1970ع ۾ فرسٽ، اديب فاضل اردو 1972ع ۾ فرسٽ ۽ ايم.اي (سياست) 1973ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ڪيائين.

امير بخاري 1960ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. هن نظم جي شروعات چوٿين درجي سنڌي کان ڪئي، مناجاتون، ڪافيون ۽ دوهيڙا چيائين، اڳتي هلي 1965ع ۾ جنگي ملي نغمن کان متاثر ٿي، سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ نغما لکيا ۽ هن شاعري جي تقريباً سمورن صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي. نظم ۽ غزل سندس خاص سڃاڻپ بڻيا. امير بخاري نثر جي شروعات ڪهاڻين ۽ مزاحيه طنزيه ڪالمن سان 1960ع واري ڏهاڪي کان ڪئي. ٻولي جي سلاست، رواني ۽ بي ساخته سچائي امير بخاريءَ جي نثر جي خاص سڃاڻپ آهي.



سنڌي ادب جو امير، امير بخاري پنهنجي حياتيءَ ۾ تقريباً سمورن سنڌي اخبارن ۽ سنڌي رسالن ۾، مضمون، ڪهاڻيون، ڪالم ۽ شاعري لکي پاڻ ملهايو. انهيءَ سنڌي اخبارن ۽ رسالن سميت اردو اخبارن ۽ رسالن ۾ به گهڻو ڪجهه لکيو. امير بخاري جي ڇپيل ڪتابن ۾ خالد الله جي تلوار (ٻارن لاءِ)، طارق بن زياد (ٻارن لاءِ)، غازي صلاح الدين (ٻارن لاءِ)، اسان جو قائد اعظم (ٻارن لاءِ)، اشتراڪيت جو آئينو (ترجمو) ،سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلائي جي وات (مضمون)، اڪ چنب جو ڦلاءُ (ڪهاڻيون) شامل آهن. سندس اڻڇپيل ڪتاب سچيون ڳالهيون (مضمون)، سنڌي سنڌ لاءِ جاڪوڙ

(مضمون)، استاد بخاري جي شاعري ۽ شخصيت (تنقيدي مطالعو)، آجون اڏامون (تجريدي شاعري)، دل دهڪو ڳوليان ٿو (شاعري)، جيئي جيئي سنڌڙي (انقلابي شاعري)، سنڌو ماٿر جي سپيتا (تاريخ)، دلِ نادان ڪي باتين (اردو شاعري) ڪالم، ڪالم (اخباري ڪالمن جو مجموعو) سنڌي نعتن ۽ مولودن جو منظوم (اردو ترجمو)، سنڌي وائين ۽ ڪافين جو منظوم (اردو ترجمو) بخاريات (اردو مضمونن ۽ ڪالمن جو مجموعو) غلامي جا زنجير ڪڏهن ٽٽندا (انقلابي ليک) جيڪي ڏيهه ۾ ڏينهن گذاريم (آتم ڪٿا، انٽرويو، خط، تبصرا)، امير بخاري جا مضمون (علمي، ادبي ۽ تنقيدي مضمون)، سوچون سڪارتيون (جديد شاعرن جو مطالعو)ان ڪان علاوه ٻيا ڪافي ڪتاب اٿس. پر! افسوس اميربخاري جي وڇوڙي کي سال گذري ويا آهن، پر هن وقت تائين سنڌ جي علمي، ادبي يا سرڪاري ادبي اداري امير بخاري جي اڻڇپيل ڪتابن مان هڪ به ڪتاب نه ڇپايو آهي ۽ اهي ڪتاب ڇپائيءَ ۾ پيل آهن.

هتي آءُ سنڌ جي سرڪاري علمي، ادبي ادارن کي اپيل ڪريان ٿو ته امير بخاري جا اڻڇپيل ڪتاب ڇپايا وڃن. امير بخاري کي زندگيءَ ۾ گهوٽڪي جو بهترين صحافي اوارڊ، رهبر ڊائجسٽ طرفان ليکڪ اوارڊ، ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران سنڌي ٻارائتي ادب جي خدمتن عيوض اوارڊ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران ڪينجهر اوارڊ، استاد بخاري اڪيڊمي دادو پاران بهترين محقق اوارڊ مليا.

اميربخاري هڪ سچو پچو ۽ صاف سٿرو صوفي هجڻ سان گڏ دل جو صاف ماڻهو هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڏاڍ ۽ انياءَ خلاف عملي جدوجهد ڪئي. هُو انسان دوست ۽ امن پسند شاعر هو. هُو سنڌي ٻولي ۽ ادب جو سونهن ۽ سينگار هو. هُن پنهنجي خوبصورت تخليقن ۽ تحريرن ذريعي سنڌي قوم جي راهنمائي ڪئي. اميربخاري سنڌي ٻولي کي زنده رکڻ لاءِ پاڻ گهڻو پتوڙيو ۽ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

پٽ ڏٺي، استاد بخاري، يار امير جي سنڌي ٻولي،
جيڪا اِهڙي آهي جهڙي پنهنجي امڙ جي لولي.
(امير بخاري)

امير بخاري پنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳ ماٿيلو مومل جي ماڙي تي گهڻائي تحقيقي مضمون لکيا ۽ هن ماڳ کي بچائڻ لاءِ آواز اٿاريو ۽ مومل جي ماڙي بچايو ڪاميٽي جو بنياد رکيو. انهيءَ علائقي ڪان علاوه گهوٽڪيءَ جي ماڻهن ۾ علمي، ادبي، صحافتي ۽ سياسي ماحول جوڙيو ۽ هو صحافتي دنيا ۾ تمام گهڻو اڳتي هو. هُن هميشه ظلم خلاف مزاحمتي ڪالم ۽ مضمون لکي هڪ سچي صحافي هجڻ جو عملي ثبوت ڏنو. اميربخاري کي اڄ به ادبي لڏي جا ساٿي ياد ڪن ٿا. اميربخاري سنڌ جو بهادر، خوددار ۽ روشن صحافي، اديب ۽ دانشور هو. هُن جي ادبي ۽ صحافتي خدمتن کي سنڌ ڪڏهن به وساري نه سگهندي. هن سچي زندگي قوم کي ڏنو ئي ڏنو، پر قوم ڪان ڪجهه به نه ورتو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته امير بخاري هڪ عظيم انسان، وطن دوست ۽ اٻوجهه ماروئڙن سان محبت ڪندڙ هو. هُو هن وقت به سنڌي ماڻهن سان گڏ علائقي جي ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهي. امير بخاري اسان ڪان 25- جنوري 2007ع تي وڇوڙي ويو. پر هن وقت به اميربخاريءَ کي ساٿي ۽ شاگرد بيحد پيار سان ياد ڪن ٿا:

هيءَ پاڻ کي پُختي پَڪ آهي،
هر حال ۾ فتح ٿينداسين.
(اميربخاري)



سيد عادل عباس رضوي

# سنڌي زبان جو پهريون سفرنامو عرف زيارت نامو

زندگي خود اهڙو پُرپيچ ۽ اڙانگو سفر آهي، جنهن ۾ انسان کي هر موڙ تي ڪنهن نہ ڪنهن راهبر ۽ راهنما جي ضرورت شدت سان محسوس ٿيندي رهي ٿي جو جو ان جي راهنمائيءَ کان سواءِ زندگيءَ جي سفر وارين پيچيدگين ۾ اضافو ۽ مونجهارو پيدا ٿيڻ هڪ فطري عمل آهي. اهوئي سبب آهي جو ادبي صنفن مان انسان جي عام زندگيءَ ۾ سفرنامي جي اهميت ۽ افاديت ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ وڌيڪ اهم رهي ٿي جو تہ سفرنامن مان هڪ تہ نت نئين معلومات حاصل ٿئي ٿي تہ ٻئي طرف سفرناما هڪ راهبر ۽ راهنما جي حيثيت پڻ رکن ٿا ۽ اهي ئي سفرناما وري منظوم شاعري واري انداز ۾ لکيل هجن تہ انهن جي اهميت اجا بہ وڌي وڃي ٿي، ان ڪري جو شاعري انساني روح ۽ دلين کي ڇهندڙ صنف آهي ۽ مٿان وري اهو سفر اگر ديار مقدس جو هجي تہ ان جي حيثيت سيني کان مٿانهين بڻجي وڃي ٿي.

باقاعده سنڌي مرثين جي باني سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي رح جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. مرثيي کان علاوه پاڻ شاعريءَ جي سمورين صنفن تي ڀرپور طبع آزمائي ڪئي اٿس. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي رحہ پاران منظوم شاعريءَ ۾ "زيارت نامو" جي عنوان سان لکيل سنڌي ٻوليءَ جو پهريون منظوم سفرنامو 1208ھ بمطابق 1793ع جو لکيل آهي، جڏهن پاڻ شاهہ بندر کان سامونڊي سفر ذريعي ڪربلا معليٰ ۽ عراق جي ٻين مقدس جاين جي زيارتن جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. سندس هيءُ مقدس سفر 14 شعبان 1208ھ بمطابق 1793ع تي شروع ٿي، 1209ھ بطابق 1794ع تي




پنهنجي وطن پهچي ختم ٿيو. سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي رح پنهنجي سفر جي روئداد کي پيرائتي نموني منظوم شاعريءَ ۾ قلمبند ڪري، ان کي "زيارت نامي" جو نالو ڏنو. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ سنڌي زبان ۾ ديار مقدس جي سفر بابت سيد ثابت علي شاهہ جو منظوم سفرنامو نثر کان بہ اڳ

لکيل سنڌي زبان جي سفرنامن ۾ هيءُ پهريون سفرنامو آهي، جنهن جي باري ۾ ناميارو اديب نصيرمرزا روزانه ڪاوش اخبار جي هڪ ڪالم ۾ لکي ٿو ته: ”سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ کان پهرئين نثر ۾ لکيل ڪربلا مُعليٰ جي ڪنهن سفرنامي ڪان خير آئون اڃا تائين ته آگاهه ڪو نه ٿيو آهيان ها البته اهو اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته ”نظم“ جي صورت ۾ ڪربلا مُعليٰ جو پهريون ”زيارت نامو“ سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي 1794ع ۾ اتان جي زيارتن دوران قلمبند ڪيو هو جيڪو سنڌس ڪُليات ۾ ٻئي ڪلام سان گڏ شايع ٿيل آهي. ”ڪليات سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي رحہ“ ته تمام پوءِ شايع ٿيو آهي. ان کان گهڻو اڳ ”زيارت نامو“ جي نالي سان هيءُ سفر نامو 1942ع ۾ مرحوم ميوه خان ڪيريو جوائنٽ سيڪريٽري انجمن اماميه سنڌ، سيٺ حاجي امام بخش صدر جماعت اثنا عشريه ميرپور ٻٺورو پاران ڇپائي پڌرو ڪيو هو جيڪو 126 صفحن تي مشتمل هو. هن وقت وري نظير حيات سيوهاڻي صاحب ان سفرنامي کي نئين سر مرتب ڪري ان ۾ سيوهڻ ۾ قديم بياضن مان ڪجهه ڪُٽل بند پڻ ڳولهي، ان ۾ شامل ڪيا اٿس جيڪي اڳ ۾ شايع ٿيل سفرنامي ۾ موجود نه هئا. نظير حيات سيوهاڻي صاحب هن ”زيارت نامو“ جي ترتيب ۾ گهڻي محنت، تحقيق ۽ جستجو ڪئي آهي.

هيءُ ڪتاب سيد ثابت شاهه ڪربلائي اڪيڊمي حيدرآباد پاران پروفيسر سيد اعجاز علي شاهه رضوي صاحب نئين سر ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي جيڪو سنڌ جي سمورن وڏن بُڪ اسٽالن تي موجود آهي.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: پيڙا جو پڙلاءُ

مرتب: نصير مرزا

موضوع: اينٿالاجي

ڇاپو: 2017ع

قيمت: -/450 رپيا

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن. ڪنڊيارو. سنڌ

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. ”مهراڻ“ جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي راءِ نه سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت ”مهراڻ“ جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي ته اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن به رسالي يا اخبار کي نه موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڏبو، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻه عدد ڪاپيون ايڊيٽر ’مهراڻ‘ کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانه ڪئي ويندي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي ته هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ به کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشه قائم رکن.
7. مواد سمجهه ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي ته اُهو به لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نه وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻڌل نه رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهه جو خيال رکيو ويندو ته جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ ٽڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو ته ٻئي طرف درستين لاءِ ٻنهه گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي ته مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي ته ڪوبه مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چوندا ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نه ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻڌل نه رهندو.

■

## سنڌ ثقافت کاتي ۽ سگا جي سهڪار سان تاريخ 12 آگسٽ 2017ع تي ڪوٺايل شمشير الحيدريءَ جي ملهايل 5 هين ورسيءَ جي تقريب



ساڄي کان: صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، ايوب شيخ، رفيق احمد جعفري، نسيم حيدري، فتح علي حيدري ۽ جمال حيدر خطاب ڪري رهيا آهن



پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ مهمان

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly

